


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عالمگيريت
# ۽
# سنڌي سماج

ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيو

پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كتاب نمبر 153


ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪ وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي اجازت کان سواءِ ڪتاب جو ڪو به حصو ڪاپي يا شايع نہ ٿو ڪري سگهجي.


# عالمگيريت ۽ سنڌي سماج

ليکڪ: ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيو


ڇاپو پهريون: 2020ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

لي آئوٽ: سيد آفاق شاهہ

ٽائيٽل: محمد علي شاهہ

قيمت: 350 رُپيا

ISBN 978-969-7914-39-5

ڇپيندڙ

ايچ ايند آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

ڇپائيندڙ

پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ

peacockpublishers@gmail.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

پيڪاڪ ڪتاب گهر

404 رفيق سينٽر، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- سنڌ

فون نمبر: 021-35680607، 021-35682020

peacockbookhouse@gmail.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

نهايت ادب ۽ احترام سان

پنهنجو هيءُ پهريون ڪتاب

پنهنجي بابا حاجي مير محمد ڏُوتيو

۽

امان عنايت خاتون

جي نانءُ ڪريان ٿو.

جن پنهنجي زندگيءَ ۾ تمام گهڻو پيار ڏنو،

هميشہ منهنجي لاءِ سٺو سوچيو، سٺو ڪيو

۽ مون تي ڀروسو ڪيو،

جيڪي ظاهر طور گڏ نہ هوندي بہ

هميشہ مون سان گڏ آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو جا پائن پير ۾، تِنهن جتيءَ نہ جيهي،
وساري ويهي، تن ڪيچين کي ڪيئن رهان؟

(شاهہ سائين)

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”عالمگيريت ۽ سنڌي سماج“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هن ڪتاب جو ليکڪ ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيو آهي.

هي هڪ اهم ڪتاب آهي جنهن ۾ عالمگيريت Globalization جي وصف، ان جي فائدن، نقصان ۽ عالمگيريت ۾ سنڌي معاشرو ۽ سنڌي ٻولي ڪٿي بيٺي آهي، ان کي سولي نموني سمجهايو ويو آهي. ڪتاب ۾ نيشنلزم کان عالمگيريت، عالمگيريت ۽ سرمائيداراڻو نظام، ٽيڪنالاجي جي ترقي ۽ عالمگيريت، عالمگيريت جي دور ۾ آءِ ٽي جي ڪردار، سوشل ميڊيا جي اوسر، عالمگيريت ۽ ثقافت، عالمگيريت ۽ ٻولي، لنگا فرئنڪا، عالمگيريت جي ۽ سوشل ميڊيا جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ۽ درپيش مسئلن ۽ عالمگيريت ۽ سنڌي سماج جهڙن مضمونن ۽ مقالن ذريعي اسان کي سمجهاڻي ڏني وئي آهي.

هي ڪتاب پيڪاڪ پبلشرز، ڪراچيءَ پاران 2020ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيي جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني ۽ مهربانيون پيڪاڪ پبلشرز جون جنهن ڪتاب جي پي ڊي ايف ڪاپي سنڌ سلامت لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سنڌاءُ


• اداري پاران — ڊاڪٽر آفتاب ابڙو 7
• مهاڳ — پروفيسر ڪي ايس ناگپال 11
• جديد سنڌ لاءِ جاکوڙيندڙ محقق ۽ اديب
عيسيٰ ميمڻ 16
• پنهنجي پاران — ڊاڪٽر مظهر علي ڏُوتيو 18

01 عالمگيريت 28
02 نيشنلزم کان عالمگيريت تائين 48
03 عالمگيريت ۽ سرمائيداراڻو نظام 68
04 ٽيڪنالاجي جي ترقي ۽ عالمگيريت 82
05 عالمگيريت جي دور ۾ انفرميشن ٽيڪنالاجي جو ڪردار 104
06 سماجي ميڊيا جي اوسر ۽ عالمگير سماج ٺاهڻ ۾ ڪردار 122
07 عالمگيريت ۽ ثقافت 136
08 عالمگيريت ۽ ٻولي 150
09 لنگئا فرئنڪا 165
10 عالمگيريت جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ۽ ان کي
درپيش مسئلا 174
11 عالمگيريت ۽ سنڌي سماج 204


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُتي نہ سَرندياءِ، ڪر پچارَ پرينءَ جي،
وهامي ويندياءِ، گهڻا هٽندين هٿڙا.

(شاهہ- سر ڏهر)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداري پاران

ڪتاب جو ليکڪ ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيو صاحب، ”بينظير ڀٽو شهيد لياري يونيورسٽيءَ“ ۾ ڪمپيوٽر سائنس جو استاد آهي. نهايت فهميدو، گهڻ پڙهيو ۽ ٻولي سان گهرو چاهه رکندڙ آهي. لسانيات تي ويجهر ۾، جيڪي سنڌي دوست ڪم ڪري رهيا آهن، مونکي مظهر صاحب انهن ۾ منفرد ۽ سنجيدو لڳو. هي انهن ٻاڱوند ليکڪن ۾ شامل آهي، جن جي هر لکڻي ڏرتي ۽ ڌرتي وارن سان واڳيل آهي.

هن روايتي تعليم سان گڏ جديد تعليم، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۾ ماسٽرس، ڪمپيوٽر سائنس ۾ ايم فل، ۽ ڪمپيوٽر سائنس ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ هٽراڏو ڏاهپ ذريعي احساسن ۽ گرامر بابت کوجنا ۾ پي. ايچ. ڊي (Ph.D) زيبسٽ ڪراچي مان ڪئي آهي. ان ڪانسواءِ هاءِ برڊ ڪمپيوٽر ۽ ڊيٽابيس ۾ ٽريننگس (Trainings)، سيملوئيس يونيورسٽي ٻڊا پيسٽ هنگري مان

تعليم جي حوالي سان سنڌس جيڪا خاص ڳالهه آهي ته هن هٽراڏو ڏاهپ (Artificial Intelligence) ڪمپيوٽيشنل لسانيات (Computational Linguistics) نيچرل لينگويج پروسيسنگ (Natural Language Processing) ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي آهي. اهڙي تعليم رکندڙ واشنگٽن يونيورسٽي ۾ نيورو سائنس ۽ روبا ٽڪس جي مضمون سان واسبته راجيش رائو ۽ سندس ساٿين جڏهن ڪمپيوٽر جي ذريعي سنڌو رسم الخط پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو ان ۾ ناڪام ويا، چاڪاڻ ته هن سنڌو لکت جي نشانين جي ترتيب ۾ بنا رٽا جي ايندڙ نشانين جي مشروط ڳٽپ (Conditional Entropy) ڪئي. ائين ڪرڻ ڪان پوءِ ساڳي قسم جي ڳٽپ يا تورتڪ ڪجهه ٻين نظامن اندر موجود ترتيبن بابت به ڪيائون، جن ۾ فطري ٻوليون (سميري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تامل، سنسڪرت ۽ انگريزي) هڪ مصنوعي ٻولي (ڪمپيوٽر پروگرامنگ جي هڪ ٻولي فورٽران (Fortran) ۽ غير لساني نظامن جون ترتيبون ۽ ٻہ مصنوعي ڄاڻ جا سيٽ (Dataset) وڌائون، جڏهن ان جا نتيجا ڪڍيائون تہ ڪين سنڌو لکت بابت ڪابہ ڄاڻ حاصل نہ ٿي سگهي. ڄاڪاڻ تہ ڪين سنڌي ٻوليءَ جي آوازن، صوتي سرشتي کان هو بلڪل اڻڄاڻ هئا.

ڏوتيو صاحب پنهنجي صلاحيتن ۽ تعليم کي سنڌي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي. مان ڀانيان ٿو تہ اهڙا گڻ، اسان جي گهڻ لساني ماهرن وٽ هوندا، مونکي خاطري آهي تہ مظهر اسان جي خوابن جي ساڀيان ڪندو. هن سنڌي ٻوليءَ بابت ڪيترن ئي ماڊلس تي ڪم ڪيو آهي، جيڪڏهن هو سنڌو لکت جي پاڄ (Decipherment) نہ بہ ڪري سگهيو ۽ سنڌي ٻوليءَ مزاج ۽ نحوي بيهڪ بابت ڪي هاڪارا نتيجا ڪڍي سگهيو تہ اها بہ اسان جي وڏي فتح آهي. ڄاڪاڻ تہ اڄ تائين ان موضوع تي ڪنهن بہ تحقيق ڪانہ ڪئي آهي. انهن نتيجن جي آڌار تي اسان سنڌي ٻوليءَ جو پنهنجو گرامر جوڙي سگهون ٿا ۽ سنڌي لغت جا قاعدا ۽ اصول پڻ ترتيب ڏئي سگهون ٿا.

ڊاڪٽر مظهر جي دلچسپي ۽ جذبي آڌار، آءُ جيڪر ايئن چوان تہ هو مستقبل ۾ سنڌي ٻوليءَ جي قديم سرشتي بابت ضرور ڪي اڳيرايون ڪري ويندو، جنهن لاءِ بنگالي ٻوليءَ جو مڃيل محقق سنيتي ڪمار چيٽر جي پنهنجي مشهور ڪتاب The Origin and Development of the Bengali Language (1926) ۾ لکي ٿو تہ "بنگالي ٻوليءَ جي لپي (Script) سنڌي ٻوليءَ جي قديم سرشتي مان ورتي ويئي آهي". جڏهن تہ International Encyclopedia of Linguistics, Oxford London (1992) جو مرتب William Bright لکي ٿو تہ هيٺيون ٻوليون سنڌ جي قديم خط مان اسريون آهن:

Language: Ref. International Encyclopedia of linguistics (oxford, London)

1. Pali (Vol. III, p. 148) 2. Devnagri (Vol. II, p.99)
3. Bengali (Vol. I, p. 170) 4. Guajarati (Vol. II, p.96)
5. Marathi (Vol. II, p.386) 6. Hindi (Vol. II, p.123)
7. Tamil (Vol. IV, p.131) 8. Telugu (Vol. IV, p.137)
9. Malayalam (Vol. II, p.370) 10. Sinhala (Vol. II, p.439)

آخر اُهي ڪهڙيون خوبيون هيون جو سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي سڀني ٻولين جي ماءُ- لپي (Mother Script) ليکي وئي.

ڪتاب لکڻ بابت پنهنجا ويچار ونديندي مظهر لکي ٿو ته: ”هن ڪتاب لکڻ جو بنيادي مقصد سنڌي سماج کي عالمگيريت جي مختلف رخن جي باري ۾ جاڻ ڏيڻ آهي ته جيئن اهو نئين دور جي تقاضائن مطابق پاڻ کي ترقي ڏياري سگهي ۽ جديد دور ۾ پاڻ کي زنده رکي سگهي. ٻين ٻولين ۾ عالمگيريت جي غلبي ۾ هو دنيا جي للڪار (Challenge) کي منهن ڏئي سگهي. عالمگيريت جي مفهوم ۽ رخن بابت لکي ٿو ته ان جا ٿلهي ليکي پنج رخ آهن، جنهن کي سمجهڻ جي اڄ جي حالتن ۾ اشد ضرورت آهي، اُهي آهن:

- عالمگيريت کي بين الاقواميت جي رخ ۾ ڏسڻ
- عالمگيريت ۾ واپار ۽ معاشي آزادي.
- عالمگيريت هڪ ڪائنات.
- جديديت يا مغربيت وارو سماج.
- سرحدن کان آزاد دنيا.

ادارئي لکڻ لاءِ، ڪتاب پڙهي رهيو هوس ته سائين يوسف شاهين قرب ڪري آفيس ۾ ملڻ آيو. ڪتاب جي باري ۾ پڇائين ته ڪهڙي موضوع تي آهي، ساڻس جڏهن مٿي ذڪر ڪيل مک موضوعن بابت سائين سان ذڪر ٿيو ته ڪانئس اهالڪ واه نڪري ويئي، خاص طور ”سرحدن کان آزاد دنيا“ چاڪاڻ ته سائين جو اهو من پسند موضوع آهي. سائين جو جڳ مشهور ڪتاب آهي. Artificial Boundaries of the World (2016) لکيل آهي. فرمايائون ته ان ڪتاب (عالمگيريت ۽ سنڌي سماج) جون ڏهه هزار ڪاپيون ڇپائي، نوجوانن،

يونيورسٽين جي استادن ۽ شاگردن کي پڙهيايو. اڄ جي دور ۾ اهڙن موضوعن جي سخت ضرورت آهي. سائين جو حڪم اکين تي، شل نوجوان نسل اک پٽي ۽ اهڙن عالمي ۽ چيلينج وارن موضوعن طرف لاڙو ڪائي!

مون ڪتاب پڙهڻ وقت ڪوڙ سارا ٽڪرا نوٽ ڪيا، جن جي آڌار تي موضوع جي اپٽار ڪرڻي هئي، پر هاڻي بهتر ٿو سمجهان ته پڙهندڙ ليکڪ جي خيالن/ويچار کي پاڻ پڙهن. منهنجي خيال ۾، ”عالمگيريت جي دور ۾ سنڌي ٻولي جي حيثيت ۽ ان کي در پيش مسئلا“، ”ٽيڪنالاجيءَ جي ترقي ۽ عالمگيريت“ ۽ ”عالمگيريت ۽ سنڌي سماج“ ور ور ڪري پڙهڻ گهرجن ۽ مختلفن يونيورسٽين طرفان انهن موضوعن تي سائين مظهر کان ليڪچر ڪرائڻ گهرجن.

جيتوڻيڪ اهو موضوع ڪو بلڪل نئون نه آهي 1980ع جي ابتدا کان سماجي سائنسدان ۽ معاشي ماهر ان جي وضاحت ڪندا پيا اچن، پر مظهر جس لهڻي، جنهن کوجنا ڪري، ان کي گهڻ رخو بڻايو آهي. هاڻي اهو رڳو عالمگيريت وارو تصور ڪونهي، پر ان جا اثر معاشيات سان گڏ، سماج، تعليم، ثقافت، ٻولي وغيره تي پئجي رهيا آهن. اهي اثر اسان جي سماجي قدرن ۽ سوچن کي پڻ بدلائي رهيا آهن. اسان کي هڪ قوم جي حيثيت ۾ انهن چيليجن کي پنهنجي شعور ۽ سگهاري ڪردار سان منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي.

اسان اهڙي جامع ۽ جديد موضوع تي ڪتاب آڻڻ ۾ جتي فخر محسوس ٿا ڪريون، اتي خاطري آهي ته نوجوان دوست جيڪي جديد تعليم سان دلچسپي رکن ٿا ۽ سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جي ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ گهرن ٿا، انهن کي هي ڪتاب پوري دلچسپي سان، وڏي مقصد کي سامهون رکي پڙهڻ گهرجي.

**ڊاڪٽر آفتاب ابڙو**
چيئرمين
پيڪاڪ پبلشرس

## مهاڳ

# بندر جان پيٽي، سڪاٽيا مَ سمهو

ڊاڪٽر مظهر علي جو ڪتاب 'عالمگيريت ۽ سنڌي سماج' نهايت ڪارائتو ۽ وقتائتو عمل آهي. اڄ جي جديديت پڄاڻان سماج کي سمجهڻ ۽ نئين دنيا جي معيار، ماپن، لاهن چاڙهن کي ڄاڻي، ٽيڪنالاجي جي تيز رفتار ۽ واپاري هڪ هٽي کي سهي ڪري، اهڙي ڊوڙ لئه تياري وٺڻ، هر هڪ ملڪ لاءِ اشد ضروري ٿي پيو آهي. ان ڏس ۾ سنڌس هي ڪتاب نهايت ڪارائتو آهي ۽ هر نوجوان جي ضرورت آهي. ڪتاب ۾ ڏنل موضوعن جو غور سان اڀياس ڪيو وڃي ته جيئن بين الاقواميت ۽ عالمگيريت کي آساني سان سمجهي سگهجي ۽ سنڌي سماج جي عالمگيريت ۾ موجود حيثيت، اهميت ۽ ڪيس پيش ايندڙ مسئلن کي سمجهي ڪري انهن جي حل لاءِ ڪوشش ڪري سگهجي. اڄ جي دنيا يعني عالمگيريت کي جي سمجهڻو آهي ته سائبر ورلڊ کي ڄاڻڻ نهايت ضروري آهي. ان جا سڀ ٽڪساٽ ۽ حرفتون به سمجهڻيون پونديون. عالمي واپاري منڊي کي نه ڄاڻڻ ڪري نه صرف ڦرجي ويندا سين ۽ پٺتي رهجي ويندا سين بلڪ پوري دنيا کان ڪٽجي ويندا سين. اڄ جي جديد شهنشاهيت ڪنهن ملڪ جي نه پر سرمائيدار ٽولي جي مستي آهي، جيڪي پنهنجي ملڪ جا به قومي مفاد لتاڙي ذاتي خوشحالي لاءِ دولت جا انبار گڏ ڪري، دولت کي ملٽيپلاء (Multiply) ڪن ٿا. ان ڪري ملڪن جا ملڪ سندن گماشتا ٿي سندن ڳيجهو بڻيل آهن. انهن واپارين کي پلوٽوڪريٽس (Plutocrats) چئجي ٿو. جيڪي هينئر گلوبل سپر رچ ( Global Super Rich) سڏائين ٿا. هي دولت، ڪين ورٿي ۾ ناهي مليل پر انڌي گلو ڪٽيندڙ(Cuts throat-competition) مقابلي بازي مان ڪٺيل استحصالي موڙي آهي. هي يار پنهنجي قوم جا بنهه ناهن پر ان ڦورو ٽولي جا

ساڻاري آهن جن جو دين ايمان پئسو آهي. اهي سرمائيدار ۽ واپاري ذاتي مفادن کي ئي سڀ ڪجهه سمجهن ٿا باقي ملڪ وڃي کڏ ۾ پوي. ان نفسانفسي کي سمجهڻ لاءِ اڄ جي منديءَ جي عالمگيريت سمجهڻي پوندي. وڌيڪ وضاحت لاءِ ڪرسٽيا فريليينڊ (Chrystia Freeland) جو ڪتاب پلوٽوڪريٽس (Plutocrats) جو حوالو ڏيان ٿو، جنهن ۾ لکيل آهي ته "چائنه جي نيشنل پيپلز ڪانگريس جا امير ڪبير ميمبر ناٽي جا ايترا ذخيرا گڏ ڪري چڪا آهن، جيڪي آمريڪا جي هر پاڳي جي دولت کان وڏا آهن، پل پوء صدر يا سندس ڪيبنيٽ جو ناٽو چونه هجي! بنهي ڪانگريسي هائوسز ۽ سپريم ڪورٽ جا جج ئي چونه هجن. هنن سان ڪلهو هٽي نٿا سگهن." هن منديءَ جي مندي (Recession) ماحول ته آمريڪي معيشت جا لاهه ئي ڪڍي ڇڏيا آهن. بس وڏيون بينڪون ۽ مالي ڪارپوريشنز ئي ڪوٽ پوري ڪن ٿيون. هن عالمگيريت جي دور ۾ به بنهه الڳ ۽ بلڪل جدا جدا معيشتون آهن نه ڪا هڪ ملڪي معيشيت جيڪا گلوبل ورلڊ کان الڳ هوندي هئي.

فيس بڪ جو موجد مارڪ زڪربرگ (Mark Zuckerberg) به 8 سال اڳ ئي ان ڇتاپيتيءَ مان نڪري ويو ۽ گوگل کي للڪاري پيو ته هاٿي ڪارپوريشن جا حال به هيٺا آهن. بس شاطر فرد ئي ناٽو فائيبر ٽڪساٽ مان ڪمائين پيا. جيئن جان پالسن (John Paulson) اڪيلي ئي 2008ع جي گهوٽالي مان ايئن فائدو ورتو جيئن گولڊمين سچز (Goldman Sachs) ڪمايو. هن سڄي صورتحال کي غور سان ڏسڻو پوندو، سکڻو پوندو ۽ پاڻ کي تيار ڪرڻو پوندو نه ته هنن سانن جي وهندڙ ويڙهه ۾ لتاڙجي ويندا سين، ڇاڪاڻ ته هي مارڪيٽ به جديد جهنگل آهي جنهنجو اصول آ ته جو ڏاڍو سو گابو (The fittest survive).

ڊاڪٽر مظهر علي ڪتاب جي پهرين مضمون ۾ عالمگيريت جو تعارف ڪرائيندي لکي ٿو ته "سرمائيدار طبقو ٽيڪنالاجي تي به قابض ٿي چڪو آهي، اهڙيءَ طرح دنيا عالمگيريت جي نالي تي شهنشاهيت ڏانهن وڌي رهي آهي." جنهن جو مطلب ٿيو ته عالمگير سرمائيدار ٽيڪنالاجي کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي دنيا جا سمورا اثاثا

پاڻ وٽ گڏ ڪري دنيا تي اهڙي حڪمراني ڪرڻ چاهي ٿو جنهن ذريعي هو پوري دنيا جو شهنشاهه ٿي وڃي. ٽيڪنالاجي جو جادو سيني کي قابو ڪري ٿو. ڪلائوڊ ڪمپيوٽنگ ٽيڪنالاجي جو ڪمال اهو آهي جو هي سموري ڊيٽا کي ڍڪي پاڻ وٽ محفوظ ڪري ٿو. جيئن هر قسم جي ٽيڪسٽ، مالي رڪارڊ، فوٽوز، صحت ۽ تعليم جون سموريون وڊيوز ۽ ڪوڊز سڀ جو سڀ محفوظ رکي ٿو جو توهان ڪٿان به ڪنهن به سمارٽ فون يا ڪمپيوٽر جي ذريعي عالمي لاڳاپي ۾ رهي پنهنجو ڪم جاري رکي سگهو ٿا. اينڊرائيڊ آپريٽنگ سسٽم (Android operating system) موبائيل فون کي سمارٽ فون بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن ذريعي توهان ڪٿان به ڪهڙي ملڪ منجهان به واپار، تعليم يا ٻين سهولتين باآساني ڪتب آڻي ڪم جاري رکي سگهو ٿا. ٽيڪنالاجي جي ترقي جي ڪري سفر ۽ سامان کي هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه موڪلڻ آسان ٿي پيو آهي. هاڻي زمين تہ ڇا پاڻي جي اندران بہ اروڪ رستا (Tunnels) ناهيا وڃن ٿا جيڪي هڪ ملڪ کان ٻي ملڪ ۾ تجارت ڪرڻ ۾ تيزي آڻين ٿا. مصنوعي ڏاهپ (Artificial Intelligence)، روبوٽڪس، مشين لرننگ ۽ ڊيپ لرننگ جيڪو انقلاب آندو آهي سو حيران ڪندڙ آهي، وري اليڪٽرانڪ جاگرافي تہ دنيا کي پٽڪڙو ڪري ڇڏيو. قائنٽم ڪمپيوٽنگ جي استعمال سان سوچ کان ٻاهر جا ڪارنامہ ڪري سگهبا. 5-G انٽرنيٽ ذريعي نوان ڊرون ناهيا وڃن پيا. ماڻهو هولوگرام سان ساڪيات ڳالهائيندين ڏسجين ٿو ۽ اليڪٽرانڪ پرن سان اڏامي بہ سگهي ٿو تنهنڪري اڄ جي ماڊرن دور جو ماڻهو خود خدا ٿيڻ جي وهم ۾ وڪوڙجي وڃي ٿو. اڄ دنيا تہ ڊارون جي نظريي يا ٿيوري تي ويساهہ رکي چڪي آهي باقي رهيل دنيا بہ ويندي آرٽيفيشل انٽيليجنس ۾ قاسي، اهڙيءَ طرح سچ، ڪوڙ سٺي ۽ خراب جا ماپا متائيندي. ڏک بس اهو آهي تہ انساني قدر ميساري ماڻهو مشين ٿي هر احساس ۽ رشتي کي وڃي ٿو متائيندو. محبت، بي غرض خدمت، خلوص، قرباني، عزت ۽ ساڃاهہ بس وڃي پئسي جي بچندي. ماڻهو ڪوڪلو ۽

اڻاسو ٿي وڃي آپ گهات جو بک ٿيندو، جيڪو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي. ترقي پيلي هر پاسي کان ڪجي، جديديت سان ڪلهو ملائي مقابلو به ڪجي، دولت به جام ميڙجي، سک سڀ وڃن پر لڄڻ نه لڄائجن. لطيف کي نه وسارجي ۽ سنڌ سڀ کان اڳ هجي.

سجڻ ۽ ساٽيهه ڪنهن اڻاسي وسري
حيف تنين کي هوءِ، وطن جنين وساريو
(شاهه)

عالمگيريت ملڪي سرحدن ۽ حڪومتي آزادي کي ختم ڪري دنيا تي واپاري ۽ ٽيڪنولوجيڪل حڪومت ڪرڻ جا گس ڏيکاري ٿي. جتي دنيا عالمگيريت ۽ ٽيڪنالاجي جي جادو ۾ ڦاسندي وڃي پئي ان وقت ڊاڪٽر مظهر جديد معلومات ڏيندي به پنهنجي صوفي ۽ عوامي سوچ سان ئي تبصرو ڪري ٿو. انفو ۽ بايو ٽيڪنالاجي جي پويان لڪل هيچ ۽ لوپ کي واضح ڪري ٿو ته پاڻ ان هوس ۾ ماڻهپو وڃائي ٿلهيون مشينون نه ٿي پئون پر شاهه جو سڏ ڪن ڪيون.

هٽَڻَ، هَڪلَڻُ، پيلِي سارَڻُ: مانجِهيان اِيُ مَر ڪَرِ:
وِجَهن تان نه فَرَقُ، رُکَ وَهندِيءَ راندِ ۾ .
(شاهه- سر ڪيڏارو)

لطيف سائين چئي ٿو ته پنهنجا پيلي نه وسارجن، جيئن ڪروڙ وڃائجي ته به قرب نه وڃائجي. بس اها آ هن مٿي جي مان جي وڏائي. ”سو نه ڪنهن شي ۾، جيڪي منجهه تراب.“ شاهه سائين جي ان فڪر کي مٿانهون رکي انساني قدر ۽ بي غرض محبت ۽ خدمت سان حياتي ساب ڪجي. ”مرڻ مسلم جن واحد تن نه وسري.“ جن کي موت تي يقين آهي، اهي رب کي ڪڏهن نٿا وسارين ته اسان به پنهنجي ماروئڙن ۽ سانگيئڙن کي هن ٽيڪنالاجي جي ڊوڙ ۾ پٺ تي نه ڇڏيون پر هن عالمگيريت جي دور ۾ پاڻ کي انهن سان جوڙي رکون.

هي ڪتاب سچ ۾ نهايت ئي ڪارائتو ڪتاب آهي، تنهنڪري هن کي پڙهي ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي ۽ پاڻ کي نئين دور

جي گهرجن مطابق تيار ڪجي. عالمگيريت جي دور ۾ نئين ٽهي کي ٽيڪنالاجي کي سمجهڻ جي ايئن ضرورت آهي، جيئن بندي کي ماني ۽ پاڻيءَ جي. ٽنهنڪري جيڪڏهن اڄ ۽ مستقبل جو نوجوان ٽيڪنالاجي کي صحيح طريقي سان سمجهندو ته هو اڄ ۽ مستقبل ۾ هن مان جام پئسو ڪمائيندو ۽ پنهنجي قوم ۽ ملڪ کي ترقي به ڏياريندو. ڪروڙين بيروزگار، بنا موڙيءَ جي به ويب سائيٽ ٺاهي ڪمائن پيا ته ڪي وري يوٽيوب تي چينل ٺاهي روزگار ڪن پيا. اسان مان ڪيترائي ڊجيٽل واپار ذريعي پاڻ ۽ پنهنجي خاندان کي خوشحال ڪري رهيا آهن. ٽنهنڪري سڪئون ۽ سيڪاريون جي ڪرت کي ڪندي اڳتي وڌون ۽ ترقي ڪريون. انهن سمورين ڳالهين ۽ عالمگيريت جي لقاءُ کي ڊاڪٽر مظهر هن ڪتاب ۾ سٺي طريقي سان سمجهايو آهي. مون ڊاڪٽر مظهر علي کي نهايت نِهٺو، نماڻو ۽ ڪارائتو فرد ڏٺو آهي، جو لطيفي فڪر مطابق

سَپيئِي سُهاڳِڻيُون، سَپِني ڳِچيءَ هارَ،
پَسَڻَ ڪارڻِ پِرينءَ جي، سَهَسين ڪَن سِينگارَ،
ڍولُ تَنِين جي ڍارَ، هيٺاهِيُون هَلَن جي.
(شاهه- سر ليلا چنيسر)

ٽيڪنالاجي نعمت عظيم تڏهن ٿيندي جڏهن پاڻ هنرمند ۽ ٽيڪنوڪريٽ ٿي ڪري به عام ماڻهوءَ جي عزت ڪرڻ نه وساريون. اهڙيءَ طرح پنهنجي اساسي قدرن ۽ ادب مان فيضياب ٿيندا رهون، اڳتي وڌندا رهون ۽ سکيا ستابا ٿيئون.

بَندَرِ جان پَئي، ته سُڪاڻِيا مَ سُمهو،
ڪِپَرُ توکُنَ ڪري، جِئن ماٺي منجهه مَهِي،
ايڏو سُورُ سَهِي، ننڊ نه ڪجي، ناکُئا.
(شاهه- سُر سريراڳ)

حق موجود

پروفيسر ڪي ايس ناگپال
ksnagpal@gmail.com

# ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيو
# جديد سنڌ لاءِ جاڳوڙيندڙ محقق ۽ اديب

سنڌي سماج نيم جاگيرداري ۽ نيم سرمائيداريءَ جي وچ ۾ رهندڙ سماج آهي. سنڌ جا شهر جيڪي سرمائيداريءَ جو مرڪز آهن اهي ڌارين جي حوالي آهن جنهن ڪري سرمائيداري ۾ اسان صارف يا ڪنزيومر (Consumer) طور تي بيٺا آهيون ته ٻئي طرف ٻهراڙي وري وڏيرا شاهي ۽ جاگيرداري جي پنجوڙ ۾ ڦاٿل آهي. اسان جي ادب تي ٻنهي سماجن جو اثر آهي اجان به ائين چئجي ته جاگيرداري ۽ وڏيرا شاهيءَ جو اثر سرس آهي. جنهن ڪري اسان جي ترقيءَ جي رفتار به دنيا سان هم آهنگ نه آهي. اسان جو ادب به اجان جديدت ۽ جديدت پڄاڻان جي دور ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پر ساهي رهيو آهي. جن اديبن ۽ محققن سنڌي سماج کي جديدت ۽ جديدت پڄاڻان دور ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ورتيون آهن انهن ۾ ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيي جو ڪردار ڪنهن به طرح سان فراموش نه ٿو ڪري سگهجي. خصوصن سنڌي ٻوليءَ کي ڪميوٽشنل ٻولي ٻڻائڻ لاءِ ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيي، تاريخ جو اهم ڪم ڪيو آهي. هن سنڌي ٻوليءَ کي ڊجيٽل دور ۾ نه صرف هڪ الڳ شناخت ڏني آهي پر عالمگير تحقيق جي ڏس ۾ پڻ زبردست پيش رفت ڪئي آهي مستقبل ۾ دنيا جي اندر اهي ٻوليون زنده رهنديون جيڪي ڪمپيوٽشنل لسانيات ۽ نيچرل لئنگوئج پروسس جو حصو هونديون، سنڌي ٻولي ان ڏس ۾ خوشنصيب ٻولي آهي جيڪا ڊجيٽل ڊوڙ ۾ اڳيري بيٺي آهي.

ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيي جتي شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ موجود جذبن ۽ احساسن جو ڊيپ لرننگ ماڊل جي ذريعي تجزيو ڪيو آهي،

هٿرادو ڏاهپ، نيچرل لينگوئيج پروسسينگ ۽ ڪمپيوٽشنل لسانيات جهڙن اهم موضوعن تي ڪم ڪيو آهي اُتي سنڌي سماج کي عالمگيريت (Globalization) کي سمجهڻ لاءِ هي ڪتاب ”عالمگيريت“ لکي سنڌي ماڻهن کي جديد دور کي سمجهڻ ۽ ان سان هم رڪاب ۽ هم ڪنار ٿيڻ لاءِ ساراه جوڳي ڪوشش ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾ نه صرف عالمگيريت کي سمجهڻ جي لاءِ ڪوشش ڪئي وئي آهي پر ان جي فائدن، نقصانن کان وٺي عالمگيريت جي دور ۾ سنڌي ماڻهن جي ڪردار جو تعين ڪرڻ، انهن کي عالمگيريت جي دور ۾ پنهنجي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ هوشيار رهڻ لاءِ رستو به ٻڌايو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ ”عالمگيريت“، ”نيشنلزم کان عالمگيريت تائين“، ”عالمگيريت ۽ سرمائيدارانه نظام“، ”ٽيڪنالاجي جي ترقي ۽ عالمگيريت“، ”عالمگيريت جي دور ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجي جو ڪردار“، ”سماجي ميڊيا جي اوسر ۽ عالمگير سماج ٺاهڻ ۾ ڪردار“، ”عالمگيريت ۽ ثقافت“، ”عالمگيريت ۽ ٻولي“، ”لنگئافرئنڪا“، ”عالمگيريت جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ۽ ان کي درپيش مسئلا“ ۽ ”عالمگيريت ۽ سنڌي سماج“ جهڙا ڪارائتا مضمون ۽ مقالا شامل آهن. هي ڪتاب نه صرف موجوده دور ۾ سنڌي سماج جي رستي جو تعين ڪري ٿو پر ايندڙ دور ۾ سنڌي سماج ۽ دنيا جي ٻيهڪ کان به آگاهه ڪري ٿو ان ڪري هي ڪتاب بار بار پڙهڻ، سمجهڻ ۽ هنيانءَ ۾ سانڍڻ جهڙو ڪتاب آهي. يقينن تاريخ ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيي جي ڪردار کي هميشه ياد رکندي. مان ڪيس دل جي حضور سان هن جي فڪري پورهيي کي سلام پيش ڪريان ٿو.

**عيسيٰ ميمڻ**
لاڙڪاڻو

# سرھا ڏنم سيٍ، جنين ساڃاھ سراڻ سين

دنيا جو ڪو بہ نظام (System) داخلي عمل ۽ خارجي عمل کان سواءِ نہ هلي سگهندو آهي ۽ نہ ئي وري ان نظام کي مڪمل نظام چئي سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح جيڪا شئي ان نظام ۾ داخل ٿيندي آهي سا ڪنهن مخصوص عمل ڪانپوءِ خارج بہ ضرور ٿيندي آهي. ان منطق تي دنيا جا سمورا ننڍا توڙي وڏا نظام هلي رهيا آهن. جيڪو بہ انسان پيدا ٿيو آهي يا پيدا ٿئي ٿو يعني دنيا جي نظام ۾ داخل ٿيو آهي يا ٿئي ٿو سو ضرور خارج ٿيندو يعني هڪ ڏينهن ان کي موت ايندو. ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي اهو سلسلو جاري آهي ۽ ڪائنات جي ختم ٿيڻ تائين اهو سلسلو جاري رهندو. ڪروڙين ماڻهو هن دنيا ۾ آيا ۽ ڪروڙين ماڻهو هن دنيا مان هليا ويا. انهن ماڻهن مان ٿوري تعداد ۾ اهڙا ماڻهو هئا يا آهن جيڪي ڪنهن وڏي مقصد تحت زندگي گذاري ويا يا گذاري رهيا آهن. اُهي ئي ماڻهو تاريخ ۾ زنده رهن ٿا جيڪي هن دنيا ۾ انسان ذات ۽ دنيا جي ڀلائي لاءِ ڪجھ ڪري ويا يا ڪري رهيا آهن. جن جي نظرين ۽ ڪمن تي مختلف سماج جڙيا يا جڙي رهيا آهن ۽ ترقي ڪيائون يا ترقي ڪري رهيا آهن. اهي ڳالهيون پنهنجي بابا، استادن، وڏن ۽ مختلف ڏاهن، مفڪرن، اديبن ۽ دوستن وغيره کان مختلف وقتن تي ڪچهرين ۽ پروگرامن ۾ ٻڌندو رهيو آهيان. سچ پچ تہ انهن ڳالهين منهنجي سوچ، فڪر ۽ زندگيءَ تي تمام گهڻو اثر ڪيو ۽ ڪري رهيون آهن. مون کي ياد آهي تہ جڏهن اسڪول ويندي يا اسڪول کان واپسيءَ دوران يا ڪنهن رستي تي هلندي ڪنهن اخبار جو ٽڪرو نظر ايندو هو تہ اهو فورن کڻي وٺندو هيس ۽ ان کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هيس. انهن اخباري ٽڪرن ۽ ڪتابن ۾ موجود ڄاڻ، سمجھ ۽ فڪر مونکي زندگي

گذارڻ ۽ ڪجھ ڪرڻ جا گس ڏيکاريا. منهنجي اهڙي عمل يعني پڙهڻ ۽ سمجهڻ واري عمل تي گهر ۾ پاتي به مون کي اتساهيندا هئا. مان هڪ اهڙي گهر ۾ پيدا ٿيس جيڪو مالي طور ته گهٽو مستحڪم ڪون هيو پر ان گهر ۾ تمام گهٽي محبت، سڪون، پنهنجائپ ۽ اخلاص هيو. ان گهر ۾ ڪنهن قسم جو جهيڙو، بيائي، منافقت، پنچائت، گلا غيبت وغيره ڪونه هئي. ان گهر ۾ انسانيت جو قدر، وڏن ۽ پاڙي وارن جي عزت ۽ ننڍن سان محبت ڪرڻ جو درس ملندو رهندو هو. ان گهر ۾ وقت جي پابندي ۽ اهميت به سکيم ته پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۽ ڏرتي، قوم ۽ ملڪ سان محبت ڪرڻ به سکيم. ان گهر ۾ مهمانن جو اچڻ وڃڻ به هوندو هو ته حال احوال ونڻ جو رواج به هوندو هو. فرقي پرستي ۽ مذهب جي بنياد تي نفرت ڪرڻ جي ته خبر ئي ڪونه هوندي هئي. ان ماحول ۽ تربيت جي ڪري مذهبي ۽ رجعت پسندي واري سوچ پيدا ڪونه ٿي. تنهنڪري اڄ به مذهبي ڪٽرپڻي ۽ طبقاتي نظام کان پري آهيان. اسان جو گهر هڪ اهڙي ڳوٺ ۾ هيو جتي ڪچهريون به ٿينديون هيون ته هڪ ٻئي جي سار سنڀار به لڌي ويندي هئي ۽ ڏکن ۽ خوشين ۾ ساٿ به ڏنو ويندو هيو. شام جو ڳوٺ وارا گڏجي مختلف اوطاقن ۾ بي بي سي ريڊيو تان خبرون به ٻڌندا هئا ته وري مختلف ملڪي، غير ملڪي، سماجي ۽ سياسي مسئلن تي بحث به ڪندا هئا. رات جو آڪاش واڻيءَ تان سنڌي پروگرام به ٻڌندا هئاسين ته پنهنجي ثقافت ۽ تهذيب جون ڳالهيون به ڪندا هئاسين.

منهنجي خوشنصيبي چئبي جو گهر ۾ بابا، امان، ڀيڻين، ڀائرن ۽ پڦي جهڙا بهترين رشتا، دوست ۽ پيار ڪندڙ ماڻهو مليا. منهنجي ماءُ ته منهنجي ننڍپڻ ۾ ئي گذاري وئي هئي پر بابا، ڀيڻين ۽ پڦي منهنجي ماءُ جي وڇوڙي جي ڪمي کي محسوس ڪرڻ ڪون ڏنو. مان ۽ منهنجو ننڍو ڀاءُ صفدر علي ننڍا هياسين تنهنڪري اسان تي وڌيڪ توجهه ڏني وئي. بابا اسان جي ڪري ٻي شادي به ڪون ڪئي. امان ڏاڍي سٻاجهي، سلڇڻي، مذهب، فرقي، نسل ۽ طبقي جي فرق کان سواءِ انسان ذات جي عزت ڪرڻ واري، صوفي سوچ رکندڙ ۽ کل مذاق

واري عورت هئي. ڪنهن به قسم جي ٻيائي ۽ منافقت ڪون هئس. سموري ڳوٺ وارن کي قرآن شريف جي تعليم به منهنجي ماءُ ڏيندي هئي تنهنڪري سڄي ڳوٺ وارا تمام گهڻي عزت ڪندا هئس. منهنجي ناني نانو، ڏاڏي ڏاڏو به صفا فقيري طبيعت جا ماڻهو هئا. بابا کي به مذهبي رجعت پسندي کان پري ڏٺم. ڪڏهن ڪنهن کي ڪون ڏکايائين.

پرائمري کان وٺي هاءِ اسڪول تائين تمام بهترين استاد مليا جن زندگي گذارڻ جا بهترين گس پڻ ڏيکاريا، سڀئي محترم استاد سٺي تعليم ڏيندڙ شاگردن جو خيال ڪندڙ ۽ سٺيون صلاحون ڏيندڙ هئا. مان ڇهين ڪلاس ۾ پنهنجي ڳوٺ دولت خان چانڊيو جي پرسان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٻيڙو چانڊيو تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو ۾ داخلا ورتي جيڪو هڪ بهترين تعليم مهيا ڪندڙ اسڪول هئو. ڳوٺ ٻيڙو چانڊيو پسگردائي ۾ موجود سوين ڳوٺن جو مرڪز ۽ يونين ڪائونسل جو درجو رکندڙ ڳوٺ آهي، جتان بهترين قسم جا ماڻهو پيدا ٿيا ۽ ٿي رهيا آهن. سائين نظام الدين ناظم چانڊيو به ٻيڙو چانڊيو جو هيو ۽ ان وقت اسان جي اسڪول جو هيڊ ماستر به هيو. جڏهن اٺين ڪلاس ۾ آياسين ته سائين اسان جو ڪلاس ٽيچر به ٿيو. شاگردن جو پنهنجي اولاد وانگر خيال رکندو هيو. سائين طبيعت ۾ ته نرم ۽ انسان دوست ماڻهو هيو پر اسڪول ايڊمنسٽريشن ۽ ڪلاس ۾ تمام گهڻو سخت هيو. پڙهائڻ جو به بهترين ڏانءُ هيس. مختلف موضوعن تي ڄاڻ جا به خزانا هيس. سائين وٽ ڪنهن به قسم جو فرق ڪون هيو ته ڪهڙي شاگرد ڪير آهي ۽ ڪهڙي طبقي، مذهب، فرقي يا نسل سان واسطو رکي ٿو. تمام گهڻو هوشيار استاد، وڏو شاعر، اديب، ڏاهو ۽ بهترين انسان هيو. ان جي تربيت ۽ سمجهائڻ جي طريقي تمام گهڻو متاثر ڪيو ۽ اڄ هن منزل تي پهچايو. سائين نصابي تعليم سان گڏوگڏ ادب جي اهميت ۽ سماج ۾ ان جي ڪردار تي پڻ ڳالهائيندو رهندو هو جنهنڪري ادب سان چاهه پيدا ٿيو. ان وقت نڪرندڙ ٻارن جي رسالن گل ڦل، سنڌي ٻارڙا سنگت ۽ ساٿي ۾ ننڍڙيون ڪهاڻيون ۽ ڳوٺ جا

حال احوال لکڻ شروع ڪيم جن جي ڇيڇڻ سان گهڻو اتساهه ملندو هو. اهڙيءَ طرح سائين ناظم چانڊيي جي رهنمائي ۾ استادي ۾ شاعري ڪرڻ جي ڪوشش به ڪيم. مشاعرن ۽ محفلن ۾ پنهنجي شاعري پڙهڻ شروع ڪئي پر اهو سلسلو جاري ڪون رکي سگهيم. منهنجي خيال ۾ شاعري هر ماڻهو نه ته ڪري سگهي پلي ان کي شاعري ڪرڻ جو فن به ايندو هجي تنهنڪري شاعري ڪرڻ کان پري ٿي ويس.

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو مان انٽرميڊيئيٽ سائنس گروپ ۾ ڪيم، جتي پڻ محنتي ۽ سٺا استاد مليا. گريجوئيشن کان وٺي ايم فل تائين تعليم شاهه عبداللطيف يونيورسٽي مان حاصل ڪيم. بهترين ۽ ڄاڻو استادن ڪمپيوٽر سائنس جهڙي اهم شعبي جي تعليم بهترين انداز ۾ ڏني. ماسٽرس انفرميشن ٽيڪنالاجي ۾ ۽ ايم فل ڪمپيوٽر سائنس ۾ ڪيم. ان کان سواءِ هائبرڊ ڪمپيوٽر ۽ ڊيٽابيسز ۾ ٽريننگس ۽ سرٽيفڪيٽ ڪورسس سيملويئس يونيورسٽي بڊاپيسٽ هنگري مان ڪيم. اهڙيءَ طرح دنيا جا ڪجهه ملڪ به گهميم جن ۾ دبئي، سوئيزرلينڊ، هنگري، چيڪ ريپبلڪ، ترڪي وغيره. اچي وڃن ٿا. پي ايچ ڊي ڪمپيوٽر سائنس ۾ زيبسٽ (SZABIST) ڪيم جنهن ۾ تحقيق جي فيلڊ هتراڏو ڏاهپ يا آرٽيفيشل انٽيليجنس چونڊيم. سنڌي ٻوليءَ تي ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پريسيسنگ جي حوالي سان تمام ٿورو ڪم ٿيو هيو. تنهنڪري سوچيم ته جديد ٽيڪنالاجي جي جديد اوزارن ۽ ماڊلس کي استعمال ڪري سنڌي ٻوليءَ جا ڪمپيوٽيشنل لسانياتي مسئلا حل ڪري ان کي عالمي ٻولين جي سٽ ۾ شامل ڪجي جنهن سان سنڌي ٻولي عالمي ٻوليءَ جي درجي تي پهچي ويندي. ان سوچ ۽ فڪر تي عمل ڪندي پنهنجي ڊاڪٽورل ڊگري ڪاميابي سان پوري ڪيم. هينئر سنڌي ٻولي عالمي ٻولين جي سٽ ۾ شامل ٿي چڪي آهي. منهنجي تحقيق جي سپروائيز پروفيسر ڊاڪٽر عاصم امداد وگڻ به منهنجي خيال ۽ مونکي هروقت همٿايو. پاڻ تمام گهڻا نفيس ۽ محنت تي يقين رکندڙ آهن. هر وقت منهنجي رهنمائي ڪندا رهيا. ان تحقيق دوران

هٿراڌو ڏاهپ جي اوزارن جي ذريعي ڪمپيوٽر مشين کي سکيا ڏني تہ هو سنڌي پڙهي ان کي سمجهي، ان جو سنڌي ۽ عالمي گراميٽيڪل تجزيو ڪري ۽ سنڌي متن ۾ موجود احساسن، هر قسم جي جذبن، راين ۽ خيالن کي ڳولهي انهن جي تشخيص ڪري تہ اهي احساس، خيال، جذبا ۽ رايا وغيره مثبت آهن يا منفي يا نيوٽرل. ان ڪم دوران تمام گهڻيون ڏکيايون پيش آيون ڇاڪاڻ تہ اهي ماڊل سنڌي ٻوليءَ لاءِ پهريان موجود ڪون هئا. انگريزي، عربي ۽ اردو ٻولين لاءِ ٺاهيل ماڊل سنڌي ٻوليءَ جي ٽيڪسٽ يا متن کي سپورٽ نہ ڪري رهيا هئا يا نہ سمجهي رهيا هئا. انهن مشڪلاتن جي باوجود مون همت نہ هاري ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ نوان ماڊل ۽ الگوريٿمس ٺاهيا جن عالمي تحقيق ۾ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪرڻ جا دروازا کوليا. دنيا جي بهترين تحقيقي جرنلس ۾ منهنجا تحقيقي مقالا ڇپيا آهن ۽ اڃا تائين ڇپبا رهن ٿا.

جيئن تہ منهنجي تعليم ڪمپيوٽر سائنس ۽ انفرميشن ٽيڪنالاجي ۾ آهي تنهنڪري مون محسوس ڪيو تہ سنڌي سماج کي موجوده ٽيڪنالاجي جي باري ۾ ڄاڻ ڏيڻ سان گڏوگڏ اهو پڻ ٻڌائجي تہ اسان ڪٿي بيٺا آهيون ۽ دنيا ڪهڙي طرف وڃي رهي آهي؟ عالمگيريت ڇا آهي ۽ ان جا قومن ۽ ملڪن تي ڪهڙا اثر پئجي رهيا آهن؟ عالمگيريت ۾ پنهنجي سماج، ٻولي، ثقافت ۽ ادارن کي ڪيئن بچائي ۽ ترقي ڏياري سگهجي ٿي؟ 16 صديءَ کان پوءِ هر قسم جي ٽيڪنالاجي تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي آهي. هر نئون ڏينهن ٽيڪنالاجي کي نئين رخ ۾ آڻي رهيو آهي. هاڻي تہ ماڻهن پنهنجو پاڻ کي ٽيڪنالاجي جي اوزارن تي منحصر ڪري ڇڏيو آهي. ٽيڪنالاجي جي استعمال ڪانسواءِ جيئڻ ئي ڏکيو ٿيندو وڃي پيو. هٿراڌو ڏاهپ ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي اوزارن ماڻهن جي سوچ، نظريي ۽ ڪم ڪرڻ جي طريقن کي بدلائي ڇڏيو آهي. اڳ ۾ سماجي ڀلائي ۽ ملڪ هلائڻ لاءِ سماجي ۽ سياسي نظريا پيش ڪيا ويندا هئا پر هينئر ٽيڪنالاجي انهن نظرين کي محدود ڪندي پئي وڃي. اهو

ٿي سبب آهي جو نوان سماجي نظريا يا فڪر موثر انداز ۾ پيدا نہ ٿي رهيا آهن جيڪي سماجي طور تي دنيا کي ترقي ڏيارين. ٽيڪنالاجي انهن نظرين کي وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ ڪونہ پئي ڏيئي. لڳي ايئن ٿو تہ ٽيڪنالاجي خاص ڪري هٿراڌو ڏاهپ واري ٽيڪنالاجي انساني ڏاهپ کي ختم ڪندي وڃي پئي. اسٽيفن هاڪنگ پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو تہ مستقبل جي جنگ اسان جي ڏاهپ ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي وچ ۾ ٿيندي. اها جنگ ثابت ڪندي تہ اسان جي ڏاهپ ٽيڪنالاجي کي ڪيئن استعمال ڪري ٿي. اسٽيفن هاڪنگ جي ڳالهہ ڪنهن حوالي سان اهم آهي ڇاڪاڻ تہ هٿراڌو ڏاهپ واري ٽيڪنالاجي انساني ذهن کان وڌيڪ ڪم ڪري رهي آهي ۽ هر شعبي ۾ جدت پيدا ڪري رهي آهي. ميڊيڪل سائنس، هر قسم جي انجنيئرنگ، سوشل سائنس، زراعت، ماحوليات، ايئرو ٽيڪنولوجي، بايوٽيڪنالاجي وغيره جي شعبن کي ٽيڪنالاجي تمام گهڻي ترقي ڏياري آهي ۽ ڏياري رهي آهي. سماج کي مادي ترقي ڏيارڻ لاءِ ٽيڪنالاجي نوان نظريا ۽ نظام پيدا ڪيا آهن جيڪي سماج کي هر حوالي سان ترقي ڏياري رهيا آهن. ٽيڪنالاجي ساڃاهہ وند ماڻهن تي حاوي ٿيندي وڃي پئي. جيئن تہ ٽيڪنالاجي ۾ انسانن جهڙو احساس نہ آهي، تنهنڪري انساني سماج جي جوڙجڪ ۽ ترقي انساني خواهشن مطابق نہ ٿي رهي آهي پر ان ٽيڪنالاجي ۽ ان تي قابض قوتن مطابق ٿي رهي آهي. سرمائيدار طبقو عالمگيريت جي روپ ۾ انسان کي وڏا ۽ خوبصورت خواب تہ ڏيکاري ٿو پر اصل ۾ هو ٽيڪنالاجي تي قبضو ڪري ان کي پنهنجي منافعي لاءِ استعمال ڪري ٿو، جنهن ڪري انساني سماج انهن طبقن جي گهيري کان ٻاهر نٿو نڪري سگهي.

عالمگيريت دنيا کي نہ رڳو عالمي واپاري منڊيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي پر ديسي سياست، سماجيات، معاشيات، تعليم ۽ ميڊيا کي بہ عالمي ڪري ڇڏيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو عالمگيريت مان اهي سماج ۽ ملڪ وڌيڪ فائدو حاصل ڪري رهيا آهن جيڪي عالمي سياست، سماجي عملن ۽ جديد ٽيڪنالاجي جو حصو بڻجي

چڪا آهن يا بڻجي رهيا آهن. جيڪي قومون پنهنجي ثقافت، سياست ۽ ديسي واپار کي عالمي نہ ٿيون بڻائن سي ديسي قومون ئي رهن ٿيون، تنهنڪري اهي عالمگيريت جو فائدو بہ حاصل ڪري نٿيون سگهن. اهي قومون ترقي ڪرڻ بجاءِ ترقي يافتہ قومن جون پُيجهو رهن ٿيون. عالمگيريت جا جتي تمام گهڻا فائدا آهن تہ اُتي وري ڪيترائي نقصان پڻ آهن. اهو ئي سبب آهي جو مختلف فورمز تي عالمگيريت جي حق ۾ بہ ڳالهايو وڃي ٿو تہ وري ڪيترن ئي فورمز تي عالمگيريت جي مخالفت بہ ڪئي وڃي ٿي. عالمگيريت جتي قومن ۽ ملڪن کي ترقي ڏياري ٿي اتي وري انهن جي آزادي ۽ حڪمراني کي بہ محدود بڻائي ٿي. قومن جي سڃاڻپ انهن جي ٻولي، ثقافت، ڌرتي ۽ آزاد حڪومت سان ٿيندي آهي پر سرمائيدار طبقي عالمگيريت جي عمل سان آزاد قومن جي ٻولي، ثقافت ۽ حڪمراني کي محدود ڪري ڇڏيو آهي ڇاڪاڻ تہ عالمگيريت دنيا کي آزاد منڊي ۾ تبديل ڪري واپار ۽ تجارت کي عالمي بڻائي ڇڏيو آهي تنهنڪري آزاد قومون ۽ حڪومتون پنهنجا فيصلا آزاديءَ سان ڪون ٿيون ڪن بلڪ عالمي سرمائيدار جي مرضيءَ مطابق فيصلا ڪن ٿيون. عالمگيريت ٽيڪس فري زون قائم ڪري واپار ۽ واپارين کي تہ ترقي ڏياري رهي آهي پر حڪومتن کي محدود ۽ پُيجهو بہ ڪري رهي آهي. انهن حالتن ۾ سنڌي سماج عالمي ۽ قومي يا ديسي سوچ ۽ سماجي ترقيءَ جي وچ تي بيٺل نظر اچي ٿو. اهو سياسي، سماجي، ٽيڪنولوجيڪل ۽ تعليمي ترقي ڪري عالمي سماج تہ ٿيڻ چاهي ٿو پر قومپرستي، ديسي سياست، ثقافت، حڪومتي، سماجي ۽ معاشي مسئلا ۽ عالمگير سامراجيت ان کي عالمگيريت ۽ عالمگير سماج جو حصو بڻجڻ کان ڪنهن حد تائين پري بہ رکن ٿا. عالمگير سماج جو حصو ٿيڻ سان سنڌي سماج کي ڪيترو فائدو پوندو يا ڪيترو نقصان ٿيندو سو بہ هڪ اهم سوال آهي ڇاڪاڻ تہ عالمگيريت جي پٺيان جيڪي مُحرڪ آهن سي سرمائيداري نظام جا اهم رڪن ۽ رخ آهن جيڪي ننڍين قومن ۽ سماجن جو استحصال ڪن ٿا. هن

ڪتاب لکڻ جو بنيادي مقصد سنڌي سماج کي عالمگيريت جي مختلف رخن جي باري ۾ بنيادي ڄاڻ مهيا ڪرڻ آهي تہ جيئن اُهو نئين دور جي تقاضائن مطابق پاڻ کي ترقي ڏياري سگهي ۽ جديد دور ۾ پاڻ کي زنده رکي سگهي. ڪتاب جا موضوع بہ اهڙا ئي رکيا ويا آهن تہ جيئن خبر پئجي سگهي تہ عالمگيريت آهي ڇا ۽ ان جو سفر ڪيئن ۽ ڪڏهن شروع ٿيو؟ عالمگيريت ۾ معاشي نظام، ٽيڪنولوجي، ٻولي ۽ ثقافت جي اهميت ڪيتري آهي ۽ ان سلسلي ۾ سنڌي سماج کي ڇا ڪرڻ گهرجي تي پڻ بحث ڪيو ويو آهي. دنيا جا اُهي سماج وڌيڪ ترقي ڪري رهيا آهن جيڪي پنهنجي قوم، ثقافت ۽ ٻولي سان گهڻي محبت ڪن ٿا ۽ انهن کي ترقي ڏيارڻ لاءِ هر وقت جدوجهد ڪندا رهن ٿا. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان بہ دنيا ۾ ايندڙ تبديلين، وڌندڙ واپار، عالمي منڊين جي پاليسين، عالمگيريت جي فائدن ۽ نقصانن، ٽيڪنالاجي جي ترقي، هٿراڌو ڏاهپ جي ترقي ۽ ان جي اثرن وغيره کي سمجهون ۽ انهن تي هر وقت نظر رکون. ٻي صورت ۾ اسان ترقي جي ڊوڙ ۾ پوئتي رهجي وينداسين ۽ عالمي سامراج جا غلام ۽ ڳيجهو بڻجي رهنداسين. دنيا جو عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هر وقت اسان کي جاڳائيندو رهي ٿو ۽ علم ۽ شعور حاصل ڪرڻ لاءِ اتساهيندو رهي ٿو. پاڻ فرمائين ٿا تہ

سرها ڏنم سي، جنين ساجاه سراڻ سين،
تيغ تنين جي کي، ڪٽ نہ لڳي ڪڏهين.
(شاهہ- سر يمن ڪلياڻ)

هن شعر کي پڙهڻ کان پوءِ پاڻ کي سجاڳ رکڻ، وڌيڪ محنت ڪرڻ، هر قسم جي مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ ۽ سماج ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ جي همت ۽ جستجو پيدا ٿيندي آهي. جيستائين اسان سڀ گڏجي جدوجهد ۽ محنت نہ ڪنداسين، بهترين ۽ جديد تعليم حاصل نہ ڪنداسين، ٽيڪنالاجي جي ترقي کي نہ سمجهنداسين ۽ ٽيڪنولوجيءَ کي مثبت طريقي سان استعمال نہ ڪنداسين، تيستائين

اسان، اسان جي قوم، اسان جو سماج ۽ اسان جو ملڪ ترقي نہ ڪري سگهندا اهڙيءَ طرح عالمي سرمائيدارن، ديسي جاگيردارن ۽ وڏيرن جا غلام ۽ ٻيجهو رهنداسين.

ٿورا مَ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا

مون کي ياد آهي تہ هڪ دفعي منهنجي دوست ۽ اسٽيج ڊرامن جي ليکڪ ۽ اداڪار ممتاز جويي ڪچهري ۾ چيو هو تہ اخبارن ۾ ڪالم لکڻ سٺو عمل آهي پر ڪتاب لکڻ ان کان بہ سٺو ڪم آهي تنهنڪري توهان ڪتاب لکو. هن مون کي پنهنجي فيلڊ ۾ ڪتاب لکڻ جو مشورو ڏنو هو. ان ڪانپوءِ پيڪاڪ ڪتاب گهر جو روح روان قمر آفتاب بہ ڪتاب لکڻ لاءِ اتساهيندو رهيو. تنهنڪري مون بہ ڪتاب لکڻ شروع ڪيا جن مان پهريون ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. اهڙن مشورن ۽ اتساهہ ڏيڻ لاءِ ممتاز جويي ۽ قمر آفتاب جو ٿورائتو آهيان. پروفيسر ڪي ايس ناگپال جيڪي ڪيترين ڳالهين، مسئلن، مونجهارن ۽ ڪمن ۾ منهنجي رهنمائي ڪندا رهندا آهن ۽ مشورا ڏيندا آهن، هنن بہ ڪتاب لکڻ لاءِ هميشہ اتساهيو هو. ناگپال صاحب مون کي سچا صوفي ۽ درويش نظر ايندا آهن. پروفيسر ناگپال انسانيت سان تمام گهڻي محبت ڪندا آهن ۽ ان محبت ۽ خدمت کي ئي عبادت سمجهندا آهن. سائين سان گڏ تقريبن ڏهہ ٻارنهن تي وي پروگرام تصوف، ٻولي، ٽيڪنولوجي، عالمگيريت ۽ ثقافت تي سنڌ ٽيوي نيوز تي ڪري چڪو آهيان. سائين جن جا وڏا وڙ جن هن ڪتاب لاءِ بہ اکر لکيا. جڏهن بہ ٻولي ۽ ان جي لسانياتي مسئلن تي ڪنهن سان ڪچهري ڪرڻ تي دل چوندي اٿم تہ ان وقت بغير ڪنهن سوچڻ جي ڊاڪٽر آفتاب ابڙو جن کي فون ڪندو آهيان، پاڻ قرب ۽ پاٻوهہ مان چوندا آهن سائين فورن اچو تہ ڪچهري ڪريون. ٻولي، لسانيات ۽ لغت تي ڪم ڪندڙ سنڌي ٻولي ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا عالم آهن جن مان هڪ ڊاڪٽر آفتاب جن بہ آهن. پاڻ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ شاهہ عبداللطيف سان بيحد پيار ڪن ٿا. ساڻن ملڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ تمام گهڻي ڄاڻ ۽ اتساهہ ملندو آهي. سائين

جن جا وڏا وڙجو پيڪاڪ ڪتاب گهر ڪراچي طرفان ڪتاب ڇاپڻ جي آڇ ڪيائون ۽ ان لاءِ بهترين قسم جو ليک به ”اداري پاران“ جي عنوان تحت لکيائون. عيسيٰ ميمڻ نئين ٽهي جا سٺا ليکڪ، محقق ۽ گهڻا چست ادبي ڪارڪن ۽ اديب آهن، انهن جا لک قرب جن پوري ڪتاب کي پڙهيو، بهترين قسم جا رايا ڏنا ۽ ڪتاب ۽ منهنجي باري ۾ قيمتي تاثر به لکي ڏنا. سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ هر وقت جدوجهد ڪندڙ ۽ منهنجي پيارن دوستن عادل عباسي، عرس پيٽي ۽ پائو ستار سومري جن جا به ٿورا جن وقت به وقت قيمتي رايا ڏنا ۽ همٿايو. شازيہ، جيڪا منهنجي زندگيءَ جي ساٿي آهي، جنهن سان روح جا رشتا آهن، جيڪا ڏک سک ۾ مون سان گڏوگڏ هوندي آهي، جنهن جي قيمتي وقت مان وقت ڪڍي هي ڪتاب لکيم، ان جو پيار ۽ همت افزائي به نہ ٿو وساري سگهان. ان ڪانسواءِ پنهنجي ٻارن، پائرن، پينٽن، دوستن ۽ مائٽن وغيره جو به ٿورائتو آهيان جيڪي هر وقت همٿائيندا رهندا آهن، جن جي ڪري ڪم ڪرڻ جي جذبي ۾ واڌ ايندي آهي. اوهان پڙهندڙن جا بہ قرب جو اوهان وقت ڪڍي هن ڪتاب کي پڙهي رهيا آهيو ۽ آخر ۾ پيڪاڪ ڪتاب گهر جي سمورن دوستن جا قرب جن محنت ڪري هن ڪتاب کي اوهان جي هٿن تائين پهچايو.

ٿورا مَ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
ٿر ۾ واري ٿورڙي، تِهان گهڻيرا،
ڀلايون ۽ ڀيرا، ڳڻي ڳڻيان ڪيترا!

ڊاڪٽر مظهر علي ڏُوتيو
mazharaliabro@gmail.com

# عالمگيريت

عالمگيريت يا گلوبلائيزيشن هوئنئن تہ نئون اصطلاح يا لفظ آهي جيڪو تقريبن ٻن ڏهاڪن کان پوري دنيا ۾ عام طور تي استعمال ڪيو پيو وڃي پر ان جي تاريخ ايتري ئي پراڻي آهي جيتري صديون پهريان دنيا جي مختلف ملڪن جي وچ ۾ واپار شروع ڪرڻ جي تاريخ آهي چاڪاڻ تہ عالمگيريت، واپار يا ٽريڊ جو عالمي چار وچائي ٿي . چوٿين صنعتي انقلاب، عالمگيريت جو بنياد وڌو جنهن کي سرمائيداري نظام جي فتح چئي سگهجي ٿو. موجوده دور ۾ ٽيڪنالاجي عالمگيريت کي وڏيڪ مضبوط ۽ اثرائتو بڻايو آهي. ڪمپيوٽر ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي جي چار دنيا ۾ رابطن کي تيز ڪري ۽ واپار کي ترقي ڏياري، عالمگيريت جي نظريي کي مضبوط ڪيو آهي، تنهنڪري ماڻهو گهر ويٺي تعليم حاصل ڪري سگهن ٿا، ڪو بہ وکر يا سامان وڪرو ۽ خريد ڪري سگهن ٿا، پنهنجي ثقافت کي پوري دنيا ۾ پهچائي سگهن ٿا ۽ ٻين قومن جي ثقافت کي ڏسي، جاچي ۽ واپرائي سگهن ٿا. اهڙي طرح پنهنجي قوم ۽ ملڪ جون معاشي حالتون بهتر ڪري سگهن ٿا. عالمگيريت دنيا کي هڪ عالمي ڳوٺ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ڪري ماڻهو هڪ ٻئي جي مسئلن، خوشين، ڏکن، ثقافتن، ترقي، خساري، نقصان وغيره کان چڱي طرح واقف رهن ٿا ۽ وقت اچڻ تي هڪ ٻئي جي مدد ڪن ٿا. ڪيمبريج ڊڪشنري مطابق عالمگيريت دنيا ۾ واپار کي وڏين ڪمپنين ذريعي گهٽو وڌائي ٿي چاڪاڻ تہ وڏيون يا ملٽائينيشنل ڪمپنيون مختلف قسمن جا وکر گهٽي مقدار ۾ ناهن ٿيون جيڪي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ وڪرو ڪن ٿيون. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ عالمگيريت هڪ اهڙو ماحول آهي، جنهن ذريعي پوري

دنيا جون ڪمپنيون پنهنجا وکر ۽ پوري دنيا جا ماهر پنهنجون فني خدمتون پوري دنيا جي ماڻهن، ادارن، تنظيمن، ملڪن وغيره تائين پهچائين ٿا. جنهن سان سرمايو، تعليم، سياست، سماجي رسمون، رواج، معاشيات، ثقافتون ۽ ٽيڪنالاجي وغيره پوري دنيا لاءِ عام ۽ هر وقت موجود رهن ٿيون. وڪيپيڊيا مطابق ”عالمگيريت دنيا جي ملڪن، واپاري ڪمپنين، ادارن، تنظيمن ۽ ماڻهن وغيره جي وچ ۾ تعلق ۽ ڳانڍاپا پيدا ڪرڻ جو هڪ عمل آهي.“ ٽيڪنڪري چئي سگهجي ٿو ته عالمگيريت دنيا جي ملڪن جي وچ ۾ ڳانڍاپي کي وڌائڻ جو عمل آهي جيڪو اڃا تائين جاري آهي. عالمگيريت پوري دنيا ۾ ادارن، وکرن، مختلف شين،خيالن، تجربن، ثقافتن ۽ سرمائي جي تبادلي يا ڏي وٺ کي ترقي ڏياري ٿي، ٽيڪنڪري عالمگيريت ملڪن جي سرحدن کي ختم ڪري آزاد واپار ۽ آزاد منڊين جي ڳالهه ڪري ٿي، جنهن سان سرمائيڪاري وڌندي ۽ دنيا گهڻي ترقي ڪندي. ان ڪانسواءِ ماڻهن جي ڪنهن به علائقي يا ملڪ ۾ اچ وڃ آسان ٿي ويندي. مزدور طبقو ڪنهن به علائقي يا ملڪ ۾ ڪم ڪري سگهندو، جنهن سان دنيا ۾ غربت به گهٽي گهٽجي ويندي. عالمگيريت جي ان پيغام جي ڪري ڪارپوريشنز ۽ ملٽائينيشنل ڪمپنيون گهڻيون ترقي ڪن ٿيون. اهڙي طرح انهن ڪمپنين يا ڪارپوريشنز تي ملڪي يا قومي اختيار ختم ٿي وڃن ٿا. ٽيڪنڪري اهي ڪمپنيون يا ڪارپوريشنز آزادي سان پنهنجو ڪم ڪن ٿيون. عالمگيريت جي ان عمل جي ڪري ديسي يا ملڪي ڪمپنين، ڪارپوريشنز، انڊسٽريز يا ڪارخانن جي ختم ٿيڻ جا موقعا وڌي ويندا يا انهن جي گهڻي اهميت نه رهندي ڇاڪاڻ ته عالمي برانڊ آساني سان ملي ويندا جنهن ڪري ديسي سرمائيدار گهڻو مضبوط نه ٿي سگهندو ۽ ديسي انڊسٽري به گهڻي ترقي نه ڪري سگهندي.

لفظ گلوب (Globe) انگريزي ٻولي ۾ اسم آهي جيڪو هڪ پلانيٽ يا گولي کي ظاهر ڪري ٿو. اهو پلانيٽ (Planet) هزارين سال اڳ ۾ پيدا ٿيو هو، جنهن جي شڪل گول آهي، جنهن کي پاڻ زمين يا

ڏرتي چئون ٿا. لفظ گلوبل (Global) يا عالمي جيڪو انگريزي زبان ۾ صفت آهي، سو دنيا جي ماپ يا دائري يا حد کي ظاهر ڪري ٿو. گلوبل لفظ جو تصور يا استعمال 19 صدي ۾ ٿيو. اهڙيءَ طرح گلوبلائيز (Globalize)، جيڪو انگريزي زبان ۾ فعل آهي، سو 1940ع ۾ استعمال ٿيو. هن وقت لفظ يا ٽرم گلوبلزم (Globalism) بہ استعمال ڪيو وڃي پيو. لفظ گلوبلائيزيشن (Globalization)، جنهن کي سنڌي زبان ۾ عالمگيريت چئجي ٿو، سو پهريون دفعو آمريڪن انگلش ڊڪشنري ۾ 1961ع ۾ شامل ڪيو ويو. اهڙي طرح اهو لفظ دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين جي ڊڪشنرين ۾ ترجمو ڪري شامل ڪيو ويو. هر ٻولي لفظ گلوبلائيزيش کي پنهنجي ٻولي جي لفظن ۾ تبديل ڪري يا ترجمو ڪري استعمال ڪرڻ لڳي. هي لفظ گلوبلائيز مان ڪڍيو ويو يا هي لفظ گلوبلائيز جو واڌارو آهي. جيتوڻيڪ گلوبلائيزيشن مختلف معنائن ۽ تصورن سان 1930ع کان وٺي استعمال ٿيندي اچي پئي پر معاشيات جي حوالي سان هي لفظ 1981ع کان استعمال ڪيو ويو، جڏهن تہ اقوام متحده جي قيام کان پوءِ عالمگيريت جو تصور اڻ سڌي طرح وجود ۾ اچي چڪو هو. ڇاڪاڻ تہ بين الاقواميت لاءِ ٺهندڙ اصول ۽ عالمي واپار جي تنظيم جون پاليسيون اڻ سڌي طرح يا بي خيالي ۾ عالمگيريت جي بناوٽ يا اسٽرڪچر جو بنياد وجهي چڪا هئا. بين الاقواميت سرمائي جي ورڇ ۽ واپار جي طريقن ۾ تمام گهڻيون تبديليون آنديون آهن پر ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ ڪو عالمگيريت بين الاقواميت وانگر ساڳي ڳالهہ آهي. عالمگيريت بين الاقواميت کان مختلف آهي. بين الاقواميت ۾ ملڪن يا قومن جو سرمايو، واپار، ثقافت، صنعتون وغيره انهن ملڪن جي پاليسين، اختيار ۽ حڪم تحت هلن ٿا، جڏهن تہ عالمگيريت ۾ واپار، صنعتون، ڪمپنيون، ڪارپوريشنس، ثقافت، جيوگرافيڪل حدون ۽ سرمايو انهن ملڪن جي پاليسين تحت نہ پر عالمگيريت واري پاليسي تحت هلن ٿا، جنهن ڪري اهي سڀ شيون ڪنهن هڪ ملڪ تائين محدود نہ هونديون پر آزاد هونديون. بين الاقواميت تحت اهي سڀ شيون

ملڪن يا قومن جي پاليسين تائين محدود آهن پر عالمگيريت ۾ اهي سڀ جون سڀ آزاد آهن جنهن تي ڪنهن بہ ملڪ جي اٿارٽي يا اختيار نہ هلندو. تنهنڪري ملڪن يا قومن جي تاريخي ۽ ثقافتي بناوت بہ تبديل ٿي وڃي ٿي. سماجي علمن جي ماهر مارٽن البرو مطابق عالمگيريت هڪ اهڙو عمل آهي جنهن جي ڪري پوري دنيا هڪ عالمي سماج ۾ تبديل ٿيندي وڃي پئي. (1) انٿوني گڊينس پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ عالمگيريت رشتن ۽ رابطن ۾ جدت پيدا ڪئي آهي ان ڪري هزارين ميلن جي فاصلن جي باوجود بہ ڪنهن بہ ملڪ ۾ ٿيندڙ واقعو ايئن محسوس ٿيندو آهي جڻ تہ اهو واقعو اسان جي پاڙي ۾ ٿيو آهي. ان واقعي جي ڄاڻ فوري طور تي پئجي وڃي ٿي. (2) انفرميشن ٽيڪنالاجي عالمگيريت جي تصور کي عملي جامو پارائي دنيا کي هڪ عالمي ڳوٺ ۾ تبديل ڪري رهي آهي، چاڪاڻ تہ انفرميشن ٽيڪنالاجي جي ڪري پوري دنيا ۾ ٿيندڙ رابطن، خيالن ۽ نظرين جي ڏي وٺ، ڪوجنا تعليم مهيا ڪرڻ جي سهولتن، سماجي رابطن، مختلف قسم جي متن ۽ ڊيٽا جي آسان پهچ، لفظن جا پندار، آن لائين ڪتاب، رسالا، اخبارون ۽ تحقيقي جرنل، ويب ٽي وي ۽ آن لائين واپار وغيره ۾ آساني پيدا ٿيڻ سان گڏ تيزي بہ آئي آهي. انفرميشن ٽيڪنالاجي ورچوئلي دنيا کي هڪ ڳوٺ بڻائي دنيا جا وسيلا عام ۽ آن لائين ڪري ڇڏيا آهن، جنهن ڪري بين الاقواميت، عالمگيريت ۾ تبديل ٿي رهي آهي.

عالمگيريت کي مختلف ليکڪن ۽ محققن پنهنجي تحقيق ۽ ڄاڻ مطابق ٿوري گهڻي فرق سان مختلف انداز ۾ بيان ڪيو آهي پر عالمگيريت جو مقصد سيني هڪ ئي ٻڌايو آهي، جيڪو آهي پوري دنيا ۾ واپار، واپاري منڊين ۽ ملڪي سرحدن کي آزاد ڪرڻ تہ جيئن هر فرد پنهنجي مرضي مطابق پوري دنيا ۾ ڪٿي بہ واپار ڪري ناڻو ڪمائي سگهي. سيني تشريحن عالمگيريت جي مقصد کي پنجن حصن يا قسمن ۾ ورهايو آهي ۽ اهي پنج ئي قسم يا عالمگيريت جا رخ عالمگيريت جي مقصد ۽ بناوت کي چٽي طريقي سان بيان ڪن

ٿا. اهي پنج ئي رخ حقيقت ۾ عالمگيريت جون خاصيتون آهن، جن کي تفصيل سان هيٺ بيان ڪجي ٿو. انهن کي سمجھڻ سان عالمگيريت آساني سان سمجھ ۾ اچي ويندي.

## عالمگيريت کي بين الاقواميت جي رخ ۾ ڏسڻ

عالمگيريت کي بين الاقواميت جي رخ ۾ ڏسڻ سان لڳي ايئن ٿو ته هي پهلو يا خاصيت مختلف ملڪن جي وچ ۾ واپار، مختلف شين يا ناڻي جي ڏي وٺ ۽ انهن جي آزادي کي وڌائي ٿو. تنهنڪري عالمگيريت بين الاقواميت جي ترقي يافته شڪل آهي، جنهن تحت سرحدن جي پرواهه ڪرڻ کانسواءِ ملڪن جي وچ ۾ رابطن ۽ واپار ۾ واڌارو ٿيو آهي، جنهن سان عالمي اسٽاڪ ايڪسچينج ۽ دنيا جا ملڪ ترقي ڪن ٿا. ان لحاظ کان عالمي دنيا هڪ اهڙي دنيا آهي جنهن ۾ نياپا، خيال، سياسي يا سماجي نظريا، ريتون رسمون، وڪر، ناڻو توڙي ماڻهو بغير ڪنهن سرحدي پابندين جي هر قسم جي ڏي وٺ ڪري سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح، دنيا جي ڪنهن به علائقي ۾ ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ سرمائيڪاري ڪري سگهن ٿا. اهڙن فردن يا ڪمپنين تي ان ملڪ جا قانون لاڳو ڪونه ٿيندا سواءِ ڪجھ رياستي پابندين جي ڇاڪاڻ ته هُو عالمي قانون تحت اهو واپار ڪندا. اهو ئي سبب آهي جو بين الاقواميت کي عالمگيريت واري تصور ۾ ڏسڻ وارو خيال پرڪشش لڳي ٿو ڇاڪاڻ ته ان سان ماڻهو، اثاثا وغيره عالمي نوعيت جا ٿي وڃن ٿا. پر ڪجھ محقق ان خيال جا به آهن ته بين الاقواميت عالمگيريت نئي ٻڌجي سگهي ڇاڪاڻ ته بين الاقواميت ۾ ملڪن جي سرحدن ۽ ان جي خودمختياري کي اهميت ڏني وڃي ٿي جڏهن ته عالمگيريت آزاد واپار ۽ منڊين جو تصور پيش ڪري ٿي تنهن هوندي به ڪجھ محقق عالمگيريت کي بين الاقواميت جي ترقي يافته شڪل ۾ ڏسن ٿا جيڪو انهن جو ذاتي خيال ٿي سگهي ٿو.

## عالمگيريت ۾ واپاري ۽ معاشي آزادي

عالمگيريت جو هيءُ رخ ملڪي سرحدن کي ختم ڪرڻ ۽ پابندين کي هٽائڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ جيئن ماڻهن ۽ اثاثن جي چرپر ڌرتي جي پوري گولي تي آزاديءَ سان ٿي سگهي. ان سلسلي ۾ عالمگيريت ملڪن جي وچ ۾ وسيلن جي ڏي وٺ سرحدن جي پابندين جي بغير ڪرڻ تي زور پري ٿي. بين الاقواميت ۾ ڪنهن ملڪ مان ڪو سامان يا وکر پنهنجي ملڪ ۾ ڪٽي اچڻ يا ڪنهن ملڪ جي وسيلن کي استعمال ڪرڻ لاءِ هڪ مقرر پاليسي آهي، جنهنڪري ان ملڪ جي سرحد پار ڪرڻ لاءِ ان ملڪ جي اجازت وٺڻي پوي ٿي پر عالمگيريت ان سرحد پار ڪرڻ جي پاليسين کي ختم ڪري ٿي تہ جيئن ماڻهو بغير ڪنهن پڇا ڳاڇا جي پنهنجي ضرورت جو شيون يا واپار لاءِ وڙ ۽ وکر پنهنجي ملڪ يا علائقي ڏانهن ڪٽي اچي سگهن يا ڪنهن بہ ملڪ کان گهرائي سگهن. ان مان لڳي ٿو تہ عالمگيريت واپاري پابنديون، اسٽاڪ ايڪسچينج جون رڪاوٽون ۽ ويزا جون گهرجون ختم ڪري ٿي. عالمگيريت ماڻهن کي سڄي دنيا کي هڪ ملڪ جي شڪل ۾ ڏيکاري ٿي تہ جيئن ماڻهو يا واپاري بغير ڪنهن رڪاوٽ جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ اچي وڃي سگهن، اتي رهي سگهن، واپار يا نوڪري يا مزدوري ڪري سگهن، اهڙيءَ طرح، عالمگيريت فردن کي سرحدن جي پابندين کان آزاد ڪري ٿي. عالمگيريت دنيا ۾ ملڪي معاشي پاليسين کي تبديل ڪري ٿي تنهنڪري دنيا جا ڪيترائي ملڪ ايل پي جي (LPG) جي فارمولي تي عمل ڪن پيا، جنهن جو مطلب ٿيو لبرلائيزيشن، پرائيويٽائيزيشن ۽ گلوبلائيزيشن. دنيا جا ملڪ ان پاليسي يا فارمولي تحت پنهنجي ملڪن کي هلائي رهيا آهن، جنهن سان ڪنهن بہ قسم جو واپار آزادي سان ٿئي ٿو چاڪاڻ تہ واپار يا فني خدمتن جون ڪمپنيون يا ڪارپوريشنز خانگي آهن، تنهنڪري هو پنهنجون پاليسيون پاڻ ٺاهن ٿيون . اهڙي طرح هو پوري دنيا ۾ پنهنجا وکر يا فني خدمتون بغير ڪنهن رڪاوٽ جي وڪڻي سگهن ٿيون. ان سلسلي ۾ ڪيترائي تعليمي، واپاري

ادارا، پاليسي ٺاهيندڙ شاگرد، استاد، واپاري ماڻهو وغيره ان عمل جي تعريف ڪن ٿا ڇاڪاڻ تہ ان سان فرد جي ذاتي يا شخصي آزادي سان گڏ جمهوري رويا بہ ترقي ڪن ٿا ۽ دنيا ۾ ترقي جو عمل تيز ٿئي ٿو پر ڪجھ اهڙا بہ فرد، ادارا، حڪمران ۽ سياسي اڳواڻ آهن جيڪي عالمگيريت جي ان عمل کي رد ڪن ٿا. هنن مطابق عالمگيريت جي ان عمل جي ڪري ملڪي ۽ قومي تواريخون، قومن جي سڃاڻپ، ثقافت، ملڪي آزادي يا خودمختياري، سرحدن جي پابندي ۽ ملڪي سطح تي ٺهندڙ معاشي پاليسيون ختم ٿي وينديون. سرمائيداري وڏيڪ مضبوط ٿيندي، سرمايو ڪن خاص ماڻهن وٽ گڏ ٿي ويندو . اهڙي سوچ رکندڙ ماڻهن اهو بہ خدشو ظاهر ڪيو آهي تہ غربت وڌندي ۽ طبقاتي نظام وڌيڪ مضبوط ٿيندو، امير طبقو وڌيڪ امير ٿيندو ويندو ۽ غريب طبقو وڌيڪ غريب ٿيندو ويندو، اهڙيءَ طرح، ننڍيون قومون وڏين قومن جي ثقافت ۽ دٻدٻي هيٺ اچي دٻجي ختم ٿي وينديون.

## عالمگيريت هڪ ڪائنات

عالمگيريت جو هيءُ رخ دنيا ۾ موجود سياسي، سماجي نظرين، ماڻهن جي خيال، تحقيق، فني خدمتن ۽ تجربن وغيره کي عالمگير بڻائي ٿو تہ جيئن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين ماڻهن جا خيال، ٽيڪنولوجيڪل ماڊل، تحقيقي تجربا ۽ نظريا وغيره پهچي سگهن ۽ انهن مان دنيا جا ماڻهو ڪو لاڀ حاصل ڪري سگهن. ان عمل سان تجربيڪار واپاري، مختلف شعبن ۾ ڪم ڪندڙ محقق، طبي ماهر، سياستدان، معاشيات جا ماهر، تعليمي ماهر وغيره جي صلاحن، تجربن وغيره کان پوري دنيا فائدو حاصل ڪري رهي آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي فرد ڪنهن هڪ ملڪ جا فرد نہ آهن پر اهي عالمگير شخصيت بڻجي چڪا آهن، جن جون فني خدمتون پوري عالم لاءِ آهن. اهڙي طرح قومن جون ثقافتون بہ دنيا جون ٻيون قومون واپرائي سگهن ٿيون. تنهنڪري، مستقبل ۾ اهي ثقافتون بچنديون جيڪي مضبوط ۽ واپرائڻ جوڳيون هونديون. اهي شيون وڌيڪ کپنديون جن جو معيار

سنو ۽ عالمي سطح جو هوندو ڇاڪاڻ تہ عالمگيريت جي ڪري واپار ۾ ڇتاپيٽي يا ڪامپٽيشن وڌي رهي آهي. ڏٺو وڃي تہ عالمگيريت جو هيءُ رخ ڪو نئون نہ آهي پر اهو دنيا ۾ اڳ ئي رائج هيو. هن وقت بہ ڪيترائي ملڪ انهن سماجي يا سياسي نظرين تي هلي رهيا آهن جيڪي انهن جا ديسي نظريا نہ آهن پر هو سمجهن ٿا تہ انهن نظرين تي عمل ڪرڻ سان قوم ۽ ملڪ ٻئي ترقي ڪندا. هن وقت بہ ماڻهو وڪر ڪي ڏسي وائسي خريد ڪن ٿا ڇاڪاڻ تہ بازار ۾ اهڙي وکر جا ڪيترا ئي برانڊ موجود آهن پر تنهن هوندي بہ ڪيتريون ئي ملڪي يا علائقائي پابنديون آهن جنهن تحت فرد يا واپار مڪمل آزاد نہ آهن جنهن ڪري گراهڪ ۽ واپاري ڪيترين مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. ڪيترا ئي اهڙا وکر آهن جيڪي رسمن، مذهبن ۽ سماجي ثقافتن جي ڪري گراهڪ خريد نٿو ڪري سگهي، تنهنڪري عالمگيريت جو آزاديءَ وارو تصور دنيا ۾ هڪ آزاد فضا کي قائم ڪري ٿو ۽ ماڻهن کي پنهنجي مرضي مطابق جيئڻ جو حق ڏئي ٿو.

## جديديت يا مغربيت وارو سماج

عالمگيريت جو هيءُ رخ نئين سماج کي جوڙي ٿو، اهڙي طرح پراڻن سماجن جي بناوت کي تبديل ڪري ٿو تہ جيئن فرد پنهنجي زندگي پنهنجي اسٽائيل، پنهنجي سوچ ۽ ذاتي آزاديءَ مطابق گذارين. عالمگيريت جو هيءُ رخ ماڻهوءَ جي عزت نفس ۽ شخصي آزاديءَ کي ترقي ڏئي ٿو ۽ هر قسم جي بنياد پرستي واري سوچ يا عمل وغيره کي ختم ڪري ٿو. ماڻهو آزادي سان ڪنهن بہ رسم، رواج، ثقافت ۽ مذهب يا بغير مذهبي پابندين جي زندگي گذاري سگهي ٿو. عالمگيريت جي هن رخ ۾ ناٽي جي ورڇ، واپار، اثاثن، شهري زندگي وغيره ۾ تبديلي آئي آهي تنهنڪري اهي تبديليون ماڻهن جي ذاتي زندگي ۽ انهن سان لاڳاپيل سماجن تي بہ اثر ڪن ٿيون. اهڙيءَ طرح، اهي پراڻن سماجن ۽ ثقافتن کي ختم يا تبديل ڪن ٿيون. عالمگيريت جي هن خصوصيت جي ڪري ماڻهن جي ڪائڻ پيئڻ ۽

اٿڻ ويهڻ وغيره جي طريقن ۾ بہ تبديلي آئي آهي. پهريان ماڻهو گهر ۾ مانيءَ، ڀوڙي ۽ ٻيا روايتي کاڌا کائيندا هئا پر عالمگيريت ۽ جديديت جي ڪري ماڻهو ملٽائينيشنل ڪمپنين جا تيار ٿيل کاڌا کائين ٿا مثال طور مڪڊونلڊ، ڪي ايف سي، سب وي ۽ پيزا هٽ وغيره جا برگر ۽ پيزا وغيره ماڻهو شوق سان کائين ٿا ۽ پاڻ کي موجوده دور جو فرد يا جديد ماڻهو سمجهن ٿا. ان کان سواءِ، ريتون رسمون تيزي سان تبديل ٿي رهيون آهن. شهرن ۾ ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جي دوستي، گڏ گهمڻ، کائڻ، رهڻ، تعليم حاصل ڪرڻ بہ سماجي جديديت آهي. هاڻي، ان عمل کي ڪو بہ فرد، ايتري تائين جو انهن جا گهر وارا بہ خراب نہ ٿا سمجهن. عالمگيريت، اهڙي عمل کي فرد جي شخصي آزادي سمجهي ٿي. عالمگيريت جي ان رويي قومن جي ثقافت ۽ تهذيبن کي تبديل ڪري انهن قومن کي هڪ نئين سماج، ثقافت ۽ تهذيب ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي. ان مان ثابت ٿئي پيو تہ عالمگيريت ۽ ويسٽرنائيزيشن (مغربيت) ۾ گهرو تعلق آهي، جيڪو پوري عالم يا دنيا کي ويسٽرنائيز (Westernize) ڪري ٿو. تنهنڪري پوري دنيا جي هڪ ئي عالمي ثقافت ٿيندي پئي وڃي. پر جيڪڏهن ايشيا کنڊ جي ثقافت مضبوط ٿيندي تہ شايد ويسٽرن ثقافت ايترو جلديءَ سان اسان جي سماجن تي يا ايشيا کنڊ جي ثقافت تي اثر نہ ڪري سگهي. ڏٺو وڃي تہ ايشيا يا برصغير جي ثقافت ايتري مضبوط نہ آهي تنهن ڪري اولهہ جي ثقافت تيزيءَ سان اسان جي خطي ۾ داخل ٿي رهي آهي ۽ اسان جي روزمره جي زندگي ۽ ريتن رسمن ۾ تبديليون آڻي رهي آهي. ايتري تائين جو اها ثقافت اسان جي تعليمي ادارن، واپاري ادارن، خريداري جي مرڪزن ۽ تفريح جي جڳهن ۾ بہ داخل ٿي چڪي آهي. اسان جو نئون نسل تہ تمام گهڻو اولهہ جي ثقافت کان متاثر ٿيو آهي. هاڻي تہ اسان وٽ شاديون ۽ ٻيون ڪيتريون ئي رسمون بہ جديد طريقن سان ادا ڪيون وڃن ٿيون جيڪي اسان جي پنهنجي ثقافت جي مطابق نہ آهن پر هاڻوڪي دور جي گهرجن يا ڌاري ثقافت مطابق ادا ڪيون وڃن ٿيون. ماڻهن جي گهڻائي عالمگيريت جي تيز لهر کان

متاثر ٿي نئين ثقافت ۽ رسم کي خوشيءَ سان قبول ڪري رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو عالمگيريت ۽ جديديت دنيا جي سمورن سماجن ۽ انهن جي ثقافتن کي تبديل ڪري رهيون آهن ته جيئن سمورا فرد هڪ عالمي سماج جو حصو بڻجي وڃن.

## سرحدن کان آزاد دنيا

عالمگيريت جون مٿي ڄاڻايل تشريحون يا خاصيتون عالمگيريت کي سمجهڻ لاءِ مدد گار ثابت ٿي سگهن ٿيون، اهي رخ عالمگيريت جي مقصد کي به ظاهر ڪن ٿا. عالمگيريت جو هيءُ رخ اهڙو آهي جيڪو دنيا کي هڪ گولي جي شڪل ۾ پيش ڪري ٿو. هن رخ ۾ دنيا جي جيوگرافيڪل شڪل کي تبديل ڪري، ان کي نئين شڪل ڏني وڃي ٿي ته جيئن دنيا هڪ گولي جي شڪل ۾ اچي وڃي ۽ ملڪي سرحدون ختم ٿي وڃن. ان سان نوان سماج جڙندا ۽ نيون ثقافتون وجود ۾ ايندي. چاڪاڻ ته عالمگيريت مطابق ڪو به فرد پنهنجي سماج جي نهيل رسمن، ريتن يا ثقافتن جو پابند نه آهي تنهنڪري هو ڪنهن به قوم جون ريتون، رسمون يا ثقافتون واپرائي سگهي ٿو يا فردن جو گروهه ڪي نيون رسمون يا ثقافتون جوڙي سگهن ٿا. اهڙي طرح فرد ثقافتي، نفسياتي، سماجي، سياسي، جسماني ۽ قانوني طور هڪ ٻئي سان ڳنڍجي رهيا آهن ۽ عالمي سطح تي هڪ ٻئي سان رشتا قائم ڪري رهيا آهن. ڪو به فرد بغير ڪنهن جاگرافيائي، ٻوليائي، مذهبي، ثقافتي فرق جي دنيا ۾ شادي يا ڪنهن به قسم جو سماجي تعلق وغيره جوڙي سگهي ٿو. عالمگيريت جو هي رخ مذهب کي به ذاتيات تائين محدود ڪري ٿو. تنهنڪري مذهب ۽ ڪنهن به قسم جا نقطه نظر عالمي، ملڪي يا علائقائي حيثيت برقرار رکي نه سگهندا. عالمگيريت هڪ وڏي علائقي يا سپر ٽيريٽوري (Super Territory) جو تصور پيش ڪري ٿي، جنهن کي وجود ۾ اچڻ لاءِ اڃان به ڪجهه وقت لڳندو. جڏهن ته عملي طور اهو ڪم شروع ٿي چڪو آهي. ٻئي طرف بين الاقواميت تحت دنيا مختلف حصن يا ريجن ۾ ورهايل آهي جنهن

ڪري مختلف ريجنل تنظيمون يا گروهه جوڙيا ويا آهن جيڪي ڪنهن مخصوص علائقي يا قومن يا مذهبن ڪي تحفظ مهيا ڪري رهيا آهن. جيتوڻيڪ اهي ريجنل گروهه عالمگيريت لاءِ رڪاوٽون ته پيدا ڪن ٿا پر عالمگيريت جي لهر ايتري ته تيز آهي جو اهي گروهه ختم به ٿيندا پيا وڃن. عالمگيريت جي پنيان سرمائيداري وارو نظام آهي، جنهن دنيا جي ٽيڪنولوجيءَ تي به قبضو ڪيو آهي. تنهنڪري ديسي ۽ قومي سياست ختم ٿيندي پئي وڃي ۽ دنيا هڪ عالمي ڳوٺ ۾ تبديل ٿيندي پئي وڃي.

عالمي ڳوٺ هڪ اهڙو تصور آهي، جنهن ۾ پوري دنيا کي رابطن جي ڄار خاص ڪري انفرميشن ٽيڪنالاجي ۽ ميڊيا ٽيڪنالاجي ذريعي ڳنڍيو ويو آهي. وڪيپيڊيا مطابق ”هي اصطلاح يا لفظ پهريون دفعو ڪينيڊين فلاسافر مارشل مڪلوهان استعمال ڪيو هو. هن مطابق پوري دنيا جا مختلف علائقا، ثقافتون وغيره انٽرنيٽ ذريعي ڳنڍيل آهن تنهنڪري دنيا هڪ عالمي ڳوٺ جي شڪل ۾ نظر اچي ٿي.“ عالمي ڳوٺ جو تصور به هڪ ڳوٺ جو آهي جنهن ۾ مختلف ذاتيون يا قبيلا رهن ٿا جيڪي هڪ ٻئي جي ڏکن ۽ خوشين ۾ شامل رهن ٿا. اهڙيءَ طرح، هو هڪ ٻئي جا ثقافتي، مذهبي ڏينهن به جوش ۽ جذبي سان ملهائين ٿا. اهي سڀ هڪ ٻئي جي سماجي، معاشي، ثقافتي حيثيت ۽ ٻولين کان واقف هوندا آهن. هي دور ڊجيٽل دور ٻڌجي چڪو آهي جنهن ڪري ماڻهو ميڊيا ۽ ويب 2.0 يا انٽرنيٽ ذريعي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل رهن ٿا. هن وقت دنيا جي ٻولين ۽ لسانيات جا ماهر ڪائناتي يا عالمي گرائمر تحت دنيا جي سمورين ٻولين کي هڪ ٻئي سان ڳنڍي رهيا آهن ته جيئن سمورا فرد هڪ ٻئي جي ٻوليءَ کي سمجهي سگهن. خودڪار مشينن ذريعي دنيا جي ٻولين جو ترجمو ٿي رهيو آهي. اهي سڀ عمل دنيا کي هڪ عالمگير ڳوٺ ۾ تبديل ڪري رهيا آهن. واپاري تنظيمون به واپار ۽ وڪرن کي عام ڪري رهيون آهن ته جيئن پوري دنيا جا ماڻهو اهي وکر ۽ سهولتون آسانيءَ سان خريد ڪري سگهن. عالمي ڳوٺ جي ڪري ميڊيا جا

سمورا ذريعا عالمي ٻڌجي چڪا آهن تنهنڪري ڪو به ماڻهو گهر ويٺي دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۽ ٻولي جي اخبار يا ٽيليويزن پروگرام ڏسي يا پڙهي سگهي ٿو. دنيا ۾ نهندڙ ڊرامه، فلمون ۽ ادبي پروگرام به عالمي ٿي چڪا آهن، جيڪي پڻ انفرميشن ٽيڪنالاجي جي سهولت جي ڪري گهر ويٺي ڏسي سگهجن ٿا. تنهنڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته دنيا ۾ موجود هر قسم جو اثاثو، فن ۽ ڪم عالمي ٿي چڪو آهي.

هن ڪائنات جي پيدا ٿيڻ کان وٺي جيڪي به شيون ٺهيون آهن يا جيڪي سهولتون مهيا ڪيون ويون آهن، انهن جا فائدا به آهن ته نقصان به چاڪاڻ ته جيڪا به ترقي ٿيندي آهي ان جا فائدا به هوندا آهن ته نقصان به. تنهنڪري عالمگيريت جي عمل ۽ پروسس جا فائدا ۽ نقصان ٿئي آهن، جن کي مختصر طور بيان ڪجي ٿو.

عالمگيريت جو وڏو فائدو ته هي آهي ته اها دنيا کي هڪ گولي يا عالمي سماج ۾ تبديل ڪري ٿي جنهن سان ماڻهو آزادي سان زندگي گذارين ٿا ۽ آزاديءَ سان واپار ڪري دنيا ۾ بيروزگاري کي ختم ڪن ٿا. ان جي ڪري ملڪ جمهوري طريقي سان حڪومت ڪن ٿا ۽ ماڻهن جي صحيح طريقي سان خدمت ڪن ٿا. عالمگيريت، معاشيات کي ترقي ڏياري ان کي گهڻو وڌائي ٿي. عالمگيريت جي تعريف يا فائدي ۾ ڳالهائيندڙ ماڻهو ان خيال جا آهن ته عالمگيريت جي ڪري دنيا جي سمورن ملڪن جي ترقي ٿي رهي آهي. ان ذريعي واپار وڌي ٿو ۽ وکرن جي خريد و فروخت آسان ٿيندي پئي وڃي. نوڪرين جا ذريعا وڌن پيا ۽ ماڻهو پنهنجي ملڪن کانسواءِ ٻين ملڪن ۾ به ڪم ڪري رهيا آهن. عالمگيريت جي ڪري واپاري طبقو گهٽ ٽيڪس ڏيئي ٿو جنهنڪري وکر سستا ٿيندا وڃن پيا ۽ نوڪرين ۽ واپار جي ڪري غربت به گهٽجي رهي آهي. سرحدن جي پابندي نه هجڻ ڪري ماڻهو آزادي سان گهمي ڦري سگهن ٿا ۽ دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ واپار يا نوڪري وغيره پنهنجي مرضي مطابق ڪري سگهن ٿا. جنهن ڪري فردن يا سماجن جي معاشي ترقي ٿئي ٿي. ماڻهو آن لائين تعليم حاصل ڪري وڏيون وڏيون ڊگريون يا

پروفيشنل چاڻ حاصل ڪن ٿا جنهن ڪري هو ادارن ۾ سٺي پوزيشن تي اچي وڃن ٿا.

عالمگيريت جي ڪري دنيا جا ملڪ وڌيڪ خوشحال ٿيندا پيا وڃن ڇاڪاڻ تہ انهن ملڪن ۾ واپار وڌي رهيو آهي. ٻاهريون ڪمپنيون انهن ملڪن ۾ پنهنجي سرمائيڪاري ڪن ٿيون، جنهن ڪري اتي نوڪريءَ جا وسيلا بہ وڌن پيا. ديسي ڪمپنيون انهن ڪمپنين جي ڪري پنهنجي وکرن کي معياري بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪن ٿيون تہ جيئن عالمي معيار جا وکر يا سامان تيار ڪري سگهن. آزاد منڊين ۽ آزاد بندرگاهن جي ڪري دنيا جا سرمائيدار يا واپاري ڪنهن بہ ملڪ ۾ واپار ڪري سگهن ٿا جن تي ان ملڪ جون پابنديون يا پاليسيون لاڳو نٿيون ٿين. تنهنڪري آزاد واپار ۽ منڊيون ملڪن کي بہ ترقي ڏيارين ٿيون. انهن ملڪن جا وکر آساني سان سڄي دنيا ۾ وڪرو ٿين پيا ۽ اهي ملڪ آسانيءَ سان پوري دنيا مان وکر خريد بہ ڪري سگهن ٿا. ان سان وکرن جو وڪرو گهڻو ٿئي ٿو ۽ فائدو بہ گهڻو پوي پيو. خريدار کي بہ تمام گهڻا وکر خريداري لاءِ ملن ٿا تنهنڪري هو بہ بهتر قسم جو وکر پنهنجي مرضيءَ سان خريد ڪري ٿو.

فني چاڻ رکندڙ يا ٽيڪنيڪل فرد عالمگيريت جي ڪري گهڻو ناڻو ڪمائي رهيا آهن ڇاڪاڻ تہ هو ڪنهن بہ شعبي ۾ وڌيڪ مهارت هجڻ جي ڪري پنهنجي ملڪ کان سواءِ پوري دنيا ۾ بہ بغير ڪنهن رڪاوٽ جي ڪم ڪري سگهن ٿا. ان عمل سان پوري دنيا ۾ مزدورن ۽ ماهر ماڻهن جي چرپر آساني سان ٿئي ٿي. اهڙن ماڻهن جي پوري دنيا کي تمام گهڻي ضرورت آهي، تنهنڪري اهي فرد جنهن ملڪ ۾ وڃن ٿا تہ اهي ملڪ اهڙن ماڻهن کي نوڪريون ڏئي، انهن جي فني خدمتن جي وسيلي پنهنجا فني مسئلا حل ڪن ٿا. ان سان اهي فرد خوشحال ٿين ٿا ۽ پنهنجا سمورا سماجي ۽ معاشي مسئلا حل ڪن ٿا. اهي خوشحاليءَ جي ڪري پنهنجي گهر ڀاتين کي صاف سٿرو ماحول ۽ سٺو کاڌو مهيا ڪن ٿا، جنهنڪري هو سڀ صحتمند ۽ مزيدار زندگي گذارين ٿا.

دنيا جا ملڪ پاڻ ۾ ڳنڍجي عالمي سياست ۽ معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجي ڪرنسي کي هڪ ڪرنسي ۾ تبديل ڪن ٿا. اهڙي طرح پنهنجي علائقن، ملڪن ۽ ماڻهن کي فائدو ڏين ٿا. ان سلسلي ۾ دنيا ۾ ڪيترائي ملڪ هڪ گروهه جي شڪل ۾ ڳنڍجي رهيا آهن ته جيئن اجتماعي فائدو حاصل ڪري سگهجي. مثال طور يورپين يونين، آمريڪن رياستن جو اتحاد ۽ ڏکڻ ايشيا جي قومن جو اتحاد. جڏهن ته ڪجهه غير فعال اتحاد به آهن جيڪي به اڳتي هلي فعال ٿي سگهن ٿا. يا ڪي به ملڪ گڏجي هڪ ملڪ ٻاهي دنيا جي واپارين ۽ سرمائيدارن کي متوجهه ڪري پنهنجي قوم لاءِ فائدو وٺي سگهن ٿا. اهڙي طرح اهي گروهه ڏکيي وقت ۾ هڪ ٻئي جي مدد پڻ ڪن ٿا جنهن ڪري سماجي، معاشي ۽ سياسي مسئلا آسانيءَ سان حل ٿي وڃن ٿا.

عالمگيريت ملڪن ۽ قومن کي موقعو فراهم ڪري ٿي ته هو ٻين ملڪن ۽ قومن جي ثقافتن، تجربن ۽ معاشي ترقي جي طريقن مان فائدو حاصل ڪري پنهنجي ملڪن کي ترقي ڏيارين. عالمگيريت ۾ ثقافتون پاڻ ۾ رلي ملي وڃن ٿيون، تنهنڪري ماڻهن ۾ برداشت جو جذبو وڌي ٿو. ملڪي سرحدن جي پابندين نه هجڻ جي ڪري ڪنهن به ملڪ جو ماڻهو ڌاريو نه پيو لڳي. هن وقت ٽيڪنالاجي عالمگيريت کي تمام گهڻو مضبوط ڪري رهي آهي، جنهنجو اهم سبب يا بنياد انٽرنيٽ ۽ ويب 2.0 آهي. ننڍا يا غير ترقي يافته ملڪ ٻين ملڪن کان ٽيڪنالاجي حاصل ڪري پنهنجي قوم ۽ ملڪ کي ترقي ڏيارين ٿا. ان جي ڪري ثقافت ۽ ٻولي جون رڪاوٽون ختم ٿينديون پيون وڃن. هن وقت دنيا جي ڪيترين ئي ترقي يافته قومن جون ثقافتون، تجربا، تحقيق، خيال، روايتون وغيره پوري دنيا لاءِ موجود آهن جن کي ڏسي يا جن مان سکي دنيا جا پٺتي پيل ملڪ ترقي ڪري رهيا آهن يا ترقي ڪري سگهن ٿا. اهڙي طرح پنهنجي ملڪ ۾ موجود خوبصورت ۽ لياڻيندڙ موسمن، تاريخي جڳهن، آثار قديمه وغيره کي ٽيڪنالاجي کي استعمال ڪندي پوري دنيا جي آڏو پيش ڪيو وڃي ٿو ته جيئن ان

ملڪ جي ٽوئرزم کي وڌائي سگهجي. ان عمل سان بيروزگاري بہ ختم ٿئي ٿي تہ خوب ناڻو بہ ڪمائجي ٿو. ثقافتي رنگن کي نروار ڪري پوري دنيا کي پاڻ سان ڳنڍيو وڃي ٿو. جنهن سان ملڪ ۽ قومون ترقي ڪري رهيون آهن ۽ پنهنجي ثقافت کي بہ ترقي ڏياري رهيون آهن.

ان ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي فائدا ٿي سگهن ٿا جيڪي سماجن، قومن ۽ ملڪن کي ترقي ڏيارين ٿا. پر عالمگيريت جا ڪجھ اهڙا بہ قدم آهن جيڪي قومن ۽ ملڪن کي معاشي، ثقافتي ۽ اخلاقي طور نقصان ڏين ٿا. عالمگيريت جي ڪري قومي سڃاڻپ، ثقافت، ٻولي، ديسي صنعت ۽ واپار کي ڌڪ لڳي ٿو. ملڪي سرحدن کي ختم ڪرڻ ڪري ملڪن جي سڃاڻپ، اهميت بہ ختم ٿئي ٿي ۽ انهن جون واپاري ۽ سماجي پاليسيون بہ فعال نٿيون رهن. نوڪري ڪندڙ طبقي يا مزدور طبقي ۾ هر وقت خوف رهي ٿو تہ هن جي نوڪري ڪنهن بہ وقت ختم ٿي سگهي ٿي. خانگي ڪمپنيون پگهار گهٽ ۽ ڪم وڌيڪ وٺن ٿيون. عالمگيريت جي ڪري ٽيڪس گهٽ ملي ٿو جنهنڪري ملڪ هلائڻ جو وهنوار بہ ڌڪيو ٿي وڃي ٿو. ٻاهرين ڪمپنين جي سرمائيڪاري جي ڪري ٻاهرين ملڪن جا ماڻهو اتي روزگار ڪرڻ يا نوڪري ڪرڻ اچن ٿا جيڪي ديسي ماڻهن جي روزگار يا نوڪرين کي نقصان رسائين ٿا. انهن ماڻهن يا ڪمپنين لاءِ ملڪي پابنديون ۽ پاليسيون بہ ختم ڪيون وڃن ٿيون ۽ بغير ٽيڪس ڏيڻ جي يا تمام گهٽ ٽيڪس ڏيڻ سان ڌنڌو يا واپار ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي ٿي جنهنڪري حڪومت کي مشڪلاتون ڏسڻيون پون ٿيون. دنيا جا ترقي يافتہ ملڪ ماهرن ۽ فني عملي کي وڌيڪ پگهارون ڏئي پاڻ ڏي گهرائين ٿا، تنهنڪري گهٽ ترقي يافتہ ملڪن ۾ غير تربيت يافتہ طبقو رهجي وڃي ٿو جيڪو ٽيڪنيڪل ڪم مهارت سان نٿو ڪري سگهي. جنهن سبب پٺتي پيل ملڪن جا ادارا ترقي نٿا ڪن، جن جو سنئون سڌو اثر ملڪن جي ترقي تي پوي ٿو. عالمگيريت جي مخالفت ڪندڙن خيال جا بہ آهن تہ عالمگيريت ڪن خاص ملڪن يا ريجن کي فائدو ڏيئي ٿي جڏهن تہ دنيا جا اڪثر

ملڪ عالمگيريت مان ڪو بہ فائدو حاصل نہ پيا ڪن بلڪ غربت طرف وڃي رهيا آهن. اهڙا ملڪ ٽين دنيا جي ڪيٽيگري ۾ اچن ٿا جن سان ترقي يافتہ ملڪن جو رويو بہ گهڻو ٺيڪ نہ آهي.

عالمگيريت ۾ سرمائيدار ملڪ وڌيڪ مضبوط ٿيندا وڃن ٿا، جنهن ڪري معاشي طور ڪمزور ملڪ انهن جا ڳيجهو رهن ٿا ۽ اهي انهن ترقي يافتہ ملڪن جي پاليسين تحت پنهنجي ملڪ کي هلائيندا رهن ٿا. اهڙي طرح انهن ملڪن يا قومن جي پنهنجي ثقافت ۽ معيار قائم نٿا رهن. اهڙا ملڪ طاقتور ملڪن جي صحيح يا غلط ڪمن يا پاليسين ۾ انهن جو ساٿ ڏين ٿا. سرمائيدار پنهنجو سرمايو ٻين ملڪن ۾ لڳائين ٿا، جنهن ڪري انهن جي پنهنجي ملڪن ۾ بيروزگاري وڌي وڃي ٿي اهڙيءَ طرح اهي ماڻهو ٻين ملڪن ۾ ٺهندڙ وکر استعمال ڪن ٿا. سرمايو معاشي طور طاقتور ملڪن وٽ جمع ٿئي ٿو تنهنڪري هو پنهنجي واپار ۽ فوج کي وڌائين ٿا تہ جيئن عالمي طاقتور ملڪ ۽ قوم بڻجي سگهن. سرمائيدار طبقو ٽيڪنالاجي تي بہ قابض ٿي چڪو آهي، تنهنڪري دنيا عالمگيريت جي نالي تي شهنشاهيت ڏانهن وڌي رهي آهي.

عالمگيريت جي ڪري پوري دنيا جو ماحولياتي نظام بہ خراب ٿي رهيو آهي، جنهنڪري ڪيترين ئي بيمارين پيدا ٿي رهيون آهن .جڏهن تہ موجود بيمارين ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي. سرمائيدار پنهنجي ڪاروبار کي وڌائڻ جي ڪري ماحولياتي گدلاڻ جي پرواهہ نٿو ڪري، جنهن ڪري هي پوري ڌرتي پوليوٽيڊ ۽ گدلي ٿيندي پئي وڃي. ڪارخانن جو زهريلو خارج ٿيندڙ مادو ۽ ٽرانسپورٽيشن جي ڪري پيدا ٿيندڙ پوليوشن پوري ماحول کي خراب ڪري رهيا آهن جنهن سبب ساهہ جي بيمارين، وچڙندڙ بيمارين، چمڙي جي بيمارين کان سواءِ ايڊز ۽ ٻيون ڪيترين ئي بيماريون وڌي رهيون آهن. بين الاقواميت واري نظام ۾ ماڻهو پنهنجي ملڪن ۾ رهن ٿا ۽ اُتي نوڪري ڪن ٿا، تنهنڪري انهن سان لاڳاپيل بيماريون بہ انهن ملڪن تائين محدود رهن ٿيون پر عالمگيريت جي ڪري ماڻهو پوري

دنيا ۾ چرپر، نوڪري، ڌنڌو، واپار وغيره ڪن ٿا. تنهنڪري مختلف بيمارين هڪ علائقي کان ٻئي علائقي تائين آساني سان پهچن ٿيون جنهنڪري انهن ملڪن جا ماڻهو به بيمار ٿي پون ٿا.

عالمگيريت جو هڪ نقصان هي به آهي ته سماجي پروگرام، ديسي ڪچهريون، رشتا، دوستيون وغيره به ختم ٿيندا پيا وڃن. ٽيڪنالاجي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪري ڇڏيو آهي، جنهنڪري ماڻهو هر وقت ڪنهن نه ڪنهن عمل ۾ مشغول رهي ٿو. مهانگائي جي ڪري ماڻهو وڌيڪ پئسو ڪمائڻ جي چڪر ۾ هر وقت ڪم ڪن ٿا ۽ پاڻ کي مشغول رکن ٿا جنهن ڪري هو پنهنجي مائٽن، دوستن، پاڙي وارن وغيره کي وقت گهٽ ڏين ٿا جنهن سبب سماجي رابطن ۾ گهٽتائي اچي وئي آهي ۽ خانداني جوڙجڪ به تبديل ٿي رهي آهي. ماڻهو پنهنجي والدين ۽ بزرگن کي خانگي يا اولڊايج گهرن ۾ ڇڏي اچن ٿا جنهنڪري خاندان پنهنجي وڏن جي مشورن، تجربن ۽ شفقت کان محروم رهن ٿا. جنهن ڪري وڏا خاندان ٽٽن ٿا. گڏيل خاندان جو تصور به ختم ٿيندو وڃي پيو بلڪ ترقي يافته ملڪن ۾ ته گڏيل خاندان جو تصور ئي ختم ٿي ويو آهي. عالمگيريت جي ڪري دنيا ۾ معاشي ۽ سماجي ڇتاپيٽي وڌي وئي آهي ان ڪري زال ۽ مڙس ٻئي ڪمائين ٿا. جنهن ڪري انهن جا ٻار پريشان ۽ مختلف نفسياتي مسئلن ۾ مبتلا رهن ٿا. تنهنڪري والدين پنهنجي ننڍن ٻارن کي خانگي سطح تي نهيل گهرن يا بيبي ڪيئر هائوسز (Baby Care Houses) ۾ ڇڏي اچن ٿا جتي دايون يا نرسون ٻارن کي والدين جهڙو پيار ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون ۽ انهن ٻارن جي تربيت به ڪن ٿيون پر ڪجهه ماڻهو ان خيال جا به آهن ته اهي نرسون يا دايون والدين جو نعم البدل نٿيون ٿي سگهن، تنهنڪري اهڙين ٻارن جي صحيح تربيت ڪونه ٿي ٿئي. پيءُ ماءُ جو مڪمل پيار نه ملڻ جي ڪري اهي ٻار وڏا ٿي پنهنجي والدين جي ڪا گهڻي عزت يا احترام ڪونه ٿا ڪن بلڪ پنهنجي زندگي کي سنو گذارڻ لاءِ هو پنهنجي والدين کي ڇڏي وڃن ٿا يا انهن کي خانگي نهيل گهرن ۾ ڇڏي اچن ٿا جيڪي خاص پوڙهن ماڻهن لاءِ

آهن. عالمگيريت کان اڳ ۾ ماڻهو خاندان جي شڪل ۾ گڏ رهندا هئا، تنهنڪري هو هڪ ٻئي جي خوشين، پريشانين ۽ بيمارين کان واقف هوندا هئا ۽ ڏکيي وقت ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪندا هئا پر عالمگيريت جي ڪري وڏا خاندان ختم ٿي چڪا آهن، ماڻهو ننڍن خاندانن ۾ تبديل ٿي چڪا آهن تنهنڪري ڏکيي وقت ۾ هو پاڻ کي گهڻو اڪيلو محسوس ڪن ٿا اهڙيءَ طرح ٻارن جي تعليم ۽ انهن جي علاج ڪرائڻ ۾ به گهڻيون تڪليفون ڏسي رهيا آهن.

عالمگيريت جي ڪري ڪائڻ پيئڻ جي طريقن ۾ به تبديلي اچي رهي آهي. ماڻهو پنهنجا روايتي ڪاڌا ڪائڻ بدران جديد طريقي سان ٺهندڙ ڪاڌا ڪائين ٿا. ان ۾ وقت ته گهٽ لڳي ٿو پر پئسو گهڻو خرچ ٿئي ٿو. ان ڪانسواءِ پيٽ جون بيماريون پڻ وڌي رهيون آهن. انهن ڪاڌن جي ڪاپي ڪري ماڻهو پنهنجي محلن ۾ به اهڙا ڪاڌا مهيا ڪن ٿا، جن جو معيار صحت جي مقرر اصولن مطابق نه آهي، تنهنڪري مختلف قسم جون بيماريون وڌن ٿيون. اڳ ۾ گهر ۾ ڪاڌا تيار ڪيا ويندا هئا ۽ سموري خاندان جا فرد گڏ ويهي پنهنجي ريتن ۽ رسمن مطابق ڪاڌو ڪائيندا هئا ۽ ڪچهري ڪندا هئا جنهنڪري هو هڪ ٻئي جي مسئلن کان واقف ٿيندا رهندا هئا. اهي ڪاڌا سستا ۽ صحتمند به هوندا هئا پر هينئر اهي روايتون ختم ٿينديون وڃن پيون جيڪي ڪيترائي سماجي ۽ نفسياتي مسئلا پيدا ڪري رهيون آهن.

عالمگيريت فائدن ۽ نقصانن سان گڏ ترقي ڪري رهي آهي، تنهنڪري دنيا جي سماجيات، معاشيات ۽ ٽيڪنالاجي جا ماهر عالمگيريت جي مستقبل کي پوري دنيا لاءِ روشن مستقبل طور ڏسن ٿا. ڇاڪاڻ ته ڏينهون ڏينهن دنيا ۾ ٽيڪنولوجي، واپار ۽ معاشيات ترقي ڪن ٿا ۽ انهن ۾ جدت به پيدا ٿي رهي آهي. هاڻي ملڪن جي سرحدن کي نظرانداز ڪري ماڻهو پاڻ کي عالمي فرد محسوس ڪري رهيا آهن ۽ هو عالمي سياست، سماجيات ۽ عالمي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجا تجربا، ڄاڻ وغيره پوري دنيا سان ونڊين ٿا. اڄ جو ماڻهو دنيا جي مسئلن کي پنهنجو مسئلو سمجهي ان کي ٽيڪنالاجي ۽ ٻين

وسيلن سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. انساني حقن جي پائمالي لاءِ پوري دنيا جا ماڻهو ۽ ادارا اٿي بيهن ٿا. نئون نسل پوري دنيا کي پنهنجو ملڪ سمجهي ٿو ۽ دنيا جي بهترين ادارن مان تعليم حاصل ڪري ٿو يا وري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. نئون نسل دنيا جي ڪنهن به خطي ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ وڃي ٿو اهڙي طرح اتان جي قوميت ۽ ثقافت کي پنهنجو ڪري وٺي ٿو. هو پاڻ به اتي خوشحال زندگي گذاري ٿو ۽ پنهنجي خاندان وارن ڏانهن به پئسا موڪلي ٿو ته جيئن هو به خوشحال زندگي گذاري سگهن. اسڪولي يا نصابي تعليم جا رجحان پوري دنيا ۾ تبديل ٿي رهيا آهن. اهڙي طرح هاڻي تعليم به عالمي ٿيندي پئي وڃي. ماڻهو پنهنجي ٻارن کي اي ليول ۽ او ليول جي تعليم ڏياري رهيا آهن ته جيئن انهن جي ٻارن کي عالمي معيار جي ڊگري ملي سگهي ۽ دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪري سگهن. اهو عالمگيريت جو ئي اثر آهي جو اڄ جون ڇوڪريون ۽ عورتون مردن سان گڏ مختلف ادارن ۽ ماحول ۾ ڪم ڪن ٿيون ۽ برابري جو احساس ڏيارين ٿيون. عالمگيريت جنس جي فرق کي ختم ڪري فرد جي شخصي آزاديءَ کي بحال ڪيو آهي. هاڻي ڇوڪريون يا عورتون پنهنجي مرضي مطابق فيصلا ڪن ٿيون. انڊسٽريل ۽ ٽيڪنولوجيڪل انقلاب بين الاقواميت کي عالمگيريت ۾ تبديل ڪري دنيا کي رابطن جا تيز وسيلا مهيا ڪيا آهن. دنيا جو هي چوٿون صنعتي انقلاب آهي، جنهن دنيا ۾ روزگار جا گهڻا وسيلا پيدا ڪيا آهن ۽ ماڻهن جي معاشي مسئلن کي گهٽايو آهي. ان تبديليءَ سماجي برابري کي وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي ۽ ماڻهن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت کي فروغ ڏنو آهي.

حوالا:

(1) Albrow, Martin and Elizabeth King (eds.) (1990). *Globalization, Knowledge and Society* London: Sage. ISBN 978-0-8039-8323-6

(2) Giddens, Anthony. (1991). *The Consequences of Modernity* Cambridge: Polity Press. p. 64. ISBN 978-0-7456-0923-2

کرکٽا لاهي، سک نہ سُتا کڍهين،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو.
(شاهہ- سر ڪاهوڙي)

# نيشنلزم کان عالمگيريت تائين

زمين جي شڪل گول آهي ۽ هڪ گولي جيئان سج جي چوڌاري چڪر لڳائي پئي. زمين پاڻي ۽ خشڪيءَ ۾ ورهايل آهي. خشڪي وارن حصن ۾ انساني آبادين سان گڏ ڪيترائي جانور، جيت، فصل، ٻيلا ۽ جهنگ، دريا، واهه، پاڻي جا تلاءَ موجود آهن. جانور، جيت، ٻيلا . جهنگ، مختلف قسم جا فصل ۽ پاڻي وغيره سڀ جا سڀ وسيلا ۽ سهولتون انسانن جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ ۽ ماحول کي بهتر بڻائڻ لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن. فطرت ڌرتيءَ تي موجود اهي سڀ جا سڀ وسيلا پوري انسانيت لاءِ ان ڪري به پيدا ڪيا ته جيئن انسان جون گهربل ضرورتون پوريون ٿي سگهن . هن ڌرتيءَ تي انسان مختلف ذاتين، قبيلن ۽ قومن ۾ ورهايل آهن، اهڙيءَ طرح مختلف قومن جون مختلف ثقافتون ۽ تهذيبون آهن، جن مطابق مختلف سماج وجود ۾ آيا آهن. ماڻهو پنهنجي ٻولي، قوم ۽ ثقافت ذريعي سڃاتا وڃن ٿا، جڏهن ته هڪ قوم جي اندر وري اهي ماڻهو مختلف ذاتين ۽ قبيلن ذريعي پنهنجي سڃاڻپ کي ظاهر ڪن ٿا. ماڻهن جا مختلف گروهه گڏجي مختلف قسم جا سماج ٺاهين ٿا جن جي پنهنجي سڃاڻپ ۽ ثقافت هوندي آهي. اهڙيءَ طرح اهي قومون ۽ انهن سان لاڳاپيل سماج مختلف ملڪن ۾ آباد آهن، انهن قومن جي قومي ۽ ملڪي سڃاڻپ ڪٿي هڪ ته وري ڪٿي عليحده عليحده آهي. دنيا ۾ اهڙا ملڪ تمام گهٽ تعداد ۾ آهن جيڪي ڪنهن هڪ قوم ۽ ثقافت تي ٻڌل هجن. تنهنڪري اڪثر آزاد ملڪن اندر مختلف قومن ۽ ثقافتون موجود هونديون آهن، پر اهي مختلف قومون ملڪ کان ٻاهر پاڻ کي هڪ قوم طور ظاهر ڪنديون آهن جنهن سان ملڪ وڌيڪ مضبوط نظر ايندا آهن. انهن ملڪن جا فرد ملڪ جي اندر يا ملڪ کان ٻاهر

هر وقت پنهنجي ملڪ جي ترقي ۽ ڀلائي لاءِ ڪم ڪندا رهندا آهن ۽ ملڪ ڏانهن ميري نظر رکندڙ قومن يا ٻين ملڪن ڏانهن هڪ مضبوط پٽ ٻڻجي ويندا آهن، جنهن سبب سندن ملڪ محفوظ بہ رهندا آهن تہ ڏينهون ڏينهن ترقي بہ ڪندا رهندا آهن. انهن سماجن ۽ ملڪن ۾ قوم لاءِ غيرت، ملڪ لاءِ محبت ۽ انسانيت جي لاءِ قدر هوندو آهي. قومن جي اهڙي سوچ ۽ عمل کي نيشنلزم چئبو آهي ۽ انهن قومن جا فرد نيشنلسٽ يا قوم پرست سڏبا آهن. پنهنجي ماڻهن، قوم، ڌرتي، ثقافت، تهذيب، ٻولي، نسل، ادب، تاريخ، دريائن، جبلن، ٻنين، باغن ۽ مذهب وغيره سان پيار ڪرڻ، انهن سان وفادار رهڻ، پنهنجي قوم جي ڀلائي، معاشيات کي وڌائڻ، بهتر معاشي نظام آڻڻ ۽ پنهنجي ڌرتي سان پيار ڪرڻ، ان جي حفاظت ڪرڻ ۽ پنهنجي قوم ۽ ملڪ لاءِ جان ڏيڻ حقيقت ۾ نيشنلزم آهي.

نيشنلزم هڪ تصور يا فلسفو آهي جيڪو قومي يڪجهتي ۽ قومي سڃاڻپ کي مضبوط ڪرڻ سان گڏ قومن کي ترقي ڏئي ٿو ۽ قوم ۾ ٻڌيءَ جو جذبو پيدا ڪري ٿو تہ جيئن گڏجي قوم ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ ڪم ڪري سگهجي. ان سان ملڪ مضبوط ٿين ٿا ۽ گهڻي ترقي ڪن ٿا. قومپرستي جي ڪري هڪ قوم گڏيل طاقت جي صورت ۾ پنهنجي ڌرتي ۽ ملڪ لاءِ ڪم ڪري ٿي تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ قومپرستيءَ ذريعي فرد پنهنجي قوم جي لاءِ سوچين ٿا ۽ پنهنجي قوم کي ٻين قومن کان مٿاهون ڪرڻ لاءِ هر وقت جدوجهد ڪن ٿا. هڪ سنو شهري سنو قومپرست هوندو آهي جيڪو پنهنجي قوم ۽ ملڪ لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هوندو آهي ۽ اهو ئي هڪ قومپرست هوندو آهي جيڪو پنهنجي قوم ۽ ملڪ کي هميشہ آزاد ڏسڻ چاهيندو آهي. قومپرستي جي جذبي جي ڪري ڪا بہ قوم پنهنجي مفادن ۽ پنهنجي ترقي کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏيندي آهي ۽ پنهنجي قومي خودمختياري کي برقرار رکڻ لاءِ لاڳيتي جدوجهد ڪرڻ سان گڏوگڏ هر وقت چست ۽ جاڳندي رهندي آهي. اهڙي طرح غلام يا محڪوم يا ڪنهن ٻئي جي قبضي هيٺ ايندڙ قومون هر وقت پنهنجي

آزادي ۽ خودمختياري لاءِ تحرڪ ۾ هونديون آهن ۽ مختلف قسم جون تنظيمون ۽ جماعتون ٿاهي پنهنجي قومي سڃاڻپ کي واپس آڻڻ لاءِ آزاديءَ جون تحريڪون هلائي جدوجهد ڪنديون رهنديون آهن. نيشنلزم جي فلسفي مطابق هر قوم آزاد آهي ۽ اها پنهنجي ڌرتي، سرحدن، ملڪيت، اثاثن، وسيلن، ثقافت ۽ تهذيب جي مالڪ هوندي آهي. هر قوم کي بغير ڪنهن ٻاهرين مداخلت ۽ سازش جي پنهنجي ملڪ تي حڪومت ڪرڻ جو حق هوندو آهي تہ جيئن ان ملڪ ۾ سياسي ۽ سماجي نظام جمهوري طريقي سان هلي سگهن . آزاد قومون ئي جمهوريت جو فطري بنياد هونديون آهن تنهنڪري ڪنهن بہ خطي يا ملڪ تي آزاد قوم ئي جمهوري طريقي سان حڪومت ڪري سگهي ٿي ۽ سياسي طاقت کي ظاهر ۽ بحال ڪري سگهي ٿي. نيشنلزم قوم جي ثقافت، ٻولي، تهذيب ۽ مذهب کي برقرار ۽ زنده رکي، تاريخ مرتب ڪري ٿي. نيشنلزم جي ڪري زنده قومون پنهنجي ورثن کي بہ زنده رکن ٿيون ۽ پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ايڪي کي فروغ ڏيڻ سان گڏ انهن کي قائم بہ رکن ٿيون. نيشنلزم قوم جي غمَ ۽ خوشيءَ ۾ هر فرد کي شامل ڪري ٿي، ان ڪري قومون پنهنجي قومي ڪاميابين ۽ ڪاڄن تي گهڻيون خوش ٿينديون آهن ۽ انهن ڏينهن کي تاريخي حيثيت ڏئي ڇڏينديون آهن. اهڙي طرح هر سال اهي ڏينهن قومي جذبي سان ملهائينديون آهن. هن وقت بہ دنيا جا اڪثر ملڪ قومپرستي واري فلسفي يا سوچ تي هلي رهيا آهن. آمريڪا جو صدر ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي تقريرن ۾ عالمگيريت واري فلسفي کي رد ڪري ٿو ۽ قومپرستي ۽ بين الاقواميت واري فلسفي کي اهميت ڏئي ٿو، هو سڀ کان پهريان آمريڪا واري سوچ جو قائل آهي. اهڙي طرح دنيا ۾ موجود ملڪن جي اڪثريت قومپرستي واري سوچ ۽ فلسفي جي قائل آهي ۽ اها سڀ کان پهريان پنهنجي قوم جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ ڪم ڪري ٿي. مثال طور فرانسيسي سڀ کان پهريان فرانس جي ڳالهہ ڪن ٿا. يورپين سڀ کان پهرين يورپ جي ترقي ۽ حفاظت جي ڳالهہ ڪن ٿا ۽ ان لاءِ مختلف قسم جا گروهہ ۽ پاليسيون ٺاهن ٿا. ساڳي حالت

جرمني ۽ جاپان وغيره جي آهي. روسي قومپرستي جي سوچ جي ڪري روس کي اهميت ڏئي رهيا آهن پيوٽن ان سوچ کي تمام گهڻو وڌايو آهي. چيني حڪومت جو هر عمل چين کي ترقي ڏياري ٿو ۽ چين جي مفادن کي سڀ کان پهريان رکي ٿو جيڪا سوچ ان جي قومپرستي واري سوچ کي ظاهر ڪري رهي آهي.

انسان فطري طور تي آزاد ۽ سماج جو ڙينڊڙ آهي پر حالتون، ۽ ثقافتون ان کي قومپرست بڻائين ٿيون. تنهنڪري ڪي قومون پنهنجي آزادي ۽ ترقي سان گڏ پوري دنيا جي قومن جي آزادي ۽ ترقي چاهين ٿيون تہ وري ڪي قومون صرف پنهنجي قوم جي ترقي ۽ پوري دنيا تي حڪومت ڪرڻ کي پسند ڪن ٿيون، اهڙي طرح وڏيڪ طاقت حاصل ڪري دنيا جي سمورن وسيلن تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. اهڙي قومپرستي، شائونزم ۾ شمار ٿئي ٿي. ان سوچ جي ڪري دنيا ۾ ڪيترين ئي جنگيون لڳيون، ڪيترائي ملڪ تباهہ ۽ ختم ٿي ويا ۽ ڪيتريون ئي آزاد قومون برباد ۽ غلام بڻجي ويون. اهڙي طرح ڪيتريون ئي آزادي جون تحريڪون هليون، ڪيترين ئي قومن آزادي ماڻي ۽ ڪيتريون قومون آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪنديون رهيون آهن ۽ جدوجهد ڪن پيون. گريڪ انقلاب، آئرش انقلاب، صيحوني تحريڪ جنهن جي ڪري موجوده اسرائيل وجود ۾ آيو ۽ ڪيترائي اهڙا انقلاب جيڪي ڪنهن نظريي تحت آيا مثال طور ڪميونسٽ انقلاب وغيره. مذهب جي بنياد تي ايندڙ انقلاب پڻ پهريان ڪنهن نہ ڪنهن قومپرستي جي بنياد تي آيا. بنياد پرستي وارا انقلاب پڻ قومپرستي جي نالي تي برپا ٿيا جن ذريعي مختلف قومن سان نفرتون پيدا ڪيون ويون، اهو سلسلو اڄا تائين جاري آهي. قومپرستي واري نظريي جا قائل ماڻهو يا اڳواڻ سڀ کان پهريان پنهنجي قوم جي ترقي لاءَ ڪم ڪن ٿا ۽ پنهنجي قوم جي ترقي کان پوءِ هو بين قومن جي ترقي لاءِ سوچين ٿا.

شائونسٽ نيشنلزم پهرين مهاياري ويڙهہ ۽ ٻي مهاياري ويڙهہ جو اهم سبب رهي بلڪ ان جي ڪري ئي ٻئي عالمي جنگيون لڳيون

تنهنڪري انهن جنگين کان پوءِ قومپرستيءَ ۾ وڏيڪ تيزي آئي ۽ ملڪ قومن ۽ مذهبن جي بنياد تي آزاد ٿيڻ لڳا. ان قومپرستي جي پنيان مقصد دنيا جي واپاري منڊين تي قبضو ڪرڻ هو تہ جيئن هو پوري دنيا جو مال ۽ دولت پنهنجي ملڪ ۽ قوم لاءِ گڏ ڪري انهن کي خوشحال ڪري سگهن. انگريز هندستان تي قبضو ڪرڻ کان اڳ ۾ واپار لاءِ هتي آيا هئا پر جڏهن هنن هندستان ۾ مال ۽ دولت کي ڏٺو تہ هنن هندستان تي قبضو ڪيو. اهڙيءَ طرح هنن پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت کي هندستان ۾ نافذ ڪرايو. اها انگريزن جي قومپرستي ئي هئي جنهن پنهنجي قوم جي فائدي لاءِ هندستان جي قومن کي غلام بڻائي انهن جي مال، دولت ۽ وسيلن تي قبضو ڪيو. اهڙي طرح سون جي جهرڪي سڏجندڙ هندستان غريب ٿي ويو. ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ دنيا ۾ ڪيترن ئي قومن آزادي ماڻي. ڪيترين قومن آزادي حاصل ڪري نوان ملڪ ٺاهيا ۽ ڪيتريون ئي قومون ۽ ملڪ جيڪي آزاد حيثيت ۾ هن ڌرتي تي موجود هئا سي ننڍين قومن ۽ ملڪن ۾ ورهائجي ويا. گڏيل هندستان، پاڪستان ۽ ڀارت ۾ ورهائجي ويو اهڙي طرح اڳتي هلي پاڪستان وري ٻن حصن يعني بنگلاديش ۽ پاڪستان ۾ ورهائجي ويو . چائنہ، ايران، ملائيشيا، برما، سريلنڪا وغيره بہ ٻي عالمي جنگ کان پوءِ آزاد ٿيا. ان آزاديءَ سان دنيا ۾ قومپرستي وڌيڪ مضبوط ٿي . يورپ ۽ آمريڪا ۾ بہ قومپرستي گهٽجي وڌي، جنهنڪري سمورا ملڪ ۽ قومون پنهنجي ترقي ۽ بقا لاءِ رٿابندي ڪرڻ لڳا. پوري دنيا سان گڏ هلڻ ۽ دنيا ۾ امن کي وڌائڻ لاءِ اقوام متحده جي تنظيم کي وجود ۾ آندو ويو . اقوام متحده يا يونائيٽيڊ نيشنز آرگنائيزيشن کان اڳ ۾ 1919ع ۾ ليگ آف نيشنز ٺاهي وئي هئي جنهن جو مقصد بہ ساڳيو هو تہ دنيا ۾ امن کي قائم ڪجي ۽ جنگين کي ختم ڪجي. انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن بہ ان وقت وجود ۾ آئي هئي، پر ٻي وڏي جنگ جي ڪري ليگ آف نيشنز کي ختم ڪيو ويو ڇاڪاڻ تہ اها دنيا ۾ امن قائم نہ ڪري سگهي ۽ جنگين کي بہ نہ روڪي سگهي. ٻي عالمي جنگ دوران پهرين جنوري

1942ع ۾ آمريڪن صدر فرينڪلن ڊي روزويلٽ پهريون ڀيرو ڊڪليريشن آف يونائيٽيڊ نيشنس ۾ يونائيٽيڊ نيشنس جو نالو ورتو. 24 آڪٽوبر 1945ع ۾ يونائيٽيڊ نيشنس باقاعدي وجود ۾ اچي وئي. اقوام متحده تہ قومن کي عليحده سڃاڻپ ڏيئي قومپرستي واري سوچ کي وڌايو. بين الاقواميت يا انٽرنيشنلزم قومن ۽ انهن جي ثقافت، تهذيب، معاشيات جي آزادي جي حق ۾ آهي تنهنڪري اقوام متحده جي تنظيم پنهنجي سمورن ميمبرن جي تحفظ ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو تہ جيئن دنيا ۾ ٻيهر عالمي جنگيون نہ لڳن ۽ ڪوبہ ملڪ ٻئي ڪنهن ملڪ يا ان جي واپاري منڊيءَ تي قبضو نہ ڪري. پر حقيقت ۾ اقوام متحده کي يورپين ۽ آمريڪن قومن پنهنجي مفادن خاطر وجود ۾ آندو جنهن کي مختلف وقتن تي دنيا جي غير ترقي يافتہ قومن لاءِ استعمال ڪيو ويجي پيو. بين الاقواميت جي ڪري قومون ۽ ملڪ جنگين کان بچي تہ ويا ۽ پنهنجي تهذيب ۽ ثقافتن تحت زندگي گذارڻ لڳا پر هر قوم هڪ ٻئي کان مختلف سوچڻ بہ لڳي ۽ ملڪ جي داخلي ۽ خارجي پاليسي لاءَ جدا جدا منصوبا جوڙڻ لڳي. تنهنڪري هر ملڪ ۽ قوم پنهنجي مفادن کي ٻين ملڪن ۽ قومن جي مفادن کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ لڳو، جنهن سبب قومون ۽ ملڪ مختلف طبقن ۽ حصن ۾ ورهائجي ويا. جيڪو ڏاڍو سو گابو جو تصور وڌيڪ سگهارو ٿيڻ لڳو. قومپرستي ملڪن لاءِ تہ بهتر ثابت ٿي پر دنيا جي انسانن کي، خاص ڪري غريب ملڪن جي انسانن کي، فائدو ڏيڻ بدران نقصان ڏيڻ لڳي. ماڻهو هڪجهڙا هوندي بہ پاڻ کي هڪجهڙو نہ پيا سمجهن. هو پنهنجي سڃاڻپ قومن ۽ معاشي ترقي جي معيار مطابق ڪرائين پيا. اقوام متحده ۾ اهم فيصلن جو حق دنيا جي ترقي يافتہ ۽ طاقتور ملڪن کي ڏنو ويو جيڪي ڪنهن بہ فيصلي کي ويٽو ڪري سگهن ٿا. جنهن سان پنتي پيل ۽ غير ترقي يافتہ ملڪ مظلوم ۽ غلام ٿيندا وڃن پيا، جن جو سڌو اثر انهن جي قومن تي پئجي رهيو آهي. هونئن تہ قومپرستي هڪ سنو عمل آهي پر جڏهن قومپرستيءَ ۾ بنياد پرستي واري سوچ پيدا ٿئي ٿي تڏهن قومپرستي

انسانذات لاءِ نقصانده ثابت ٿئي ٿي. تنهنڪري نيشنلزم جو فلسفو مثبت بہ ٿي سگهي ٿو تہ منفي بہ. اهو ماڻهو ۽ قوم جي سوچ، عمل ۽ ڪم تي انحصار ڪري ٿو. نيشنلزم جا مثبت پهلو پنهنجي قوم ۾ اتحاد، پڏي، سچائي پيدا ڪرڻ، مخصوص قومي مفادن تحت گڏ ٿيڻ، پنهنجي ٻولي، ثقافت، تهذيب ۽ مذهب کي زنده رکڻ، پنهنجي ڌرتي ۽ سرحدن جي حفاظت ڪرڻ آهن. نيشنلزم جا اثر ملڪ جي تاريخ، ثقافت، سياست، معاشيات، سماجيات ۽ جيوگرافي تي پون ٿا، تنهنڪري نيشنلزم جي بنياد تي ٺهندڙ ملڪ جي سياست جمهوري طريقي سان ترقي ڪري ٿي، ان ملڪ ۾ ڪرپشن گهٽجي ٿي، واپار ترقي ڪري ٿو ۽ معيشت بہ ترقي ڪري ٿي، تاريخ اهڙين قومن کي هميشہ زنده رکي ٿي. قومپرستيءَ جو اهو بہ مثبت پهلو آهي تہ ان جي ڪري ماڻهو پنهنجي قوم ۽ رياست سان بيحد پيار ڪن ٿا، ان سان وفادار رهن ٿا ۽ ان لاءِ پنهنجي جان کي قربان ڪن ٿا. جڏهن تہ ان جا منفي پهلو وري ٻين قومن جا حق کائڻ، مختلف قومن سان جهيڙا ڪرڻ يا مختلف مسئلن تي ڦڏا ڪرڻ، ٻين قومن جي اثاثن، ڌرتي ۽ ملڪن تي قبضو ڪرڻ، پنهنجي طاقت ذريعي غريب قومن کي خوفزده ڪرڻ وغيره آهن. قومپرستيءَ جي منفي عملن جي ڪري يا گهڻي ترقي ۽ مضبوط فوج جي ڪري قومن ۾ احساس برتري پيدا ٿئي ٿي. اهڙي قسم جون قومون سمجهن ٿيون تہ اسان جي قوم تاريخي، ثقافتي، فني، تعليمي ۽ تهذيبي حوالي سان دنيا جي ٻين قومن کان بهتر قوم آهي جنهنڪري اهي ٻين اقوامي سطح تي پاڻ کي اڳتي آڻڻ چاهين ٿيون ۽ دنيا جي سپر پاور ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون، جنهن سان ڪيترين قومن جا حق غضب ڪيا وڃن ٿا. بنيادپرستي واري نيشنلزم جي ڪري دنيا جو امن تباهہ ٿئي ٿو يا اهڙي قسم جي قومپرستي دنيا جي امن لاءِ هر وقت خطرو رهي ٿي. اهڙي قسم جي قومپرستي آزاد رياستن کي غلام بڻائي ٿي ۽ قومن جي وچ ۾ نفرت پيدا ڪري ٿي، جنهن سان انسانيت کي نقصان پهچي ٿو. شهنشاهيت جو تصور پيدا ڪري ٿي جنهن تحت ملڪن کي فتح ڪريو ۽ اتي

پنهنجي حڪومت قائم ڪريو وارو رويو پيدا ٿئي ٿو. اهڙي طرح دنيا ۾ موجود ملڪن کي پنهنجي ڪالوني ٺاهيو ۽ انهن جي وسيلن کي پنهنجي ملڪ ۽ قوم لاءِ استعمال ڪري پنهنجي قوم ۽ ملڪ کي ترقي ڏياريو واري سوچ پڙ وڌي ٿي. تنهنڪري، پوري دنيا جا وسيلا پنهنجي قوم لاءِ گڏ ڪرڻ وارو تصور پيدا ٿئي ٿو، جنهن سان ماڻهن جا حق غصب ٿين ٿا ۽ دنيا ۾ غربت وڌي ٿي.

آزاد قومون جڏهن ترقي ڪنديون آهن ته هو دنيا ۾ معاشي ترقي لاءِ مختلف ملڪن ڏانهن واپار کي وڌائڻ لڳنديون آهن ۽ پنهنجي ملڪن ۾ مختلف قسم جا ڪارخانا لڳائينديون آهن ته جيئن هو پنهنجي قوم جون ضرورتون پوريون ڪرڻ سان گڏ و گڏ انهن لاءِ روزگار جا ذريعا به پيدا ڪري سگهن. اهو ئي سبب آهي ته 19 صدي کان وٺي قومون وڏيڪ ترقي ڪرڻ لڳيون آهن. دنيا ۾ واپار کي وڌائڻ لاءِ بين الاقوامي سطح تي واپار جي تنظيم ٺاهي وئي جيڪا مختلف قسم جي واپار کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. اها تنظيم ان لاءِ به وجود ۾ آئي جو دنيا جي مختلف ملڪن خاص ڪري ترقي يافته ملڪن ۾ موجود ڪارخانا پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي ضرورتن کان وڌيڪ وڪر ۽ ٻيو سامان ٺاهڻ لڳا تنهنڪري انهن وکرن کي مختلف ملڪن ۾ وڪري لاءِ بين الاقوامي سطح تي پاليسيون ٺاهڻ لاءِ بين الاقوامي واپار جي تنظيم ٺاهي وئي. مختلف ملڪن ۾ ڪنڍن يا براعظمن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ لاءِ ساموندي ۽ زميني رستا ٺهڻ لڳا. ان سلسلي ۾ يورپ ۽ ايشيا کي ڳنڍڻ لاءِ به ڪوششون ورتيون ويون ته جيئن واپار کي وڌائي سگهجي. واپار وڌڻ جي ڪري واپاري طبقو، جيڪو هڪ مخصوص طبقو آهي، وڌيڪ مضبوط ٿيڻ لڳو ۽ ملڪن تي حڪومت ڪرڻ لڳو. تنهنڪري غير واپاري ۽ واپاري طبقا پيدا ٿيا، جنهن سان واپاري طبقو ته امير ٿيندو ويو پر غير واپاري طبقو اُتي جو اُتي ئي رهيو يا پنتي وڃڻ لڳو. اهڙيءَ طرح سرمائيداري نظام جو بنياد پيو جنهن قومن ۾ مختلف قسم جا طبقا پيدا ڪيا. هن وقت سماج تي نظر ڦيرايون ته اسان کي سماج ٽن طبقن ۾ ورهايل نظر

ايندو. اهي طبقا آهن مٿيون طبقو، وچولو طبقو ۽ هيٺيون طبقو. اهڙي طرح اهي طبقا وري وڌيڪ طبقن ۾ ورهايل آهن. واپاري طبقو دنيا جو سرمائيدار طبقو ٿي ويو تنهنڪري انهن سرمائيداري واري نظام کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هو سمجهن ٿا ته قومن ۽ ملڪ ان نظام سان ئي ترقي ڪري سگهن ٿا. سرمائيدارن جي هر وقت ڪوشش رهي آهي ته دنيا جون واپاري منڊيون هميشه آزاد هجن ته جيئن هو پوري دنيا ۾ آسانيءَ سان واپار ڪري سگهن. سرمائيداري نظام جي ڪري مخصوص ماڻهو جيڪي واپاري يا سرمائيدار آهن سي خوشحال ٿين ٿا ۽ سرمايو به انهن ماڻهن وٽ رهي ٿو تنهنڪري اهي هر حڪومت تي حاوي ۽ قابض رهن ٿا. حڪومتون انهن جي مرضي مطابق فيصلا ڪن ٿيون جنهن ڪري قومن جي اصلي ترقي رڪجي وڃي ٿي بلڪ قومن ۾ غربت پيدا ٿئي ٿي. جڏهن سرمايو ڪن مخصوص ماڻهن وٽ محدود ٿي ويندو ته ان جي ورڇ به صحيح نه ٿيندي جنهنڪري اجتمائي ترقي ڪونه ٿي ٿئي. سرمائيدار يا واپاري صرف پنهنجي فائدي ۽ نفعي ڪمائڻ لاءِ هر وقت ڪم ڪندا رهن ٿا تنهنڪري واپاري طبقي مان قومپرستي واري سوچ نڪري وئي ۽ هو صرف پنهنجي خاندان ۽ واپار لاءِ سوچڻ لڳا. سرمائيداري واري نظريي جي مقابلي ۾ ڪميونزم جو نظريو سامهون آيو جيڪو سرمائيداري واري سوچ کي عام ماڻهو يا پورهيت لاءِ نقصانڪار سمجهڻ لڳو. هن نظريي جا پوئلڳ قومي ترقي سان گڏ پوري انسانيت جي ترقي لاءِ ڪم ڪرڻ لڳا. تنهنڪري هي نظريو قومپرستي کي به ترقي ڏيارڻ لڳو. جيئن ته دنيا ۾ سرمائيدار طبقو گهڻو مضبوط آهي تنهنڪري هي نظريو پنهنجي اصلي شڪل ۾ قائم نه رهي سگهيو. سرمائيدار اڄ به پوري دنيا تي حاوي ۽ قابض آهن ۽ جمهوريت جي نالي تي ملڪن تي حڪومت ڪن ٿا. سرمائيدار طبقو پنهنجي واپار کي وڌيڪ وڌائڻ لاءِ ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ جي ملڪن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ لاءِ زميني رستا به ناهڻ جا منصوبا جوڙڻ لڳا ته جيئن واپار کي وڌيڪ ترقي ڏياري سگهجي. سلڪ روڊ اڪانومڪ بيلٽ جو منصوبو ان سلسلي جي

هڪ ڪڙي هو تہ جيئن دنيا جي مختلف ملڪن کي پاڻ ۾ ڳنڍي واپار کي وڌايو وڃي. ان سان ايشيا ۾ نهنڊڙ وکر يورپ اماڻي سگهجن ٿا ۽ يورپ ۾ نهنڊڙ وکر ايشيا ۾ وڪرو ڪري سگهجن ٿا. ايشيا ۽ يورپ کي ڳنڍڻ کان پوءِ پوري دنيا کي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ تي ڪم شروع ٿي ويو. جنهن ذريعي ون بيلٽ ون روڊ (One Belt One Road) جو منصوبو 2013ع ۾ چائنہ حڪومت طرفان پيش ڪيو ويو. هينئر هن اسڪيم جو نالو تبديل ڪري بيلٽ اينڊ روڊ انيشيئيٽو (Belt and Road Initiative) رکيو ويو آهي. ان منصوبي ذريعي 152 ملڪن کي پاڻ ۾ ڳنڍيو ويندو جنهن سان عالمي سطح تي ترقي ٿيندي ۽ واپار بہ وڌندو. هيءَ اهڙي اسڪيم آهي، جنهن سان عالمگيريت کي فوقيت ملندي. جيتوڻيڪ هن وقت بين الاقواميت مضبوط آهي پر اهڙين اسڪيمن سان اڳتي هلي عالمگيريت مضبوط ٿيندي. دنيا جا ڪجهہ مبصر ان خيال جا بہ آهن تہ ان سان چائنہ عالمگير حيثيت والاري وٺندو ۽ بين الاقوامي واپار جو مرڪز ٿيندو، جنهن سان دنيا هڪ ملڪ جو ڏيک ڏيندي، جنهن جي اقتصادي واڳ چائنہ جي هٿ ۾ هوندي. چائنہ حڪومت ان منصوبي کي 2049ع تائين پورو ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي. ان سال چائنہ پنهنجي آزادي جو 100 سالہ جشن بہ ملهائيندو.

گلوبلزم حقيقت ۾ دنيا جو اهڙو نقشو پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ ملڪ ۽ رياستون مختلف رستن، انفرميشن ٽيڪنالاجي ۽ سماجي چارن ذريعي ڳنڍيل آهن، جڏهن تہ ظاهري طور دنيا وري مختلف ڪنڊن ۾ ورهايل آهي. سمورا برِاعظم زميني، سامونڊي، خلائي ۽ ورچوئل رستن ۽ رابطن ذريعي پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. گلوبلزم انهن رابطن جي ذريعن کي ظاهر ڪري سمورن ملڪن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ جي طريقن کي بيان ڪري ٿو. جڏهن تہ عالمگيريت يا گلوبلائيزيشن وري انهن رابطن جي چار کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ جي طريقن ۽ انهن ۾ تيزي پيدا ڪرڻ لاءِ انهن رابطن جي رفتار تي وڌيڪ ڌيان ڏئي ٿي، جيڪي گلوبلزم کي قائم رکن ٿا يا جيڪي گلوبلزم جو بنياد وجهن ٿا. چاڪاڻ تہ رابطن جي مختلف وسيلن سبب دنيا ۾ سگهارا رابطا قائم ٿين ٿا. تنهنڪري اهو

چئي سگھجي ٿو تہ گلوبلزم هڪ رابطن جو بنيادي چار آهي، جيڪو پوري دنيا کي پاڻ ۾ ڳنڍيي ٿو ۽ رابطا قائم رکي ٿو جڏهن تہ عالمگيريت انهن چارن کي رابطن کي ٽيڪنالاجي ذريعي آسان ۽ مختصر ڪري ٿي تہ جيئن رابطا تيز ٿين ۽ فاصلا گھٽجي سگھجن. مثال طور سلڪ روڊ يورپ ۽ ايشيا کي زميني رستن ذريعي ڳنڍيي پيو پر اهو رابطن ۾ تيزي نہ پيو آڻي تنهنڪري اهو گلوبلزم آهي پر ماڊرن ٽيڪنالاجي ۽ ٽرانسپورٽيشن جا ذريعا انهن رابطن ۾ تيزي آڻين ٿا ۽ دنيا کي هڪ عالمگير ڳوٺ جي شڪل ۾ پيش ڪري، دنيا جا سمورا وسيلا ۽ اثاثا پوري دنيا جي ماڻهن لاءِ پيش ڪن ٿا. ان عمل يا جوڙجڪ يا وسيلن جي ورڇ کي گلوبلائيزيشن يا عالمگيريت چئجي ٿو.

حقيقت ۾ گلوبلزم جي شروعات تہ تڏهن کان ئي ٿي هئي جڏهن کان مختلف ملڪ، علائقا، رياستون، تهذيبون ۽ براعظم مختلف رابطن ۽ واپار ذريعي ڳنڍجڻ لڳا هئا. تنهنڪري چئي سگھجي ٿو جڏهن سنڌي ماڻهن ٻيڙي ٺاهي سامونڊي ۽ دريائي رستن ذريعي مخلتف ملڪن ڏانهن پنهنجا وکر اماڻي واپار شروع ڪيو هو ۽ ڦيٿو ٺاهي دنيا ۾ ٽرانسپورٽيشن جو بنياد وڌو هو، سنڌو سلطنت جا ٺاهيل وکر مخلتف ملڪن ۽ علائقن تائين پهچايا ويا هئا تڏهن ئي گلوبلزم جي شروعات ٿي چڪي هئي پر اهو مڪمل گلوبلزم نہ هو. تنهنڪري سنڌو سلطنت جي ان عمل کي گلوبلزم جي شروعات جي هڪ ڪوشش چئي سگھجي ٿو. هڪ ڳالھ ذهن ۾ رکڻ گھرجي تہ گلوبلزم عالمگيريت پيدا نٿو ڪري پر صرف زميني رابطا قائم ڪري ٿو تنهنڪري وقت سان گڏ گلوبلزم ۾ بہ ترقي ايندي رهي آهي جنهن سبب پوري دنيا پاڻ ۾ ڳنڍبي رهي آهي. ان گلوبلزم جي ڪري دنيا جا ملڪ ۽ تهذيبون هڪ ٻئي کي سڃاڻڻ لڳا ۽ پاڻ ۾ رابطا ۽ واسطا پيدا ڪيائون. ايڪويهين صدي اليڪٽرانڪ رابطن ۽ مشين جي ترقي جي صدي آهي، جنهن ۾ انٽرنيٽ ۽ ڪمپيوٽر مشين اهم ڪردار ادا ڪن پيا. انٽرنيٽ ذريعي دنيا ۾ رابطن جو چار وڇايو ويو آهي، جنهن ذريعي شاگرد، واپاري، عام ماڻهو، حڪومتون ۽ ادارا پوري دنيا ۾ هڪ

ٻئي سان سيڪنڊن ۾ رابطا قائم ڪري وٺن ٿا. اهڙي طرح تعليم، واپار وغيره عالمي سطح تي عام ٿي رهيا آهن ۽ دنيا ۾ موجود سمورا وسيلا پوري انسانيت ۽ دنيا لاءِ آن لائين رکيا ويا آهن ته جيئن هر ماڻهو انهن وسيلن کي گهر ويٺي استعمال ڪري سگهي.

گلوبلزم جا چار (4) اهم ۽ بنيادي عنصر آهن جيڪي آهن معاشيات، ملٽري، ماحوليات ۽ سماجيات. معاشي گلوبلزم بازارن يا مارڪيٽن تي انحصار ڪري ٿي جنهن جو ڪم هڪ بازار کان ٻيءَ بازار تائين مختلف قسم جا وکر، سامان، سهولتون، ماڻهن جون فني ۽ تخليقي خدمتون، ڄاڻ وغيره پهچائڻ آهي. هڪ بازار کان ٻي بازار جو فاصلو مختلف هجي ٿو، جيڪو ٿورو به ٿي سگهي ٿو ته گهڻو به. اهڙيءَ طرح هڪ بازار کان ٻيءَ بازار تائين، هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين، هڪ علائقي يا رياست کان ٻئي علائقي يا رياست تائين، هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ تائين ۽ هڪ کنڊ کان ٻئي کنڊ تائين فاصلو هجي ٿو. آمريڪا، چائنه، جاپان، جرمني ۽ ٻين ملڪن ۾ ٺهندڙ وکر ۽ سامان مختلف ملڪن ۽ انهن جي بازارن ۽ منڊين تائين گلوبلزم جي تصور تحت تهيل رابطن جي چارن ۽ رستن ذريعي پهچايا وڃن ٿا. انهن وکرن ۽ سامانن تي گهڻي مفاصلي جي ڪري خرچ به وڌيڪ اچي ٿو. گهڻي مفاصلي جي ڪري ڪيترائي وکر پهچندي پهچندي خراب ٿيو وڃن. ٺهنڪري دنيا جي واپارين بين الاقوامي واپار جي تنظيم جي اصولن ۽ پاليسين مطابق پنهنجي ڪارخانن کي ٻين ملڪن ۾ لڳائڻ شروع ڪيو ته جيئن سامان ۽ وکر پهچائڻ ۾ گهٽ وقت سان گڏ خرچ به گهٽ اچي ۽ شيون يا وکر خراب به نه ٿين. ان ڪانسواءِ انهن انڊسٽريز يا ڪارخانن جي ڪري انهن ملڪن ۾ روزگار جا ذريعا به وڌن ٿا ۽ ماڻهو نوڪري سان لڳي وڃن ٿا. هن وقت دنيا جون گهڻيون صنعتون چائنه ۾ لڳل آهن، ٺهنڪري ايشيا جي ملڪن کي سامان ۽ وکر ٿوري وقت ۾ ملي وڃن ٿا ۽ اهي وکر گهڻا مهانگا به نه آهن. واپار جي ان عمل سان قومن ۽ ملڪن جي معاشيات مضبوط ٿئي ٿي ۽ ماڻهو خوشحال ٿين ٿا، جنهنڪري اتان جو سماج به خوشحال

ٿئي ٿو ۽ ان سماج جا اخلاق بہ بهتر ٿين ٿا. اٿڻي ويهڻي جا طريقا بہ سٺا ٿين ٿا، اهڙي طرح ڏوهہ ۽ ٻيون سماجي برايون گهٽجن ٿيون. اهڙن سماجن کي ترقي يافتہ ۽ بااخلاق سماج چئجي ٿو.

ماحولياتي گلوبلزم ماحوليات کي بين الاقوامي قانون تحت بيان ڪري ٿي ۽ چاڪاڻ تہ ماحولياتي گدلاڻ بيمارين کي وڌائي ٿي. دنيا ۾ ماحول کي بهتر بڻائڻ لاءِ مختلف قسم جا قانون ۽ پاليسيون ناهيون ويون آهن. صاف سٺرو ماحول دنيا کي بهتر رکڻ سان گڏ ڌرتيءَ تي موجود جاندارن کي وڌيڪ جياري سگهي ٿو. عالمگير واپار جي ڪري دنيا ترقي تہ ڪري پئي پر ان واپار کي وڌائڻ لاءِ جيڪي ذريعا استعمال ڪيا وڃن ٿا ۽ جيڪي ڪارخانا لڳايا وڃن ٿا، اهي ماحول کي خراب ڪري رهيا آهن. ڪارخانن مان خارج ٿيندڙ زهريلي گيس، ڪيميڪلز، دونهون، گندو ۽ زهريلو پاڻي ۽ ٻيون مختلف شيون پوري ماحول ۽ پاڻي کي خراب ڪري رهيا آهن. ڪوئلي ۽ گئس مان بجلي کي پيدا ڪرڻ سان جيڪي زهريليون گئسز نڪري رهيون آهن اهي بہ پوليوشن پيدا ڪن ٿيون جيڪي ماحول کي گدلو ڪن ٿيون. ان ڪانسواءِ مختلف ملڪن جي بازارن ۾ مندين تائين وکر پهچائڻ لاءِ جيڪي ٽرانسپورٽيشن جا ذريعا استعمال ڪيا وڃن ٿا، اهي بہ قدرتي ماحول کي خراب ڪري رهيا آهن، تنهنڪري ماحولياتي نظام خراب ٿئي ٿو. ڊگهي مفاصلي جي ڪري مختلف قسم جا ڪيميڪل ۽ بايولوجيڪل مٽيريل جيڪي زميني ۽ سامونڊي رستن ذريعي مختلف ملڪن ڏانهن اماڻجن ٿا، انهن جا خراب اثر بہ ماحول کي گدلو ڪن ٿا، جن جو سنئون سڌو اثر ماڻهن ۽ ٻين جاندار شين تي پوي ٿو. صنعتن مان خارج ٿيندڙ زهريلا ۽هاڃيڪار عنصر دنيا جي موسمن ۽ ماحول کي پنهنجي فطري انداز ۾ ڪم ڪرڻ واري طريقي ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري فطرتي ماحول کي خراب ڪن ٿا. ماحولياتي گدلاڻ جي ڪري هڪ پاسي اوزون تهہ يا ليئر ڦاٽندو وڃي پيو تہ ٻئي پاسي ڪيترين ئي بيمارين وڌنديون وڃن پيون. ماڻهن جي مختلف ملڪن ڏانهن سفر ڪرڻ، گهمڻ وغيره

جي ڪري وائرل بيماريون پکڙجن ٿيون. ايڊز، هيپاٽائيٽس، الرجيز ۽ ساهہ جون بيماريون ۽ ٻيون ڪيتريون ئي وبائي بيماريون وغيره بہ ان عمل جي ڪري تيزيءَ سان پکڙجي رهيون آهن. گلوبل وارمنگ جي ڪري دنيا ۾ تيزيءَ سان موسمياتي تبديليون اچي رهيون آهن. گليشيئرس رجي رهيا آهن، سمنڊ جو پاڻي گرم ٿي رهيو آهي ۽ ان ۾ تبديلي اچي رهي آهي، جنهنڪري ڪوسٽل ٻوڏون اچن ٿيون، جيڪي مستقبل ۾ وڏيڪ ايندڍيون. ڪٿي ڏڪار پيو اچي تہ ڪٿي وري گهڻين برساتن جي ڪري ٻوڏون اچن پيون. ٻيلا ختم ٿيندا پيا وڃن ۽ گرمي وڌندي پئي وڃي. هر سال گرمي جو پد اڳ کان وڌندو وڃي پيو. گرم هوائن جي ڪري ماحول خراب ٿيندو وڃي پيو. ان سلسلي ۾ دنيا جا سمورا ملڪ ۽ ماحوليات جا سائنسدان گڏجي ماحول کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن پر جيسيتائين ڪارخانن ۽ صنعتن جا خارج ٿيندڙ زهريلا مادا ۽ گئسز خاص ڪري ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس کي ڪنٽرول نہ ڪيو ويندو تيستائين گلوبل ماحول بهتر نہ ٿي سگهندو. هن وقت چائنہ ۽ آمريڪا گلوبل وارمنگ ۽ پوليوشن وڌائڻ ۾ سڀ کان اڳتي آهن، جڏهن تہ يورپ ۽ انڊيا انهن ٻنهي ملڪن کان پوءِ گلوبل ماحولياتي گدلاڻ وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. گلوبلزم جا جتي فائدا آهن اتي عالمگير ماحول کي خراب ۽ گدلو ڪرڻ ۾ بہ اهم ڪردار آهي، جنهن سبب دنيا ڏنڌلي ٿيندي وڃي پئي ۽ موسمون خراب ٿينديون پيون وڃن.

ملٽري گلوبلزم جو ڪردار مختلف دورن ۾ رهيو آهي. پهريان طاقتور بادشاهہ يا حڪمران مختلف ملڪن تي پنهنجي فوج جي ذريعي قبضو ڪندا هئا، ان لاءِ هو وڏي فوج تيار ڪندا هئا. سڪندر اعظم ان جو هڪ مثال آهي. هاڻوڪي دور ۾ آمريڪا بہ اها ڪوشش ڪئي آهي. اهڙي طرح پهرين ۽ ٻي عالمي جنگين ۾ بہ فوج جو استعمال ڪيو ويو، جيڪو ملٽري گلوبلزم کي ظاهر ڪري ٿو. ان ڪانسواءِ دنيا ۾ دهشتگردي يا ڪنهن ملڪ جي ڏاڍ کي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ امن کي برقرار رکڻ لاءِ بہ گلوبل فوج کي استعمال ڪيو وڃي ٿو تہ

جيئن پوري دنيا ۾ امن قائم رهي پر دنيا جا طاقتور ملڪ ان تصور جو غلط فائدو وٺي پنهنجي مفادن تحت گلوبل فوج کي پنهنجي مخالف ملڪن خلاف استعمال ڪن ٿا. آمريڪا، روس ۽ چين جي وچ ۾ ڪولڊ وار جو هڪ سبب گلوبل فوج ۽ ان جو استعمال بہ آهي. عراق تي حملو بہ ان تصور تحت ڪيو ويو جنهن سان عراق کي تباهہ ڪيو ويو. آمريڪا ۾ پيش ايندڙ 9 سيپٽمبر 2001ع جي واقعي جي ڪري پيدا ٿيندڙ صورتحال بہ فوجي گلوبلائيزيشن جي اهميت کي وڌيڪ ظاهر ڪيو آهي. افغانستان مان القائده پاران تيار ڪيل منصوبي نيويارڪ ۽ واشنگٽن کي دهشتگردي جو نشانو بڻايو. ان منصوبي پٺيان ڪهڙا محرڪ يا عنصر يا سبب هئا سو هڪ الڳ بحث ۽ موضوع آهي جيڪو هن مضمون جو حصو نہ آهي. افغانستان جو آمريڪا سان زميني مفاصلو تقريبن 4000 ميل آهي پر عالمگيريت ان جو مفاصلو گهٽائي ڇڏيو. تنهنڪري اهو دهشتگرديءَ جو واقعو عالمگيريت جو هڪ مثال آهي جيڪو ٿوري وقت ۾ پيش آيو ۽ دنيا جي سپر پاور کي لوڏي ڇڏيائين. دنيا ۾ موجود دهشتگرد گروهہ عالمگيريت جو غلط فائدو حاصل ڪري دنيا جي امن کي تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن پيا. جيتوڻيڪ عالمگيريت جو مقصد پوري دنيا جي ترقي ۽ ڀلائي آهي، جنهن ذريعي قومون ۽ مذهب بہ ترقي ڪن پيا پر ڪجهہ طاقتور ملڪ عالمگيريت کي صرف پنهنجي قوم ۽ ملڪ لاءِ استعمال ڪن ٿا جنهن تحت هو پوري دنيا کي هڪ ڳوٺ جي شڪل ڏئي ان تي پنهنجي حڪومت ۽ طاقت کي قائم ڪرڻ چاهين ٿا. يورپ، آمريڪن سرمائيدار ۽ چائنہ ان مهم ۾ سڀ کان اڳتي آهن. جڏهن تہ آمريڪن صدر ڊونلڊ ٽرمپ عالمگيريت جي مخالفت ڪري نيشنلزم کي اهميت ڏئي ٿو ۽ سڀ کان پهريان آمريڪا جو خيال پيش ڪري ٿو. دنيا جا گلوبلسٽ آمريڪا جي صدر جي ان سوچ جي مخالفت ڪن ٿا.

سماجي ۽ ثقافتي گلوبلزم مختلف قسم جي رسمن، تهذيبن، ثقافتن، خيالن، تصورن ۽ مذهبن جي تحريڪن کي ترقي ڏياري

عالمگير سطح تي روشناس ڪرائي ٿو. هن وقت دنيا جون ثقافتون، رسم رواج ۽ مذهب عالمي حيثيت وٺندا پيا وڃن. جيڪي ثقافتون ۽ مذهب مضبوط آهن اهي پوري دنيا ۾ پنهنجو اثر وڌائيندا وڃن پيا. مثال طور ڪو مذهب ڪنهن هڪ جڳهه کان شروع ٿيو ۽ پنهنجي سٺن ڪمن جي ڪري يا طاقتور پرچار سبب مختلف ملڪن ۾ پکڙجي ويو، ڪو سائنسي ماڊل يا تجربو ڪنهن هڪ ملڪ کان شروع ٿيو ۽ مختلف ملڪن تائين پهچي ويو. ڪا دوا يا ڪنهن بيماري جو علاج ڪنهن ترقي يافته ملڪ ۾ ٿيو پر اهي پوري دنيا ۾ پکڙجي ويا. اهڙي طرح پهريان قومن جون ثقافتون ۽ تهذيبون انهن قومن ۽ ملڪن تائين محدود هونديون هيون، پر هاڻي اهي ثقافتون ۽ تهذيبون مخلتف ملڪن ۽ قومن تائين پکڙبيون پيون وڃن. ماڻهو اهي رسمون ۽ رواج يا ڪپڙا وغيره استعمال ڪن ٿا جيڪي هنن جي ثقافت جو حصو به نه رهيا آهن. اهو ڪنهن هڪ قوم جو مسئلو نه آهي پر دنيا جون اڪثر قومون ايئن ڪن پيون تنهنڪري هن وقت ثقافتون به عالمگير ٿينديون پيون وڃن. هاڻي ثقافتن کي ڪنهن هڪ قوم ۽ ڌرتيءَ تائين محدود نٿو ڪري سگهجي، تنهن هوندي به اهي ئي ثقافتون وڌيڪ جيئي سگهنديون جيڪي مضبوط، آسان ۽ آزاد هونديون. بنياد پرستي واريون ثقافتون دنيا ۾ ختم ٿينديون پيون وڃن. جيتوڻيڪ زميني فاصلن انهن ثقافتن ۽ تهذيبن کي ڪنهن ملڪ يا قوم تائين محدود رکيو هو پر هينئر عالمگيريت انهن ثقافتن ۽ تهذيبن کي پوري دنيا لاءِ پيش ڪري انهن ثقافتن ۽ تهذيبن کي عالمگير بڻائي ڇڏيو آهي. سال 2018ع ۾ سنڌ جائي عمر سومري ۽ ٻين ڪيترن ئي سنڌين دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ سنڌي ثقافت کي پهچايو ۽ اتان جي ديسي ماڻهن سان گڏجي پنهنجي ثقافت ڏڻ کي ملهايو. قومپرستي جي دور ۾ اهو ناممڪن هو پر عالمگيريت جي دور ۾ اهو عمل آسانيءَ سان پوري دنيا ۾ پکڙجي ويو ۽ پوري دنيا سنڌي ثقافت کي ڏسي ورتو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جو اجرڪ پوري دنيا ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. عالمگيريت جي دور ۾ دنيا جي مختلف قومن ۽ ملڪن جون ٻوليون

ٻه عالمگير ٿينديون پيون وڃن. انهن مان انگريزي ٻولي ته مضبوط لنگئا فرئنڪا يا رابطي جي ٻولي ٿي چڪي آهي. قومپرستي جي دور ۾ ثقافتون ۽ ٻوليون انهن قومن ۽ ملڪن تائين محدود هيون پر عالمگيريت انهن ثقافتن ۽ ٻولين کي عالمگير سطح تي آڻي ڇڏيو آهي، جنهن سان نه رڳو انهن ثقافتن ۽ ٻولين جي اهميت وڌي آهي پر دنيا ۾ هڪجهڙائي وارو تصور به وڌي پيو. ان لاءِ نه ڪنهن سياسي عمل جي ضرورت پوي ٿي نه ئي ڪنهن طاقتور فوج يا معاشي طاقت جي ضرورت آهي، صرف انٽرنيٽ ۽ ويب 2.0 ذريعي پنهنجي ثقافت ۽ ٻولين کي عالمگير ٻڌائي سگهجي ٿو. جڏهن ته قومپرستي جي دور ۾ طاقتور ملڪ جن ملڪن تي قبضو ڪندا هئا اتي پنهنجي ثقافت، مذهب ۽ ٻولي کي زوري لاڳو ڪرائيندا هئا ۽ غلام يا غريب قومون انهن قابض قومن جي ثقافت، ٻولي ۽ مذهب کي استعمال ڪنديون هيون.

تنهنڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته نيشنلزم وسيلن، اثاثن، ثقافتن وغيره کي پنهنجي قوم تائين محدود رکي ٿي ۽ واڌو يا بچيل وسيلا يا وکر دنيا جي ٻين ملڪن ڏانهن ناٽو ڪمائڻ لاءِ موڪلي ٿي ته جيئن پنهنجي قوم ۽ ملڪ کي وڌيڪ مضبوط ڪري سگهجي، جڏهن ته عالمگيريت بغير رنگ نسل، ثقافت، مذهب، فرقه بندي ۽ طبقاتي فرق جي انسانن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ دنيا ۾ موجود سمورا وسيلا ۽ وکر پوري دنيا جي ماڻهن لاءِ پيش ڪري ٿي ته جيئن پوري دنيا جا انسان اهي اثاثا ۽ وسيلا استعمال ڪري سگهن. بين الاقواميت جي تصور ۾ هر قوم مختلف آهي ۽ ان جي پنهنجي ثقافت، سڃاڻپ، ٻولي ۽ پنهنجا وسيلا آهن. تنهنڪري هر قوم پاڻ کي جدا قوم سمجهي ٿي جڏهن ته عالمگيريت ۾ اسان سڀ هڪجهڙا آهيون، سڀ ٻوليون اسان جون آهن، سڀ ثقافتون سڀني جي لاءِ آهن ۽ اسان جي سڃاڻپ صرف انسان آهي جيڪو عالمگير اثاثو آهي. اهڙي طرح دنيا جا سمورا وسيلا پوري انسانيت لاءِ آهن. عالمگيريت دنيا کي هڪ ڳوٺ ۾ تبديل ڪري رهي آهي، جنهنڪري سماجي،

سياسي، معاشي، ماحولياتي ۽ تعليمي عملن جي ڳانڍاپي ۾ ترقي ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ ۾ آساني پيدا ٿيڻ سان گڏ تيزي آئي آهي. تنهنڪري دنيا ڏينهنون ڏينهن سسندي ۽ سوڙهي ٿيندي پئي وڃي ۽ تيزيءَ سان ترقي پئي ڪري پئي. ماڻهو گهر ويٺي پوري دنيا جا آن لائين وسيلا استعمال ڪري رهيا آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو هيٺيون شعر نيشنلزم کان عالمگيريت جي سفر کي آسانيءَ سان سمجهائي رهيو آهي. شاهه سائين فرمائي ٿو.

سائينمَ! سَدائِين ڪَرِين، مَٿي سِنڌُ سُڪارَ؛
دوست! مِٺا دِلدارَ، عالَمُ سَڀِ آبادِ ڪَرِين.

پهرين سٽ قومي رياست کي ظاهر ڪري ٿي ۽ ان جي ترقي جي ڳالهه ڪري ٿي، جيڪا شاهه سائين لاءِ پنهنجي ماتر ڀومي سنڌ آهي، جنهنجي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ شاهه سائين دعا ڪري پيو. شاهه سائين قومي رياست يا ملڪ جي آزادي کي اهميت ڏئي رهيو آهي ۽ ان جي خوشحالي کي ئي اصلي عالمگيريت جو بنياد ڪري پيش ڪيو آهي. شاهه سائين واري عالمگيريت فطري عالمگيريت آهي جيڪا سرمائيدارن يا سرمائيداري نظام واري عالمگيريت کان مختلف آهي. جيڪڏهن قومون خوشحال هونديون ته انهن سان لاڳاپيل ملڪ به خوشحال ٿيندا اهڙي طرح ملڪن جي خوشحالي سان سموري دنيا خوشحال ٿيندي، جنهن سان پوري دنيا ۾ امن، ڀائيچارو ۽ محبت قائم رهندي. ٻي صورت ۾ دنيا جون مخصوص قومون خوشحال رهنديون، باقي سڀ قومون انهن جي مدد جي آسري تي جيئنديون. جنهن ڪري دنيا ۾ خوشحالي نه ايندي ۽ نه وري امن ۽ ڀائيچارو قائم ٿي سگهندو. تنهنڪري شاهه سائين واري عالمگيريت واري سوچ ۽ فڪر هاڻوڪي دور جي عالمگيريت واري فڪر ۽ سوچ کان اعليٰ ۽ اهم آهي. شاهه سائين جي فڪر جي بنياد تي ٿيندڙ عالمگيريت ۾ ئي حقيقت ۾ قومن جي خوشحالي ۽ عالمگير ڀلائي آهي ٻي صورت ۾ سرمائيداري واري نظريي جي بنياد تي وجود ۾ ايندڙ

هاٺوڪي عالمگيريت دنيا کي دائمي خوشي ڪونہ ڏئي سگھندي نہ ئي انسانيت کي ترقي ڏياريندي ڇاڪاڻ تہ سرمائيداري جي بنياد تي وجود ۾ ايندڙ عالمگيريت طبقاتي نظام تي ٻڌل آهي جيڪا سموري انساني سماج کي خوشحال نٿي ڪري سگھي. سرمائيداري واري نظام تي ٻڌل عالمگيريت جي پٺيان ڪمپنين ۽ ڪارپوريشنز جي رٿابندي ٽيل آهي، جيڪا عالمي واپار ۽ صنعت کي ترقي ڏياري ٿي نہ ئي انساني سماج کي. شاهہ سائين آفاقي شاعر ۽ دورانديش شخصيت جو مالڪ هو، تنهنڪري هن حقيقي معنیٰ ۾ عالمگير خوشين جو بنياد قومي خوشحالي سان ڳنڍيل رکيو آهي ۽ پوري عالم جي خوشحالي لاءِ دعا گھري آهي.

پاڻيءَ مٿي جهوپڙا، مورک اڃ مرن،
ساهان اوڏا سُپرين، لوچي تان نہ لهن،
دم نہ سڃاڻن، دانهون ڪن مُٺن جيئن.

(شاهہ- سر سسئي آبري)

# عالمگيريت ۽ سرمائيداراڻو نظام

معاشيات سماجي سائنس جو علم آهي، جيڪو وڪر يا ڪنهن بہ قسم جي سامان يا خدمت جي پيداوار، ورهاست يا ورچ ۽ کپت سان لاڳاپيل آهي. آبادي وڌڻ جي ڪري ضرورت جي شين جي گهرج ۾ بہ واڌ اچي ٿي تنهنڪري ماڻهن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ مختلف قسم جي وڪرن، وسيلن ۽ خدمتن کي پيدا ڪيو وڃي ٿو ۽ اهڙي طرح اهي سامان ماڻهن يا ادارن کي مهيا ڪيا وڃن ٿا. آبادي وڌڻ سبب وسيلا گهٽبا وڃن ٿا تنهنڪري جن ملڪن يا علائقن ۾ وسيلا موجود آهن، انهن تي ماڻهن، مختلف ادارن، واپارين، ڪمپنين ۽ ملڪن طرفان نظر رکي وڃي ٿي تہ جيئن وقت سر انهن کي استعمال ڪري ماڻهن جي گهرجن کي پورو ڪري سگهجي. ان سلسلي ۾ ديسي يا عالمي سرمائيدار وغيره منصوبہ بندي يا حڪمت عملي جوڙين ٿا تہ جيئن انهن وسيلن تي قبضو ڪري ضرورت پورڻ تي استعمال ڪري سگهجي. ان عمل سان واپار وڌي ٿو، بي روزگاري گهٽجي ٿي ۽ علائقا ۽ ملڪ ترقي ڪن ٿا. ملڪن جي خوشحالي جي ڪري انهن جي جي ڊي پي (GDP) بہ وڌي ٿي، جنهن سان عام فرد بہ خوشحال ٿئي ٿو. ماڻهن جي خوشحالي جي ڪري بازارن ۾ ڏنڌو وڌي ٿو، اهڙي طرح ڪارخانا وڏيڪ وڪر تيار ڪن ٿا، جنهن لاءِ وڌيڪ مزدور ۽ ملازم ڀرتي ڪيا وڃن ٿا.

معاشي نظام تڏهن کان نهڻ شروع ٿيا هئا جڏهن کان انساني سماج ترقي ڪرڻ لڳو ۽ آبادي وڌڻ لڳي هئي. ماڻهو وڪرن وغيره جي پيداوار ۽ انهن جي کپت جو حساب ڪرڻ لڳا هئا. جيتوڻيڪ شروع ۾ معاشي نظام ترتيبوار ۽ ڪنهن خاص نظريي تي ٻڌل نہ هيا پر تنهن هوندي بہ اهي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي يا ماڊل ۽ اصولن مطابق ڪم

ڪندا هئا. سرمايو، مزدور ۽ محنت معاشي نظام جا بنيادي عنصر هئا. شروعاتي دور ۾ زراعت جي بنياد تي سماج ۽ معاشي نظام جڙندا هئا، تنهنڪري انهن کي زرعي معاشي نظام چوندا هئا. ماڻهو فصلن ۽ جانورن تي گذارو ڪندا هئا، هو جيڪي فصل پوکيندا هئا ۽ جانور پاليندا هئا، اهي ئي هنن جا وکر هوندا هئا، پنهنجي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ هو جانور يا ڪو اناج ڏئي پنهنجي ضرورت جو سامان يا وکر وٺندا هئا. اهڙي طرح زرعي فصلن ۽ جانورن جي مٽا سٽا ڪندا هئا. ماڻهو خاندان جي شڪل ۾ ڳوٺ ٺاهي رهندا هئا ۽ مٽي مائٽي ڪندا هئا پر آبادي جي وڌڻ ڪري هو پنهنجي خاندان کان ٻاهر به مٽي مائٽي ڪرڻ لڳا جنهن ڪري ڳوٺن جي شڪل هڪ خاندان کان مختلف خاندانن ۾ تبديل ٿيڻ لڳي. لهجن جي بنياد تي ٻوليون ٺهڻ لڳيون جنهن ڪري مختلف قبيلا ۽ قومون پيدا ٿيون. اڳتي هلي مختلف ثقافتون ۽ رسمون ٺهيون، جن جي ڪري معاشي نظامن ۾ تبديلي ۽ ترقي اچڻ لڳي. مختلف قسم جون تهذيبون وجود ۾ آيون جن جي بنياد تي سماج جڙيا ۽ قومون ٺهيون. اهي قومون پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت مطابق معاشي نظام به ٺاهڻ لڳيون. قومن جي ترقي جي ڪري علائقا ۽ ملڪ وجود ۾ آيا، جنهن ڪري حدبنديون ڪيون ويون. هاڻي وکرن ۽ سامانن جي سڃاڻپ انهن جي تهذيبن، قومن ۽ ملڪن سان ٿيڻ لڳي. ملڪ پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ وکر پنهنجي پر وارن ملڪن ڏانهن واپار لاءِ اماڻڻ لڳا اهڙي طرح پري وارن ملڪن ۽ ڪنڊن ڏانهن پڻ واپار ڪرڻ لڳا. سامان درآمد ۽ برآمد ٿيڻ لڳا ان ڪري معاشي نظام تبديل ٿيڻ سان گڏ ترقي ڪندا رهيا. مختلف وقتن تي مختلف معاشي نظام پاڻ ۾ ملڻ لڳا جنهنڪري نوان معاشي نظام ٺهڻ لڳا. هر نظام ٻئي معاشي نظام جا سٺا عنصر پنهنجي نظام ۾ شامل ڪرڻ لڳو. اهڙي طرح معاشي نظام بهتر ٿيڻ لڳا ۽ ملڪ ترقي ڪرڻ لڳا. سماجي ۽ معاشي ترقي جي ڪري سماج طبقن ۾ ورهائجڻ لڳا. ان ڪري جاگيرداري ۽ غلامي وارا نظام وجود ۾ آيا. بادشاهيون ۽ سلطنتون ٺهڻ لڳيون، اهڙي طرح معاشي ۽ فوجي طور مضبوط ملڪ

ٻين ملڪن ۽ قومن تي قبضو ڪرڻ لڳا جنهن جي ڪري ڪيترئي جنگيون لڳڻ شروع ٿي ويون. ٽيڪنالاجي جي وجود ۾ اچڻ جي ڪري ڪارخانا لڳڻ شروع ٿي ويا، اهڙي طرح جاگيرداري نظام سان گڏ سرمائيداري نظام به پيدا ٿيو، ٻنهي نظامن طبقاتي نظام کي وڌيڪ مضبوط ڪيو. هيٺين ۽ وچولو طبقو مٿين طبقي جي ڏاڍائي جي ڪري پريشانين ۽ ناانصافين جي ور چڙهندو رهيو. حڪومتون به سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جي مدد ڪرڻ لڳيون. ان حالتن جي ڪرب کي محسوس ڪندي سماج ۾ موجود ساڃاهه وند فرد جدوجهد ڪندا رهيا. اهي ساڃاهه وند پوري دنيا ۾ مختلف نظرين ۽ تحريڪن جي صورت ۾ سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جو مقابلو ڪندا رهيا. اهڙي طرح سنڌ ۾ صوفي شاهه عنايت جاگيرداري نظام جي مخالفت ڪئي ۽ جيڪو کيڙي سو کائي جو نعرو هڻي مزدور ۽ هاري طبقي کي جيئڻ جي اميد ڏني. شاهه عنايت ان وقت جي سماج ۾ تحرڪ پيدا ڪري ڇڏيو. حڪمران طبقو شاهه عنايت جي ان نعري جي ڪري بيچين ٿي ويو. اهو ئي سبب آهي جو سامراجي ۽ جاگيردار قوتن گڏجي شاهه عنايت جي ان نظريي کي دفن ڪرڻ لاءِ شاهه عنايت ۽ ان جي ساٿين کي شهيد ڪري ڇڏيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي دنيا جي عظيم سوشلسٽ ۽ صوفي شاهه عنايت جي شهادت تي ڪيس خراج تحسين پيش ڪندي فرمايو ته

سڄڻ ساوڻ مينهن جيئن، جهڙڪن پاسي جهوڪ،
ڏيندا پاهه پٽن کي، منجهان مينهن موڪ،
لس پيارن لوڪ، آگم ڪيو اکين سين.

جڏهن جاگيردار ۽ سرمائيدار جو ظلم وڌي ويو ته هڪ ٻيو نظام وجود ۾ آيو، جنهن کي سوشلزم چون ٿا. هي نظام ايدم سمٿ جي آزاد منڊين واري نظريي جو انڪاري هو. ان ڪري ذاتي ملڪيت جو به انڪار ڪيو ويو ۽ قومي ملڪيت جو تصور پيدا ڪيو ويو. سوشلزم ڪارل مارڪس (1818ع کان 1883ع تائين) جي نظريي تي وجود ۾ آندو

ويو. (1) مارڪس جو داس ڪيپيٽل سرمائيداري کي انساني ارتقا جو هڪ مرحلو ٻڌائي ٿو. مارڪس داس ڪيپيٽل جي ٻئي ايڊيشن جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته جيسيتائين سرمائيداراڻي اقتدار کي سماجي پيداوار جي قطعي شڪل خيال ڪيو ويجي ٿو ۽ ان کي عبوري درجو نٿو سمجهو وڃي ته فلسفه معاشيات ان وقت صرف علم جي حيثيت سان باقي رهي سگهي ٿو. مارڪس پنهنجي نظريي ۾ ماڻهن ۾ برابري جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ طبقاتي نظام کي ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. سوشلزم واري نظام ۾ مزدورن يا ملازمن جي ڪارخانن، ڪمپنين ۽ واپار ۾ حصو يا شراڪتداري رهي ٿي، اهڙي طرح منافعو سيني ۾ برابريءَ جي بنياد تي ورهائجي ٿو. ڪو فرد يا ڪمپني يا فرم وغيره پوري جو پورو منافعو نٿو ڪٽي سگهي. هن عمل جي ڪري سماج برابريءَ جي بنياد تي ترقي ڪري ٿو ۽ سامراج به پيدا نٿو ٿئي جيڪو انسانيت کي طبقن جي بنياد تي ورهائي ٿو. سوشلزم واري نظام ۾ ماڻهو برابريءَ ۽ مساوات جي بنياد تي جيئن ٿا ۽ ترقي ڪن ٿا. اهڙي طرح جاگيرداري، سرمائيداري ۽ غلامي جو تصور ختم ٿي وڃي ٿو. پر جاگيردار ۽ سرمائيدار طبقن هن نظام کي هلڻ ڪونه ڏنو. تنهنڪري هي نظام ٿوري وقت ۾ ئي ختم ٿي ويو، جيئن ته سوشلزم جو نظريو اڄ به موجود آهي تنهنڪري سوشلسٽ اڄا به ان اميد تي قائم آهن ته اونداهي رات ۽ ڪارن ڪڪرن جي پٺيان روشن سج موجود آهي، جيڪو پنهنجي روشني جي ذريعي اونداهي رات ۽ ڪارن ڪڪرن کي ختم ڪري پوري دنيا کي برابريءَ واري روشنيءَ سان روشن ڪندو.

انسان جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ مذهب پيدا ٿيو هو، جيڪو پڻ انسان جي ڀلائي ۽ ترقي جي ڳالهه ڪري پيو. مذهب انسان کي هِن دنيا ۽ هُن دنيا ۾ خوش رکڻ جي ڳالهه ڪئي جنهن ڪري انساني سماج مذهب طرف مائل ٿيا ته جيئن زندگي سٺي گذاري سگهجي ۽ مرڻ کان پوءِ به سڪون ۾ رهجي. اهڙيءَ طرح هڪ طرف هڪ ۽ هڪ کان وڌيڪ خدائن جو تصور به پيدا ٿيو ته ٻئي طرف مذهب وري ڪيترن ئي گروهن يا فرقن ۾ ورهائجي ويا. مذهبن به انساني سماج

ڪي معاشي نظام ڏنا، اهڙي طرح سماج ڪي خوشحال ڪرڻ جو نظريو ڏنو. تنهنڪري مذهب جو مقصد بہ انساني سماج ڪي ترقي ڏيارڻ ۽ ان ۾ امن پيدا ڪرڻ آهي. مذهب انسان ڪي بري ڪم ڪرڻ تي سزا جو حڪم ٻڌائي ٿو ۽ سٺي ڪم ڪرڻ تي وري انعامن يا جزا جي ڳالهہ ڪري ٿو جنهنڪري سماج ۾ خرابي پيدا ڪونہ ٿي ٿئي. مذهبي رياستون بہ مذهبي نظريي ۽ ان جي سياسي ۽ معاشي نظام تي قائم ڪيون ويون. مذهب اسلام بہ پنهنجو معاشي نظام ڏنو جنهن جي بنياد تي مديني جي رياست قائم ٿي. اسلام معاشي نظام قرآن شريف مان ڪٺي ٿو جيڪو هڪ مڪمل ۽ جامع آسماني ڪتاب آهي، جنهن ۾ انساني سياست، تمدن ۽ معيشت سان گڏ زندگي جي سڀني شعبن بابت اصول ۽ قانون فراهم ڪيا ويا آهن. اسلامي معاشيات جو مرڪز محنت آهي، تنهنڪري فردن ڪي اجورو محنت جي بنياد تي ڏنو ويندو آهي. محنت ڪانسواءِ سرمايو ڪنهن بہ شڪل ۾ قبول ڪرڻ جوڳو ناهي. ان جو مطلب ٿيو تہ جيڪو ڪيڙيندو سوئي ڪائيندو يا جيڪو ڪنهن بہ شعبي ۾ محنت ڪندو يا ڪم ڪندو ان کي ئي اجورو يا ڏهاڙي ملندي. ڊاڪٽر فاروق عزيز پنهنجي ڪتاب "معاشياتِ قرآن"، جيڪو دارالشعور لاهور طرفان 2018ع ۾ ڇپيو آهي، ۾ لکي ٿو تہ قرآن مجيد صرف محنت سان ڪمايل آمدني کي تسليم ڪري ٿو ۽ ٻي ڪنهن بہ نوعيت جي آمدني، جيڪا محنت کان بنا ڪنهن بہ ذريعي کان حاصل ٿي آهي، ان کي تسليم نٿو ڪري. هو وڌيڪ لکي ٿو تہ زمين صرف ۽ صرف الله جي آهي، اهڙي طرح ڪنهن بہ حڪمران يا حڪومت جي ملڪيت نہ آهي پر تنهن هوندي بہ حڪومت زمين کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي سگهي ٿي. قرآن مجيد ۾ هڪ اسلامي رياست جي آمدني جا ذريعا الزڪوات، الصدقات، انفاق، مال فيءِ، مال غنيمت ۽ جزيو بيان ٿيل آهن. ڊاڪٽر فاروق عزيز مطابق آنحضرت صلعم جن مديني ۾ جيڪا فلاحي رياست قائم ڪئي هئي ان جو بنياد بہ محنت جي اصولن تي رکيو ويو هو. عوام جي ڀلائي، حفاظت، صحت ۽ ترقي وغيره جي ذميواري رياست تي آهي. هو ڪتاب جي صفحي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

39 تي لکي ٿو تہ: مروج اسلامي معاشيات قرآني معاشيات کان مختلف آهي جڏهن تہ ان مروج معاشي نظام کي اسلامي معاشي نظام جي تحت پيش ڪيو ويجي ٿو.

مسلمانن جي وچ ۾ اختلافن جي ڪري اسلام جو معاشي نظام اسلامي رياستن ۾ قائم نہ رهي سگهيو. نبي صلعم جن جي وفات کان پوءِ مسلمانن جي وچ ۾ اختلاف شروع ٿيا، جيڪي اڳتي هلي جنگ جمل جي صورت ۾ ظاهر ٿيا. خلافت راشده کان پوءِ تہ اهي اختلاف تمام گهڻا وڌي ويا، جنهنڪري اسلام جي معاشي ۽ سياسي نظامن تي عمل نہ ڪيو ويو. بادشاهي نظام قائم ٿي ويا ۽ فلاحي، معاشي ۽ سياسي نظام ناهيا ويا. ان ڪري اسلام جو معاشي نظام دٻجي ويو. سرمائيداراڻي نظام تہ ويتر پنهنجي طاقت ۽ دٻدٻي سان اسلام جي معاشي نظام کي دٻائي ڇڏيو. اسلامي معاشي نظام ۽ سوشلزم انساني سماج کي برابريءَ جي بنياد تي ترقي ڏياري رهيا هئا پر سرمائيداراڻي نظام جي مضبوط هئڻ جي ڪري هي ٻئي نظام منظم طريقي سان قائم نہ رهي سگهيا. اهڙي طرح هن وقت سرمائيداراڻي نظام قائم آهي ۽ دنيا جي اڪثريت ان نظام تي پنهنجون حڪومتون هلائي رهي آهي. سرمائيداراڻي معاشي نظام جا بنيادي قانون ايڊم سمٿ (1723ع کان 1790ع) ڏنا، تنهنڪري هن کي سرمائيداراڻي معاشيات جو ابو بہ چون ٿا. ايڊم سمٿ واپار ۽ خدمتن جي آزادي جو قائل هو تہ جيئن هر شخص دولت گڏ ڪري جنهن سان قومي دولت ۾ واڌارو ٿئي. هن محنت جي ورهاست جا اصول ڏنا. هُن مطابق جيتري بازار وڏي هوندي اوتري محنت جي ورهاست وڌيڪ ٿيندي. اهو ئي سبب آهي جو سرمائيدار طبقو عالمگيريت جو تصور ڏئي پوري دنيا کي بازار بڻائي ٿو. ان سان سرمائيدار گهڻو منافعو ڪمائي ٿو ۽ وڌيڪ ترقي ڪري ٿو. هو ڏينهون ڏينهن مضبوط ٿيندو ويجي ٿو. هن نظام ۾ ڪارخانيدار جيڪو وکر ناهي ٿو ۽ واپاري جيڪو اهو وکر وڪڻي ٿو، ان وکر جو منافعو سنئون سڌو پاڻ کڻن ٿا. ڪم ڪندڙ مزدورن ۽ ملازمن کي ڏهاڙي ۽ پگهار تي رکيو ويجي ٿو. انهن مزدورن ۽ ملازمن جي ان وکر

جي منافعي ۾ ڪنهن بہ قسم جي شراڪتداري نٿي رهي. تنهنڪري سرمايو هڪ مخصوص طبقي وٽ جمع ٿيندو ويجي ٿو، جنهن جو تعداد تمام گهٽ آهي جڏهن تہ دنيا جي آبادي جي اڪثريت وچولي ۽ هيٺين طبقي سان تعلق رکي ٿي. جيتوڻيڪ سرمائيدار طبقو محنت ۽ مزدوري نہ پيو ڪري پر صرف سرمائيڪاري ڪري مڪمل منافعو ڪمائي پيو. سرمائيدار طبقو هر وقت ڪا نہ ڪا چال استعمال ڪندو رهي ٿو تہ جيئن سماج ان جي خلاف اٿي نہ پئي ۽ متان انهن جا وڪر وڪرو نہ ٿي سگهن. تنهنڪري هو سماج کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ترقياتي ڪم ڪرائڻ، اسپتالون، باغ وغيره ٺهرائڻ ۾ مختلف وقتن تي مدد ڪندو رهي ٿو تہ جيئن سماج صحتمند رهي ۽ ترقي ڪري ۽ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي بدامني پيدا نہ ٿئي. امن ۽ ترقي جي ڪري ماڻهو خوش رهن ٿا ۽ بازار مان خريداري بہ ڪن ٿا جنهن ڪري واپار وڌي ٿو ۽ سرمائيدار طبقي کي ان جو منافعو ملندو رهي ٿو. سرمائيدار طبقو ٽيڪنولوجي، واپار، ڪارخانن ۽ بينڪن تي قبضي جي ڪري حڪومتن کي بہ پنهنجي مرضيءَ سان هلائي ٿو. حڪومت جي پٺيان انهن جو ڪردار ۽ رٿابندي هجي ٿي. هن وقت سرمائيدار بلاڪ دنيا ۾ مضبوط بلاڪ آهي جيڪو پوري دنيا تي حڪمراني ڪري ٿو. دنيا جي ملڪن جي اڪثريت انهن جي پاليسين تي هلي ٿي، ورلڊ بينڪ ۽ آئي ايم ايف تي بہ سرمائيدارن جو قبضو آهي. صنعتي انقلاب بہ سرمائيداري نظام جي ڪري وجود ۾ آيو آهي، جنهن ڪري سرمائيداري نظام ڏينهون ڏينهن مضبوط ٿيندو پيو وڃي.

يورپ ۾ 700ع کان 1200ع تائين خانداني نظام رائج هيو.ان وقت مسلمان ملڪن مان بيت المقدس لاءِ قافلا ويندا هئا اهي قافلا پاڻ سان گڏ ڪيتروئي سامان کڻي ويندا هئا، اهڙي طرح انهن قافلن مان ڪيترائي قافلا واپار بہ ڪندا هئا. اهي قافلا گهڻا خوشحال هوندا هئا ۽ هنن سان گڏ کاڌي پيتي کان سواءِ بہ ڪيترو ئي سامان هوندو هو جن جو اثر رستي تي ايندڙ آبادين تي پوندو هو. مسلم دنيا ان وقت خوشحال هوندي هئي. ان دور ۾ ايشيا کنڊ تي لڳ ڀڳ مسلمانن جي

حڪومت هئي ۽ يورپ جا گهڻو ڪري سڀ تجارتي رستا بہ مسلمانن بند ڪيا هئا. اهو ئي سبب هيو جو انهن رستن کي کولڻ لاءِ ان وقت صليبي جنگيون لڳيون، 1200ع کانپوءِ تبديلي آئي ۽ يورپ ۾ امن قائم ٿيو. ننڍا ننڍا ڪارخانا لڳا ۽ تجارتي رستا بہ کلي ويا، جنهن ڪري واپار شروع ٿيو. 1200ع کان تقريبن 1492ع تائين جي دور ۾ مالڪ ۽ مزدورجو تصور پيدا ٿيو. جنهن ڪري بہ تي ماڻهو گڏجي ڪم ڪندا هئا، جن مان ڪو هڪ مالڪ ٿي ويندو هو. صليبي جنگين جي ڪري جاگيرداري نظام ڪمزور ٿي ويو هو ۽ آزاد مزدوري ڪرڻ جو تصور پيدا ٿيو. اهڙي طرح هنرمند طبقو خوشحال ٿيڻ لڳو جنهن ڪري يورپ جو سماج بہ ترقي ڪرڻ لڳو. مختلف هنرن جا ڪاريگر پيدا ٿيا، جيڪي پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ ڪم ڪرڻ لڳا. 1492ع کان پوءِ اتان جي سماج ۾ مساوات ختم ٿيڻ لڳي. هنر جي بنياد تي ڪمائيندڙ ڪاريگرن ۽ مزدورن ۾ امير ۽ غريب جو فرق پيدا ٿيو. تنهنڪري شروعاتي طور تي بہ طبقا ٺهيا. هڪ اهو طبقو جن وٽ سرمايو هيو ۽ ٻيو اهو طبقو جن وٽ سرمايو نہ هو. اهڙي طرح جنهن طبقي وٽ سرمايو نہ هو اهي سرمائيدارن وٽ مزدوري ڪندا هئا. پئسي وارا ماڻهو انهن غريب ڪاريگرن ۽ مزدورن کان ڪم ڪرائڻ لڳا. هو انهن ڪاريگرن کي انهن جي ڪم جي عيوض پئسا ڏيڻ لڳا. واپاري طبقو تيار ٿيل وکر بازار ۾ وڪرو ڪرڻ لڳو. اهي وکر اڳتي هلي ٻين علائقن ۽ ملڪن ۾ بہ وڪرو ٿيڻ لڳا، جنهن ڪري اتان جي پئسي وارن ماڻهن جي آمدني وڌندي وئي. هاڻي اهي سرمائيدار ٿيڻ لڳا. ڪاريگر ۽ مزدور طبقو انهن جو ڳيجهو ٿيڻ لڳو. سرمائيدار پنهنجي سرمائيڪاري کي وڌائيندا رهيا تہ جيئن وڌيڪ ناڻو ڪمائي سگهجي. سرمائيدار ڪاريگر جي محنت ۽ فن کي خريد ڪري ان مان تمام گهڻو فائدو وٺڻ لڳو. جڏهن تہ ڪاريگر ۽ مزدور پنهنجي محنت ۽ فن کي وڪڻي پنهنجي گهر جوخرچ پورو ڪرڻ لڳا. اهي پنهنجي گهر جي خرچن ۾ ئي پورا هئا پر سرمائيدار انهن جي محنت ۽ فن مان تمام گهڻو ڪمائي رهيو هو. ان دور ۾ يورپ دنيا جو سرمايو پاڻ

وٺ گڏ ڪرڻ لڳو. يورپ 1492ع تائين زميني تجارتي رستا بند هجڻ ڪري سامونڊي رستن کي اهميت ڏني هئي. ان دوران ئي ڪولمبس آمريڪا کي ڳولهي لڌو هو. يورپ جا سرمائيدار آمريڪا جي وسيلن تي قبضوڪري يورپ کي وڏيڪ مضبوط ڪرڻ لڳا هئا. يورپين سرمائيدار آمريڪا مان سون ۽ ٻيو اهم سامان يورپ ڪٺي آيا هئا. اهڙي طرح واسڪوڊي گاما هندستان جي بندرگاهه ڪالي ڪٽ آيو هو، جنهن ڪري يورپي سرمائيدار حڪومت جو هندستان تي قبضي جو رستو هموار ٿيو هو. هندستان کي ان وقت سون جي جهرڪي سڏيو ويندو هو.

1700ع ۾ مشين جي ايجاد جي ڪري هڪ وڏي تبديلي آئي. مشين ان دور ۾ ڪارخانن کي وجود ۾ آندو جنهن سبب پيداوار وڌڻ لڳي، واپاري ۽ سرمائيدار طبقا وڏا گهر ۽ ڪارخانا ناهڻ لڳا ۽ ڪاريگرن کي اتي ئي رهائڻ لڳا. سرمائيدار ڪاريگرن کي مختلف جڳهن تان ڳولهي ڪنو ڪرڻ لڳا ته جيئن هو وڌ ۾ وڌ وکر پيدا ڪري سگهن ۽ بازار ۾ وڪڻي گهٽي کان گهٽو ناڻو ڪمائي سگهن ان جي ڪري ڪارخانا وڏي تعداد ۾ ٺهڻ لڳا. ان دوران يورپ جي سماجي بناوٽ به تبديل ٿيندي رهي يورپين سماج خوشحال ٿيڻ لڳو. جيتوڻيڪ اتي خوشحالي ته آئي پر سماجي طبقا به مضبوط ٿيندا ويا، سرمائيدار پنهنجو چهرو تبديل ڪرڻ لڳو. طبقاتي فرق ماڻهن ۾ احساس محرومي پيدا ڪئي، تنهنڪري ساڃاهه وند ماڻهو ان نظام خلاف سوچڻ لڳا ته جيئن ڪو برابري وارو نظام پيدا ڪري سگهجي. ان سوچ جو نتيجو سوشلزم جي شڪل ۾ سامهون آيو پر اهو نظام نه هلي سگهيو. تقريبن 1789ع يا 1780ع ۾ پهرين صنعتي انقلاب جو دور شروع ٿيو، اهو دور تقريبن 1880ع تائين هليو. ان دور ۾ ٽيڪنالاجي ترقي ڪرڻ لڳي مشين جو استعمال وڌڻ لڳو. دولت هڪ مخصوص طبقي وٽ جمع ٿيڻ لڳي بلڪ پوري دنيا جي دولت يورپ وٽ جمع ٿيڻ لڳي. معاشي نظام جو مرڪز سرمايو رهيو جنهن وٽ دولت هئي اهوئي ان دولت جي ذريعي ڪارخانا لڳائي يا واپار يا ڏنڌو ڪري وڏيڪ

دولت گڏ ڪرڻ لڳو. اهڙيءَ طرح سرمائيدار ۽ واپاري طبقو امير ٿيندو ويو ۽ هنر مند طبقو پگهار يا ڏهاڙي تائين محدود ٿي ويو. هن دور ۾ پيداوار گهٽي وڃي جنهن ڪري ڪالونيل نظام به وجود ۾ آيو هاڻي سرمائيدار طبقو مختلف ملڪن تي( مثال طور برصغير ۽ آفريڪا) قبضو ڪري انهن کي پنهنجي ڪالوني ناهڻ لڳو ته جيئن واپار وڌي ۽ انهن جا وڪر وغيره انهن ملڪن ۾ گهٽي کان گهٽا کپن. ان کان سواءِ ڪالوني بڻايل ملڪن جا وسيلا پنهنجي مفادن ۽ يورپ جي ترقي لاءِ استعمال ڪري سگهجن. ان سلسلي ۾ يورپ برصغير تي به قبضو ڪري ان کي پنهنجي ڪالوني بڻايو يورپ جو هي قبضو 1947ع تائين جاري رهيو، جنهن جا اثر اڄ تائين قائم آهن. يورپي سرمائيدار هتان اهم شيون، وسيلا، سامان وغيره يورپ کڻي ويا. اهڙي طرح پنهنجي نظام ۽ اثر کي قائم رکڻ لاءِ هتي سرمائيداري واري نظام جي بنياد تي حڪومت جو بدترين نظام ڏئي ويا، اهو ئي سبب آهي جو اڄ تائين هن خطي ۾ مساوات پيدا نه ٿي سگهي آهي نه ئي وري ڪا خوشحالي آئي آهي. 1880ع کان پوءِ صنعتي انقلاب وڏيڪ ترقي ڪئي. ٽيڪنالاجي جي ترقي جي ڪري ڪارخانن جي به ترقي ٿي، جنهن ڪري نوان وڪر ٺهڻ لڳا ۽ پيداوار ۾ به اضافو ٿيو. هي صنعتي يا انڊسٽريل انقلاب جو ٻيو دور هو. هن دور ۾ قبضاگيري يا اجاراداري وڌي، لينن هن اجارادار سرمائيداري کي سامراج چئي ٿو. هن دور ۾ جرمني، بيلجيم ۽ اٽلي به پنهنجو حصو حاصل ڪرڻ لاءِ سرگرم ٿي ويا هئا. 1914ع کان 1945ع تائين وارو دور منڊين تي جهيڙن ۽ جنگين جو دور هو. سرمائيدار منڊين تي قبضي ڪرڻ جي ڪري پاڻ ۾ وڙهي پيا جنهن جي لينن پنهنجي ڪتاب 'سامراج، سرمائيداراڻي نظام جي آخري منزل (2) ۾، اڳڪٿي ڪئي هئي ته هي منڊين تي قبضي ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ وڙهندا. اها ويڙهه ايتري ته وڌي وئي جو عالمي جنگين ۾ تبديل ٿي وئي. ايتري تائين جو سرمائيدارن پنهنجي فتح ۽ منڊين تي قبضو ڪرڻ لاءِ ايٽم بم کي به استعمال ڪيو جنهن جا نقصان اڄ به محسوس ڪيا وڃن ٿا. هنن جنگين جي ڪري دنيا ٻن بلاڪن ۾ ورهائجي وئي، هڪ

سرمائيدار بلاڪ ۽ ٻيو سوشلسٽ بلاڪ. مزدور طبقي جي فتح سوشلسٽ بلاڪ جي صورت ۾ سامهون آئي. سرمائيدار طبقي پنهنجي واپار کي وري پوري دنيا ۾ شروع ڪرڻ لاءِ ۽ دنيا کي امن مهيا ڪرڻ جي بهاني سان دنيا جي قومن ۽ ملڪن جي وچ ۾ اتحاد قائم رکڻ لاءِ اقوام متحده جو بنياد وڌو. جيتوڻيڪ ان کان اڳ قومن جي ليگ ٺهيل هئي پر اها دنيا ۾ امن قائم نہ ڪري سگهي هئي ۽ ان سرمائيدارن جي اڳيان پنهنجا گوڏا کوڙي ڇڏيا هئا. اقوام متحده نوان قانون ٺاهي دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ جو نصب العين ڏنو. اهڙي طرح دنيا ۾ سرمائيدارن جو ٻيهر واپار شروع ٿيو. عالمي واپار جي تنظيم ان لاءِ قانون ٺاهيا تہ جيئن وري واپاري منڊين تي جهيڙا ۽ جنگيون نہ ٿين، پر ان جي باوجود بہ 1945ع کان وٺي سرد جنگ جو دور شروع ٿيو. دلين ۾ منافقت جي ڪري واپاري طبقا يا سرمائيدار ۽ سوشلسٽ سرد جنگ ۾ مبتلا ٿي ويا. آمريڪا ۽ روس سپر پاور ٿيڻ جي چڪر ۾ لابنگ ڪرڻ لڳا، دنيا جا ڪجھ ملڪ آمريڪا جي طرف تہ وري ڪجھ ملڪ روس جي طرف ٿي بيٺا. سپر پاور هڪ اهڙي حالت آهي جنهن ۾ اهو ملڪ ئي پوري دنيا تي حڪمراني ڪري سگهي ٿو جنهن وٽ فوجي، معاشي، ٽيڪنالاجي ۽ ڊپلوميسي جي طاقت هجي. 1950ع کان پوءِ آمريڪا ٽيڪنالاجي تي وڏيڪ ڌيان ڏنو، اهڙيءَ طرح دنيا جي وڏي ٽيڪنالاجي جنهن کي انفرميشن ٽيڪنالاجي چئجي ٿو اها آمريڪا جي قبضي ۾ اچي وئي جنهنڪري هُن ٻين ٽيڪنالاجين تي بہ دسترس حاصل ڪري ورتي. اهڙي طرح آمريڪا معاشي ۽ فوجي طور بہ مضبوط ٿيندو رهيو. تنهن هوندي بہ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سرد جنگ جاري رهي، جنهن جا اثر پوري دنيا تي پئجي رهيا هئا. ٻئي ملڪ 1990ع تائين سرد جنگ ۾ مبتلا رهيا ان سرد جنگ جي دور ۾ سوشلسٽ بلاڪ سرمائيداري بلاڪ کي شڪست ڏيندو رهيو، سوشلسٽ ترقي ڪرڻ لڳا ۽ مزدور طبقو مطمئن نظر پئي آيو. هو صنعت ۽ واپار ۾ منافعي ۾ برابر جا شريڪ هئا ان ڪري هو ذهني طور مطمئن هئا، رياست انهن جي صحت ۽ تفريح جو بندوبست ڪيو هو.

هاڻي انهن ۾ ڪا پريشاني ۽ احساس محرومي نہ رهي هئي. پر اڳتي هلي انهن ۾ اختلاف پيدا ٿيا. ڇاڪاڻ تہ سامراجي قوتن جي ڪوشش رهي تہ هي نظام ناڪام ٿي وڃي، نيٺ سرمائيدار طبقو آمريڪا جي روپ ۾ ڪامياب ٿي ڪميونزم کي هارائي ڇڏيو، اهڙي طرح سرمائيدار طبقو دنيا جو سپر پاور ٿي ويو ۽ پوري دنيا تي ڇائنجي ويو. سرمائيدار طبقي پنهنجي پاليسين تي نظر ڦيرائي ۽ ان ۾ موجود خامين کي درست ڪرڻ يا ڪڍڻ جو پروگرام ٺاهيو. هاڻي سرمائيدار قومي حڪومتن يا بين الاقواميت کان ٻاهر نڪرڻ لڳا ۽ هنن ان لاءِ مڪمل رٿابندي ڪئي. هو عالمي سماج جوڙڻ جي منصوبہ بندي ڪرڻ لڳا تہ جيئن هو پوري دنيا ۾ بغير ڪنهن رڪاوٽ جي واپار ڪري سگهن، ان لاءِ هنن دنيا جي بازارن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ شروع ڪيو. هو سرحدن کان پاڪ عالمگير سماج جوڙڻ لڳا، جنهن کي هو عالمي ڳوٺ چون ٿا. 1990ع کان پوءِ جو دور عالمگيريت جو دور آهي، ڇاڪاڻ تہ سوشلزم وارو نظام سرمائيداري نظام کان هارائي ويو. مارڪسي فلسفي کي روس جي ٽٽڻ جي ڪري وڏو جهٽڪو لڳو. جنهنڪري سرمائيدار پاڻ ۾ گڏجي ويا ۽ دنيا کي عالمگيريت ۾ تبديل ڪري ڇڏيائون. عالمگيريت سرمائيداراڻي نظام جي ڪاميابي آهي، جنهن ۾ آزاد منڊين جو تصور ڏنو ويو آهي تہ جيئن ٻيهر منڊين تي ڪنهن بہ قسم جي جنگ نہ لڳي. سرمائيدارن پاڻ کي قوميت ۽ ملڪي حدن تائين محدود نہ رکيو آهي هو پوري دنيا کي پنهنجي واپار جي منڊي ۽ بازار سمجهن ٿا. 1990ع کان پوءِ انٽرنيٽ کي پوري دنيا ۾ عام ڪيو ويو تہ جيئن ورچوئلي دنيا ڳنڍجي وڃي. سرمائيدار طبقي 1945ع کان پوءِ ٽيڪنالاجي تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو هو، اهڙي طرح 1990ع کانپوءِ مارڪسي نظريي کي شڪست ڏئي پوري ٽيڪنالاجي کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو ۽ دنيا کي عالمگير منڊي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ظاهري طور دنيا مختلف ملڪن ۽ ڪنڊن ۾ ورهايل نظر اچي ٿي پر سرمائيدار ۽ واپاريءَ جي نظر ۾ پوري دنيا ۾ ڪا بہ سرحد نہ آهي، هي دور آزاد منڊين جو دور آهي. دنيا جا سوشلسٽ ملڪ بہ هاڻي سڌي يا

اڻ سڌي طرح سرمائيداري واري نظام ڏانهن وڃن ٿا، اهڙي طرح اهي به مستقبل جا سامراج ثابت ٿيندا. عالمگيريت سرمائيداري نظام جو خواب هو، جيڪو 1990ع کان پوءِ حقيقت ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. هن دور ۾ ملٽائينيشنل ڪمپنين جي حڪومت آهي، جيڪي پنهنجي ننڍين ڪمپنين ذريعي پوري دنيا تي پنهنجو اختيار هلائين ٿيون. سرمائيدار طبقو آئي ايم ايف، ورلڊ بينڪ ۽ ڊبليو ٽي او جون پاليسيون ٺاهي ٿو ۽ انهن پاليسين تحت مختلف ملڪن جي معاشي مدد ڪري انهن کي پنهنجو ساٿاري، ڳيجهو ۽ غلام بڻائي ٿو. اهڙي طرح بينڪن ذريعي صنعتڪارن، واپارين ۽ غريب توڙي امير ملڪن کي قرض ڏئي انهن کي پنهنجي پاليسين مطابق هلائي ٿو. هاري، زميندار، واپاري ۽ ملڪ بينڪن جا قرضي بڻيل آهن، اهي بينڪن جي پاليسين تحت پنهنجا ڌنڌا ۽ وهنوار هلائين ٿا. مائڪرو بينڪون ننڍا ننڍا قرض ڏئي ننڍيون صنعتون يا زراعت کي هٿي ته ڏيارين ٿيون پر انهن کي پنهنجي مرضي سان به هلائين ٿيون. چوٿين صنعتي انقلاب جو شاهڪار نتيجو عالمگيريت آهي جيڪا سرمائيداري نظام جي وڏي فتح ۽ ڪاميابي آهي ۽ اها ئي سرمائيداراڻي نظام جي آخري منزل به آهي.

حوالا:


(1) Marx, Karl. *Das kapital*. e-artnow, 2018.

(2) Lenin, V. I. (1999). *Imperialism: The highest stage of capitalism*. Resistance Books.

جاڳڻ منجهان جَسُ، آهي ادا تنهن کي،
لاهي جو لطيف چي، مٺا قلبَ ڪَسُ،
وَرَنهہَ ڪَجان وسُ، صبح ساڻ سيدُ چي.
(شاهہ- سر ڏهر)

# ٽيڪنالاجي جي ترقي ۽ عالمگيريت

مختلف دورن ۾ ترقي ۽ تبديلي جا مختلف سبب رهيا آهن، جن کي مشين جي ايجاد کان پوءِ جي دور ۽ مشين جي ايجاد کان اڳ جي دور ۾ ورهائجي ٿو. مشين کان اڳ جو دور هڪ عام رواجي دور هيو، جنهن ۾ ڪا خاص ترقي نہ ٿي هئي، پر ڪنهن حدتائين سماج جي ترقي لاءِ ڪجهہ بنيادي ٽيڪنالاجي جا اوزار، سماجي ۽ سائنسي نظريا پيش ڪيا ويا هئا. مختلف قسم جون تهذيبون وجود ۾ آيون جن سماجن ۾ رهڻي ڪهڻي ۽ مهذب سماجن جو بنياد وڌو. مشين جو دور، مشين جي ايجاد کان پوءِ جو دور آهي، جنهن ۾ ڪمپيوٽر، ڪميونيڪيشن جي اوزارن انفرميشن ٽيڪنالاجي ۽ انڊسٽريل ڊولپمينٽ اهم ڪردار ادا ڪيا آهن. هي دور انفرميشن ٽيڪنالاجي جو دور يا ڊجيٽيل دور آهي. هن دور کي ڪمپيوٽر، ڪميونيڪيشن، ملٽيميڊيا، اليڪٽرانڪس، انفرميشن ٽيڪنولوجي، بايوٽيڪ، جينيٽڪ انجنيئرنگ، آٽوميٽڪ ٽيڪنالاجي ۽ ايئرو اسپيس ٽيڪنالاجي ڊجيٽل دور بڻايو آهي. ڊجيٽل دور ۾ انهن ٽيڪنالاجين جي ڪري بين الاقواميت عالمگيريت ۾ تبديل ٿي وئي آهي. هاڻي ماڻهو ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ انفرميشن ٽيڪنالاجي ذريعي هر قسم جو ڪم ڪن ٿا. اڳ ۾ ماڻهو مختلف قسم جا ڪم هٿراڌو طريقن سان ڪندا هئا پر هينئر ڪمپيوٽر مشين هر ڪم کي ڊجيٽل طريقن سان ڪري پئي. هاڻوڪي ٽيڪنالاجي واري دور دنيا کي تمام گهڻي ترقي ڏياري آهي، تنهنڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ دنيا جي ترقي ۾ مختلف قسم جي تبديلين جو هڪ اهم ڪارڻ ٽيڪنالاجي بہ رهي آهي. ٽيڪنالاجي مختلف دورن ۾ مختلف طريقن سان استعمال ٿيندي رهي آهي، تنهنڪري هن کي رڳو هاڻوڪي دور تائين محدود

نٿو ڪري سگهجي. ٽيڪنالاجي جي شروعات پهرين ايجاد سان ٿي هئي. اهڙي طرح باهه ٻارڻ، پٿرن، ڪاٺ ۽ وڻن جي پنن وغيره مان مختلف اوزار ٺاهڻ ۽ گهر ٺاهڻ وارن مرحلن کي به ٽيڪنالاجي جي شروعات چئي سگهجي ٿو. اها ٽيڪنالاجي سنڌ ۾ ڦيٿي ٺاهڻ لاءِ استعمال ٿي هجي يا ڊرينيج جي نظام ٺاهڻ لاءِ يا نرم ملائم ۽ بهترين قسم جي ڪپڙي ٺاهڻ لاءِ، يا واپار ڪي وڌائڻ لاءِ ٻيڙي ٺاهڻ لاءِ استعمال ٿي هجي، ان ٽيڪنالاجي ڳڻپ کي آسان ڪرڻ لاءِ اباڪس (Abacus) کي ٺاهيو هجي يا وري رابطن لاءِ ٽيليفون، فيڪس يا ٻيا مختلف اوزار ٺاهيا هجن، اها ٽيڪنالاجي هاڻوڪي دور جي ڪمپيوٽر ٺاهڻ لاءِ استعمال ٿي هجي يا وري روبوٽ ٺاهڻ لاءِ استعمال ٿيئي پئي پر دنيا ۾ اهم تبديلين جو سبب ضرور رهي آهي. ٽيڪنالاجي جو مطلب ئي آهي ته اهڙو علم يا اهڙي ڄاڻ جيڪا هنر، مهارت، فن ۽ مخصوص طريقن ۽ عملن ذريعي حاصل ٿئي ۽ جنهن سان ڪا نئين شئي يا اوزار ٺاهجي. جديد ٽيڪنالاجي دنيا ۾ هڪ اهڙو انقلاب برپا ڪيو آهي جنهن ذريعي دنيا هڪ وڏي ڳوٺ ۾ تبديل ٿي رهي آهي. ٽيڪنالاجي دنيا ۾ موجود بنيادي اساسن جي فطرت يا نيچر کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اڳ ۾ شيون يا وسيلا هٿراڌو طريقن سان استعمال ڪيا هئا پر هاڻي انهن جي گهڻائي خودڪار طريقن سان استعمال ٿئي پئي جيتوڻيڪ اڃا تائين دنيا جو نقشو ته ساڳيو آهي پر ان ۾ موجود وسيلن، ماڻهن جي فطرت ۽ سوچ کي ٽيڪنالاجي تبديل ڪري رهي آهي. اڳ ۾ ماڻهو پنڌ ۽ جانورن جي سواري وسيلي هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه تائين پهچندا هئا پر هينئر تيز رفتار گاڏيون ۽ جهاز ماڻهوءَ کي هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه تائين تمام ٿوري وقت ۾ پهچائي ڇڏين ٿا. اڳ ۾ ٻولي سکڻ لاءِ تمام گهڻو وقت لڳندو هو پر هينئر ٽيڪنالاجي وسيلي پنهنجي ٻولين کي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ آسانيءَ سان ترجمو ڪري سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح دنيا جي مختلف ٻولين کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري سگهجي ٿو. خودڪار نظام ماڻهن ۽ روبوٽس کي دنيا جون مختلف ٻوليون سيکاري رهيا آهن. اڳ ۾ نيا پي،

خط، تار يا فون وغيره ذريعي مائٽن، دوستن سان رابطو ڪري سگهبو هو پر هينئر ٽيڪنالاجي ان عمل کي ايميل، موبائيل فون، وڊيو فون وغيره جي ذريعي آسان ۽ وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو آهي. ماڻهن پنهنجي رابطن کي ٽيڪنالاجي جي مختلف اوزارن ذريعي تيز ۽ ڪارائتو ڪري ڇڏيو آهي. تنهنڪري هاڻي ٽيڪنالاجي تبديليءَ جو اهڃاڻ بڻبي وڃي پئي، ٽيڪنالاجي ماڻهن لاءِ آساني ۽ سهولتون پيدا ڪري پئي ۽ روزگار جا وسيلا پيدا ڪري رهي آهي، ديس پرديس ۾ سرحدن جو فرق ختم ڪري رهي آهي. ٽيڪنالاجي جي ترقي جي ڪري ٿورو وقت اڳ ٺهيل اوزار ختم ٿيندا وڃن پيا، ڪجهه وقت اڳ وي سي آر اسان جي لاءِ اهم اوزار هو جنهن ذريعي فلمون ۽ بيون وڊيوز ڏسندا هئاسين پر هينئر وي سي آر جي ڪا اهميت نه رهي آهي. آڊيو ڪيسيٽ تمام گهڻي اهم هوندي هئي، هر ماڻهو پنهنجي پسند جي فنڪار جي ڪيسيٽ وٺي ايندو هو پر هينئر ڪو ماڻهو اها ڪيسيٽ وٺڻ لاءِ تيار نه آهي ڇاڪاڻ ته نئين ٽيڪنالاجي انهن اوزارن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن جي جڳهه تي جديد اوزار مهيا ڪيا آهن جيڪي انهن پراڻن اوزارن کان جديد، آسان ۽ اهم آهن. اهڙي طرح ٿوري ٿوري وقت ۾ ٺهيل اوزارن ۾ تبديلي ايندي وڃي پئي ۽ پراڻا اوزار ڪنهن ڪم جا نٿا رهن. ٽيڪنالاجي جي ترقي جي ڪري ٺهندڙ اوزارن جي قيمت به گهٽجي رهي آهي، جنهن ڪري ڪو نئون اوزار وٺڻ ۾ ڪا گهڻي معاشي تڪليف به نه پئي ٿئي.

ٽيڪنولوجيءَ جي ترقي وقت ۽ قومن جي ضرورتن مطابق ٿيندي اچي پئي، جيئن جيئن ماڻهن ۽ ملڪن جون ضرورتون وڌڻ لڳيون تيئن تيئن ٽيڪنالاجي به ترقي ڪرڻ لڳي. جڏهن ملڪن جون پاڻ ۾ جنگيون لڳڻ شروع ٿيون ته بچاءَ جون مختلف ٽيڪنولوجيون وجود ۾ آنديون ويون ۽ انهن ٽيڪنالاجين جي ڪري مختلف نمونن جا هٿيار به ناهيا ويا. جڏهن بيماريون وڌڻ لڳيون ته مختلف قسم جي ٽيڪنالاجين جي مدد سان جدا جدا نمونن جون دوائون ٺهڻ لڳيون. اهڙي طرح فصلن ۽ باغن جي واڌاري لاءِ به ٽيڪنالاجي کي استعمال

ڪيو پيو وڃي تہ موسم جا حال احوال بہ ٽيڪنالاجي جي ذريعي ورتا وڃن پيا ۽ مستقبل جي باري ۾ اڳڪٿيون بہ ٽيڪنالاجي جي ذريعي ڪيون وڃن ٿيون. پاڻي جي ورڇ ۽ ان کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ بہ ٽيڪنالاجي کي استعمال ڪيو وڃي ٿو. سفري سهولتن ۽ واپار جي ترقي لاءِ بہ مختلف قسم جي ٽيڪنالاجي کي استعمال ڪيو وڃي ٿو. ان ٽيڪنالاجي پهرين ۽ ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. اهڙي طرح انڊسٽريل انقلاب بہ ٽيڪنالاجي جي ڪري ئي آيو. ڪمپيوٽر ۽ ٽيليڪميونيڪيشن جي ترقي ڪارخانن يا صنعتن ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي لائيف اسٽائيل ۾ تبديلي آندي آهي، جنهنڪري ملڪن جي ترقي ٻڻ ٿي پئي. آمريڪا ۾ تہ نئين ٽيڪنالاجي جي ڪري مڪمل تبديلي اچي چڪي آهي. ٽيڪنالاجي جي استعمال سبب ڪارخانن جي مينيجمينٽ، خدمتن، سامان ۽ وڪرن جي ٺهڻ، پيداوار ۽ انهن جي ورڇ يا تقسيم ۾ چڱي ترقي ٿي آهي. ٽيڪنالاجي جي ترقي جي ڪري نيون انڊسٽريون کليون آهن خاص ڪري انٽرنيٽ جي ذريعن ۾ گهڻو واڌارو ٿيو آهي جنهن ڪري ڪارخانن جي مينيجمينٽ ۽ ٻين ملازمن جا پوري دنيا ۾ تعلقات ۽ ڳانڍاپا وڌي رهيا آهن. ويب 2.0 ٽيڪنالاجي وسيلي اهي ڪارخانا پنهنجا وڪر پنهنجي ويبسائيٽس تي رکن ٿا، جنهن ڪري پوري دنيا ۾ انهن وڪرن جو آن لائين وڪرو بہ ٿئي ٿو. جديد مارڪيٽنگ جو طريقو بہ ٽيڪنالاجي ئي پيدا ڪيو آهي، جنهن کي عالمگير مارڪيٽنگ يا مشهوري چئجي ٿو. جيتوڻيڪ ٽيڪنالاجي جي ڪري ترقي تہ ٿئي پئي پر ان ٽيڪنالاجي جي ڪري ڪيترا ئي ڪارخانا پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويا آهن، جنهن سبب نوڪري ڪندڙ ماڻهن جون نوڪريون بہ ختم ٿي رهيون آهن. پر جديد ٽيڪنالاجي ان مسئلي کي بہ حل ڪيو آهي ڇاڪاڻ تہ نئين ٽيڪنالاجي پيداوار واري عمل کي وڌائي رهي آهي ۽ ان وڪري جي طريقن کي آن لائين ڪري آسان ڪري ڇڏيو آهي، جنهن سان وڪر يا ڪو سامان ٿوري وقت ۾ گراهڪ تائين پهچايو وڃي ٿو. تنهنڪري ڪارخانن جي مينيجمينٽ کي وڏيڪ

ملازمن جي ضرورت پوي ٿي. ٽيڪنالاجي جي دور ۾ ڪيترين ئي ڪمپنيون آن لائين ڪم ڪري رهيون آهن جن جي ذريعي مختلف ڪارخانا ۽ ڪمپنيون پنهنجا سامان آن لائين وڪرو ڪري رهيا آهن مثال طور ايميزون، گوگل، علي بابا، دراز، اوليڪس وغيره جي ذريعي مختلف قسم جا سامان ۽ وڪر يا ڪتاب وغيره وڪرو ڪيا وڃن ٿا. آئي ٽي انڊسٽريز هن دور ۾ تيزي سان ترقي ڪندڙ انڊسٽري آهي جيڪا تمام گهڻي تعداد ۾ نوڪريون پيدا ڪري رهي آهي. هيءَ انڊسٽري اهڙي آهي جيڪا ماڻهن کي گهر ويٺي نوڪري ڪرڻ جو موقعو پڻ ڏئي رهي آهي. آئي ٽي انڊسٽري عالمگير حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي ڇاڪاڻ ته دنيا جا سمورا ادارا ۽ ملڪ هاڻي آئي ٽي جي اوزارن جي استعمال کان سواءِ نٿا هلي سگهن ۽ نه ئي وري ترقي ڪري سگهن ٿا. ناڻي ۽ منڊين تي آئي ٽي انڊسٽري جو ڪنٽرول آهي جنهن ڪري ناڻي جون سموريون ديسي يا عالمگير ٽرانزيڪشن ۽ منڊين ۾ سمورو واپار آئي ٽي ۽ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي جي ڪري آسان ۽ تيز ٿي ويو آهي. دنيا جون سموريون بينڪون آئي ٽي اسٽرڪچر جي ڪري ئي آن لائين هلن ٿيون ۽ چوويهه ڪلاڪ خدمتون پيش ڪري رهيون آهن. اسٽاڪ ايڪسچينج وغيره به آئي ٽي انڊسٽري جي ڪري ترقي ڪري رهي آهي. ڊيٽا سينٽر يا ڪال سينٽر به آئي ٽي جي ڪري هلي رهيا آهن تنهنڪري هي انڊسٽري ڏينهون ڏينهن ترقي ڪري رهي آهي ۽ عالمي سطح تي ملازمت جا دروازا کولي رهي آهي.

دنيا ۾ جڏهن ٽيڪنالاجي ڪا گهڻي ترقي نه ڪئي هئي تڏهن جيڪي به وڪر ٺهندا هئا اهي انهن علائقن ۽ ملڪن ۾ ئي وڪٽبا هئا جتي ٺهندا هئا، تنهنڪري انهن کي ديسي وڪر چئبو هو پر جيئن جيئن ٽيڪنالاجي ترقي ڪندي پئي وڃي ته واپار جا طريقا به بدلبا پيا وڃن. هاڻي ديسي وڪر ملڪ کان ٻاهر به وڪامڻ لڳا آهن. جيئن ته عالمگيريت جي ساخت بين الاقواميت کان مختلف آهي، تنهنڪري عالمگيريت جي دور ۾ ٺهندڙ وڪر ڪنهن هڪ ملڪ جي لاءِ نه پر پوري

دنيا جي ملڪن لاءِ ٺاهيا وڃن ٿا. اهي وکر عالمگير وکر ٿي وڃن ٿا، جڏهن تہ بين الاقواميت جي دور ۾ اهي وکر ڪنهن هڪ ملڪ جي پيداوار هوندا آهن ۽ ان ملڪ جي پاليسين مطابق ملڪ جي اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر وڪامجن ٿا. بين الاقواميت جي دور ۾ ڪنهن بہ ملڪ ۾ ٺهندڙ وکر ان ملڪ جي عوام جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ٺاهيا وڃن ٿا، اهڙي طرح جڏهن ان ملڪ ۾ عوام جي ضرورتن کان مٿي وکر ٺهڻ لڳن ٿا تہ اهي دنيا جي ٻين ملڪن ۾ وڪيا وڃن ٿا. انهن وکرن کي ٺاهيندڙ ڪمپنيون انهن ملڪن جي پاليسين جون پابند هونديون آهن، تنهنڪري اهي وکر انهن ملڪن ۾ موڪلي سگهن ٿا جن ملڪن سان ان ملڪن جا واپاري وهنوار بهتر آهن پر عالمگيريت ۾ اهي سڀ ڪمپنيون عالمگير پاليسين تحت ڪم ڪن ٿيون، تنهنڪري دنيا جي سمورن ملڪن ۾ اهي وکر هڪ ئي وقت ۾ وڪڻجن ٿا ۽ انهن تي ڪا لوڪل يا ديسي پاليسي اثر نٿي ڪري ۽ ڪمپنيون ملڪي پاليسين کان آزاد ٿي عالمگير سطح تي ڪم ڪن ٿيون. سرمائيداري نظام ۽ انفرميشن ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي عالمگيريت کي ٻڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. اهي ٻئي نظام بين الاقوامي منڊين کي عالمي منڊين ۾ تبديل ڪري رهيا آهن، اهڙي طرح بين الاقوامي معاشيات کي عالمي معاشيات ۾ تبديل ڪري رهيا آهن. سرمائيداراڻو نظام ٽيڪنالاجي کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ان کي واپار، معاشيات ۽ دنيا جي ترقي لاءِ استعمال ڪري رهيو آهي. اهڙي طرح پوري دنيا کي عالمگير سماج ۾ تبديل ڪري ان تي پنهنجي حڪمراني ۽ شهنشاهيت قائم ڪري ٿو.

ٽيڪنالاجي جي ترقي جي ڪري انساني سماج بہ ترقي ڪري رهيو آهي، صحت جي شعبي ۾ ٽيڪنالاجي جي استعمال سچ پچ ڪيترين ئي بيمارين جي سڃاڻپ ۽ انهن جي علاج کي آسان بڻايو آهي. ٽيڪنالاجي کان اڳ ۾ بيماريون سڃاڻي نہ سگهبيون هيون جنهن ڪري انهن جو صحيح علاج ڪون ٿي سگهندو هو پر ٽيڪنالاجي صحت جي مسئلن کي حل ڪري رهي آهي. انفرميشن

ٽيڪنالاجي جي ڪري پوري دنيا هڪ عالمگير ڳوٺ ۾ تبديل ٿي رهي آهي جنهن ڪري دنيا جي ماهر ڊاڪٽرن ۽ سٺين اسپتالن مان علاج ڪرائڻ آسان ٿي پيو آهي. ٽيڪنالاجي صحت جي شعبي ۾ جدت پيدا ڪئي آهي، جنهن سان ڊاڪٽرن ۽ ميڊيڪل اسٽاف کي ڄاڻ مهيا ڪرڻ سان گڏ علاج ۽ آپريشن جا جديد اوزار مهيا ٿي رهيا آهن. ٽيڪنالاجي جي عالمگير ترقي جي ڪري دنيا جا ڊاڪٽر ۽ اسپتالون ميڊيڪل ٽيڪنالاجي جا نوان ۽ جديد اوزار استعمال ڪري ڪيترن ئي خطرناڪ ۽ چنبڙندڙ بيمارين کان ماڻهن کي بچائين ٿا ۽ ماڻهن کي بيمارين ۽ انهن جي علاج جي باري ۾ ڄاڻ ڏين ٿا. اسپتالن ۽ ڊاڪٽرن سان سنئون سڌو رابطو قائم ڪرڻ ۾ به ٽيڪنالاجي مدد ڪري ٿي، جديد ٽيڪنالاجي جي ڪري دل جا مريض، شگر جا مريض ۽ بلڊپريشر جا مريض هر وقت پنهنجي ڊاڪٽر سان رابطي ۾ يا ڳنڍيل رهن ٿا. ڊاڪٽر انهن مريضن کي چوويهه ڪلاڪ جانچي رهيو هوندو آهي. جيڪڏهن انهن جي دل ۾ ڪو مسئلو پيدا ٿئي ٿو، يا شگر ۽ بلڊ پريشر گهٽ وڌ ٿين ٿا ته ٽيڪنالاجي جا اوزار ڊاڪٽر کي ڪنهن خاص آواز ذريعي انهن مريضن جي حالت ۽ لوڪيشن ٻڌائين ٿا، جنهن ڪري ڊاڪٽر انهن مريضن سان فوري رابطو ڪري مشورا ڏئي ٿو يا ايمبولنس کي اطلاع ڪري انهن کي ڪنهن ويجهي اسپتال پهچائي ٿو ته جيئن انهن جو ترت علاج ٿي سگهي ۽ انهن مريضن جي زندگي بچي سگهي. ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ذريعي سوفٽويئر ٺاهيا وڃن ٿا، جن ۾ مريضن جو مڪمل رڪارڊ رکيو وڃي ٿو ۽ انهن سوفٽويئرن ذريعي بيمارين کي سڃاتو وڃي ٿو. انهن سوفٽويئرن ذريعي مريض جي بيمارين ۽ انهن جي علاج کي به رڪارڊ ڪيو وڃي ٿو ۽ هڪ مقرر تاريخ تي خودڪار نظام جي ذريعي انهن مريضن کي گهرايو وڃي ٿو ته جيئن انهن جو علاج صحي طريقي سان ٿي سگهي. هاڻي ميڊيڪل ٽيڪنالاجي به عالمگير بڻجي چڪي آهي، تنهنڪري دنيا جي ڪنهن به بهترين ڊاڪٽر يا اسپتال سان رابطو سولائي سان ڪري سگهجي ٿو. اصل ۾ عالمگيريت جو مقصد به اهو

آهي تہ جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي پوري دنيا کي هڪ سماج ۾ تبديل ڪري ماڻهن کي مختلف قسم جون سهولتون بنا ڪنهن فرق جي مهيا ڪجن.

جديد ٽيڪنالاجي جي ڪري تعليم جي ترقي ٿي رهي آهي. ٽيڪنالاجي فاصلن کي ختم ڪري استادن ۽ شاگردن کي پڙهائڻ ۽ پڙهڻ جو موقعو ڏئي ٿي، جنهنڪري شاگرد ڪنهن بہ ملڪ ۾ هوندي گهر ويٺي ترقي يافتہ ملڪن جي ادارن مان تعليم حاصل ڪري سگهن ٿا. اهڙي طرح ٽيڪنالاجي جي مدد سان هڪ ئي وقت مختلف ملڪن ۾ رهندڙ ماڻهن کي سکيا مهيا ڪئي وڃي ٿي، ادارن ۾ آن لائين ميٽنگ ڪئي وڃي ٿي، آن لائين ورڪشاپ، سيمينار ۽ تحقيقي ڪانفرنسز ڪيون وڃن ٿيون. شاگرد ماهر استادن جا ليڪچر رڪارڊ ڪن ٿا يا يوٽيوب تان ڊائونلوڊ ڪري فارغ وقت ۾ ڏسي ڄاڻ حاصل ڪن ٿا ۽ پاڻ کي ترقي يافتہ ملڪن جي شاگرد وانگر هوشيار ۽ ماهر بڻائين ٿا. آمريڪا جون اڪثر يونيورسٽيون آن لائين تعليم مهيا ڪري رهيون آهن. ان کان سواءِ ڪيترائي پروفيشنل ادارا آهن جيڪي پوري دنيا ۾ آن لائين ڪورس ڪرائي رهيا آهن، جنهن سان پوري دنيا ۾ پروفيشنلزم وڌي رهي آهي. انٽرنيٽ ۽ سرچ انجنس (Internet and Search Engines) پوري دنيا جي شاگردن ۽ پروفيشنلس کي موقعو مهيا ڪن پيون تہ هو هر قسم جي ڄاڻ ڪنهن بہ وقت حاصل ڪري سگهن ٿا. ڪلاس روم مينيجمينٽ بہ آن لائين ٿئي پئي جنهنڪري اسائينمينٽ، ڪوئيز ۽ حاضري وغيره آن لائين ٿي وڃن ٿا. اهڙي طرح آن لائين لائبرريون بہ موجود آهن جتان ڪتاب وغيره پڙهي سگهجن ٿا. انفرميشن ٽيڪنالاجي جا تعليم ۽ ان جي ترقي تي مثبت اثر پون ٿا جنهن ڪري شاگرد وغيره آساني سان تعليم حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ جنهن ملڪ مان ڄاڻ حاصل ڪن ٿا پاڻ کي ان ملڪ جو رهواسي سمجهن ٿا جيڪو عالمگيريت جو واضح مقصد آهي.

ٽيڪنالاجي جي ترقي هڪ عالمگير انقلاب آندو آهي جنهن

دنيا جي مروج طريقن، ريتن رسمن۽ روين کي بدلائي ڇڏيو آهي. اهڙي طرح ان هڪ نئين دنيا کي پيدا ڪيو آهي جنهن کي ڊجيٽل دنيا چيو وڃي ٿو. ان تبديلي صحافت ۽ ميڊيا جي روايتي اصولن ۽ ساخت کي بہ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي صحافت ڪنهن هڪ علائقي يا ديس تائين محدود نہ آهي پر هر خبر عالمگير خبر بڻجي وئي آهي. ميڊيا جي نون ذريعن پراڻي صحافت کي مڪمل طور تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي صحافت ڊجيٽل صحافت بڻجي چڪي آهي جنهن کي ڪنهن هڪ پليٽفارم تائين محدود نٿو ڪري سگهجي پر ٽيڪنالاجي جي مختلف ذريعن وسيلي خبرن جي ڏي وٺ ڪئي پئي وڃي. تنهنڪري خبرون آسانيءَ سان پوري دنيا ۾ پکڙجي وڃن ٿيون. آن لائين يا ڊجيٽل صحافت ڇپائي جي خرچ کي ختم ڪري ڇڏيو آهي يا گهٽائي ڇڏيو آهي. هن دور ۾ خبرون رڳو اخبارن تائين محدود نہ رهيون آهن پر آواز ۽ وڊيو سان گڏ مهيا ڪيون وڃن ٿيون، جنهنڪري صحافت وڏيڪ ترقي ڪري رهي آهي. 1980ع ۾ ڪيبل نيوز نيٽورڪ يا سي. اين. اين. (CNN) پنهنجي 24 ڪلاڪن جي نشريات جي شروعات ڪري دنيا کي 24 ڪلاڪ خبرون مهيا ڪرڻ لڳي، جنهنڪري صحافت جي دنيا تي نوان اثر پوڻ لڳا. چوويهہ ڪلاڪن جي رپورٽنگ صحافت کي نہ رڳو نئين دور ۾ داخل ڪيو پر عالمگير صحافت جي شروعات بہ ڪئي ڇاڪاڻ تہ سي اين اين جي نشريات فقط آمريڪا تائين محدود نہ هئي پر سيٽلائيٽ ۽ انٽرنيٽ ٽيڪنالاجي جي وسيلي پوري دنيا ۾ ان جي نشريات ڏني وڃي پئي. ويبسائيٽس ذريعي خبرن جي پکڙجڻ بہ دنيا جي روايتي صحافت کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي طرح ايسوسيئيٽيڊ پريس (Associated Press) ۽ ٻيون خبرن جون ايجنسيون ۽ آن لائين اخبارون دنيا جون خبرون ٽيڪنالاجي جي ذريعي پوري دنيا ۾ سيڪنڊس ۾ پهچائڻ لڳيون. ويب ٽيوي، يوٽيوب چينل وغيره ذريعي آن لائين ٽيوي چينل ناهيا پيا وڃن، جيڪي پوري دنيا جون خبرون فورن ڏين ٿا. اخبارون، ٽيوي چينل ۽ فرد پنهنجا بلاگ ناهي پوري دنيا سان ڳنڍيل رهن ٿا.

ڪيٽريون ٺي آرگنائيزيشن پنهنجا بلاگ ٺاهي پنهنجون خبرون وغيره پوري دنيا تائين پهچائين ٿيون. اهڙي طرح فرد کان وٺي تنظيمن وغيره تائين سڀ عالمگير اٿاٿا ٿي ويا آهن. هن وقت بلاگس وغيره ۾ تيزي سان ترقي اچي رهي آهي، جنهن ڪري ڪيترائي ماڻهو ويب ۽ يوٽيوب چينل، بلاگس وغيره جي ڪري سٺو ناڻو به ڪمائي رهيا آهن. سماجي ميڊيا جي ذريعن دنيا ۾ هڪ چار وڇائي ڇڏيو آهي، جن ذريعي عام ماڻهو، ادارا، حڪومتون، اخبارون، ٽي وي چينل ۽ صحافي پنهنجون ۽ سماجي خبرون پوري دنيا سان ونڊڻ سان گڏ پنهنجا تجزيا به پيش ڪن ٿا. اهڙي طرح ٽيڪنالاجي هڪ نئين ڊجيٽل صحافت کي وجود ۾ آڻي رهي آهي. ڊجيٽل ميڊيا جي انقلاب جي ڪري پرنٽ ميڊيا کي گهڻو نقصان ٿي رهيو آهي، جنهن ڪري ڇپائي جو عمل گهٽبو وڃي پيو ۽ ماڻهن کي بيروزگار ٿيڻو پوي پيو. ڊجيٽل صحافت جي ڪري پوري دنيا جا ادارا سمورن صحافين، ليڪن ۽ عام ماڻهن لاءِ ڪليل آهن تنهنڪري هو پنهنجي اهليت جي بنياد تي آن لائين صحافت جي ذريعي پئسو ڪمائي پاڻ کي بيروزگاري کان بچائين ٿا. ان کانسواءِ ختم ٿيندڙ پرنٽ ميڊيا به پاڻ کي ڊجيٽل ميڊيا ۾ تبديل ڪري رهي آهي، جنهنڪري انهن جي ڪم کي ڪو خاص نقصان ڪون پيو پوي بلڪ اها به عالمگيريت جو حصو ٿيندي وڃي پئي.

ٽيڪنالاجي جي ڪري حڪومتن ۽ عوام جي وچ ۾ رابطو به تيز ٿي ويو آهي، اهڙي طرح حڪومتون عوام جي مسئلن کان ۽ عوام حڪومتن جي ڪمن کان هر وقت واقف رهي ٿو. انفرميشن ٽيڪنالاجي جي استعمال ڪرڻ جي ڪري اڄڪلهه حڪومت کي اي حڪومت (E-government) چئجي ٿو. اي حڪومت جي ڪري عوام پنهنجا، پنهنجي محلي، پنهنجي آفيسن وغيره جا مسئلا آن لائين بغير ڪنهن رڪاوٽ جي حڪومت يا ايوانن تائين پهچائي ٿو. اهڙيءَ طرح حڪومت به انهن مسئلن ۽ شڪايتن جو آن لائين تجزيو ڪري انهن کي حل ڪري ٿي، جنهن سان قوم ۽ ملڪ ترقي ڪري رهيا آهن. حڪومت جو مڪمل تفصيل آن لائين موجود آهي، تنهنڪري

ڪنهن بہ وزير، سيڪريٽري يا ڪنهن ترقياتي ڪم يا بجيٽ وغيره جو تفصيل سيڪنڊن ۾ ملي وڃي ٿو. اهڙي طرح حڪومتون عوام جي آڏو جوابده رهن ٿيون. جمهوري نظام ۾ آئي ٽي جا ذريعا عوام کي حڪومت جي ڪارڪردگي جو تفصيل آن لائين مهيا ڪري رهيا آهن، تنهنڪري پيهر چونڊن ۾ عوام آساني سان ڪنهن سٺي ۽ ڪم ڪندڙ ماڻهو کي ووٽ ڏئي سگهي ٿو. انفرميشن ٽيڪنالاجي ماڻهو کي اهي سهولتون پنهنجي گهر ۾ ڏئي ٿي تہ هو نہ رڳو پنهنجي حڪومت پر عالمي ادارن سان بہ رابطا قائم ڪري سگهي ٿو. انٽرنيٽ جي ترقي جي ڪري حڪومتون ٻين حڪومتن سان ايميل ذريعي رابطو قائم ڪن ٿيون، جيڪو تيز رابطي جو نظام آهي. ان نظام اچڻ جي ڪري فيڪس وغيره جا طريقا ختم ٿي ويا آهن. ٽيڪنالاجي جي ڪري ملڪن جون سرحدون ختم ٿي چڪيون آهن، جنهنڪري ماڻهو عالمگير ڪنزيومر ۽ واپاري ٿيندا پيا وڃن. هو پنهنجي ڄاڻ ۽ اهليت جي بنياد تي پوري دنيا ۾ ڪنسلٽنسي ڪري رهيا آهن، جنهن لاءِ هنن کي پنهنجي حڪومت کان اجازت وٺڻ جي ڪا ضرورت ڪون ٿي پوي. حڪومت ٽيڪنالاجي جي مدد سان ماحول ۽ موسم جي ڄاڻ بہ آن لائين حاصل ڪري پئي ۽ عوام کي ايندڙ وقت کان باخبر پئي ڪري. جيئن تہ هي عالمگيريت جو دور آهي تنهنڪري عالمگير ادارا موسم ۽ ماحوليات جون خبرون پوري دنيا ۾ سيڪنڊن ۾ پهچائي رهيا آهن، جنهن سان ماڻهن کي پوري دنيا جي ماحوليات ۽ موسم وغيره جي خبر پوندي رهي ٿي.

عالمگيريت کي فقط واپار، عالمي سطح تي وکرن ۽ سامان جي گهڻي پيدائش ۽ وڪري، ثقافتن ۽ ٽريڊيشن جي ردوبدل ۽ ترقي، صحت، ماحوليات، موسمن، تعليم تائين محدود نٿو ڪري سگهجي پر اها ماڻهو جي خيالن، نظرين، زندگي گذارڻ جي طريقن، روين، رسمن رواجن، اٿڻي ويهڻي، کائڻ پيئڻ، رشتن، خانداني نظام ۽ سماج ۾ تبديلي آڻي ٿي، جنهن جو سنئون سڌو اثر اسان جي خاندانن، ڌنڌن، نوڪرين، ذاتي زندگي ۽ دنيا جي مستقبل تي پوي ٿو.

ٽيڪنالاجي جي ترقي جي ڪري عالمگيريت سماج کي هڪ آزاد سماج بڻائي ٿو. جنهن ذريعي علائقن ۽ ملڪن جون حدون ۽ سرحدون ختم ٿي وڃن ٿيون. ذاتي ڊيٽا، تصويرون، وڊيوز وغيره پبلڪ ٿي وڃن ٿا، اهڙي طرح عالمي رشتا قائم ٿين ٿا، جنهنڪري خانداني بناوت به عالمگير ٿي وڃي ٿي. ٽيڪنالاجي جي ترقي عالمگيريت جي ساخت يا بناوت کي مضبوط ڪرڻ سان گڏ عالمگيريت جي مقصد کي پورو ڪري رهي آهي تنهنڪري ٽيڪنالاجي عالمگيريت جي عمل جو هڪ مضبوط اوزار، سهولتڪار ۽ ڊرائيونگ فورس يا طاقت آهي. ورلڊ وائيڊ ويب (World Wide Web) جي ڪري ڪنهن به قسم جي ڄاڻ گهڻي تعداد ۾ ملڻ سان گڏ تمام ٿوري وقت ۾ ملي وڃي ٿي، ڪو به عنوان لکو ان سان لاڳاپيل ڄاڻ جا صفحا سيڪنڊن ۾ اسڪرين تي ظاهر ٿي ويندا. هن وقت ٽيڪنالاجي جا مختلف اوزار پهريان جي بنسبت گهڻا سستا ملن ٿا ۽ اهي اوزار ڪنهن به ملڪ ڪان گهرائي سگهجن ٿا. عالمگيريت ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي جي ڪري ڪمپنين ۽ واپار ۾ چٽا پيٽي ۾ اضافو ٿيو آهي، تنهنڪري بهتر ڪوائلٽي جا وکر ناهيا وڃن ٿا ۽ سستي اگهه ۾ وڪرو ڪيا وڃن ٿا. هاڻي ڪنهن به قسم جو سامان يا وکر موڪلڻ يا آن لائين خريد ڪرڻ سان ماڻهن يا ڪمپنين کي جي. پي. ايس. (GPS) جي نظام ۽ سيٽلائيٽ ٽيڪنالاجي جي وسيلي هر پل جي خبر پوي ٿي ته سامان ڪٿي پهتو آهي.

ڪاڏي تيار ڪندڙ ڪمپنيون ڪاڏن کي پوري دنيا جي ملڪن ۾ تيار ڪري اتي وڪڻن ٿيون، اهڙي طرح اهي ڪاڏا ٽيڪنالاجي جي ترقي جي ڪري عالمگير بڻجي ويا آهن. ڪنٽينر ۽ جهاز سامان يا وکرن کي پوري دنيا جي سمورن ملڪن ۾ پهچائي واپار وغيره کي چڱي ترقي ڏيارين ٿا. ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ انٽرنيٽ ان سلسلي ۾ ڪرنگهي جي هڏي جو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. انهن ٽيڪنالاجين جي ڪري اليڪٽرانڪ بزنس (E-Business) ۽ اليڪٽرانڪ واپار (E-commerce) تمام گهڻي ترقي ڪري رهيا آهن. وکرن تي عالمي

بار ڪوڊ لڳائي وڪرن کي عالمگير بڻايو وڃي پيو جيڪو پڻ جديد ٽيڪنالاجي جي ڪري ممڪن ٿيو آهي. هاڻي عالمگير وڪر ڪنهن هڪ ملڪ جو اثاثو نہ آهن پر اهي پوري دنيا جي انسانن ۽ سماجن لاءِ تيار ٿين ٿا. اليڪٽرانڪ بينڪنگ جي ڪري عالمي واپار کي گهڻي ترقي ملي آهي جنهنڪري وڪر گهرائڻ ۽ ان جا پئسا جديد طريقن يا اليڪٽرانڪ ٽرانزيڪشن (E-Transaction) جي ذريعي ڏيڻ آسان ٿي پيو آهي. ٽيڪنالاجي جي ترقي جي ڪري عالمي يا گلوبل اليڪٽرانڪ فائيننشيل يا مالي نظام ٺاهيو ويو آهي، جنهن ذريعي واپار ۽ پئسن جي ڏي وٺ آسان ٿي پئي آهي. تنهنڪري ان ڇوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪون ٿيندو تہ ٽيڪنالاجي جديد دور يا عالمگيريت جي لاءِ ڪرنگهي جو هڏو آهي. موجوده دور ۾ ڪلائوڊ (اليڪٽرانڪ بادل يا جهڙ) سروسز تمام گهڻي ترقي ڪري رهيون آهن، جنهن ڪري هر قسم جو واپار، صحت جا ادارا ۽ سهولتون ۽ خدمتون مهيا ڪندڙ ادارا، تعليم جا ادارا ۽ تعليمي سهولتون بہ ترقي ڪري رهيون آهن. ڪلائوڊ سروسز سمورن ننڍن توڙي وڏن ادارن، ڪمپنين، ڪارپوريشنس، يونيورسٽين ۽ فردن جي پنهنجي ڊيٽا (جنهن ۾ ٽيڪسٽ ڊيٽا، مالي ڊيٽا، تصويرون، وڊيوز، واپار جي ڊيٽا، مريضن ۽ ڊاڪٽرن جي ڊيٽا، ٽيڪنالاجي جي ڊيٽا، ذاتي ڊيٽا، سوفٽويئر ڊولپمينٽ جا ڪوڊ، سرڪاري ۽ غير سرڪاري ويبسائيٽس وغيره اچي وڃن ٿيون) يا انفرميشن کي آن لائين محفوظ ڪري ٿو يعني ڪلائوڊ تي اسٽور يا محفوظ ڪري ٿو، تنهنڪري ڪنهن بہ دنيا جي اداري، تنظيم، يونيورسٽي، اسپتال، ڪمپني، فردن وغيره کي اها ڊيٽا يا انفرميشن پنهنجي ڪمپيوٽر مشين تي محفوظ ڪرڻ جي ضرورت نٿي پوي. اهڙي طرح ڪنهن قسم جي مصيبت يا حادثي جي ڪري جيڪڏهن ڪمپيوٽر مشين خراب يا ختم بہ ٿي وڃي تہ بہ ڊيٽا يا انفرميشن ضايع ڪون ٿيندي، ان ڪانسواءِ دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ، شهر يا علائقي ۾ پنهنجي ڊيٽا کولي، ان تي ڪم ڪري سگهجي ٿو يا ڪنهن اداري وغيره کي ڏيکاري يا پيش ڪري سگهجي ٿي. تنهنڪري ڪنهن بہ

فرد، يا ذميوار وغيره کي پاڻ سان گڏ کڻهن بہ قسم جو فائيل کڻڻ جي ضرورت ڪون ٿي پوي. هن وقت گوگل، اميزون ۽ مائڪروسوفٽ ايزون ۽ ڪجهہ ٻيون آرگنائيزيشنز ڪلائوڊ ڪمپيوٽنگ جون سهولتون مهيا ڪري رهيون آهن، ان ٽيڪنالاجي جي وسيلي ڊيٽا عالمي سطح تي پروسس ٿئي ٿي.

سمارٽ فون يا سمارٽ موبائيل فون رابطن کي عالمگير بڻائي ڇڏيو آهي، ماڻهو ڪنهن بہ ملڪ جي ماڻهن، ادارن وغيره سان بنا ڪنهن پابنديءَ جي ڳالهائي ۽ را بطو ڪري سگهڻ سان گڏ ڪنهن بہ قسم جي ڊيٽا، خيال، چارٽ، تجربا، انفرميشن، ڪنسلٽنسي وغيره ونڊي سگهي ٿو. سمارٽ فون ۽ انٽرنيٽ ٽيڪنالاجي رابطي جي ذڪاين کي آسان ڪري ماڻهن کي آزاد سماج ۾ زندگي گذارڻ جا ذريعا مهيا ڪيا آهن، اهڙي طرح اهي ترجميڪاري، واپار، تعليم، سکيا وغيره جون ايپليڪيشن ڊائونلوڊ ڪرڻ جون سهولتون ۽ انهن تي ڪم ڪرڻ جو ماحول پڻ مهيا ڪري رهيا آهن. انڊرائيڊ آپريٽنگ سسٽم (Android Operating System) جي ماحول سمارٽ فون کي ڪمپيوٽر بڻائي انفرميشن ٽيڪنالاجي جو بهترين اوزار بڻائي ڇڏيو آهي. سماجي رابطي جا سمورا اوزار سمارٽ فون تي هلن ٿا، جنهنڪري ماڻهو دنيا جي ڪنهن بہ علائقي يا حصي مان سيڪنڊن ۾ لائيو يا سنئون سڌو رابطو قائم ڪري سگهن ٿا ۽ پنهنجا احساس، مسئلا، خوشيون، وغيره ونڊي سگهن ٿا. هاڻي واپار جون منڊيون ورچوئل ٿي چڪيون آهن، تنهنڪري سمارٽ فون ذريعي گهر ويٺي واپار بہ آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿو ۽ وکر وغيره بہ گهرائي سگهجي ٿو.

هاڻوڪي دور انڊسٽريل انقلاب جو دور آهي جيڪو ٽيڪنالاجي جي ترقي جو چوٿون دور آهي. هن دور ۾ ٽيڪنالاجي مصنوعي ذاهپ يا آرٽيفيشل انٽيليجنس ذريعي تمام گهڻي ترقي ڪري رهي آهي. روبوٽڪس (Robotics)، نيچرل لينگوئج پروسيسنگ (Natural Language Processing) مشين لرننگ (Machine Learning)،

ڊيپ لرننگ (Deep Learning) ۽ اليڪٽرانڪ جيوگرافي ( Electronic Geography) وغيره جي ترقي ۽ استعمال جي ڪري دنيا سسندي وڃي پئي. ڪئانٽم ڪمپيوٽنگ (Quantum Computing) جو سرشتو هاٽوڪي ڪمپيوٽنگ کي تبديل ڪري رهيو آهي، هي ڪمپيوٽنگ جو سرشتو ٽيڪنالاجي کي وڏيڪ جدت ڏيندو ۽ دنيا کي حيران ڪندڙ نتيجا مهيا ڪندو، جيڪا ڳالهه اسان جي تصور ۾ به ناهي سا ٽيڪنالاجي ذريعي ٿيندي. انهي ٽيڪنالاجي جي ترقي ۾ سڀ کان اهم ڪردار ڪمپيوٽر سائنس، سسٽم انجنيئرنگ، آرٽيفيشل انٽيليجنس، انفرميشن ٽيڪنولوجي، اليڪٽرانڪ انجنيئرنگ، ميڪاٽرانڪس ۽ بايوميڊيڪل ٽيڪنالاجي وغيره جو هوندو. ناسا ۽ ڪجهه ٻيون تنظيمون يا ادارا ٽيڪنالاجي جي ترقي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. هٿراڌو ڌاهپ جي ذريعي نوان نوان اوزار ٺاهيا وڃن پيا، مختلف قسم جي مرضن لاءِ نوان ۽ بهترين علاج جا طريقا استعمال ڪيا پيا وڃن. ڪمپيوٽرائزڊ اوزار گاڏي يا ٽيڪسي هلائيندڙ ڊرائيور جي حالت کي چڪاس ڪري رهيا آهن ته ڪٿي ڊرائيور نشي جي حالت ۾ ته نه آهي. خودڪار نظام جي ڪري پنهنجو پاڻ گاڏيون هلن پيون ۽ ماڻهن کي گهربل جڳهن تي پهچائن پيون. 5جي انٽرنيٽ جي بنياد تي نوان ڊرون ٺاهيا پيا وڃن ۽ انهن جو استعمال انٽرنيٽ جي ترقي لاءِ ڪيو وڃي پيو، ان لاءِ سولر پينل استعمال ڪيا پيا وڃن. 5جي بيسڊ انٽرنيٽ 4جي کان 40 دفعا وڌيڪ انٽرنيٽ جي رفتار مهيا ڪندي اهڙي طرح رابطن، ڊيٽا ۽ انفرميشن جي وسيلن ۾ تيزي اچي ويندي. ڊيٽا ۽ ٻين اهم اوزارن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ 3ڊي ( ٿري ڊائيمنشن يا ته رخي) اسٽوريج مهيا ڪئي پئي وڃي، جيڪا آن لائين اسٽوريج کي وڌائي پئي ۽ وڌائيندي رهندي. تنهنڪري ماڻهن کي پاڻ سان گڏ فائيل وغيره کڻڻ جي ضرورت ئي نه آهي، بس آن لائين پنهنجو اڪائونٽ ٺاهين ۽ پنهنجي ڊيٽا ۽ ٻين سوفٽ شين کي آن لائين محفوظ ڪن ۽ جتي چاهين کولين ۽ پنهنجو ڪم ڪن، ان سان ڊيٽا وغيره محفوظ به رهندي. بايو فريزر تي ڪم

هلي رهيو آ جيڪي بغير دروازن ۽ خانن جي هونديون. انهن ۾ جيلي هوندي، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو سامان رکيو ويندو. اهي فريزر تمام گهٽ بجلي استعمال ڪنديون. ان ڪان سواءِ ٽيڪنالاجي کي استعمال ڪندي، سائنسدانن آڪيسجن جون انجيڪشنون ٺاهين پيا، جيڪي بيمار ماڻهن يا ساهہ جي مرض ۾ مبتلا مريضن کي لڳايون وينديون، جيڪي انهن کي ساهہ کڻڻ ۾ مدد ڪنديون. ايتري تائين جو جيڪڏهن ماڻهو ڪن سببن جي ڪري ساهہ نہ پيا کڻي سگهن تہ بہ انهن کي آڪسيجن ملندي. اها انجيڪشن يا سئي انهن ماڻهن کي بہ فائدو ڏيندي جيڪي اهڙي جڳهہ تي وڃن ٿا جتي آڪسيجن موجود نہ آهي يا گهٽ آهي. (1) ٽيڪنالاجي جي ترقي جي ڪري دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن ۾ پاڻي جي اندر رستا يا ٽنل (Tunnel) ٺاهيا پيا وڃن، جن ذريعي گاڏيون هڪ شهر کان يا هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ يا شهر تائين آساني سان پهچنديون. انهن گاڏين جا ايڪسيڊنٽ يا حادثا بہ ڪون ٿيندا ۽ اهي گاڏيون دونهون بہ نہ ڪيدنديون تنهنڪري پوليوشن يا ماحولياتي گدلاڻ بہ نہ ٿيندي. عالمگيريت جي گهرجن کي سامهون رکندي اهي رستا پوري دنيا ۾ سمنڊ ذريعي ٺاهيا پيا وڃن. هن وقت سرحدن تي جنگيون ڪندڙ ملڪ ان تبديليءَ کي مڃيندا ۽ دنيا بغير سرحدن جي عالمگير بڻجي ويندي.

سماجي رابطن جي اوزارن دنيا ۾ رهندڙ ماڻهن کي پاڻ ۾ ڳنڍي ڇڏيو آهي، ماڻهو پنهنجا، پنهنجي قوم ۽ ملڪ جا مسئلا انهن سماجي رابطن جي ويبسائيٽس تي هڪ ٻئي سان ونڊي رهيا آهن. هر خوشي ۽ ڏک جي خبر منٽن ۾ سمورن دوستن ۽ مائٽن سان ونڊي وڃي ٿي. اهڙي طرح انهن ويبسائيٽس ماڻهن جا پوري دنيا ۾ دوست ٺاهي ڇڏيا آهن. ايتري تائين جو هاڻي شاديون بہ سماجي ميڊيا جي ذريعي ٿي رهيون آهن، جن نسل، قوم ۽ ثقافتن جي فرق کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ فيس بڪ، ٽوئيٽر، ماءِ اسپيس، انسٽاگرام، واٽس اپ، گوگل پلس، لنڪڊان وغيره اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. اهي اوزار واپار جي واڌاري لاءِ پڻ تمام گهڻيون سهولتون مهيا ڪري رهيا آهن.

جيڪي ماڻهو ٿوري ناٽي سان ڪو بہ ڌنڌو شروع ڪرڻ چاهين ٿا تہ اهي انهن اوزارن جي ذريعي واپار ڪري پئسا ڪمائي سگهن ٿا. سماجي ۽ سياسي تنظيمون يا فرد سماجي رابطن جي ويبسائيٽس ذريعي سماج کي سڌارڻ جا ڪم ۽ سياسي ڪم ڪن ٿا ڪن ملڪن ۾ تہ انهن ويبسائيٽس جي ڪري تبديليون بہ آيون آهن. ڪيترن ئي بي پهچ ماڻهن کي انهن ويبسائيٽس جي ڪري تمام گهڻي مدد ملي آهي ۽ انهن جا مسئلا حل ٿي چڪا آهن ۽ ڪيترن جا وري مسئلا حل ٿي رهيا آهن. سرچ انجنس يا ڳولها جي ويبسائيٽس جي ذريعي مختلف قسم جي ڄاڻ ۽ ڊيٽا حاصل ٿي رهي آهي، گوگل سرچ انجن ويبسائيٽس جو بهترين مثال آهي ڪنهن بہ موضوع تي تمام گهڻي ڊيٽا ملي وڃي ٿي. آن لائين ڊڪشنرين ذريعي ڏکين لفظن جي معنیٰ ڏسي سگهجي ٿي. انٽرنيٽ ٽيڪنالاجي جي ذريعي تحقيقي ڪم ۾ تمام گهڻو واڌارو ٿيو آهي. تحقيق لاءِ گهربل مواد ۽ اوزار آن لائين ملي وڃن ٿا اهڙي طرح مختلف قسم ۽ شعبن جا تحقيقي جرنل پڻ آن لائين موجود آهن، جيڪي تحقيق جي ڪم کي ٻين ماڻهن ۽ ادارن تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

مستقبل ۾ ڪمپيوٽر سائنس، انفرميشن ٽيڪنولوجي، مصنوعي ڏاهپ ۽ رابطن جي نون طريقن جي ڪري دنيا جي بناوٽ تبديل ٿي ويندي. اها تبديلي ايتري تہ وڏي هوندي جو شايد هاڻوڪي دور جو انسان ان تبديلي کي تسليم ئي نہ ڪري پر اها تبديلي هڪ حقيقت آهي جيڪا ضرور ايندي. تنهنڪري اسان پنهنجي نئين نسل کي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي تعليم ڏياريون تہ جيئن اهو ڊجيٽل دور سان گڏ هلي سگهي. ايندڙ وقت ۾ موبائيل فون هڪ ننڍڙي چپ ۾ تبديل ٿي ويندي جنهن ذريعي پوري دنيا سان آساني سان رابطو ڪري سگهبو. هولوگرام ٽيڪنالاجي ذريعي ماڻهو ڳالهائڻ وقت هڪ ٻئي جي سامهون هوندا، هٽراڌو چنڊ ناهيو وڃي پيو، جيڪو روشني فراهم ڪندو. ٽرانسپورٽيشن جا ذريعا تبديل ٿي ويندا، اهڙي طرح ماڻهو پکين يا جهازن وانگر هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ تائين اڏري پهچندا

چاڪاڻ تہ هر ماڻهو سان گڏ اليڪٽرانڪ پرزا هوندا جن ۾ طاقتور بيٽري لڳل هوندي، جيڪا ماڻهن کي اڌاري هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين پهچائيندي اها بيٽري سج جي روشني تي بہ چارج ٿيندي رهندي. جڏهن تہ دنيا ۾ ڳالهائجندڙ سموريون ٻوليون ڪائناتي گرائمر يا عالمي گرائمر تحت ڪم ڪنديون جنهن جو مطلب ٿيو تہ هر ٻوليءَ کي پنهنجو گرائمر تہ هوندو پر اها ٻولي عالمي گرائمر تحت وري ٻين ٻولين سان ڳنڍيل هوندي. هر ٻولي عالمي لفظن جي ڄار، جنهن کي ورلڊ نيٽ چئجي ٿو، جي ذريعي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هوندي. جنهن ذريعي اهي لفظ جيڪي اسم، صفت، ظرف ۽ فعل هوندا پوري دنيا جي ٻولين جي اسم، صفت، ظرف ۽ فعل وارن لفظن سان ڳنڍيل هوندا، ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ٺاهيا ويندا تہ جيئن لفظن جي سڃاڻپ آسانيءَ سان ٿي سگهي، اهڙي طرح ماڻهو ڳالهائيندا تہ پنهنجي ٻولي ۾ پر انهن جون ڳالهيون هر فرد يا مشين سمجهندي. دنيا، حقيقت ۾ عالمي ڳوٺ يا گلوبل وليج تڏهن ئي ٿيندي جڏهن سموريون ٻوليون هڪ ٻئي لاءِ سمجهہ لائق هونديون ۽ سمورا وسيلا پوري انسانيت جي استعمال لاءِ هوندا.

ٽيڪنالاجي ۽ هٿراڌو ڏاهپ جي ترقي جي ڪري انهن جي اهميت بہ تمام گهڻي وڌي وئي آهي، جڏهن تہ انهن جي منفي اثرن جي ڪري سماج مان انساني ڏاهپ ۽ فلسفو بہ ختم ٿي رهيا آهن. ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ هٿراڌو ڏاهپ جي تمام گهڻي ترقيءَ سبب انساني سماج تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيو آهي، اسان عالمگير سماج ۾ داخل تہ ٿي ويا آهيون پر ان سماج اسان کي ٻي حس بہ ڪري ڇڏيو آهي، سماجي ۽ انساني ترقي وارا فلسفا بہ ختم ٿيندا وڃن پيا. اولهہ جي تهذيب تہ مڪمل تبديل ٿي چڪي آهي، هاڻي اتان جي تهذيب ڊجيٽل يا ٽيڪنالاجي واري تهذيب بڻجي وئي آهي، جنهن جا اثر دنيا جي ٻين تهذيبن تي بہ پئجي رهيا آهن. مذهب، لبرلزم ۽ ڪميونزم وارا نظريا ختم ٿي رهيا آهن. اولهہ ۾ تہ مذهب بہ ختم ٿي ويو آهي يا آخري پساهن ۾ آهي، ايڪويهين صدي دنيا کي سماجي فلسفن کان

پري ڪندي پئي وڃي. ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي هٿراڌو ڏاهپ جي ذريعي ادارن ۽ واپار کي خودڪار نظامن يا اوزارن جي ذريعي هلائڻ شروع ڪيو آهي، جنهنڪري سماجي ترقي ۽ روزمره جي ڪم ڪار ۾ ماڻهن جي شموليت گهٽبي پئي وڃي. هاڻي چين، آمريڪا ۽ ٻين ترقي يافته ملڪن ۾ خودڪار طريقي سان بينڪون ۽ اخبارون هلڻ شروع ٿيون آهن، جنهن ڪري انساني سماج مشين وارو سماج ٿيندو وڃي جنهن سان بي روزگاري به وڌي سگهي ٿي. قدرتي روين جي تبديليءَ جي ڪري خودڪشي ڪندڙن جو تعداد به وڌي رهيو آهي. ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي جي هٿراڌو ڏاهپ واري ٽيڪنالاجي جي اها ترقي ايندڙ سالن ۾ انساني ذهن کان وڌيڪ ڪم ڪندي، جنهن ڪري انسان کان وڌيڪ ڪمپيوٽر ترقياتي ۽ سائنسي ڪم ڪندو. اسٽيفن هاڪنگ پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيئي ٿو، جيڪو ”بريف انسرس ٽو د بگ ڪوسچنس“ (Brief Answers to the Big Questions) جي عنوان سان ڪتابي صورت ۾ ڇپيو آهي ته مستقبل جي سڀ کان وڏي جنگ جديد ٽيڪنالاجي ۽ اسان جي ڏاهپ جي وچ ۾ ٿيندي، جنهن مان خبر پوندي ته اسان جي ڏاهپ ٽيڪنالاجي کي ڪيئن استعمال ڪري ٿي. اڇو ته انساني ڏاهپ کي ڪامياب بڻايون. اسٽيفن هاڪنگ جي ڳالهه اهم آهي ته هٿراڌو ڏاهپ واري ٽيڪنالاجي انساني ذهن کان وڌيڪ ڪم ڪندي ۽ عقلمند ماڻهن کي ڪجهه ڪرڻ نه ڏيندي، اهڙي طرح عقلمند ۽ ساڃاهوند ماڻهن جا نظريا ۽ سوچون وغيره محدود ٿي وينديون. ٽيڪنالاجي انهن ماڻهن تي حاوي هوندي. جيئن ته ٽيڪنالاجي ۾ انسانن جهڙو احساس نه آهي، تنهنڪري انساني سماج جي جوڙجڪ ۽ ترقي انساني خواهشن مطابق نه ٿيندي پر ان ٽيڪنالاجي ۽ ان تي قابض قوتن مطابق ٿيندي. تنهنڪري اسٽيفن هاڪنگ صحيح چئي ٿو ته ايندڙ جنگ انساني ڏاهپ ۽ ٽيڪنالاجي جي وچ ۾ هوندي. سرمائيدار طبقو عالمگيريت جي روپ ۾ انسان کي وڏا ۽ خوبصورت خواب ته ڏيکاري ٿو پر اصل ۾ هو ٽيڪنالاجي کي پنهنجي منافعي لاءِ استعمال ڪري ٿو، جنهن

ڪري انساني سماج انهن طبقن کان ٻاهر نٿو نڪري سگهي. بي بي سي کي انٽرويو ڏيندي معروف محقق اسٽيفن هاڪنگ چيو هو تہ هٿراڌو ڏاهپ جي مڪمل ترقي انساني نسل جو خاتمو آڻي ڇڏيندي. هڪ دفعو انسانن هٿراڌو ڏاهپ کي مڪمل ٺاهي ڇڏيو تہ ان جي ارتقا وارو عمل پنهنجو پاڻ ترقي ڪندو رهندو، اهڙي طرح انسان پنهنجي سست حياتياتي ارتقا جي سبب ان جو مقابلو نہ ڪري سگهندو. (2) اسٽيفن هاڪنگ جي ڳالهہ ۾ تمام گهڻو وزن آهي چاڪاڻ تہ ماڻهوءَ جي دل جي ڌڙڪن کان ڪمپيوٽر جي پروسيسر جي ڌڙڪن لکين دفعا وڌيڪ ڌڙڪي ٿي. اهڙي طرح ماڻهو جي زندگي کان وڌيڪ ڪمپيوٽر جي زندگي آهي جيڪو گهڻو وقت زنده رهي سگهي ٿو. تنهنڪري ڪمپيوٽر جي ڏاهپ انساني ڏاهپ کي محدود ڪندي وڃي ٿي. بايو انجنيئرنگ، انفو ٽيڪنالاجي ۽ هٿراڌو ڏاهپ جي ترقي مستقبل جي انسان کي گهڻو تبديل ڪري ڇڏيندي، جنهن سان انساني ۽ قدرتي قدر باقي نہ رهندا. تمام گهڻي ترقي يافتہ سماج جي هوندي بہ انسان اڪيلو ۽ احساس کان وانجهيل هوندو. هن وقت اسان جي مڪمل ڄاڻ ۽ ڊيٽا عالمي ڪمپنين ۽ سرمائيدارن وٽ موجود آهي. اسان کان اسان جي ذاتي ڄاڻ اي ٽي ايم ڪارڊ، بينڪ اڪائونٽ، صحت جي ڪارڊ، سماجي ميڊيا جي اڪائونٽس، اي ميل اڪائونٽس، آن لائين شناختي ڪارڊ جي حوالي سان ورتي وڃي ٿي. اها ڊيٽا مختلف ڪمپنين تائين پهچي ٿي، اهڙي طرح اها ڊيٽا ڪنهن بہ مقصد لاءِ استعمال ٿي سگهي ٿي. اسان پنهنجي ڄاڻ ڏيندي پنهنجي صحت جي باري ۾ بہ سڀ ڪجهہ ٻڌائيندا آهيون، جنهن ذريعي عالمي ڪمپنين کي اسان جي بيمارين ۽ ڪمزورين جي بہ خبر هوندي آهي. ان ڊيٽا جي بنياد تي نوان سوفٽويئر ۽ ٽيڪنالاجي جا اوزار ٺهي رهيا آهن، جيڪي اسان جي فطرت ۽ سوچ مطابق ڪم ڪن ٿا يا نتيجا ڏين ٿا. دنيا جا وڏا دماغ يا ڊيٽا جي تجزيي جا ماهر ٽيڪنالاجي وسيلي مهيا ڪيل ڄاڻ جو تجزيو ڪن ٿا ۽ انهن مان مختلف قسم جا نتيجا حاصل ڪن ٿا. هن وقت طاقت جو استعمال

ٽيڪنالاجي جي ذريعي ڪيو ويجي ٿو. اهڙي طرح اسان جي مهيا ڪيل ڊيٽا جي بنياد تي ٽيڪنالاجي ڪي استعمال ڪندي فردن ۽ سماجن ڪي ڪنٽرول ڪيو ويجي ٿو. هاڻي اهو ملڪ يا سماج ئي عالمي طاقت بڻجي سگهي ٿو يا عالمي حڪومت ڪري سگهي ٿو جيڪو ٽيڪنالاجي ۾ اڳيرو آهي يا اڳيرو هوندو. خاص ڪري هٿراڏو ڏاهپ، بايو انجنيئرنگ ۽ انفو ٽيڪنالاجي ۾ ۽ جنهن وٽ دنيا جي اڪثر ماڻهن جي ذاتي ڄاڻ ۽ ڊيٽا موجود آهي. ٽيڪنالاجي انساني سماج جي فطرت ڪي تبديل ڪري رهي آهي، جنهن ڪري ماڻهن جو خدا تي يقين بہ ختم ٿيندو ويجي ٿو. ماڻهو خدا جي مهيا ڪندڙ نعمتن جا انڪاري ٿيندا وڃن ٿا بلڪ هو سائنس ۽ ٽيڪنالاجي تي يقين رکن ٿا. ڊارونزم واري نظريي ڪي اهميت ڏين ٿا جنهنڪري هو وقت، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ڪي ئي سڀ ڪجھ سمجهڻ سان گڏ پوري جي پوري ترقي جو سبب انسان جي محنت ڪي ئي سمجهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ٽيڪنالاجي انساني ڏاهپ ڪي بہ مفلوج بڻائيندي پئي ويجي. دنيا جو نئون ورڊ آرلڊ هٿراڏو ڏاهپ ذريعي انساني ڏاهپ ڪي ڪنٽرول ڪري دنيا تي حڪومت ڪرڻ آهي، تنهنڪري اسٽيفن هاڪنگ جي ان جملي جي تمام گهڻي اهميت آهي تہ ايندڙ جنگ انساني ڏاهپ ۽ ٽيڪنالاجي جي وچ ۾ هوندي جنهن جو مطلب ٿيو تہ اسان ٽيڪنالاجي ڪي ڪيئن ٿا استعمال ڪريون، اچو تہ پنهنجي ڏاهپ ڪي ڪامياب بڻايون.

حوالا:

(1) https: // www. medical news today. com/ articles / 247295 .php
(2) https: // www. bbc. com/ urdu/science / 2014/ 12/ 141229_ man_ machine_ atk

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غافل غفلت ڇوڙ تون ڪيئن اٽاسي اوجهرين؟
ڇُپاتان چڙهي ويا، وڃي پهتا توڙ
نيٽين ننڊ اکوڙ ڄمِ ورن ۾ واڪا ڪرين.
(شاهہ- سر ڪوهياري)

# عالمگيريت جي دور ۾ انفرميشن ٽيڪنالاجي جو ڪردار

چوٿين انڊسٽريل انقلاب سماج ۽ ماڻهن جي زندگيءَ تي تمام گهڻو اثر وڌو آهي. ان دور ۾ جيڪا ٽيڪنولوجي جي اوسر ۽ ترقي ٿي آهي تنهن انساني سماج، رهڻي ڪهڻي، معاشيات، ٻولي، ثقافت وغيره کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ٿوري وقت ۾ انساني سماج جا رويا ۽ زندگي گذارڻ جا طريقا ئي بدلجي ويا آهن. ٽيڪنالاجي جو استعمال ايترو تہ وڌي ويو آهي جو ڪو بہ ڪم ٽيڪنالاجي جي اوزارن جي استعمال کانسواءِ مشڪل ٿي ويو آهي. هاڻي اسان ٽيڪنالاجي تي ئي ڀاڙي رهيا آهيون. ٽيڪنالاجي جي ڪري اسان عالمگير سماج ۾ تبديل ٿي رهيا آهيون. اسان جي پنهنجي سڃاڻپ، ثقافت، زراعت، واپار، ڪارخانا، ٻولي، خانداني نظام، رشتيداري، ورتاءُ، ريتون رسمون، خيال وغيره تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيا آهن. هاڻوڪي دور جي ترقي ۽ تبديلي، ايتري تائين جو مختلف قسم جي ٽيڪنالاجي جي ترقي ۽ تبديلي ۾ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ انفرميشن ٽيڪنالاجي جو اهم ۽ واضح ڪردار آهي، جنهن مختلف نموني جا ڄار وڇائي سماج جي طور طريقن کي بدلائي ڇڏيو آهي. انفرميشن ٽيڪنالاجي نہ رڳو رابطن جو ڄار وڇائي ڇڏيو آهي پر انهن ۾ جدت بہ پيدا ڪئي آهي، جنهن ذريعي ماڻهو ۽ مختلف قسم جون مشينون هڪ ٻئي سان پوري دنيا ۾ سيڪنڊن کان بہ گهٽ وقت ۾ رابطو قائم ڪري وٺن ٿا. ميڊيا جا مختلف قسم انفرميشن ٽيڪنالاجي ذريعي دنيا کي چاڙ ۽ خبرون وغيره مهيا ڪري رهيا آهن. انفرميشن ٽيڪنالاجي انفرااسٽرڪچر يا بناوت جي ذريعي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا ۾ وڏا وڏا نيٽورڪ ۽ ڪلائوڊ قائم ٿي رهيا آهن. ڪمپيوٽر سائنس مختلف نمونن جا سوفٽويئر ناهي دنيا ۾ موجود مسئلن جو حل پيش ڪري رهي آهي. واپار کي هٿي ڏيارڻ ۾ به ڪمپيوٽر سائنس ۽ انفرميشن ٽيڪنالاجي اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. ڪمپيوٽر سائنس ايترو اڳتي نڪري وئي آهي جو ڪمپيوٽر يا ڪنهن به مشين کي ڪنهن مخصوص شعبي جي سکيا ڏئي ان کي ماهر بڻايو وڃي ٿو. مثال طور ڪمپيوٽر کي ٻولي سکڻ، گرائمر جو صحيح استعمال ڪرڻ، ماڻهن جي لکڻ يا ڳالهائڻ مان احساسن ۽ راين کي ڳولهڻ جي سکيا ڏيڻ کان پوءِ ان کي انهن شعبن ۾ هڪ ماهر طور استعمال ڪري سگهجي ٿو. ايتري تائين جو ڪنهن مشين کي سکيا ڏئي ان کان خودڪار طريقي سان ڊرائيونگ ڪرائي وڃي پئي، فيڪٽرين وغيره ۾ ڪم ورتو وڃي پيو، ڪمپيوٽر کي سکيا ڏئي شاعر، ۽ ڳائڻو بڻائي سگهجي ٿو. اهائي مشين ترجمي، رڪارڊ ڪيپنگ، واپار، خودڪار طريقن سان تجزين، هٿراڌو ڏاهپ، اسٽاڪ ايڪسچينج جي پروسيس، سائنس جي ايجادن، جيوگرافيڪل چارٽ، بيمارين جي اڳڪٿين ۽ علاج، پاڻي جي لاٿ ۽ چاڙهه، زمين جي اندر ۽ زمين کان ٻاهر جا حال احوال ۽ تجزيا پيش ڪري ٿي. ماڻهن جي تڪليفن مطابق انهن جوعلاج ڪري ٿي، زمين کان ٻاهر چنڊ، مريخ ۽ ٻين سيارن وغيره جون ڳالهيون ٻڌائي ٿي موسم، بارشن، ٻوڏن وغيره جي باري ۾ اڳواٽ خبرون ڏئي پئي.

1940ع کان اڳ ۾ ڪمپيوٽر گهڻي ترقي نہ ڪئي هئي پر ان تي ڪم ضرور ٿيو هو. تنهنڪري ان دور جو ڪمپيوٽر موجوده ڪمپيوٽر جو بنياد آهي. 1940ع کانپوءِ پهريون ڪمپيوٽر مارڪ هڪ (Mark-I) آئي بي ايم طرفان مارڪيٽ ۾ آندو ويو هو. جنهن دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن ۾ ٿرٿلو مچائي ڇڏيو هو اهڙيءَ طرح مارڪ بہ (Mark-II) 1944ع ۾ ايجاد ڪيو ويو. جنهن ڪمپيوٽر جي ترقي کي نئون رخ ڏنو. ان کان پوءِ 1948ع ۾ ٽرانسسٽر (Transistor) ايجاد ڪيو ويو جنهن پڻ دنيا کي هڪ نئون اتساهہ ڏنو. 1950ع کان پوءِ ڪمپيوٽر ۽ ڪميونيڪيشن

جي طريقن ۽ اوزارن ۾ تمام گهڻي تيزيءَ سان ترقي ٿي. ٻي مهاڀاري لڙائي کان پوءِ آمريڪا ڪمپيوٽر ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي تي گهڻي توجهه ڏني ڇاڪاڻ تہ ٻي مهاڀاري لڙائي دوران آمريڪا جون خفيا ڳالهيون ان جي دشمنن تائين پهچڻ پيون، جنهنڪري آمريڪا رابطي جي ٽيڪنالاجي کي مضبوط ۽ محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪمپيوٽر انجنيئرس کي مختلف ذميواريون ڏنيون تہ جيئن ڪا اهڙي ٽيڪنالاجي وجود ۾ آڻجي جنهن سان ڊيٽا گهڻي محفوظ رهي ۽ ان کي ڪوبہ چوري نہ ڪري سگهي ۽ نہ وري ڪو ڊي ڪرپٽ (Decrypt) ڪري سگهي. 1950ع واري پهرين حصي ۾ ايلن ٽيورنگ هٽراڊو ڏاهپ واري مشين (Intelligent Machine) جو تصور پيش ڪيو، جنهن جي بنياد تي هٽراڊو ڏاهپ (Artificial Intelligence) جهڙي وڏي ٽيڪنالاجي وجود ۾ آئي. 1956ع ڌاري ڪمپيوٽر ۽ ڪميونيڪيشن تي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ اهو طئي ڪيو ويو تہ اهڙي ٽيڪنالاجي وجود ۾ آڻجي جيڪا نيٽورڪ ذريعي هڪ ڪمپيوٽر کان ٻئي ڪمپيوٽر ۽ هڪ نيٽورڪ ۽ جڳهہ کان ٻئي نيٽورڪ ۽ جڳهہ تائين ڊيٽا کي محفوظ طريقي سان پهچائي سگهي، حقيقت ۾ اها ئي ڪانفرنس هئي جنهن انفرميشن ٽيڪنالاجي کي وجود ۾ آندو. ان ٽيڪنالاجي جي ڪري انٽرنيٽ وجود ۾ آئي جنهن جو پهريون نالو آرپانيٽ (Arpanet) هيو، جيڪا صرف آمريڪا جي بچاءُ واري کاتي (Department of Defence) ۾ 1960ع ڌاري شروع ٿي. ان ٽيڪنالاجي کي پهريان تہ تمام گهڻو محدود ۽ ڪنهن حد تائين ڳجهو رکيو ويو. آمريڪا ان ٽيڪنالاجي کي سمجهڻ ۽ فائدي وٺڻ کان پوءِ عام ڪرڻ تي چاهيو، جنهن ۾ هو ڪامياب ويو. انفرميشن ٽيڪنالاجي ٻن ٽيڪنالاجين جي ملڻ کان پوءِ پيدا ٿيندڙ ٽيڪنالاجي کي چئجي ٿو، تنهنڪري هن ٽيڪنالاجي جي تمام گهڻي اهميت آهي. انفرميشن ٽيڪنالاجي جن ٽيڪنالاجين جي ملڻ سان پيدا ٿي آهي، سي آهن ڪمپيوٽر سائنس ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنولوجي. تنهنڪري آئي ٽي هڪ ڇٽيءَ جيان آهي، جنهن جي

هينيان ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي اچن ٿا. بچاءُ واري ڪاتي ۾ استعمال ٿيڻ کان پوءِ انٽرنيٽ کي يونيورسٽين ۾ استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي تہ جيئن سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي تي وڌيڪ ڪم ٿي سگهي. يونيورسٽين ۾ انٽرنيٽ جي ساخت، ترقي ۽ ڀڳاندايپي تي وڌيڪ تحقيق ٿي، جنهن ڪري انفرميشن ٽيڪنالاجي وڌيڪ ترقي ڪئي. اهڙي طرح 1990ع دوران انٽرنيٽ کي عام ڪيو ويو ۽ 1990ع کانپوءِ دنيا جي مختلف ملڪن کي انٽرنيٽ استعمال ڪرڻ جي سهولت مهيا ڪئي وئي. هن وقت ننڍن ڳوٺن ۽ علائقن ۾ بہ انٽرنيٽ استعمال ڪئي وڃي پئي. انٽرنيٽ ذريعي ماڻهو مختلف قسم جون ٽيڪنالاجيون، سماجي رابطن جا اوزار، ڪمپيوٽر مشينيون، مختلف قسم جا سوفٽويئر وغيره استعمال ڪري پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن يا مختلف ماڻهن ۽ ادارن سان رابطا ڪري رهيا آهن. تنهنڪري ان ڳالهہ ۾ وڌاءُ نہ آهي تہ آئي ٽي دنيا ۾ هڪ وڏو انقلاب برپا ڪيو آهي، جنهن دنيا کي بين الاقواميت کان عالمگيريت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

## انفرميشن ٽيڪنالاجي جو تاريخي پسمنظر ۽ اوسر

اطلاع، خبرون يا ڄاڻ پهچائڻ جا ذريعا ايترا ئي پراڻا آهن جيتري انساني سماج جي تاريخ. ماڻهو هڪ جڳهہ يا علائقي کان ٻي جڳهہ تائين پاڻ يا ڪنهن نہ ڪنهن ذريعي يا طريقي سان اطلاع، خبرون يا ڪنهن بہ نموني جي ڄاڻ پهچائيندا هئا. اهو سلسلو وقت سان گڏ ترقي ڪندو رهيو، مشين جي ايجاد ان نظام کي گهڻي ترقي ڏياري. خاص ڪري ڪمپيوٽر مشين ۽ رابطي جي اوزارن هن نظام کي ترقي جي بلندين تي پهچايو. هن دور ۾ ڪمپيوٽر کي ايترو تہ ننڍڙو ٺاهيو ويو آهي جو ماڻهوءَ جي کيسي ۾ آرام سان اچي وڃي ٿو. تنهنڪري دنيا جي ماڻهن جي اڪثريت ڪمپيوٽر کي مختلف فائدن لاءِ استعمال ڪري رهي آهي، خاص ڪري موبائيل فون جي شڪل ۾ تہ هر ماڻهو ان اوزار کي استعمال ڪري رهيو آهي. ڪمپيوٽر جو اصل

مقصد تہ ڳٽپ جي سرشتي کي آسان بڻائڻ هو تہ جيئن ماڻهو خاص ڪري واپار ۽ زراعت سان لاڳاپيل ماڻهو آسانيءَ سان حساب وغيره ڪري سگهن ۽ انهن حسابن کي محفوظ بہ بڻائي سگهن. ان سلسلي ۾ ڪمپيوٽر ۽ ڪميونيڪيشن جي اوسر ۽ ترقي کي ٽن دورن ۾ ورهائجي ٿو جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

## پٿر جو دور يا مڪينيڪل دور کان اڳ جو دور

ڌرتي تي انسان جي پيدا ٿيڻ سان انساني سماج وجود ۾ اچڻ لڳو. تنهنڪري پنهنجي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ مختلف قسم جي کاڌ خوراڪ، پاڻ کي ڍڪڻ لاءِ ڪپڙن، مختلف واهپي جي شين، اوزارن ۽ طريقن کي ان وقت جي ماڻهن يا سماج طرفان پيدا ڪيو ويو. انسان مختلف نمونن جا فصل پيدا ڪرڻ ۽ جانور پالڻ لڳو. اهڙي طرح پنهنجي ۽ جانورن جي کاڌ خوراڪ ۽ تحفظ لاءِ مختلف قسم جا ڪم ڪندو رهيو. هو شام جو جانورن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪرڻ لڳو ۽ ان جاءِ کي چوڌاري لوڙها وغيره ڏئي انهن کي محفوظ ڪرڻ لڳو. صبح سان جانورن کي ان جاءِ کان ڪڍڻ وقت ۽ شام جو جانورن کي ان جاءِ تي گڏ ڪرڻ وقت ڳڻڻ شروع ڪيائين تہ جيئن خبر پئجي سگهي تہ ڪو جانور ڪٿي رهجي تہ نہ ويو آ يا ڪنهن ٻئي جانور وغيره جو کاڄ تہ نہ بڻجي ويو آ يا وري ڪنهن جانورن کي چوري تہ نہ ڪيو آ. ان دور جا ماڻهو شروع ۾ اها ڳٽپ پٿرن ۽ جانورن جي ڦولڙين سان ڪندا هئا. بعد ۾ ڳٽپ جا نوان طريقا پيدا ڪرڻ لڳا جن ۾ جوڙ ۽ ڪٽ جو طريقو پڻ ايجاد ڪيو ويو. اهڙي طرح جيڪي جانور ڌڻ ۾ شامل ٿيندا هئا ۽ ان ڌڻ مان ڪنهن سبب ڪري ڪيديا ويندا هئا تہ اهي جوڙيا ڪٽ ٿيندا هئا. ڳٽپ جو نظام سميرين تهذيب کان شروع ٿيو جيڪو بابلين ۽ ميسوپوٽيميا تائين پهتو ان ڳٽپ جي بنياد تي دنيا جو پهريون ڪلڪيوليٽر جيڪو 3000 قبل مسيح کان 1500 قبل مسيح جي دور ۾ ٺاهيو ويو، جنهن جو نالو ايباڪس ورتو وڃي پيو. ايباڪس لاطيني لفظ آهي جيڪو گريڪ ٻولي جي لفظ اباڪس مان

ورتو ويو آهي. هي مستطيل يا ريڪٽينگل شڪل ۾ ڪاٺي جو ٺهيل ڪلڪيوليٽر هيو، جنهن ۾ مختلف پوائنٽس ٺاهي انهن کي ڌاڳن يا رسين ذريعي ڳنڍيو ويو هو. رسين يا ڌاڳن ۾ ڪاٺي جا گول ننڍڙا ٽڪرا وڌا ويا هئا، جن ذريعي ڳڻپ ڪئي ويندي هئي. هن ڪلڪيوليٽر ذريعي جوڙ ۽ ڪٽ جو حساب ڪيو ويندو هو. هي دنيا جي وڏي ايجاد هئي جنهن ڳڻپ جي نظام کي آسان بڻايو. ايباڪس لاءِ مختلف قسم جون چوٽيون موجود آهن، جن ۾ هڪ چوٽي هي به آهي ته سميري تهذيب ايباڪس جي ايجاد ڪندڙ تهذيب آهي ۽ ان کي سميرين ايباڪس چيو ويندو هو(1). اهو به چيو وڃي ٿو ته سميرين تقريبن 4000 کان 5000 سال اڳ ۾ نمبر يا انگ ٺاهيا هئا جنهن کي دنيا جو پهريون نمبرن يا انگن جو نظام چئي سگهجي ٿو ٻڙي (0) جي ايجاد هندستان ۾ ٿي، جنهن جي باري ۾ به مختلف رايا آهن(2). ڊيسيمل نظام يا ڏهائي سرشتو به هندستان ۾ ڇهين يا ستين صديءَ ۾ ٺاهيو ويو. ايباڪس ۽ ڳڻپ جي نظام تي تحقيق جي تمام گهڻي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته ايباڪس ۽ ڳڻپ جي نظام کي ٺاهيندڙ تهذيب کي سميري تهذيب چيو وڃي ٿو، جڏهن ته ڪن محققن اهو به لکيو آهي ته سميري تهذيب کي ٺاهڻ ۾ اهم ڪردار سنڌو تهذيب جو هو، جتان جا رهواسي واپار جي سلسلي ۾ سمير ۾ ويندا هئا، جن مان ڪيترائي اتي رهجي ويا هئا(3). اهي هميشه پنهنجي ديس سنڌ ۽ پنهنجي تهذيب جي تعريف ڪندا رهندا هئا. موهن جي دڙي جي وڏيڪ ڪوتائي ان ڳالهه کي ظاهر ڪري سگهي ٿي ته ڳڻپ ۽ ان سان لاڳاپيل ڳڻپ جو سائينٽيفڪ نظام ۽ ايباڪس جا ٺاهيندڙ ڪٿي سنڌي ته نه هئا. ڪتاب ”سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق جو جائزو“ جي مهاڳ ۾ سائين يوسف شاهين لکي ٿو ته تاريخي لحاظ کان قديم دنيا ۾ فقط ٽي اهڙا خطا هئا، جتي صورتخطي ٺاهي وئي هئي، انهن مان هڪ سنڌ، ٻيو سمير ۽ ٽيون مصر جو خطو هو. جيئن ته سنڌ جي تاريخ تي تمام ٿورو ڪم ٿيو آهي، تنهنڪري دنيا جا آرڪيالاجسٽ سمير ۽ مصر جي تهذيبن کي گهڻي اهميت ڏئي رهيا آهن. سائين يوسف

شاهين صاحب وڌيڪ لکن ٿا تہ سنڌين دنيا ۾ پهريون پيرو باقاعدي رٿا بندي سان شهر اڏيا، پڪي سِر ايجاد ڪئي (جيڪا مستطيل شڪل ۾ هئي)، پاڻي جي نيڪال لاءِ صحت جي اصولن مطابق زمين هيٺ ناليون وڇايون. هنن عام ماڻهن لاءِ وهنجڻ جا وڏا تلاءَ ٺاهيا، هر گهر تائين پاڻي پهچائڻ جو انتظام ڪيو. هنن دنيا ۾ سڀ کان پهرين ڪڻڪ، ٻاجهر، جَو ۽ تر پوکيا پوءِ اٽو پيهڻ لاءِ جنڊ ٺاهيو. هنن دنيا ۾ سڀ کان پهرين ڪپهہ جي پوک ڪئي، پوءِ ڪپهہ مان ڌاڳو ۽ ڌاڳي مان ڪپڙو ٺاهڻ لاءِ ڪاٺ واريون مشينيون ايجاد ڪيون. هنن سون، چاندي، پتل، جست ڪي استعمال ڪندي حيرت ۾ وجهندڙ زيور، ٿانوَ ۽ ٻيون شيون ٺاهيون، پوءِ دنيا سان وڏي پيماني تي واپار شروع ڪيو. سنڌ جي تيار ڪيل مال کي هاٽوڪن ملڪن عراق، ايران، شام ۽ مصر تائين پهچائڻ لاءِ سنڌين وڏا ٻيڙا ۽ بحري جهاز تيار ڪيا، جنهن سان شپنگ انڊسٽريءَ جو بنياد پيو. هنن سنڌ ۾ ڪيئي بندرگاهون ٺاهيون، جتي هزارين فني ماهر ڪم ڪرڻ لڳا. اهي ڳالهيون سائين محمد ادريس صديقي صاحب پنهنجي ڪتاب ”واديءِ سنڌ کي تهذيب“ ۾ پڻ لکيون آهن جيڪو مڪتبہ نيا راهي، ڪراچي طرفان سال 1959ع ۾ ڇپيو. هي حوالا لکڻ جو مقصد اهو آهي تہ سنڌ هڪ واپاري ۽ ترقي ڪندڙ خطو هو، جيڪو دنيا جي مختلف تهذيبن کي مختلف قسمن جا وکر مهيا ڪندو هو، جنهن ۾ سميري تهذيب بہ شامل هئي. هنن ڪيترين ئي ايجادون ڪيون جيڪي جديد شڪل ۾ هن وقت بہ موجود آهن. مستطيل شڪل ۾ پڪيون سرون ٺاهيندڙ سنڌي هئا ۽ اهي سرون ٺوس جاميٽري جي اصولن تي ٺهيل هيون، جڏهن تہ ايباڪس ڪلڪيوليٽر جي شڪل بہ مستطيل ۽ جاميٽري جي اصولن مطابق هئي. ڊاڪٽر آفتاب ابڙو پنهنجي تحقيقي ڪتاب ”سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق جو جائزو“ جي صفحي 41 تي لکي ٿو تہ ”سنڌو تهذيب انگن جو سرشتو جوڙيو، جيڪو ان دور ۾ عقلي پختگي جو معراج هو. ان ڪانسواءِ هنن ماپ تور لاءِ وٽ ٺاهيا، جيڪي پنهنجي پختگيءَ سبب دنيا جي ٻين ملڪن ۾ بہ استعمال هيٺ آيا.“ آمريڪي

ليڪڪا آئن مورا (Ain Mora) ننڍي کنڊ بابت هڪ تفصيلي ڪتاب لکيو آهي، جنهن جو هڪ باب آهي ننڍو کنڊ- سيپيتا جو پهريون هندورو(4). ان ۾ پاڻ سنڌي تهذيب بابت لکي ٿي ته سنڌو سيپيتا، سمير، مصر ۽ بابل جي تهذيبن کان گهڻي آڳاٽي آهي. سنڌو سيپيتا هماليه کان وٺي عربي سمنڊ تائين پکڙيل ڏسجي ٿي. موهن جي دڙي جون ڪيتريون ئي مورتيون سمير مان هٿ لڳيون آهن. اهڙي طرح قديم دور سان لاڳاپيل ڪاريهر نانگ جون مورتيون پڻ ميسوپٽيميا مان هٿ لڳيون آهن، جن جو واسطو به سنڌو ماتريءَ سان هو. مٿي بيان ڪيل شاهدين جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته سمير وارا سنڌو سيپيتا جي شهرن مان ڪي شيون درآمد ڪندا هئا پر ڪابه اهڙي شاهدي نظر ڪانه ٿي اچي جيڪا ثابت ڪري ته سمير سنڌو ماتريءَ ڏانهن ڪي شيون يا اوزار برآمد ڪندو هجي. هن وايومنڊل مان چڱيءَ ريت سمجهي سگهجي ٿو ته سمير، سنڌو سيپيتا جي هڪ ڪالوني هو.

انهن ڳالهين مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌو تهذيب جا ماڻهو خاص ڪري موهن جي دڙي جا ماڻهو پڙهيل لکيل، سائنسي دماغ رکندڙ ۽ حسابن جا پڻ ماهر هئا. هو امن پسند ماڻهو هئا، جيڪي واپار کي گهڻي اهميت ڏيندا هئا. واپار ۾ حساب وغيره ڪرڻ لاءِ هنن کي ڪلڪيوليٽر جي تمام گهڻي ضرورت پوندي هوندي، تنهنڪري ٿي سگهي ٿو ته ان وقت هنن ڪو اهڙو ڪاني جو ڳڻپ لاءِ اوزار ناهيو هجي جنهن کي دنيا ايباڪس چوي ٿي ته جيئن هو جلدي ۾ حساب ڪري سگهن، ايباڪس جي شڪل جهڙيون سرون سنڌو تهذيب مان ئي مليون آهن. هت مان ڪا حتمي راءِ يا ڪو فيصلو ڪون پيو ڏيان پر تحقيق لاءِ هڪ موضوع ڇڏيان پيو. تنهنڪري هت تحقيق جو در کولجي ٿو ته جيئن وڌيڪ تحقيق ڪري اهو معلوم ڪري سگهجي ته ايباڪس جا اصل موجد ڪير آهن؟

## مڪينڪل دور

مشين جي ايجاد سان گڏ مڪينيڪل دور شروع ٿئي ٿو. هن دور

۾ مڪينيڪل ڪلڪيوليٽر ۽ اينالاگ ڪمپيوٽر (Analogue Computer) ٺاهيا ويا. ٽيڪنالاجي هن دور تمام گهٽ اهميت رکي ٿو. هاڻوڪي دور جو بنياد هن دور تي ٿي آهي. 18 صديءَ کان ڪمپيوٽر جي ايجاد شروع ٿي آهي. هن دور ۾ ئي پنچ ڪارڊ (Punch Card) ۽ سلائيڊ رولر (Slide Ruler) ٺاهيا ويا ۽ بليز پاسڪل (Blaise Pascal) ارٿميٽڪ مشين (Arthmetic Machine) ٺاهي، اينلاگ ڪمپيوٽر جيڪي مڪينيڪل ساخت جا هئا ٺاهڻ سان شروعات ڪئي وئي. انهن ڪمپيوٽر مشينن ذريعي جوڙ، ڪٽ، ضرب ۽ ونڊ جا حساب ڪري سگهبا هئا. بعد ۾ 1835ع ۾ چارلس بيبيج (Charles Babbage) جنهن کي ڪمپيوٽر جو ابو به چيو وڃي ٿو، پنچ ڪارڊس کي دونهين تي هلندڙ انجن سان ڳنڍي هڪ نئون ڪمپيوٽر ٺاهيو. جنهن کي اينالائيٽيڪل انجن Analytical Engine چيو وڃي ٿو.

## اليڪٽرو مڪينيڪل دور

اهو دور 1840ع کان 1940ع تائين وارو دور آهي. هن دور ۾ تمام گهڻيون اهم ايجادون ٿيون، جن دنيا ۾ ٽيڪنالاجي جو سچ اپاريو. ڪميونيڪيشن يا رابطي جا اوزار، ٽيليفون، ريڊيو، ٽيليگراف ۽ بجلي پيدا ڪئي وئي. بجلي جي پيدا ٿيڻ جي ڪري دنيا ۾ گهڻي ترقي ٿيڻ شروع ٿي وئي. اليڪٽرو مڪينيڪل ڪمپيوٽر به هن دور ۾ ٺهيو، جنهن ذريعي ڊيٽا پروسيسنگ شروع ٿي. اهڙي طرح 1880ع جي آخري ڏهاڪي ۾ آئي بي ايم (IBM) ڪمپني هڪ ڪمپيوٽر ٽيبيوليٽرجي نالي سان پيش ڪيو. جنهن کي هرمن هولرٿ (Herman Hollerith) ٺاهيو. هي ڪمپيوٽر پنچ ڪارڊس ذريعي انفرميشن کي پروسس ڪري سگهي پيو. هن ايجاد ڪمپيوٽر مشين کي گهڻي ترقي ڏياري. آئي بي ايم طرفان مارڪ ون يا مارڪ هڪ ڪمپيوٽر به هن دور ۾ ٺاهيو ويو. جنهن ڊجيٽل ڪمپيوٽر جي شروعات ڪئي. اهڙي طرح ڪميونيڪيشن جي اوزارن جي ايجاد وري رابطي ۾ تيزي آندي جنهن سان دنيا جا ملڪ پاڻ ۾ ڳنڍجڻ لڳا. ٽيڪنالاجي هن دور کان

انفرميشن ٽيڪنالاجي جي شروعات ٿي.

## اليڪٽرونڪس دور

هي دور ايجادن جو اهو دور آهي جنهن ۾ مشينن جي سائيز ننڍي ٿيندي پئي وڃي. ڪمپيوٽر ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي ۾ واضح ترقي ۽ تبديلي آئي آهي، تنهنڪري دنيا هڪ گلوب يا گولي ۾ بدلجي وئي آهي، هن دور جي شروعات 1940ع کان ٿئي ٿي جيڪا اڄ تائين قائم آهي. هن دور ۾ اليڪٽرو مڪينيڪل رليز (Relays) کي ويڪيوم ٽيوبس (Vacuum Tubes) سان تبديل ڪيو ويو، جن ڪمپيوٽر جي سائيز گهٽائي ۽ پروسيسنگ ۾ تيزي ۽ تبديلي آندي. هن دور جو پهريون ڪمپيوٽر جيڪو اليڪٽرونڪس ذريعي ٺاهيو ويو سو هو اينيڪ (ENIAC)، جيڪو ڏکيا حساب به حل ڪري سگهي پيو. مڪينيڪل يا اليڪٽرومڪينيڪل ڪمپيوٽرس لاءِ وڏي جڳهه ۽ گهڻا ماڻهو گهربل هوندا هئا ۽ اهي پروسس به آهستي ڪندا هئا پر اينيڪ انهن جي مقابلي ۾ گهٽ جڳهه والاريندو هو ۽ ان کي هلائڻ لاءِ ٿورا ماڻهو گهربل هئا. اهڙي طرح ان جي ڪم ڪرڻ جي رفتار به تيز هئي. اينيڪ ڪمپيوٽر ڊيٽا کي محفوظ ڪون ڪري سگهندو هو، تنهنڪري هر هڪ پروسس کي جدا جدا شروع ڪيو ويندو هو. ان خرابي کي محسوس ڪندي ايڊسيڪ (EDSAC) ڪمپيوٽر ٺاهيو ويو، جيڪو ڊيٽا کي محفوظ به ڪري سگهي پيو. ڪمپيوٽر جي سائيز ۽ اسٽوريج ۾ گهڻي ترقي تڏهن آئي جڏهن 1948ع ۾ ٽرانسسٽر (Transistor) کي آمريڪا جي بيل ليبارٽريز ۾ ايجاد ڪيو ويو. ٽرانسسٽر کي ويڪيوم ٽيوبس جي جڳهه تي استعمال ڪيو ويو، جنهن ڪمپيوٽر مشين کي گهڻي ترقي ڏيارڻ سان گڏ سائيز، اسٽوريج ۽ ڪم ڪرڻ جي رفتار ۾ واضح فرق ظاهر ڪيو. هن دور ۾ ڪمپيوٽر جون مختلف ٻوليون ٺاهيون ويون، جن ذريعي مختلف قسم جا سوفٽويئر ۽ آپريٽنگ سسٽم ٺاهيا ويا. انهي دور ۾ ميگنيٽڪ ٽيپ (Magnetic Tape) ايجاد ڪئي وئي، جنهن ڊيٽا کي محفوظ ڪرڻ

لاءِ گهڻي جاءِ مهيا ڪئي. 1960ع کان آئي سي يا انٽيگريٽيڊ سرڪٽ (Integrated Circuit) ٺاهيا ويا، جن موجوده ڪمپيوٽر مشينن جي شروعات ڪئي. 1970ع کان انهن سرڪٽس (Circuits) کي وڌيڪ بهتر ڪيو ويو جن جي ڪري مائڪروپروسيسر (Microprocessor) وجود ۾ آيا ۽ ٻيا سرڪٽ ٺاهيا ويا جن ڪمپيوٽر کي تمام گهڻو ننڍو ۽ تيز ڪيو، وڌيڪ ذخيرو (Storage) مهيا ڪئي ۽ سستو پڻ ڪيو. هي دور ڪمپيوٽر جي دنيا جو آرٽيفيشل انٽيليجنس يا هتراڌو ڏاهپ جو دور آهي جنهن ۾ ڪمپيوٽر هڪ خودڪار مشين جي حيثيت ۾ ڪم ڪري ٿو، هو ماڻهن جيئان سمورا ڪم ڪري ٿو جيڪي ان کي سيکاريا وڃن ٿا. اهو ڪم ڪنهن منصوبابندي جو هجي يا ڊزائيننگ جو هجي، اهو ڪم ڪنهن ٻوليءَ کي سمجهڻ جو هجي يا ترجمي ڪرڻ جو هجي، ڪار، جهاز يا ڪنهن گاڏي کي خودڪار طريقي سان هلائڻ جو هجي يا انهن کي ٺاهڻ جو هجي، اهڙي طرح اهڙو ڪو ڪم نہ آهي جيڪو ڪمپيوٽر نہ ڪري سگهي. هاڻي دنيا ۾ ان جا ادارا هر ڪم جي حوالي سان ڪمپيوٽر تي ئي ڀاڙين ٿا. مائڪروسوفٽ ونڊوز آپريٽنگ سسٽم ۽ آفيس ايپليڪيشنز ڪمپيوٽر کي عام ماڻهن لاءِ آسان بڻائي ڇڏيو آهي ۽ ان ۾ نيٽورڪنگ ۽ انٽرنيٽ ڳنڍڻ جي سهولت بہ ڏني آهي، جنهن سبب رابطن ۾ تيزي آئي آهي.

رابطي جو سلسلو تڏهن کان شروع ٿيو جڏهن کان انساني سماج ٺهيو. اهڙي طرح لکت جي شروعات رابطي کي گهڻي ترقي ڏياري. ماڻهو، ادارا يا ملڪ ننڍا يا وڏا نياپا لکت ذريعي موڪلڻ لڳا. مشين جي دور شروع ٿيڻ سان ئي رابطا بہ تيز ٿيندا ويا. ٽيليفون، ٽيليگراف ۽ فيڪس مشين رابطي ۾ جدت پيدا ڪئي ڪمپيوٽر کي رابطي جي اوزارن سان ڳنڍڻ کان پوءِ تہ رابطن ۾ تمام گهڻي تيزي اچي وئي خاص ڪري انٽرنيٽ جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ دنيا هڪ ڳوٺ ۾ تبديل ٿي وئي. موبائيل فون، اي ميل، اليڪٽرانڪ نياپن ۽ سماجي ميڊيا جي مختلف اوزارن تہ رابطن ۽ ملاقاتن کي گهڻو تيزي ڪري ڇڏيو آهي. ماڻهو يا ادارا وڊيو ڪال جي ذريعي نہ صرف ڳالهائي سگهن ٿا پر هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي کي چرپر ڪندي ڏسي ٻه سگهن ٿا، ورچوئل ريئلٽي فاصلن کي ختم ڪري ماڻهن کي ملائي ڇڏيو آهي. ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي جي ترقي ۽ ميلاپ جي ڪري هي دور انفرميشن ٽيڪنالاجي جو دور بڻجي ويو آهي. انفرميشن ٽيڪنالاجي جي دور ۾ پنجن عنصرن کي تمام گهڻي اهميت آهي جيڪي انفرميشن ٽيڪنولوجيءَ جا بنياد آهن. انهن ۾ ڪمپيوٽر پهرين درجي جي حيثيت رکي ٿو ڇاڪاڻ ته ڪمپيوٽر هارڊويئر ۽ سوفٽويئر جي ذريعي مختلف قسم جي ڊيٽا کي پروسس ڪري گهربل نتيجا ڏئي ٿو. اهڙي طرح ڪميونيڪيشن جي اوزارن جي مدد سان ڪنهن به قسم جي ڊيٽا کي هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين سيڪنڊن ۾ پهچائي سگهجي ٿو. ان کان پوءِ اهم عنصر آهي رابطي جي ٽيڪنالاجي جنهن ذريعي رابطي جا وڏا ڄار قائم ڪري دنيا جي ملڪن کي ڳنڍيو وڃي ٿو ۽ ڊيٽا کي هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين آسانيءَ سان پهچايو وڃي ٿو. انٽرنيٽ، مختلف قسم جا نيٽورڪ، اي ميل وغيره به ان عنصر جا حصا آهن. ڪمپيوٽر سوفٽويئر به انفرميشن ٽيڪنالاجي جو اهم حصو آهي، جنهن ذريعي ڊيٽا يا انفرميشن کي وڏن ڊيٽابيس يا ويئرهائوسز ۾ محفوظ ڪيو وڃي ٿو. دنيا جون ڪمپنيون، ادارا، يونيورسٽيون وغيره مختلف قسم جا ڊيٽا بيس استعمال ڪن ٿيون جن ذريعي هو پنهنجي ملازمن، وڪرن، واپار، ناڻي وغيره جا رڪارڊ يا انفرميشن محفوظ بڻائين ٿيون. سوشل ميڊيا تي جيڪي ڪجهه لکيو وڃي ٿو يا فوٽو يا وڊيو اپلوڊ ڪيا وڃن ٿا سي به انهن ڊيٽابيس ۾ محفوظ ڪيا وڃن ٿا. ڪمپيوٽر مشين، سوفٽويئر، ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي کي ڪنٽرول ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ ۽ استعمال ڪندڙ ماڻهو ئي آهن تنهنڪري انفرميشن ٽيڪنالاجي ۾ ماڻهن جي تمام گهڻي حيثيت آهي ڇاڪاڻ ته ادارن، ڪمپنين، ملڪن ۽ انفرميشن ٽيڪنالاجي جي اوزارن کي هلائيندڙ ماڻهو ئي آهن. ان کانسواءِ مختلف قسم جا طريقا يا پروسيجر جيڪي انهن سيني اوزارن کي ناهڻ يا هلائڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا پڻ اهم آهن جن ذريعي انفرميشن ٽيڪنالاجي تيزي سان ترقي ڪري رهي

آهي جنهن هاڻوڪي دور کي ڊجيٽل دور بڻايو آهي.

## عالمگيريت جي دور ۾ انفرميشن ٽيڪنالاجي جو ڪردار

انفرميشن ٽيڪنالاجي روايتي واپار کي جديد ۽ آن لائين واپار ۾ تبديل ڪري معاشي ترقي ۾ واڌارو آندو آهي. ٿوري وقت ۾ گهٽ کم ۽ تيز رابطا به انفرميشن ٽيڪنالاجي ڪري ٿي ٿيا آهن. تنهنڪري روايتي انڊسٽريل انقلاب کي ڊجيٽل انڊسٽريل انقلاب ۾ تبديل ڪندڙ به انفرميشن ٽيڪنالاجي آهي. آن لائين بينڪنگ جي ڪري واپار ۾ گهڻي جدت پيدا ٿي آهي، جنهن ڪري ننڍين ڪارخانن کان وٺي وڏن ڪارخانن ۽ واپارين تائين سڀ آن لائين بينڪ ٽرانزيڪشن ڪن ٿا، جنهن ڪري ڪيترائي خرچ بچائين ٿا. اهڙي طرح پئسا موڪلڻ به آسان ٿي پيا آهن. ڪريڊٽ ڪارڊس جي ڪري دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ بزنس ٽرانزيڪشن ڪري سگهجي ٿي. هاڻي چيڪ جو جنجهٽ به ختم ٿي ويو آهي ڇاڪاڻ ته هر ٽرانزيڪشن اليڪٽرانڪ ٿي وئي آهي. ان کان سواءِ ڪوبه ماڻهو دنيا جي ڪنهن به خطي ۾ ويهي دنيا جي ڪنهن به ننڍي يا وڏي ڪمپني ۾ نوڪري ڪري سگهي ٿو ۽ آن لائين پگهار کڻي سگهي ٿو. اليڪٽرانڪ ڪامرس، اليڪٽرانڪ بزنس ۽ اليڪٽرانڪ بينڪنگ دنيا کي هڪ گولي ۾ تبديل ڪري عالمگير سماج جوڙي ڇڏيو آهي.

دنيا جون يونيورسٽيون ۽ ٻيا تعليمي ادارا ڊجيٽل ٿيندا وڃن پيا. هاڻي آن لائين تعليم جي ذريعن جي وسيلي دنيا جي ڪنهن به خطي ۾ رهندي بهتر تعليم حاصل ڪري سگهجي ٿي.ڪمپيوٽر ٽيڪنولوجيءَ ۾ ترقي جي ڪري موبائيل فون کي ڪمپيوٽر بڻايو ويو آهي، جنهن ۾ اهي سڀ بنيادي سهولتون موجود آهن جيڪي ڪنهن ڪمپيوٽر ۾ هونديون آهن، تنهنڪري ڪنهن به جاءِ تي ڪنهن به يونيورسٽي وغيره سان پاڻ کي ڳنڍي سگهجي ٿو. موجوده دور ۾ تعليم جي شعبي ۾ ترقي به انفرميشن ٽيڪنالاجي جي ڪري آئي آهي. ڪيترائي ماڻهوگريجوئيشن کان وٺي پي ايچ ڊي تائين جون ڊگريون

آن لائين تعليم جي ذريعي حاصل ڪري رهيا آهن. انفرميشن ٽيڪنالاجي روايتي فاصلي واري تعليم جي نظام کي مڪمل طور تبديل ڪري ڇڏيو آهي. پهريان پوسٽ آفيس ذريعي ڪتاب موڪليا ويندا هئا، بعد ۾ ڪمپيوٽر سي ڊي ذريعي مواد موڪليو ويندو هو، پر هاڻي اليڪٽرانڪ لرننگ ۽ ورچوئل لرننگ ذريعي فاصلي واري تعليم به عام تعليم وانگر ٿي پئي آهي. دنيا جي ڪنهن به يونيورسٽي ۾ هلندڙ ڪلاس ۾ دنيا جي ڪنهن به حصي مان ساڳي وقت شامل ٿي تعليم حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ موضوع يا ڪا ڳالهه ان وقت ئي موجود محترم استاد کان معلوم ڪري يا سمجهي سگهجي ٿي، تنهنڪري اي لرننگ (E-Learning) روايتي فاصلي واري تعليم کان آسان ۽ گهٽي ڪارائتي آهي. ننڍا وڏا پروفيشنل ڪورس، مذهبي، سائنسي، سماجي، معاشي ۽ انساني ترقي جي تعليم اي لرننگ ۽ ورچوئل لرننگ جي نظامن ذريعي حاصل ڪئي وڃي پئي. هن وقت فاصلي واريون نه پر ورچوئل ۽ اي لرننگ جي بنياد تي يونيورسٽيون کلي رهيون آهن جيڪي عالمگيريت جي بنياد تي تعليم مهيا ڪرڻ جون سهولتون ڏئي رهيون آهن.

صحت ماڻهوءَ جو بنيادي مسئلو رهي آهي پر انفرميشن ٽيڪنالاجي جي ڪري صحت جون ڪيتريون ئي سهولتون آن لائين موجود آهن، اهڙين سهولتن ۾ ڊاڪٽر، ليبارٽري ۽ اسپتالن جو هر وقت موجود هجڻ اچي وڃي ٿو. ڊاڪٽر مريض جو مڪمل رڪارڊ پنهنجي ڪمپيوٽر ۾ رکن ٿا. اهڙي طرح دل، شگر ۽ بلڊ پريشر وغيره جي بيمارين جي مريضن کي اليڪٽرانڪ چپ (Electronic Chip) لڳايون وڃن ٿيون جيڪي انهن جي دل جي ڌڙڪن، بلڊپريشر، شگر جي ماپ ڪن ٿيون ۽ ڊاڪٽر کي اپڊيٽ ڪن ٿيون، جنهن ڪري ڊاڪٽر مريض جي باري ۾ باخبر رهي ٿو ۽ گهربل هدايتون ڏيندو رهي ٿو. هٿراڊو ڏاهپ جي ڪري اهڙا نظام ٺاهيا ويا آهن جيڪي مريض جي شڪايتن جي بنياد تي مريض جي بيماري جي تشخيص ڪري ان جو علاج ڪن ٿا. ان لاءِ ڪنهن ترقي يافته ملڪ ۾ هجڻ ضروري نه آهي

پر انٽرنيٽ ۽ ويب 2.0 جي ذريعي اهڙن ڊاڪٽرن ۽ ڪمپيوٽر سوفٽويئر سان رابطو قائم ڪري سگهجي ٿو ۽ پنهنجي صحت ۽ نفسياتي مسئلن جو حل حاصل ڪري سگهجي ٿو. اليڪٽرانڪ بوٽ (Electronic Bot) کي سکيا ڏني وئي آهي، جيڪي مريضن جي مسئلن کي ٻڌي انهن جي بيمارين جي سڃاڻپ ڪن ٿا ۽ انهن کي دوائون لکي ڏين ٿا. دنيا جو وايو منڊل متبو وڃي پيو تنهنڪري اهو ضروري نہ آهي تہ ڪو ڊاڪٽر ئي ڪنهن مريض جو علاج ڪري پر روبوٽ بہ مريضن جو آن لائين علاج ڪن ٿا. اهي روبوٽ بہ ايترا ئي هوشيار آهن جيترا ماڻهو ڊاڪٽر. ڪيترين ئي سرجريون روبوٽس ذريعي ڪيون وڃن ٿيون، انهن روبوٽس کي مريضن جي جسم اندر داخل ڪيو وڃي ٿو ۽ هو مريض جي اندر جو حال احوال ڏين ٿا.

اهڙي طرح زرعي ترقي، پاڻي جي ورڇ، موسم جو حال احوال ۽ اڳڪٿيون، زمين ۽ آسمانن جو خبرون وغيره انفرميشن ٽيڪنالاجي جي ذريعي حاصل ڪري سگهجن ٿيون. جيوگرافڪ انفرميشن سسٽم ۽ سيٽ لائيٽ جي ذريعي پوري دنيا جي چارٽ سيڪنڊن ۾ ملي وڃي ٿي. اهڙي طرح سينسرس جي ذريعي هر قسم جي پوليوشن، دونهين، موسم، هوا، جهڙ، مينهن، ٻيلن ۽ ٻين حياتياتي يا بايولوجيڪل اثاثن ۽ موسمياتي چارٽ جي خبر پئجي وڃي ٿي، جن جي بنياد تي اڳڪٿيون ڪيون وڃن ٿيون ۽ اهم قدم کنيا وڃن ٿا. ريڊيئيشن (Radiation)، زهريلين گئسن ۽ ٻين نقصان ڏيندڙ مادن کي جيڪي مختلف ڪارخانن ۽ ادارن مان خارج ٿين ٿا پڻ سينسرس ذريعي ماپيو ۽ سڃاتو وڃي ٿو، اهڙي طرح بروقت انهن کان بچاءَ لاءِ قدم کنيا وڃن ٿا. جيتوڻيڪ ٽيڪنالاجي پوليوشن ۽ ماحول خراب ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي پر انفرميشن ٽيڪنالاجي ان پوليوشن ۽ ٻين زهريلن مادن کي پکڙجڻ کان روڪڻ لاءِ ادارن کي فورن اطلاع ڏئي ٿي تہ جيئن زمين جو هي گولو محفوظ رهي سگهي. رستن جي سڃاڻپ ۽ منزل تي پهچڻ لاءِ ڪنهن بہ ماڻهو کان پڇڻ جي ضرورت ئي نہ رهي آهي ڇاڪاڻ تہ گوگل ميپس (Google Maps) خودڪار نظام جي ذريعي

ڊرائيور يا ڪنهن ٻه ماڻهو ڪي هدايت ڏيندو رهي ٿو ته جيئن هو پنهنجي منزل تي آساني سان بنا ڪنهن پريشاني جي پهچي سگهن.

ڪنهن به نموني جي واپار يا بزنس کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪن مخصوص جزن يا فيڪٽرس کي استعمال ڪرڻ ضرور هوندو آهي مثال طور صحيح ۽ گهربل ٽيڪنولوجيءَ جو استعمال، رڪارڊ قائم رکڻ ۽ ان جو صحيح طريقي سان تجزيو ڪرڻ ته جيئن هر قسم جي آمدني، اخراج، اثاثن، ڪم ڪندڙن، گراهڪن، وڪرن وغيره جو وقت تي تجزيو ڪري سگهجي. ان سان بزنس ۾ ٿيندڙ هر قسم جي عمل جي خبر پئجي ويندي. اهڙي طرح مستقبل ۾ ان واپار کي ڪيئن هلائڻو ۽ وڌائڻو آهي، لاءِ پڻ تجزيو ڪيو ويجي ٿو. آمدني ۽ خرچ جو تجزيو پڻ ضروري هوندو آهي. اهي سڀ ڪم ڪرڻ ۾ انفرميشن ٽيڪنالاجي تمام گهڻي مدد ڪري ٿي ايتري تائين جو مختلف قسم جي آن لائين سروي فارمن جي ذريعي گراهڪن ۽ ٻين ماڻهن جا رايا، صلاحون ۽ تنقيدون به سامهون اچي وڃن ٿيون جن جو تجزيو ڪري ڪمپني جي مينيجمينٽ فيصلا ڪري ٿي ۽ مستقبل لاءِ اڳڪٿيون ڪري ٿي. ڪمپنين جي ترقي ۽ گراهڪن جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ مختلف ڪمپنين طرفان ڊيٽا سينٽر قائم ڪيا وڃن ٿا جيڪي 24 ڪلاڪ ماڻهن جا مسئلا ٻڌن ٿا ۽ انهن جو حل پيش ڪن ٿا. پوري دنيا ۾ جهاز راني کي انفرميشن ٽيڪنالاجي جي ذريعي مختلف مرڪزن تان ڪنٽرول ڪيو ويجي ٿو، عالمي لاجسٽڪ بزنس انفرميشن ٽيڪنالاجي جي ذريعي تي رهيو آهي. هاڻوڪي دور ۾ معاشي ترقي لاءِ انفرميشن ٽيڪنالاجي کي تمام گهڻي اهميت ڏني ويجي ٿي، تنهنڪري عالمگيريت جي دور ۾ انفرميشن ٽيڪنالاجي جو ڪردار ڪرنگهي جي هڏيءَ وانگر آهي. انٽرنيٽ جو هڪ منٽ لاءِ بند ٿيڻ جو مطلب دنيا کي هڪ منٽ لاءِ معذور ڪرڻ جي برابر آهي جيڪو ظاهر ڪري ٿو ته ڊجيٽل دور ۾ دنيا کي هڪ عالمگير ڳوٺ ۾ تبديل ڪندڙ انفرميشن ٽيڪنالاجي ئي آهي.

حوالا:

(1) *Ifrah, Georges (2001). The Universal History of Computing: From the Abacus to the Quantum Computer. New York, NY: John Wiley & Sons, Inc. ISBN 978-0-471-39671-0.*

(2) Katz, V. J. (1992). The crest of the peacock: Non-European roots of mathematics: By George Gheverghese Joseph. London (IB Tauris & Co., Ltd) and New York (St. Martin's Press). 1991. xvi+ 368 pp. including Bibliography and Index. *Historia Mathematica*, *19*(3), 310-315.

(3) سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق جو جائزو. محقق ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ڇپيندڙ پيڪاڪ پرنٽرس ۽ پبلشرس ڪراچي، سنڌ پاڪستان

(4) ساڳيو

پيئي جن پرک، گنجي ڏونگر گام جي،
واري سپ ورق، لوچي لاهوتي ٿيا.
(شاهہ- سُر ڪاهوڙي)

# سماجي ميڊيا جي اوسر ۽
# عالمگير سماج ٺاهڻ ۾ ڪردار

دنيا ۾ وڏي تبديلي تڏهن آئي هئي جڏهن انسان اشارن جي ٻولي کي ڇڏي ڳالهائڻ شروع ڪيو هو. حقيقت ۾ انسانن جي ڳالهائڻ سان ئي رابطن جو سلسلو شروع ٿي چڪو هو جيڪو ترقي ڪندو رهيو. وقت گذرڻ سان گڏ انساني سماج ترقي ڪندو رهيو ته رابطن جي شڪل به تبديل ٿيندي رهي، رابطن جو ڄار پوري دنيا ۾ پکڙبو ويو. لکت جي نظام شروع ٿيڻ سان خطن جي ذريعي رابطو شروع ٿيو جنهن رابطن ۾ وڏيڪ جدت پيدا ڪئي. تنهنڪري سماجي رابطن لاءِ استعمال ٿيندڙ ميڊيا ڪا هن دور جي پيدائش نه آهي بلڪ اها ايتري ئي پراڻي آهي جيتري قومن ۽ سماجن جي ٺهڻ جي تاريخ پراڻي آهي. اها ميڊيا مختلف قسمن ۽ طريقن سان استعمال ٿيندي رهي. ان ڪري سماجي رابطن جي ميڊيا کي موجوده دور جي پيدائش تائين محدود نٿو ڪري سگهجي. هر دور ۾ رابطن لاءِ مختلف اوزار ۽ ٻوليون استعمال ٿيون آهن جن ذرتي تي آباد سماجن، قومن، آبادين ۽ ملڪن ۾ رابطا قائم رکڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيا آهن ۽ اڄ به اهي ئي ڪردار ادا ڪري رهيا آهن پر هاڻوڪي دور ۾ ته ٽيڪنالاجي جي ترقي ڪرڻ جي ڪري وڏيڪ موثر ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. انٽرنيٽ ۽ ويب 2.0 ٽيڪنالاجي جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ ۾ يا ڊجيٽل دور کان اڳ ۾ ماڻهو يا ملڪ رابطا رکڻ لاءِ هڪ ٻئي کي خط لکندا هئا. اهڙي ريت ڄاڻ وري اخبارون پڙهڻ، اوطاقن ۾ ڪچهريون ڪرڻ، سفر ڪرڻ، مختلف ادارن مان تعليم حاصل ڪرڻ، ڏيهان ڏيهه گهمڻ وغيره جي ذريعي حاصل ڪندا هئا. مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ قومون، آباديون

يا فرد ڪا عام ٻولي ڳالهائيندا هئا جنهن ذريعي هو هڪ ٻئي سان رابطو قائم ڪري وٺندا هئا ۽ هڪ ٻئي سان ڪم جي ڳالهه ڪري وٺندا هئا يا واپار ڪندا هئا، جن ڪي ڏاري ٻولي نه ايندي هئي ته اهي وري اشارن ذريعي پنهنجي ڪم جي ڳالهه ڪري وٺندا هئا. پر سماجي رابطن جو هڪ سلسلو قائم هيو جيڪو هاڻوڪي دور ۾ ٽيڪنالاجي جي مدد سان تمام گهڻي ترقي ڪري چڪو آهي.

وڪي پيڊيا مطابق ”سماجي رابطن جي ميڊيا هڪ انٽرنيٽ بيسڊ ڪمپيوٽرائزڊ ميڊيا آهي جيڪا ڄاڻ، مختلف اطلاع، نوڪرين جون خبرون، خيال، قياس آرايون، نظرين جي پرچار ۽ مختلف قسم جي راين وغيره کي ڦهلائڻ ۾ مدد ڪري ٿي.“ اها ميڊيا هڪ اهڙو پليٽ فارم مهيا ڪري ٿي جنهن کي ڊيسڪٽاپ ڪمپيوٽر، ليپٽاپ ۽ موبائيل فون ذريعي ماڻهو يا ڪو به ادارو مخلتف قسم جي ادارن، گروهن، آبادين، قومن ۽ ملڪن تائين مختلف قسم جا خيال، قياس آرايون، تصويرون، وڊيوز، ڪلام، مضمون، ڪهاڻيون، پنهنجا، دوستن جا ۽ سماج جا حال احوال، سماجي ۽ سياسي خبرون، ننڍا وڏا واقعا وغيره منٽن ۾ پهچائي ٿو. ان عمل جي ڪري پوري سماج، ملڪ ۽ دنيا ۾ رابطن جو ڄار وڇائجي وڃي ٿو جنهن ذريعي ماڻهو گهر ويٺي پوري دنيا جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ روزگار جا پڻ موقعا حاصل ڪن ٿا. اهڙي طرح سياستدان ۽ حڪومتون پنهنجي ايجنڊائن جي مطابق مختلف قسم جي ماڻهن، آبادين وغيره تائين پنهنجون ڳالهيون ۽ ترقياتي ڪمن جي ڄاڻ پهچائين ٿيون. ماهرن مطابق سوشل ميڊيا هڪ گهرو ۽ ڏکيو ڄار آهي جنهن ۾ فيسبڪ، ٽوئيٽر، لنڪڊان، ويبو (چائينز مائڪرو بلاگنگ ويبسائيٽ)، ماءِ اسپيس وغيره اهم ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ ماڻهن کي پليٽ فارم مهيا ڪن ٿا ته جيئن هو پوري دنيا سان ڳنڍيل رهن. سماجي رابطن جي اوزارن ذريعي ماڻهو نوان نوان خيال ۽ ترڪيبون حاصل ڪري ٿو اهڙي طرح هو قابل ۽ ڄاڻو دوست بڻائي ٿو. سماجي ميڊيا جي ڄار جي ڪري دنيا ۾ ڪيترين ئي تبديليون به آيون آهن ۽ ماڻهن، گروهن ۽ مختلف قسم

جي سماجن يا آبادين جا سماجي ۽ سياسي مسئلا حل به ٿيا آهن. ڪي ماڻهو سماجي ميڊيا ذريعي تمام گهڻو سکي رهيا آهن ته ڪي وري پنهنجو قيمتي وقت وڃائي رهيا آهن. ڪمپيوٽرسائنس ۾ سماجي ميڊيا تي موجود ڊيٽا جي تمام گهڻي اهميت آهي ڇاڪاڻ ته ان سان دنيا جي مختلف سماجن جي ته خبر پوي ٿي پر مختلف ٻولين جي گرائمر، صرفيہ، لفظن ۽ جملن جي بناوٽ جي به خبر پوي ٿي. ان ڪانسواءِ ماڻهن ۽ سماجن جي نفسياتي، سماجي ۽ سياسي مسئلن وغيره جي جاچ پڙ پوي ٿي. سماجي محقق سماجي ميڊيا تي موجود مواد ڪٺي ان تي مختلف رخن کان تحقيق ڪري رهيا آهن جنهن ذريعي موجوده دور جي سماجي، سياسي، نفسياتي ۽ ٻولي وغيره جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اهڙا عمل سماجي ميڊيا جي اهميت کي اجاگر ڪري رهيا آهن.

سماجي رابطن جي هاٽوڪن اوزارن کي گهڻو وقت ڪون ٿيو آهي پر لڳ ڀڳ 20 سالن کان اهي جديد طريقي سان ڪم ڪري رهيا آهن پر سماجي ميڊيا يا سماجي اوزارن کي سوين سال گذري چڪا آهن. تنهنڪري سماجي ميڊيا کي موجوده دور جي ايجاد نٿو چئي سگهجي. 1844ع ۾ سيميوئل مورس (Samuel Morse) پهريون دفعو اليڪٽرانڪ نياپو ان وقت جي ٽيليگراف مشين ذريعي واشنگٽن ڊي سي مان بالٽيمور (Baltimore) موڪليو. 1844ع ۾ ڪمپيوٽر پنهنجي شروعاتي دور ۾ هيو جنهن ڪا گهڻي ترقي ڪون ڪئي هئي. جيئن جيئن ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ترقي ڪندي رهي تيئن تيئن رابطن جي ٽيڪنالاجي به ترقي ڪئي. 1944ع کان پوءِ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي تمام گهڻي ترقي ڪئي جنهن ذريعي رابطي يا ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي کي ڪمپيوٽر سان ملائي نئين ٽيڪنالاجين کي پيدا ڪيو ويو جن ۾ انٽرنيٽ سڀ کان اهم ٽيڪنالاجي هئي. انهن ٻنهي ٽيڪنالاجين جي ملڻ جي ڪري سماجي رابطا به وڏيڪ ترقي ڪرڻ لڳا اهڙي طرح 1960ع کان 1969ع تائينواري ڏهاڪي ۾ انٽرنيٽ جي بنياد ۽ ترقي تي ڪم ٿيڻ لڳو ۽ آرپانيٽ (ARPANET) جيڪا دنيا

جي پهرين انٽرنيٽ هئي وجود ۾ آئي. آرپانيٽ ذريعي سماجي رابطن ۾ ترقي آئي ۽ ادارا هڪ ٻئي سان آن لائين رابطا ڪرڻ لڳا. اهو رابطن جو سلسلو روزاني جي بنياد تي وڌندو رهيو. 1997ع کان 2001ع تائين سماجي رابطن جي نظام گهڻي ترقي ڪئي چاڪاڻ ته ان دور ۾ سماجي رابطن لاءِ ويب سائيٽ ناهي وئي جنهن کي سڪس ڊگريز (Six Degrees) جو نالو ڏنو ويو. سماجي ميڊيا جي هن سائيٽ ايتري ته ترقي ڪئي جو تقريبن هڪ ملين ماڻهو هن سائيٽ تي رجسٽرڊ ٿي ويا. انهن ماڻهن پنهنجا پروفائيل ناهيا ۽ پاڻ ۾ سماجي رابطا ڪرڻ لڳا. حقيقت ۾ هي تمام وڏو قدم هو. هي دور انٽرنيٽ جو دور هو چاڪاڻ ته آرپانيٽ جو نالو تبديل ڪري انٽرنيٽ رکيو ويو هو. ان دور ۾ ئي 1999ع ۾ بلاگ ٺهڻ شروع ٿيا جنهن لاءِ پليٽفارم لائيو جرنل جي نالي سان مهيا ڪيو ويو. جنهن ذريعي ماڻهو پنهنجا خيال، رايا، شاعري، ڪهاڻيون وغيره رکڻ لڳا ۽ پنهنجي دوستن کي ان بلاگ ۾ داخل ڪرڻ لڳا. حقيقت ۾ اهو بلاگ هاٽوڪي فيسبڪ جو بنياد بڻيو چاڪاڻ ته فيسبڪ جي ڊولپمينٽ ان جي بنياد تي ڪئي وئي. 2002ع ۾ فرينڊسٽر گروپ طرفان سماجي ميڊيا جي سائيٽ ناهي آن لائين ڪئي وئي جيڪا هڪ سال کان پوءِ ڪن مسئلن جي ڪري ڪم نه ڪري سگهي، ان عمل کي سليڪان ويلي جو وڏو بلنڊر چون ٿا ان وقت ڪمپنين جي سرد جنگ شروع ٿي وئي. 2003ع ۾ دنيا جو وڏو سماجي ميڊيا جو نيٽورڪ قائم ڪيو ويو جنهن کي لنڪڊان چون ٿا. اڄ به اهو نيٽورڪ ڪاميابي سان هلي رهيو آهي سماجي ميڊيا جي هن نيٽورڪ ماڻهن کي سهولتون مهيا ڪيون ته هو پنهنجي معلومات يا سيڃاڻپ (Resume) وغيره پنهنجي پروفائيل ۾ رکن ته جيئن ادارن کي ماڻهن جي قابليت ۽ اهليت جي باري ۾ خبر پئجي سگهي ۽ هو انهن کي پنهنجي اداري ۾ ڪم ڪرڻ جي پيشڪش ڪري سگهن. ان سان بيروزگاري ختم ٿيڻ شروع ٿي ۽ ماڻهو دنيا جي مختلف ادارن ۽ ملڪن ۾ ڪم ڪرڻ لڳا. هن سائيٽ تي ماڻهو پنهنجا اڪائونٽ ناهي سگهيا پئي، دوستن يا ادارن يا پروفيشنلز کي پنهنجي گروهه يا

پاڻ سان ڳنڍيڻ لڳا. اهڙي طرح هو هڪ ٻئي کي اليڪٽرانڪ نياپا موڪلي سگهن ٿا ۽ پنهنجي روزمره جون ڪارڪردگيون به ڏيئي سان ونڊي سگهن ٿا. 2004ع ۾ لنڪڊان جا ميمبر 1 ملين ٿيا پر 13 سالن کان پوءِ لنڪڊان جا ميمبر وڃي 500 ملين تي پهتا جيڪو هڪ وڏو رڪارڊ هو.

گوگل ملٽائينيشنل ٽيڪنالاجي جي ڪمپني آهي جنهن جو 4 سيپٽيمبر 1998ع تي ڪيليفورنيا آمريڪا ۾ بنياد وڌو ويو ۽ هن وقت به اتي ئي هيڊڪوارٽر اٿس. ليري پيج ۽ ان جي دوست سرجي برن 1996ع ۾ هڪ تحقيقي پروجيڪٽ تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو اڳتي هلي گوگل جي نالي سان ظاهر ڪيو ويو. هي ٻئي دوست ان پروجيڪٽ تي اسٽينفورڊ يونيورسٽي ڪيليفورنيا ۾ پي ايڇ ڊي ڪري رهيا هئا، پي ايڇ ڊي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هنن گوگل کي 1998ع ۾ ڪمپني طور ظاهر ڪيو. هن وقت دنيا جي ٻي وڏي ڪمپني آهي جيڪا انٽرنيٽ سان واسطو رکندڙ ٽيڪنالاجين تي ڪم ڪري رهي آهي. هن وقت گوگل جا ڪيترائي اليڪٽرانڪ وکر يا اوزار عالمي بازار ۾ موجود آهن جن ۾ يوٽيوب، جي ميل، گوگل ڪلائوڊ، ڪيگل، گوگل ڊرائيو، گوگل ڪيليندر، گوگل ٽرانسليٽ، گوگل ڊاڪس، گوگل شيٽس، گوگل سلائيڊس، گوگل ارٿ، گوگل ميپس، گوگل ڪروم ويب براؤزر، گوگل سرچ انجڻ، گوگل اسڪالر، گوگل اندرائيڊ موبائيل آپريٽنگ سسٽم ۽ گوگل ڊي ڊريم تمام گهڻا مشهور آهن جڏهن ته گوگل جا ٻيا به ڪيترائي پروڊڪٽس موجود آهن جيڪي مختلف ملڪن ۾ ادارن لاءِ ٺاهيا ويا آهن. گوگل 2004ع ۾ هڪ اي ميل سروس شروع ڪئي جنهن جو نالو گوگل ميل رکيو ويو. عام طور تي ان کي جي ميل (Gmail) چيو وڃي ٿو. جي ميل پنهنجي ميمبرن جي ڊيٽا، اي ميل وغيره کي گهٽ محفوظ ٻڌائي ٿي ان کان سواءِ 15 جي. بي. (GB) جو آن لائين اسپيس مفت ۾ مهيا ڪري ٿي جنهن کي گوگل ڊرائيو چئجي ٿو.

2004ع ۾ سوشل ميڊيا جي دنيا ۾ هڪ ٻيو اوزار پيش ڪيو ويو

جنهن کي فيسبڪ چون ٿا. مارڪ زُڪربرگ 2003ع ۾ فيس مئش (Facemash) جي نالي سان سماجي ميڊيا جو اوزار ٺاهي آن لائين ڪيو جنهن کانپوءِ فيبروري 2004ع ۾ پنهنجي هارورڊ جي دوستن سان گڏ فيس مئش کي اپڊگريڊ ڪري فيسبڪ جي نالي سان سماجي ميڊيا جو اهم اوزار ٺاهيو جنهن کي شروع ۾ هارورڊ يونيورسٽي جي شاگردن تائين محدود رکيو ويو. پر هن اوزار جي آسان استعمال ماڻهن کي جلدئي موهي وڌو اهڙي طرح هي ايپليڪيشن پوري دنيا ۾ استعمال ٿيڻ لڳي ڪجهه ئي سالن جي عرصي ۾ فيسبڪ لڳ ڀڳ 2.2 بلين ميمبر ڪري ورتا. جون 2019ع ۾ ماهوار ايڪٽو ميمبرن جو تعداد 2.41 بلين هيو. فيسبڪ هن وقت ويب برائوزر کان سواءِ موبائيل آپريٽنگ سسٽمس تي پڻ هلي رهيو آهي. فيسبڪ ڪارپوريشن فيسبڪ کان سواءِ فيسبڪ ميسينجر، انسٽاگرام، فيسبڪ بزنس ٽولز، بون فائر، واٽس ايپ ۽ ٻيا ڪيترائي پراڊڪٽ عالمي دنيا ۾ پيش ڪيا آهن جيڪي ڪاميابي سان هلي رهيا آهن ۽ ڊجيٽل خدمتون پيش ڪري رهيا آهن. فيسبڪ پنهنجي ميمبرن کي ڪيترين ئي سهولتون مهيا ڪري رهيو آهي جن ۾ ميمبر جو پرفائيل، نيوز فيڊ، گروپس، چيٽنگ يا آن لائين ڪچهري، ايوينٽس، فوٽو ۽ وڊيو، ڳولها، ذاتي صفحا، دوستن جي لسٽ، ذاتي پيٽ يا وال، پسند ڪرڻ ۽ پنهنجي راءِ ڏيڻ جي سهولت، فيسبڪ لائيٽ ۽ واپار جا اوزار وغيره. هاڻي فيسبڪ جو ميمبر پنهنجي خيالن جو اظهار يا ڪا به وڊيو يا ڪو به فوٽو پنهنجي دوستن، مائٽن يا آفيس وارن سان ونڊي سگهي ٿو ۽ آن لائين ٿي ڪچهري وغيره ڪري سگهي ٿو.

2005ع ۾ هڪ ٻيو سماجي ميڊيا جو اوزار جنهن کي يوٽيوب چون ٿا عالمي مارڪيٽ ۾ آندو ويو جنهن ذريعي ماڻهو پنهنجو وڊيو پيغام يا وڊيو پروگرام پوري دنيا اڳيان پيش ڪري رهيا آهن، هن اوزار به ٿوري وقت ۾ تمام گهڻي مشهوري حاصل ڪئي. يوٽيوب جو هيڊڪوارٽر پڻ ڪيليفورنيا آمريڪا ۾ آهي. يوٽيوب استعمال ڪندڙن (Users) کي اجازت ڏئي ٿو ته هو پنهنجا چينل ٺاهين، وڊيو

اپلوڊ ڪن ۽ پنهنجي پلي لسٽ ٺاهين، وڊيوز کي لائيڪ ڪن، پنهنجي راءِ ڏين، وڊيو کي ٻين دوستن يا گهروارن يا ڪن ادارن سان ونڊين ۽ چينل کي سبسڪرائيب ڪن. يوٽيوب ايپليڪيشن جا ٺاهيندڙ اسٽيو چين، چيڊ هرلي ۽ جاويد ڪريم جن هئا ۽ انهن ئي يوٽيوب جو آن لائين بنياد وڌو. يوٽيوب جي پروگرامنگ چين ۽ هرلي ڪئي هئي. آڪٽوبر 2006ع ۾ گوگل هن پروڊڪٽ کي خريد ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ نومبر 2006ع ۾ خريد ڪري ڇڏيو. هي سماجي ميڊيا جو اهم اوزار آهي جنهن ڪيترائي تاريخي رڪارڊ بہ آن لائين رکيا آهن.

مارچ 2006ع ۾ ٽوئيٽر کي ڪيليفورنيا آمريڪا ۾ جيڪ ڊورسي، نوح گلاس، بز اسٽون ۽ ايون وليمس طرفان آن لائين ڪيو ويو. هي سماجي ميڊيا جو اوزار مائڪرو بلاگ آهي جيڪو فيسبڪ، لنڪڊان، ماءِ اسپيس کان مختلف آهي. هن ۾ ننڍين جملن ذريعي پنهنجا نياپا، خيال وغيره ٻين ماڻهن يا ادارن تائين پهچايا وڃن ٿا. شروع ۾ تہ 140 اکرن جو نياپو ٽئيٽر تي موڪلي سگهبو هو پر 2017ع ۾ ان کي وڌائي 280 اکرن تائين پهچايو ويو. ٽوئيٽر ذريعي موڪلجندڙ نياپن کي ٽوئيٽ چون ٿا. ٽوئيٽر جي مشهوري تيزي سان وڌندي رهي اهڙي طرح 2012ع ۾ ٽوئيٽر جا 100 ملين کان وڌيڪ ميمبر روزانو 340 ملين کان وڌيڪ ٽوئيٽ ڪرڻ لڳا جيڪا ٽوئيٽر جي وڏي ڪاميابي ليکي وڃي ٿي. 2016ع ۾ آمريڪا ۾ صدارتي چونڊن جي ڪري ٽوئيٽر بريڪنگ خبرن جو مرڪز بڻجي ويو ۽ عالمي ميڊيا ان تان خبرون کڻي هلائڻ لڳي. اڄ بہ ڪيتريون ئي خبرون ٽئيٽر تان کڻي هلايون وڃن ٿيون جيڪا ٽئيٽر جي ڪاميابي آهي.

2009ع ۾ واٽس ايپ کي ڊجيٽل دنيا ۾ آندو ويو جنهن کي ٻن دوستن برآئن ايڪٽن ۽ جين ڪوم ٺاهيو. هي ٻئي دوست پهريان ياهو (Yahoo) ڪمپني ۾ ڪم ڪندا هئا، 2007ع ۾ هنن ياهو ڪمپني کي ڇڏي پنهنجي آن لائين ايپليڪيشن ٺاهڻ شروع ڪئي. واٽس ايپ بنيادي طور انگريزي فقري واٽس اپ جو تبديل ٿيل نالو آهي.

واٽس ايپ سمارٽ فونن لاءِ ايپليڪيشن ٺاهي وئي آهي جنهن ذريعي آن لائين نياپا، آواز، وڊيو، فوٽو وغيره موڪليا ۽ وصول ڪيا وڃن ٿا، هن وقت واٽس ايپ ويب تي پڻ هلي رهيو آهي. دنيا ۾ تيزي سان پکڙجندڙ سماجي ميڊيا جي هن ايپليڪيشن کي 2014ع ۾ فيسبڪ خريد ڪيو. واٽس ايپ تي به پنهنجا پروفائيل ٺاهي سگهجن ٿا ۽ پنهنجا خيال، رايا وغيره ٻين دوستن سان ونڊي سگهجن ٿا اهڙي طرح پوسٽن تي پنهنجا رايا وغيره ڏئي سگهجن ٿا.

ان ڪانسواءِ ٻيا به ڪيترائي سماجي ميڊيا جا اوزار تيار ڪيا ويا آهن جيڪي ڪاميابي سان هلن پيا. هت صرف انهن اوزارن کي بيان ڪيو ويو آهي جيڪي عالمگير حيثيت رکن ٿا ۽ عالمگير سماج ٺاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. هن وقت 90 سيڪڙو انٽرنيٽ جو استعمال ڪندڙ ماڻهو سماجي ميڊيا جي انهن اوزارن کي استعمال ڪري رهيا آهن ڇاڪاڻ ته سوشل ميڊيا هڪ اهڙو پليٽ فارم آهي جنهن ذريعي بيروزگاريءَ کي گهٽائي سگهجي ٿو. ماڻهو سماجي رابطن جي ميڊيا ذريعي ڪو واپار ڪري سگهن ٿا ۽ وکر پوري دنيا ۾ وڪڻي سگهن ٿا جنهن ذريعي ججهي رقم ڪمائي سگهن ٿا. تنهنڪري سوشل ميڊيا جي اهميت کان ڪنهن به حوالي سان انڪار نٿو ڪري سگهجي ڇاڪاڻ ته سماجي رابطن جا اوزار زندگي جي هر عمل ۽ وهنوار ۾ شامل ٿي چڪا آهن ۽ هاڻي انهن اوزارن جي استعمال کان سواءِ زندگي گذارڻ ڏکي ٿيندي پئي وڃي. سماجي رابطن جي ميڊيا جي اهميت کي ڏسندي، سماجي رابطن جي ميڊيا جي ڪمن ۽ اهميت کي ڪجهه حصن ۾ ورهائجي ٿو، جن جو مختصر تفصيل هيٺ ڏجي ٿو. ان سان اها خبر پوندي ته سماجي رابطن جي اوزارن کي استعمال ڪندي ماڻهو يا ادارا ڪهڙي قسم جو ڪم ڪن ٿا.

## سماجي خبرون

سماجي رابطن جا اوزار سماجي ويب سائيٽس ذريعي ويب 2.0 تي هلي رهيا آهن. جن ذريعي ماڻهو يا ادارا پنهنجون ڪهاڻيون، شعر

يا خبرون وغيره مختلف قسم جي ماڻهن ۽ ادارن تائين پهچائين ٿا. سماجي خبرون يا سوشل نيوز هڪ فقرو آهي جيڪو سماجي رابطن جي اوزارن تي عام طور انهن سيني ماڻهن ذريعي استعمال ڪيو وڃي ٿو جيڪي سماجي رابطن جا اوزار خاص ڪري فيسبڪ، ٽوئيٽر، انسٽاگرام، لنڪڊان وغيره استعمال ڪن ٿا. ماڻهو ڪا نہ ڪا خبر پنهنجي صفحي تي رکي دنيا جي مختلف ماڻهن، قومن، آبادين ۽ ادارن سان ونڊن ٿا. سياسي ۽ سماجي تنظيمون پنهنجون خبرون، ڪم ۽ چارٽ وغيره پنهنجي سماجي رابطن جي اوزارن ذريعي مختلف سماجن، عوام، آبادين، فردن ۽ حڪومتن وغيره تائين پهچائين ٿيون. عام ماڻهو پنهنجي خوشي يا غم يا ڪنهن مسئلي ڪي سماجي رابطن جي اوزارن تي ٿاهيل پنهنجن صفحن ذريعي رکن ٿا، اهڙي طرح انهن سان ڳنڍيل يا لاڳاپيل دوست اهي سڀ سماجي خبرون پڙهن ٿا ۽ پنهنجا مشورا ۽ رايا ڏين ٿا تہ ڪي وري انهن خبرن کي پسند ڪري ٻڌائين ٿا تہ اسان هي خبر پڙهي ورتي آهي.

## ميڊيا شيئرنگ يا فوٽو ۽ وڊيوز ڪي ونڊڻ

ميڊيا شيئرنگ موجوده دور ۾ سماجي رابطن جي اوزارن يا ميڊيا جو اهم ڪم آهي. ان ذريعي ماڻهو يا ادارا پنهنجي ڪم، ڪارڪردگي، پروگرامن، اٿڻي ويهڻي ۽ مختلف واقعن جا فوٽو، آواز يا وڊيو سماجي رابطن جي ميڊيا ذريعي پنهنجي دوستن، مائٽن، مختلف قسم جي گروهن، فردن، آبادين يا ادارن سان ونڊين ٿا جيڪي سموري دنيا ۾ ڦهلجي وڃن ٿا. ماڻهو يا ادارا اهڙا فوٽو يا آڊيو آواز يا وڊيو سماجي رابطن جي صفحن تي اپلوڊ ڪن ٿا ۽ انهن کي محفوظ بڻائي ڇڏين ٿا تہ جيئن مختلف وقتن تي انهن کي ڏسي سگهجي ۽ اهي پنهنجي لاڳاپيل دوستن يا ادارن سان ونڊي سگهجن. فيسبڪ، ٽوئيٽر، لنڪڊان، انسٽاگرام، يوٽيوب ۽ مختلف قسم جا بلاگ وغيره اهڙن فوٽو، آڊيو آوازن ۽ وڊيو اپلوڊ، لائيو نياپو، ڪانفرنس ڪرڻ ۽ انهن کي ونڊڻ لاءِ بهترين سماجي رابطن جا اوزار آهن، جن ذريعي پنهنجو

نياپو پوري دنيا ۾ پهچايو وڃي ٿو.

## مائڪرو بلاگ

سماجي رابطن جي اوزارن مان هڪ اوزار مائڪرو بلاگ به آهي. هي بلاگ روايتي بلاگ کان مختلف آهي. مائڪرو بلاگ ۾ ننڍڙن جملن، فوٽوز، وڊيوز ۽ مختلف لنڪس وغيره ذريعي ڪنهن به قسم جو نياپو مختلف ماڻهن، قومن، ادارن ۽ ملڪن تائين پهچايو وڃي ٿو. ٽوئيٽر مائڪرو بلاگ جو بهترين مثال آهي جنهن ذريعي مختلف قسم جا فرد، سماجي ۽ سياسي تنظيمون، ادارا وغيره پنهنجا خيال، نظريا، ڪم، نياپا مختلف فردن، عوام، قومن، حڪومتن، سياسي ۽ سماجي تنظيمن تائين پهچائين ٿا. هي بلاگ ننڍڙا هوندا آهن تنهنڪري پڙهڻ ۾ ڪو گهٽو وقت ڪون لڳندو آهي. جڏهن ته روايتي بلاگ پڙهڻ ۾ وقت گهڻو لڳندو آهي.

## هيش ٽيگ

هيش، جنهن کي نمبر جو نشان به چون ٿا، هڪ نشان آهي جيڪو ڪنهن مخصوص چوٽي، لفظ يا فقري وغيره سان لڳايو ويندو آهي. هيش ٽيگ ان لفظ يا فقري يا چوٽي وغيره کي خاص حيثيت ڏئي ٿو جنهن ڪري ڪنهن به وقت ان هيش ٽيگ کي ڳولهي سگهجي ٿو ۽ معلوم ڪري سگهجي ٿو ته دنيا ۾ ڪنهن ڪنهن هن هيش ٽيگ کي استعمال ڪيو يا ڏنو آهي. هيش ٽيگ فيسبڪ ۽ ٽوئيٽر ۾ سڀ کان وڌيڪ استعمال ٿئي ٿو. هيش ٽيگ کي سڀ کان پهريان 2007ع ۾ ڪرس ميسينا استعمال ڪيو جيتوڻيڪ ٽوئيٽر به ان کان اڳ ۾ بئي نالي سان استعمال ڪيو هو پر ڪرس ميسينا ان کي سٺي طريقي سان پيش ڪيو. ٽوئيٽر تي ٽرينڊ به هيش ٽيگ جي ذريعي نهن ۽ هلن پيا .

موجوده دور ۾ سماجي رابطن جي ميڊيا ماڻهن جي جڙ ته ضرورت بڻجي وئي آهي، ماڻهو 24 ڪلاڪن مان اڪثر وقت سماجي رابطن جي اوزارن کي ڏين ٿا ۽ هو دنيا ۾ ٿيندڙ مختلف ڪمن، تعليمي

عملن، تحريڪن، سياسي ۽ سماجي ڪمن، سائنسي عملن، نوڪرين ۽ واپار جي خبرن ۽ مختلف فيصلن وغيره کان واقف ٿي رهيا آهن، ايتري تائين جو پنهنجي مسئلن کي سماجي ميڊيا ذريعي حل ڪرائين ٿا. سماجي رابطن جي ميڊيا تہ ملڪي سرحدن کي ئي ختم ڪري ڇڏيو آهي. ماڻهو دنيا جي ڪنهن بہ تعليمي يا تربيتي اداري، نوڪري ڏيڻ وارن ادارن، فوجي ادارن، واپارين، انڊسٽريزوغيره جي چاڻ تڪڙي حاصل ڪري وٺن ٿا، اڪيلائيپ محسوس ڪرڻ جو خيال بہ ختم ٿيندو پيو وڃي. هڪ دفعو سماجي رابطن جي اوزارن تي اچڻ کان پوءِ ايترو تہ مواد ۽ دوست ملي وڃن ٿا جوايئن لڳي ٿو تہ ڪنهن نئين دنيا ۾ داخل ٿي ويا آهيون جت هر قوم، نسل، تهذيب، طبقي وغيره جا فرد موجود آهن، جيڪي پنهنجا تجربا، ڪم، ڏک، سک، سور وغيره هڪ ٻئي سان ونڊي رهيا آهن. ماڻهو پنهنجي سوچ، طبيعت ۽ ڪم جي مطابق پاڻ جهڙا ماڻهو ڳولهي وٺن ٿا ۽ انهن سان رابطو قائم رکن ٿا. تنهنڪري پوري دنيا ۾ ماڻهن جون دوستيون وڌي رهيون آهن، اهڙي طرح نوان رشتا جڙي رهيا آهن، هاڻي ماڻهو مذهب، ثقافت، قوم، زبان ۽ ملڪ وغيره جي پابندين کان هٽي ڪري دوستيون ۽ مٽيون مائٽيون ڪري رهيا آهن. ڪيترين ئي عالمي سطح تي شاديون ٿيون آهن. اهو عمل عالمگيريت کي فروغ ڏئي رهيو آهي.

سماجي ميڊيا جي ڪري دنيا جون اصلي يا ديسي ٻوليون بہ ترقي ڪري رهيون آهن. ماڻهو سماجي ميڊيا جي اوزارن تي پنهنجا خيال، رايا، نياپا وغيره پنهنجي ٻولي ۾ لکي رهيا آهن. جڏهن تہ ان کان اڳ ۾ ماڻهو هڪ ٻئي سان رابطي لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن لنگئا فرئنڪا جو استعمال ڪندا هئا جنهن سان ديسي ٻوليون ختم ٿي رهيون هيون. مثال طور پاڪستان ۾ موبائيل فون ذريعي اڪثر ماڻهو هڪ ٻئي کي جيڪو نياپو موڪليندا هئا اهو اردو ۽ انگريزي ۾ لکندا هئا ۽ ٿورا ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکندا هئا پر سوشل ميڊيا جي ڪري ماڻهن ۾ شعور پيدا ٿيو آهي جنهن سبب ماڻهو نہ رڳو موبائيل فون تي پنهنجي ديسي ٻولين ۾ نياپو وغيره موڪلين پيا پر سوشل ميڊيا جي

مختلف وسيلن يا اوزارن تي ٻه پنهنجي ديسي ٻولي يا انگريزي ۾ لکن پيا. جنهن سبب انگريزي زبان پوري دنيا ۾ مضبوط لنگئا فرئنڪا ٿيندي وڃي پئي ۽ اصلي يا ديسي ٻوليون ٻه ترقي ڪري رهيون آهن.

جيتوڻيڪ سماجي رابطن جي چار دنيا کي ڳنڍيو آهي ۽ ماڻهن کي تفريح، چاڻ وغيره جا خزانا مهيا ڪرڻ سان گڏ اڪيلائپ جي احساس کي ٻه ختم ڪيو آهي پر ان جي ڪري ماڻهو خاندان، سماج وغيره کان ٻه ڪٽجي رهيا آهن. سماجي ميڊيا کي ماڻهو هڪ دنيا ٺاهي ڇڏيو آهي، هنن کي سماجي ميڊيا جي اوزان کان سواءِ ٻئي هنڌ يا ٻي ڪنهن محفل ۾ خاص مزو نه پيو اچي. هو محفل، گهر وغيره ۾ هوندي ٻه پاڻ کي سوشل ميڊيا تي ڳنڍيل رکن ٿا. ماڻهو ان سان تازيون خبرون ۽ چاڻ ته حاصل ڪن ٿا پر هو نفسياتي ٻه ٿيندا پيا وڃن. جنهن ڪري هنن جا گهر وارن، دوستن، مٽن مائٽن وغيره سان رويا تبديل ٿيندا ٿا وڃن. هو سمورن رشتن کان ڪٽبا ٿا وڃن. سماجي ميڊيا کي استعمال ڪندڙ فرد پنهنجي يا خاندان جي مسئلن ۾ گهٽ پر ٻين ماڻهن جي مسئلن ۾ وڌيڪ ملوث نظر ايندا آهن جنهن ڪري هو مختلف قسم جي پريشانين ۾ ونجي وڃن ٿا جنهن سبب ڪجهه وقت کان پوءِ پاڻ نفسياتي مريض ٿي وڃن ٿا. اهڙي قسم جا ماڻهو سماجي مسئلن کي فطري طريقن سان سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ بدران سماجي رابطن جي اوزان تي ڏنل خبرن وغيره جي ذريعي سمجهي ۽ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن پيا جنهن ڪري سماجي ترقي ۽ بناوت ۾ ڪو اهم ڪردار ادا نه پيا ڪري سگهن پر رڳو ڳالهين جي حد تائين محدود رهن ٿا. سماجي ميڊيا ۾ مختلف قسم جي مسئلن ۾ ملوث هجڻ جي ڪري يا انهن مسئلن کي پنهنجي دماغ تي سوار ڪرڻ جي ڪري اهي ماڻهو گهرو ذميوارين کان پري ٿي وڃن ٿا ۽ انهن جي نفسياتي مسئلن ۽ بيمارين جي ڪري ڪيترائي گهرا رشتا ٽٽي وڃن ٿا جنهن ڪري اهڙي قسم جا نشائي يا عادي ماڻهو دائمي اڪيلائيپ ۾ هليا وڃن ٿا جنهن جا نتيجا خطرناڪ نڪرن ٿا، دنيا ۾ ڪيترائي خودڪشيءَ جا اهڙا ڪيس ٻه سامهون آيا آهن جن

جو سبب سوشل ميڊيا جي اوزارن جو گهڻو استعمال ڪرڻ آهي. چاڪاڻ تہ اهڙي قسم جا ماڻهو سماجي ميڊيا جا عادي ٿي وڃن ٿا ۽ هو هڪ نشي ڪندڙ ماڻهو جيئان سماجي ميڊيا ۾ مشغول يا داخل ٿي وڃن ٿا. ڪيترن شادي شده جوڙن جي وچ ۾ طلاق جو سبب بہ سماجي ميڊيا رهي آهي چاڪاڻ تہ زال يا مڙس يا ٻنهي جي سماجي ميڊيا ۾ گهڻو مشغول هجڻ ڪري هو ٻئي هڪ ٻئي کي وقت نہ ڏئي سگهندا آهن. اهڙي طرح هو پنهنجا نوان دوست ٺاهي ڇڏيندا آهن تنهنڪري هنن کي هڪ ٻئي جي ضرورت محسوس نہ ٿيندي آهي. سماجي ميڊيا ۾ گهڻي ملوث هجڻ جي ڪري ٻار بہ نظر انداز ٿي وڃن ٿا اهڙي طرح هنن جي گهربل تربيت ڪون ٿي ٿئي. اهي ٻار نہ صحيح تعليم حاصل ڪري سگهن ٿا، نہ ئي وري پيءُ ماءُ جو گهربل پيار حاصل ڪري سگهن ٿا، تنهنڪري هو اڪيلائيپ جو شڪار ٿي ڪنهن نفسياتي بيماري ۾ ورتجي وڃن ٿا، جنهن ڪري ٻار مستقبل ۾ سماج لاءِ منفي ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

بحرحال، سماجي ميڊيا اسان کي سهولتون مهيا ڪري رهي آهي تہ جيئن اسان پاڻ کي دنيا جي مختلف ماڻهن، طبقن، فني ۽ غير فني ماڻهن، آبادين، سياستدانن، هنرمندن وغيره سان ڳنڍي رکون ۽ مختلف قسم جي ڪارائتي ڄاڻ حاصل ڪريون، نوڪريون حاصل ڪريون، تعليم حاصل ڪريون، سائنس، فنون لطيفہ، سياست، سماجيات وغيره جي ڄاڻ حاصل ڪريون. پنهنجي قوم، ملڪ، ٻولي، تهذيب، ثقافت، آثارِ قديمہ وغيره جي سڃاڻ پوري دنيا سان ڪرايون ۽ پنهنجي حيثيت کي مڃرايون. اهڙي طرح پاڻ کي سماجي رابطن جي ڄار جي نقصانن کان بہ بچايون، سماجي ميڊيا کي ايترو وقت ڏيون جيترو ضروري هجي. پنهنجي قيمتي وقت کي صرف سماجي ميڊيا تي نہ وڃايون پر پنهنجي گهرياتين، خاندان، دوستن، مٽن مائٽن، تعليمي، سماجي ۽ سياسي سرگرمين وغيره کي بہ ڏيون.

ووءِ! ووءِ! ڪنـدي وت، مَـڇـڙ ووءِ! وسـاريـيـن،
پـاٽـي ھـار مَ پـڏرو، رو مـنـجـھـائـيـن رَتُ،
صـبـر وڍو سـتُ، سِـگـھـا مـيـڙي سـپـريـن.
(شاھہ- سُر حسيني)

# عالمگيريت ۽ ثقافت

ثقافت هڪ فطري عمل آهي جيڪو انساني سماج جڙڻ سان ئي شروع ٿيو آهي. انساني سماج کي بهتر ڪرڻ ۽ روز مره جي زندگي گذارڻ لاءِ وقت بہ وقت اصول، قاعدا قانون ۽ ريتون رسمون ٺاهيون ويون جن کي ثقافت چئجي ٿو. ثقافت اٿڻي ويهڻي، ڄاڻ، تجربن، عقيدن، مذهب، روين، ورثاءُ، کائڻ پيئڻ، خانداني ۽ سماجي ريتن رسمن، ادارن جي طور طريقن وغيره تي مبني آهي، تنهنڪري روزانو زندگي گذارڻ جي سمورن طريقن کي ثقافت چئجي ٿو. ثقافت ماڻهن جي ذهن ۾ هجي ٿي، اهڙي طرح ادارن جي ثقافت وري انهن ادارن ۽ اتي ڪم ڪندڙن تي اثر ڪري ٿي جنهن ڪري ماڻهو بيان ڪيل قاعدن ۽ قانون تحت ڪم ڪن ٿا. ان مان معلوم ٿيو تہ ثقافت قومن، سماجن ۽ ادارن طرفان ٺاهيل قاعدا ۽ قانون آهن، جنهن تحت فرد، خاندان، قومون، ادارا، ملڪ ۽ حڪومتون روزانو جي بنياد تي پنهنجي وهنوار کي هلائين ٿا. ثقافت خراب يا سٺي ڪون ٿي ٿئي پر مختلف قسم جا نقطا يا اصول ثقافت کي مختلف طريقن سان پيش ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح اهي نقطا يا اصول ثقافت کي سٺو يا خراب ڪري پيش ڪن ٿا جنهن جو مطلب ٿيو تہ ڪي ثقافتون ڪن لاءِ سٺيون هونديون آهن تہ وري ساڳيون ثقافتون ڪن لاءِ خراب ٿين ٿيون. ثقافت جي علم جا ماهر ئي فيصلو ڪري سگهن ٿا تہ ادارن ۽ حڪومتن ۾ ڪهڙي قسم جي ثقافت کي لاڳو ڪجي جنهن سان ادارا ترقي ڪن ۽ سماج سان ٽڪراءُ ۾ نہ اچن. ان ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي تہ قومن ۽ ادارن جي ثقافت ۾ فرق آهي تنهنڪري قومن ۽ ادارن کي هلائڻ جا ماهر ثقافت جي قاعدن ۽ قانونن ۾ ڦيرگهير وغيره ڪندا رهن ٿا ۽ ايندڙ وقت تي بہ هو ڦيرگهير ڪري سگهن ٿا. وقت سان گڏ قومن ۽ ادارن جي ثقافت

تبديل ٿيندي رهي ٿي جنهن جا مثبت ۽ منفي اثر ٿي سگهن ٿا. ثقافت جي اهميت ۽ افاديت کي فردن، برادرين، نسلي گروهن، سماجن ۽ تهذيبن مان معلوم ڪري سگهجي ٿو. فرد خاندان جو حصو هوندا آهن تنهنڪري ڪنهن بہ برادريءَ ۾ فردن ۽ خاندانن جو اهم ڪردار هوندو آهي. فردن جي سڃاڻپ انهن جي ٻولي ۽ خاندان سان ٿيندي آهي خاندان برادري جو بنيادي ايڪو هوندو آهي جيڪو برداريءَ کي ترقي ڏياريندو آهي. اهڙي طرح برادري سماج ۽ قوم جو اهم حصو ۽ ايڪو هوندي آهي جيڪا پنهنجن فردن جي اندر مختلف قسم جا قدر ۽ رواج پيدا ڪري انهن کي لاڳاپيل سماجن ۾ ونڊيندي آهي. برادري جي سڃاڻپ علائقائي، قومي، ملڪي ۽ عالمي سطح تي ٿي سگهي ٿي، جيڪا ثقافتي قدرن مطابق قائم رهندي آهي. نسلي گروه فردن جو اهڙو گروه هوندو آهي جيڪو قبيلي، ثقافت، قوم، ٻولي، مذهب، ثقافتي ورثي، تاريخ، وطن، ڌرتي، لهجي، ثقافتي ۽ تهذيبي نشانين، ريتن رسمن وغيره جي بنياد تي سڃاتو وڃي ٿو. اهي گروه پنهنجي ثقافت ۽ ريتن رسمن ذريعي پنهنجو سماجي وهنوار هلائين ٿا ۽ دنيا ۾ پنهنجي سڃاڻپ کي قائم رکن ٿا. قومپرستيءَ جو جذبو بہ هن گروه ۾ گهڻو پيدا ٿئي ٿو جنهنڪري هو پنهنجي قوم، ڌرتي ۽ ٻولي کي هميشہ زنده رکڻ لاءِ جدوجهد ڪندا رهن ٿا. پر عالمگيريت جي لهر نسلي گروهن جي ترقيءَ کي روڪي ڇڏيو آهي. هاڻي فرد پاڻ کي عالمگير اثاثو سمجهي ٿو جنهن ڪري هو پاڻ کي ڪنهن هڪ برادري، نسلي گروه يا قوم ۽ سماج تائين محدود ڪون ٿو سمجهي. انساني سماج ڪنهن مخصوص ثقافت کي استعمال ڪندي وڏي ويجهي ٿو، انساني سماج ماڻهن جو هڪ اهڙو گروهہ آهي جيڪو هڪ ٻئي سان عقيدن، مذهب، ٻولي، رسمن ريتن ۽ ثقافت وغيره ذريعي ڳنڍيل رهي ٿو. هو ذاتي ۽ اجتماعي مفادن تحت ڪم ڪري ٿو ۽ پنهنجي ميمبرن جي هر سطح تي مدد ڪري ٿو. انساني سماج مختلف خطن يا علائقن، ٻولين ۽ ثقافتن ۾ ورهايل آهي تنهنڪري هر هڪ سماج ٻئي سماج کان مختلف سوچي ٿو ۽ مختلف ثقافت رکي ٿو. هر سماج جي

سڃاڻپ ان جي ثقافت سان ٿئي ٿي اهڙي طرح ثقافت جا اهم اهڃاڻ ادب، فن، لٽو ڪپڙو، کاڌا، مهمان نوازي، اٿڻ ويهڻ، خانداني نظام، ٻولي، لهجا، شادين جون رسمون، مرڻ کان پوءِ دفنائڻ جون رسمون، تعليم، تربيت وغيره وغيره هجن ٿا. اهي اهڃاڻ ئي ثقافت کي زنده رکن ٿا، اهڙي طرح ان سان لاڳاپيل سماج ۽ قومون به زنده رهن ٿيون.

دنيا ۾ گروهن، قومن ۽ فردن جي پنهنجي الڳ ثقافت ٿئي ٿي. ثقافت کي انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪلچر (Culture) چون ٿا جيڪو ماڻهن جي اجتمائي سوچ ۽ عمل مطابق جڙي ٿو، تنهنڪري ڪلچر لڳي ته عام ٿو پر ان کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ پيچيده آهي. ثقافت جو ماڻهن جي ذهن تي ايترو ته اثر ٿئي ٿوجو ماڻهو جن ادارن ۾ ڪم ڪن ٿا يا جن سماجن ۾ رهن ٿا اتي اهو ڪلچر لاڳو ڪرڻ چاهين ٿا يا ان ڪلچر مطابق زندگي گذارين ٿا. وڪيپيڊيا مطابق ”ثقافت سماجي ورتاءُ، زندگي گذارڻ جي معيار، ريتن رسمن، مذهب، روين وغيره جو احاطو مقرر ڪري ٿي، تنهنڪري ثقافت ڪنهن به گروه يا سماج ۾ فرد جي عادتن، ڄاڻ، عقيدن، تجربن، روين، نظرين، مذهب وغيره کي ظاهر ڪري ٿي.“ انسان جي پيدا ٿيڻ سان ئي ان جي سکڻ جو مرحلو شروع ٿي وڃي ٿو جنهن ذريعي انسان ثقافتي رنگن يا اصولن کي پڙهڻ سمجهي ۽ سکي ٿو. اهڙي طرح انسان جنهن سماج ۾ پيدا ٿئي ٿو ان سماج جي ثقافت کي واپرائي ٿو، تنهنڪري ثقافت مختلف سطحن تي مختلف طريقن سان استعمال ٿئي ٿي. مثال طور

(1) قومي يا ملڪي ثقافت علائقائي ثقافت کان مختلف هجي ٿي. اها ثقافت علائقن ۽ رياستن يا صوبن جي ثقافتن کي پاڻ سان گڏائي يا پاڻ ۾ ضم ڪري پاڻ کي قومي ثقافت جي شڪل ۾ ظاهر ڪري ٿي جيڪا پوري دنيا ۾ سڃاتي وڃي ٿي. قومي ثقافت ڪنهن به قوم يا ملڪ جي ماڻهن جي فطرت، اٿڻ ويهڻ، مذهبي رسمن، مذهبي رواداري، ريتن رسمن ۽ ڪم ڪرڻ جي طريقن وغيره کي ظاهر ڪري ٿي جنهن جا پوري دنيا تي مثبت ۽ منفي اثر پئجي سگهن ٿا. جيڪڏهن اها ثقافت حقيقت تي مبني هوندي ته دنيا ان ثقافت کي

قبول ڪندي جيڪو ان ثقافت جو مثبت رخ آهي اهڙيءَ طرح خيالي يا غير حقيقي ثقافت دنيا تي منفي اثر ڇڏي ٿي ڇاڪاڻ تہ اها ان قوم جي نااهليءَ کي ظاهر ڪري ٿي.

(2) علائقائي ثقافت قومي ثقافت کان مختلف هجي ٿي ڇاڪاڻ تہ هن قسم جي ثقافت ڪنهن بہ علائقي، لساني گروهہ، ٻولي، مذهب، قبيلي وغيره سان لاڳاپيل هوندي آهي. اهڙي قسم جي ثقافت جي ان سان لاڳاپيل علائقن ۾ گهڻي اهميت هوندي آهي پر ان جي محدود پکيڙ جي ڪري اها ثقافت گهڻي سڃاتي ڪون ٿي وڃي نہ ئي وري وڏي سطح تي ان ثقافت مان فائدو ورتو وڃي ٿو. مضبوط قسم جي علائقائي ثقافت قومي ثقافت تي گهڻو اثر وجهي ٿي جنهن ڪري اها قومي ثقافت بڻجي وڃي ٿي پر ڪمزور ثقافت پنهنجي محدود علائقي يا قوم يا قبيلي تائين محدود رهي ٿي. موجوده دور ۾ ٽيڪنالاجي علائقائي ثقافتن کي بہ دنيا جي سطح تي روشناس ڪرايو آهي، جنهن ڪري عالمي سماج مختلف قسمن جي ثقافتن جو گلدستو بڻجي ويو آهي.

(3) اهي سماج جتي مردن کي گهڻي اهميت ڏني وڃي ٿي يا مردانگي واري سماج ۾ جيڪا ثقافت هوندي آهي اها عورت کي گهٽ درجو ڏيندي آهي جنهن ڪري سماج ۾ برابري نہ رهندي آهي. اهڙي ثقافت واري سماج ۾ عورت کي مرد جو غلام يا ان کي گهر تائين محدود ڪيو ويندو آهي جنهن ڪري سندس صلاحتين مان فائدو بہ نٿو وٺي سگهجي ۽ نہ ئي وري عورتن جي صلاحتين کي ماپي سگهجي ٿو. خاندان ۾ ٿيندڙ فيصلن ۾ عورتن کي نظر انداز ڪيو ويندو آهي. اهڙي طرح عورت کان ڪنهن بہ قسم جي راءِ يا صلاح وغيره نہ ورتي ويندي آهي بلڪ مردن جو فيصلو ئي آخري فيصلو هوندو آهي. ان قسم جي ثقافت کي ڪنهن علائقي، قوم يا ملڪ تائين محدود نٿو ڪري سگهجي پر اها ثقافت انساني نفسيات ۽ سماجي جوڙجڪ سان لاڳاپيل هوندي آهي جيڪا ڪٿي بہ ڪنهن وقت بہ استعمال ٿي سگهي ٿي. تنهنڪري جتي بہ اڻبرابريءَ وارو سماج موجود آهي اتي

اها ثقافت موجود آهي.

(4) دنيا ۾ ٿيندڙ مادي ۽ غيرمادي ترقيءَ جي ڪري ماڻهن جي سوچ بہ تبديل ٿي رهي آهي جنهن ڪري نئين ۽ پراڻي سوچ جو فرق پيدا ٿيو آهي. اهڙي سوچ ڪي پراڻي نسل ۽ نئين نسل جي ثقافت ۾ ورهائجي ٿو. نئون نسل نون طريقن ۽ زاوين کان سوچي ٿو ۽ جديد نموني جي عالمي ثقافت کي واپرائي ٿو. جنهن ڪري نئون نسل پنهنجي والدين، ڏاڏن ۽ نانن وغيره کان مختلف سوچي ٿو ۽ سماج ۾ پنهنجو ڪردار پنهنجي وڏن جي ريتن رسمن، رواجن، وغيره کان مختلف ادا ڪري ٿو. نئون نسل پراڻي ثقافت جي منفي رخن کي ڇڏي موجوده دور جي گهرجن کي نظر ۾ رکندي نئين يا عالمي ثقافت کي واپرائي ٿو جنهن سان قوم ۽ ملڪ ترقي ڪن ٿا. پراڻي ثقافت اصل ۾ ديسي ثقافت آهي جنهن کي عالمي ثقافت ٽيڪنالاجي جي يلغار جي مدد سان تبديل ڪري رهي آهي. عالمي ثقافت تي گهڻو اثر آمريڪن ثقافت جو آهي تنهنڪري نئون نسل ان کي آساني سان تسليم ڪري رهيو آهي. پراڻي نسل واري ثقافت سماج ۾ اخلاق پيدا ڪيو هو ۽ خاندانن کي مضبوط رکيو هو پر نئين نسل جي ثقافت سماج ۾ماديت واري سوچ پيدا ڪئي آهي جنهن ڪري خانداني نظام ڪمزور ٿيندو پيو وڃي ۽ ويجها رشتا بہ ٽٽندا وڃن پيا. اهڙي طرح دنيا جا سماج نئين رخ ۾ جڙي ۽ ترقي ڪري رهيا آهن. سماجي ميڊيا نئين نسل تي گهرو اثر وجهي رهي آهي جنهن ڪري نئين نسل جا رويا ۽ اٿڻ ويهڻ جا طور طريقا تبديل ٿي رهيا آهن.

(5) سرمائيداراڻي نظام سماج کي مختلف طبقن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي تنهنڪري هر طبقي جي پنهنجي ثقافت ٺهي رهي آهي. انهن طبقن سان لاڳاپيل فرد پنهنجي طبقي جي ثقافت مطابق زندگي گذارين پيا ۽ پنهنجي روز مره جي وهنوار کي هلائين پيا. جديد سماجي بيهڪ جي ڪري انهن طبقن جي ثقافت بہ تبديل ٿي رهي آهي. طبقاتي ثقافت جي ڪري انهن طبقن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ، نوڪري ڪرڻ، رهڻي ڪهڻي، رويا، ريتون ۽ رسمون وغيره بہ مختلف

آهن. ڪو به طبقو ٻئي طبقي جي احاطي ۾ نٿو اچي سگهي جنهن ڪري طبقاتي فرق ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي. طبقاتي ثقافت عالمگير بڻجي چڪي آهي جيڪا هڪجهڙن انسانن کي مختلف گروهن، سماجن ۽ طبقن ۾ ورهائي ٿي ۽ انهن جي وچ ۾ موجود فرق کي ظاهر ڪري ٿي. هي ثقافت نفسياتي بيماري جيان آهي جيڪا سرمائيدار طبقي طرفان پيدا ڪئي وئي آهي، ان ثقافت کي ختم ڪرڻ لاءِ مارڪسي نظريو وجود ۾ آيو. جڏهن ته اسلام اهڙي قسم جي ثقافت کي صديون پهريان ختم ڪري چڪو آهي. ليين ان قسم جي ثقافت کي سامراج سڏيو آهي.

(6) ڪارپوريٽ ثقافت مٿين ثقافتن کان مختلف آهي جيڪا عالمگير ثقافت آهي ۽ تيزي سان پوري دنيا تي پنهنجا اثر وجهي رهي آهي. اها ثقافت هر اداري، ڪمپني يا ڪارپوريشن تي ان جي معيار مطابق اثر ڪري ٿي. هاڻوڪي دور ۾ اها ثقافت عالمگير ثقافت ٿيندي پئي وڃي بلڪ عالمگير ثقافت بڻجي چڪي آهي، اهو ئي سبب آهي جو ملازم طبقو ادارن جي ماحول يا ثقافت مطابق پنهنجو رويو رکن ٿا ۽ ڪم ڪن ٿا. ڪارپوريٽ ثقافت سرمائيداراڻي نظام جي پيدا ڪيل ثقافت آهي جيڪا هاڻي پوري دنيا جي ثقافت بڻجي چڪي آهي. ديسي ڪارپوريشن، ادارا وغيره عالمي ڪارپوريٽ ثقافت کي استعمال ڪري پنهنجي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائي رهيا آهن. ڪارپوريٽ ثقافت ادارن وغيره ۾ يڪسانيت يا برابري پيدا ڪئي آهي جنهن ڪري پوري دنيا ۾ ادارن ۾ ڪم ڪرڻ جا طريقا ۽ رويا ساڳيا ٿي ويا آهن. هن ثقافت تحت ادارن ۾ ڪم ڪندڙ سمورن ملازمن کي اهميت ڏني وڃي ٿي جنهن ڪري محنت ڪرڻ واري سوچ وڌي رهي آهي. ان عمل جا اثر سماج تي به پئجي رهيا آهن جنهن ڪري سماج مان سفارش ڪلچر ۽ ڪم نه ملڻ واري بيچيني واري ڪيفيت به گهٽجي رهي آهي ته ڪم نه ڪرڻ واري سوچ به ختم ٿي رهي آهي. ڪارپوريٽ ڪلچر ۾ ملازم آزادي سان پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن. مينيجمينٽ طرفان ڪم ڪندڙ ملازمن کي همٿايو وڃي ٿو، اهڙي ريت

انهن کي بونس ۽ ٻيا انعام وغيره پڻ ڏنا وڃن ٿا. ملازمن کي خوش رکڻ لاءِ انهن کي ڪم دوران ماني کائڻ ۽ ٿورو آرام وغيره ڪرڻ جو وقفو ڏنو وڃي پيو اهڙي طرح هفتي ۾ موڪلون به ڏنيون وڃن ٿيون ته جيئن هو گهمي ڦري تازا توانا ٿي اچن ۽ وڏيڪ جذبي ۽ محنت سان ڪم ڪن. آمريڪن ثقافت ڪارپوريٽ ثقافت تي گهرو اثر ڇڏيو آهي جنهن ڪري ملازمن جو ڪپڙن پائڻ جو انداز ۽ ڪائڻ پيئڻ جو انداز به عالمي ثقافت وارو ٿي ويو آهي. ادارن ۾ هو آزادي سان ڪم ڪن ٿا ۽ رشتا جوڙين ٿا، اهڙي طرح انهن جي ذاتي زندگي ۽ ذاتي فعلن ۾ ڪنهن به قسم جي مداخلت نٿي ڪئي وڃي. ان جي ڪري اهي ملازم ساڳي قسم جي ثقافت کي پنهنجي گهرن ۽ خاندانن ۾ به استعمال ڪن ٿا جنهن ڪري سماج ۽ ملڪ عالمگير ثقافت کي واپرائي رهيا آهن جيڪا عالمگيريت واري تصور ۾ شامل هئي.

(7) ٽيڪنالاجي جي ترقي جي ڪري سماجي ميڊيا به ڊجيٽل ٿي وئي آهي جيڪا هڪ عالمگير ميڊيا بڻجي وئي آهي. ان ميڊيا تي عالمي ثقافت جو اثر پيو آهي اهڙي طرح سماجي ميڊيا به ثقافت بڻجي وئي آهي جنهن جا رويا، ريتون، رسمون وغيره ٻين ثقافتن کان مختلف ۽ منفرد آهن. هن ثقافت جي ڪري دنيا ڳنڍجي وئي آهي ۽ ديسي مسئلا به عالمي مسئلا ٿي سامهون اچن ٿا، ماڻهو پنهنجا ڏک سور ۽ خوشيون پنهنجي دوستن سان ونڊي رهيا آهن جيڪي دنيا جي مختلف علائقن يا ملڪن ۾ رهن ٿا. هن ثَقافت ماڻهن کي هڪ اهڙي نه ڪٽنڊڙ دنيا ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي جتان انهن جي واپسي مشڪل ٿي پئي آهي. هاڻي فرد سڀ ڪجهه پاڻ تي پيو آهي تنهنڪري هن ثقافت ماڻهن کي خاندان ۽ دوستن جي وچ ۾ هوندي به اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي، جيتوڻيڪ سماجي ميڊيا کي استعمال ڪندڙ ماڻهو ڏسڻ ۾ ته اڪيلو نظر اچي رهيو آهي پر ورچوئلي اهو ماڻهو پوري دنيا سان ڳنڍيل آهي. هن ثقافت خاندانن کي ٽوڙي ڇڏيو آهي جنهن ڪري گڏيل سوچ ٽٽندي يا ختم ٿيندي وڃي پئي. خاندانن جي وچ ۾ موجود محبت، اخلاق، ڀلائي وارو جذبو ۽ مثبت رويا وغيره ختم ٿيندا وڃن

پيا. ڏک سک ۾ ڪم اچڻ وارو جذبو بہ ختم ٿيندو پيو وڃي. ظاهري طور سماجي ميڊيا ماڻهن کي هڪ وڏي جار ۾ ڳنڍي ڇڏيو آهي پر عملي طور هر فرد اڪيلو ٿي سوچي ٿو ۽ پنهنجا فيصلا ڪري ٿو. اها ثقافت عالمي ثقافت بڻجي چڪي آهي تنهنڪري پوري دنيا ۾ اڪيلائپ واري ڪيفيت پيدا ٿي وئي آهي. آمريڪا ۽ يورپ ۾ تہ اڳ ۾ ئي اهو ماحول هيو پر هينئر هت بہ اهو ماحول پيدا ٿي رهيو آهي بلڪ پيدا ٿي چڪو آهي، جنهن ڪري ڪيترين ئي نفسياتي بيماريون پيدا ٿي رهيون آهن ۽ ويجها ۽ رت جا رشتا بہ ٽٽي رهيا آهن. عالمي سماجي ميڊيا واري ثقافت جي ڪري دنيا ۾ بيچيني وارو ماحول پيدا ٿي رهيو آهي جيڪو اندر ئي اندر ۾ فرد، خاندان ۽ سماج کي ٽوڙي رهيو آهي، ان ثقافت جي ڪري انفراديت پيدا ٿي رهي آهي ماڻهو گهر ۾ موجود هوندي بہ گهروارن سان رابطي ۾ نٿو رهي ۽ نہ ئي وري ڪو گهر ۾ ڪنهن سان ڪچهري ڪري ٿو جنهن ڪري گهرن ۾ ڪچهرين جي رسم بہ ختم ٿي وئي آهي.

## ثقافت جو قومي ۽ عالمي رخ

ثقافت کي هونءَ تہ ڪيترن ئي رخن سان پيش ڪري سگهجي ٿو پر ان جا مکيہ بہ قسم آهن، اهي قسم آهن مادي ثقافت ۽ غير مادي ثقافت. جڏهن تہ عالمگيريت پنهنجي ثقافت کي مثالي ثقافت بڻائي اصلي يا ديسي ثقافت کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪري. مادي ثقافت جنهن کي انگريزي ۾ مٽيريل ثقافت چون ٿا سا فردن طرفان ٺاهيل هٿراڏو شين تي مبني آهي. اهي شيون يا سامان يا وڪر ان سماج ۾ استعمال ٿين ٿا جنهن سماج ۾ ٺاهيا ويا آهن ڇاڪاڻ تہ انهن شين، سامانن ۽ وڪرن کي ان سماج جي ثقافت مطابق ٺاهيو وڃي ٿو. مثال طور گهر، پلون، فرنيچر، رستا، باغ، گاڏيون، واهہ، ٻنڍيون، ڪپڙا، تعليمي ادارا، وغيره وغيره. انهن شين يا اثاثن يا وڪرن جي ڊزائين اتان جي ثقافت مطابق ڪئي ويندي آهي تنهنڪري بيو ڪو سماج انهن شين يا وڪرن کي استعمال نہ ڪندو آهي يا گهٽ استعمال

ڪندو آهي. تنهنڪري اهڙي قسم جي ثقافت گهٽي ترقي نٿي ڪري بلڪ محدود ٿي رهي ٿي. 1990ع ڪانپوءِ ٽيڪنالاجي جي ترقي ۽ سرمائيدارن جي فتح جي ڪري دنيا عالمگيريت ۾ تبديل ٿي چڪي آهي جنهن ڪري عالمي ثقافت جو ديسي ثقافتن تي گهڻو اثر پيو آهي. هاڻي مادي ثقافت بہ تبديل ٿي رهي آهي اڳ ۾ پنهنجي سماج يا ملڪ ۾ ٺهندڙ شين کي استعمال ڪيو ويندو هو پر هينئر عالمي مادي ثقافت ان سوچ ۽ خيال کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي دنيا جي ملڪن ۾ عالمي معيار ۽ ڊزائين جا وکر، سامان، گهر، پلون، روڊ رستا وغيره ٺهي رهيا آهن. تنهنڪري ماڻهو اهي ئي شيون وٺن ٿا جيڪي انهن کي پسند اچن ٿيون، پوءِ پلي اهي ڪنهن بہ ملڪ يا علائقي ۾ ٺهيون هجن. ديسي شين يا وکرن جي اهميت گهٽجي وئي آهي. عالمي مٽيريل يا مادي ثقافت جو اثر ايترو تہ وڌي ويو آهي جو ماڻهو ديسي ڪاڏن کان وڌيڪ ٻاهرين يا عالمي ڪاڏن کي استعمال ڪن ٿا ۽ ڪپڙا وغيره بہ ويسٽرن يا آمريڪن ثقافتن جا پائين ٿا. چائنہ جي مادي ثقافت بہ تيزي سان وڌي رهي آهي جنهن پوري عالم ۾ پنهنجي حيثيت قائم ڪري ورتي آهي. پهريان ويسٽرن يا آمريڪن ڪاڏن ۽ لباس کي عيب سمجهيو ويندو هو پر عالمگيريت جي ڪري اهي ڪاڌا ۽ لباس ماڻهو شوق سان استعمال ڪري رهيا آهن.

غير مادي ثقافت مادي ثقافت کان مختلف آهي ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي مادي يا فزيڪل شين جو وجود ناهي. ثقافت جو هي قسم روين، عقيدن، قاعدن، مذهب، ريتن رسمن، اٿڻي ويهڻي، واعدن، زبانن، ڳالهين ۽ ٻولي وغيره تي مشتمل آهي جنهن سان سماج جا قدر ظاهر ٿين ٿا. غير مادي ثقافت ڪنهن بہ قوم يا سماج جي چال چلت ۽ واعدي وفائي ۽ اخلاق کي ظاهر ڪري ٿي. اها ثقافت قوم جي ٻولي ۽ ان جي لهجن کي ظاهر ڪري ٿي جنهن سان قوم جي سڃاڻپ ٿئي ٿي. مادي ثقافت جو هر قدر ۽ سامان ظاهر هوندو آهي جنهن کي هٿ لڳائي سگهجي ٿو پر غير مادي ثقافت جا قدر محسوس ڪري سگهجن ٿا. هن قسم جي ثقافت ۾ ڪنهن بہ قسم جي مادي شيءَ

موجود نہ آهي جنهن کي ڏسي سگھجي. غير مادي ثقافت ۾ موجود سڀ عمل مادي طور تہ ظاهر نہ ٿيندا آهن پر فردن جي روين، سماج جي بيهڪ ۽ ريتن رسمن ذريعي مادي ثقافتن جي اثرن کي سمجهي ۽ محسوس ڪري سگھبو آهي. مادي ثقافت غير مادي ثقافت تي بہ اثر ڇڏيا آهن جنهن ڪري فردن جا رويا تبديل ٿي رهيا آهن جيڪي عالمي يا آمريڪن ثقافت جهڙا ٿيندا پيا وڃن. سماج جون ريتون رسمون بہ عالمي ثقافت جي اثر هيٺ ڪم ڪن ٿيون جنهن ڪري دنيا جي ڪيترن ئي سماجن ۾ شادي، خوشي، غمي ۽ ٻين رسمن ۾ تمام گهڻي تبديلي اچي وئي آهي. اڳ ۾ ماڻهو ڪنهن جي خوشي يا غمي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ گهڻو وقت ڏيندا هئا پر هينئر سماجي ميار لاهڻ يا وقت جي گهٽتائي ۽ ذاتي مصروفتين جي ڪري ٿورو وقت ويهي واپس هليا اچن ٿا. ساڳي طرح مهمان جي اچڻ سان جيڪا خوشي محسوس ٿيندي هئي سا بہ تبديل ٿي وئي آهي. هاڻي مهمان جو اچڻ ۽ ان جو گهڻو وقت رهڻ واري ثقافت تبديل ٿي چڪي آهي، انهن عملن جي ڪري سماجي بيهڪ تبديل ٿي رهي آهي ۽ رشتا مادي ٿيندا وڃن پيا جنهن ڪري فرد ۽ خاندان اڪيلائپ جو شڪار ٿي رهيا آهن.

قومي يا ديسي ثقافت فردن، قومن، سماجن ۽ ملڪن جي سڃاڻپ هوندي آهي ۽ ان ثقافت کي ماڻهن جي روزمره جي زندگي ۾ ڏسي سگھجي ٿو. اها ثقافت ماڻهن جي فطرت مطابق هوندي آهي جنهن کي استعمال ڪرڻ سان فرد سڪون محسوس ڪرڻ سان گڏ فخر بہ محسوس ڪندو آهي. ديسي ثقافت فرد جي دل ۾ پنهنجي ٻولي، ڌرتي، سماج ۽ قوم سان محبت پيدا ڪري ٿي جنهن ڪري هو پنهنجي ثقافت مطابق کاڌا کائي ٿو، ڪپڙا پائي ٿو، ريتون رسمون ادا ڪري ٿو، تعليم حاصل ڪري ٿو، خانداني نظام کي برقرار رکي ٿو، سماج ۾ اخلاق ۽ سٺن روين کي جيئرو رکي ٿو، ننڍ وڏائي جو فرق رکي ٿو ۽ سماج کي پنهنجي ثقافت مطابق ترقي ڏياري ٿو. جيسيتائين ملڪ قومي حڪومتن جي بناوت تحت هلندا هئا تيسيتائين اصلي ثقافت قائم رهي پر عالمگيريت قومي يا ديسي ثقافت تي بہ اثر وڌا. فرد

نئين ثَقافت جي استعمال ڪرڻ ڪي پنهنجي ۽ پنهنجي سماج جي ترقي محسوس ڪرڻ لڳا جنهن ڪري ڏينهون ڏينهن ديسي ثقافت ختم ٿيندي وڃي پئي ۽ ان جي جاءِ تي عالمگيريت واري ثقافت جاءِ وٺندي وڃي پئي. هاڻي ديسي ثقافت جي بنياد تي جوڙيل سماج تبديل ٿيندا وڃن پيا ۽ عالمگيريت جي نئين لهر کي قبول ڪري عالمگير سماج جوڙي رهيا آهن جنهن سان ظاهري طور تہ فرد ۽ انهن سان لاڳاپيل خاندان ترقي ڪري رهيا آهن پر هو پنهنجي اصل ريتن رسمن وغيره کان پري ٿيندا پيا وڃن جنهن ڪري نئون نسل پنهنجي اصل ثقافت کان اڻواقف رهي ٿو. اهڙي طرح هو نئين ثقافت کي ئي پنهنجي ثقافت سمجهي ٿو ۽ پنهنجي خاندان وارن سان مختلف ڳالهين تي اختلاف رکي ٿو.

ديسي ثقافت جي محدود ۽ ڪڏهن ڪڏهن سخت هجڻ جي ڪري فرد ترقي ڪندڙ ثقافت کي پنهنجي ثقافت بڻائڻ چاهين ٿا. عالمگيريت جي دور ۾ اسرندڙ ثقافت جيڪا سرمائيداري سوچ جي ثقافت آهي پٺ تي پيل يا غير ترقي يافتہ ملڪن کي وڏيڪ متاثر ڪري ٿي. اهڙي ثقافت کي مثالي ثقافت يا آئيڊيل ثقافت سمجهيو وڃي ٿو هن ثقافت جا خواب هر فرد ۽ سماج ڏسندو رهندو آهي. هن قسم جي ثقافت جي ڪري ماڻهن جي ذهنن ۾ هڪ خيالي سماج، يا خيالي رياست جنم وٺندي آهي، انهن خيالن کي پيدا ڪرڻ ۾ سماجي، سياسي رهنمائن ۽ ٽيڪنالاجي جو اهم ڪردار هوندو آهي. هاڻوڪي دور ۾ اولهہ جا ڪيترائي سماج پنهنجي جديد ثقافت جي ڪري ترقي ڪري چڪا آهن، اهڙي طرح اهي سماج گهٽ يا غيرترقي يافتہ سماجن لاءِ مثالي سماج بڻجي چڪا آهن. اهڙن سماجن جو حصو ٿيڻ لاءِ فرد، خاندان، سماج ۽ ادارا پاڻ کي تبديل ڪري رهيا آهن. عالمگيريت جديد ۽ ترقي ڪندڙ ثقافت کي پوري دنيا ۾ پيش ڪري رهي آهي جنهن تحت سماج، قومون، ادارا وغيره ترقي ڪن ٿا ۽ اهي آزادي سان پنهنجو روزمره جو وهنوار هلائين ٿا. اهڙا سماج آزادي جي بنياد تي جڙن ٿا ۽ انهن مان جنسي فرق بہ ختم

ڪيو ويو آهي هر فرد پنهنجا فيصلا پاڻ ڪري سگهي ٿو. ان قسم جي ثقافت غير ترقي يافته سماجن لاءِ جديد ۽ ترقي ڪندڙ ثقافت جو درجو رکندي هئي تنهنڪري عالمگيريت جي ڪري ان قسم جي ثقافت کي فوري طور قبول ڪيو ويو آهي ۽ ان جا اثر فردن پنهنجي زندگيءَ تي لاڳو ڪيا آهن.

عالمگيريت مختلف حڪومتن، ملڪن، قومن، ڪمپنين ۽ ادارن جي وچ ۾ معاشي ڳانڍاپي کي تيزي سان وڌايو آهي ۽ وڌائي رهي آهي، تنهنڪري عالمگيريت تي جيڪو ڪجهه لکيو ويو آهي ان جي توجهه جو مرڪز دنيا ۾ سياسي، سماجي ۽ معاشي تبديلي رهيا آهن ۽ انهن تبديلين جو سماجن، قومن، ملڪن، حڪومتن ۽ ادارن جي ساخت ۽ ثقافت تي اثر پيو آهي. فردن، قومن، ادارن، ملڪن ۽ حڪومتن جون سوچون، معاشي طريقا، سماجي بيهڪ وغيره تبديل ٿي ويا آهن ۽ اهي تبديليءَ جي مرحلي مان گذرن پيا. عالمي معاشي ۽ سياسي تبديلي، پاليسين ناهيندڙن جا خيال، سوچون ۽ رٿابنديون به تبديل ڪري ڇڏيون آهن ۽ انهن کي مجبور ڪيو آهي ته عوامي ۽ سماجي ورتاءُ يا سلوڪ کي به تبديل ڪرڻ جي رٿابندي ڪن ته جيئن عالمي ثقافت کي رائج ڪرڻ ۾ ڪي ڏکيائيون پيش نه اچن ۽ اهو ئي سبب آهي جو ديسي ۽ قومي سطح جون ثقافتون عالمي حڪم تي تبديل ٿي رهيون آهن. هن وقت هر ثقافت ۾ تمام گهڻي تبديلي اچي رهي آهي. هاڻوڪي دور جي ثقافت 1990ع کان اڳ واري ثقافت کان گهڻي مختلف ۽ منفرد آهي. يورپين ۽ آمريڪن سماج واري ثقافت ۽ انهن جا طريقا ۽ رويا دنيا جي ٻين سماجن ۾ داخل ٿي چڪا آهن جنهن ڪري ماديت پرستي ۽ سرمائي کي وڌيڪ اهميت ڏني وڃي ٿي. اسان جي ورتاءُ، اٿڻ ويهڻ، مٽي مائٽي، روين، کائڻ پيئڻ، ڪپڙا پائڻ، خانداني نظام، ڪچهرين، مهمان نوازي، ادارن جي نظام وغيره ۾ تمام گهڻي تبديلي اچي چڪي آهي. ان تبديلي جو اثر شهري آبادي سان گڏ ڳوٺاڻي آبادي تي به پيو آهي جنهن ڪري ڳوٺاڻي ثقافت به تبديل ٿي رهي آهي، ثقافتي تبديلي جي ڪري ديسي واپار، ثقافت ۽

صنعت تي بہ اثر پيو آهي. عالمي واپاري عالمي وکرن، سامانن ۽ ادارن ۾ خدمتون ڏيڻ کي نون اندازن سان عالمي بازار ۾ پيش ڪري رهيو آهي. عالمي سرمائيدار ۽ واپاري ديسي بازارن کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي انهن کي بہ عالمي بازار ۾ تبديل ڪيو آهي. پهريان پوري دنيا ۾ ماڻهو ديسي ڪپڙا، ديسي کاڌا، ديسي سامان وغيره استعمال ڪندا هئا جيڪي ديسي ثقافت جو حصو هوندا هئا پر عالمگيريت جي وجود ۾ اچڻ جي ڪري عالمي کاڌا، ڪپڙا، انهن جي ڊزائين، ۽ سامان خاص ڪري آمريڪن، يورپين ۽ هينئر چائنہ جا وکر ۽ سامان وڏيڪ واپرائجن ٿا. سرد جنگ جي خاتمي کانپوءِ سوشلزم واري نظريي تي قائم حڪومتون ختم ٿيڻ لڳيون خاص ڪري روس جي ٽٽڻ جي ڪري آمريڪا کي گهڻو فائدو پيو ۽ هو پاڻ کي دنيا جو سپرپاور بڻائي وينو جنهن ڪري عالمگيريت واري ثقافت تي بہ قبضو ڪيائين اهڙي طرح آمريڪن ثقافت کي عالمگير ثقافت بڻائي ڇڏيائين جنهن دنيا جي بين تهذيبن، حڪومتن، رياستن، سماجن يا ثقافتن کي تبديل ڪري ڇڏيو. آمريڪن سرمائيدار هن وقت عالمگيريت واري حڪمنامي سان پوري دنيا جي ثقافت کي تبديل ڪري رهيو آهي. ترقي يافتہ ۽ غيرترقي يافتہ ملڪ خوشي يا مجبوري سان ان حڪم کي مڃي رهيا آهن جنهن ڪري خانداني نظامن جي بناوت تبديل ٿي رهي آهي جن جو اثر سماجن، قومن ۽ ملڪن تي پئجي رهيو آهي، جنهن سان ديسي يا ملڪن ۽ قومن جي اصلي ثقافت ختم ٿي رهي آهي. ڪيترن ئي تهذيبن جو پاڻ ۾ ٽڪراءُ ٿي رهيو آهي ۽ ڪيترن سماجن ۾ اخلاقي رويا تبديل ٿي رهيا آهي. عالمگيريت واري تبديلي اٽڙ آهي جنهن کي روڪي نٿو سگهجي پر تنهن هوندي بہ دنيا جا سماج پنهنجي ثقافت ۽ تهذيب کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري سگهن ٿا تہ جيئن انهن سماجن جا اخلاقي رويا بچي سگهن ۽ خانداني نظام کي گهڻو نقصان نہ پهچي.

ڪي جو ٻيجل ٻوليو، پنيءَ ويهي پانَ،
راجا رتولن ۾، سيباڻو سلطان،
آءُ مٿاهون مڱڻا، مقابل ميدانَ،
گهوريان لک لطيف چئي، تنهنجي قدمن تان قربان،
مٿو هيءُ مِزمان! هلي آءُ تہ هٿ ڏيانءِ.
(شاهہ- سر سورٺ)

# عالمگيريت ۽ ٻولي

ٻوليءَ هڪ اهڙو اوزا يا وسيلو آهي جنهن ذريعي ڪو ٻه فرد يا فردن جو گروهه ۽ سماج پنهنجو نياپو، خيال، جذبو، ڄاڻ ۽ تجربو وغيره ٻئي فرد يا فردن جي گروهه ۽ سماج تائين پهچائي ٿو يا انهن سان ونڊي ٿو. ان ڪانسواءِ ٻولي فرد يا قوم، انهن جي ثقافت، روايتن، ريتن ۽ رسمن وغيره جي سڃاڻپ هوندي آهي. تنهنڪري ڪنهن به سماج يا قوم لاءِ ٻوليءَ جي تمام گهڻي اهميت هوندي آهي. ٻولي نه رڳو ڳالهائڻ ۽ رابطي جو هڪ وسيلو آهي، پر اهو هڪ مڪمل نظام آهي جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي ملاوٽ، غلط اندراج يا خرابي ان نظام کي خراب ڪن ٿا يا ختم ڪن ٿا. ٻوليءَ جا داخلي (Internal) ۽ خارجي (External) ذريعا ٿين ٿا جيڪي سماج سان سنئون سڌو ڳنڊيل رهن ٿا. ٻولي جيڪو ڪجهه سکي ٿي يا وٺي ٿي سو سماج مان ئي وٺي ٿي ۽ ان مطابق ئي نتيجا ڏئي ٿي. تنهنڪري ٻولي جي ترقي جو دارومدار سماج تي آهي ته اها ڪهڙي سماج جي پيدائش آهي. ٻولي کي زنده سماج يا فرد زنده رکندا آهن، تنهنڪري اها چوڻي درست آهي ته ٻولي مئل ماڻهن جي هڏن مان پيدا نٿي ٿئي پر اها ڪنهن زنده سماج مان ئي پيدا ٿئي ٿي ۽ زنده سماج ئي ٻوليءَ کي جوڙين، بچائين ۽ ترقي ڏيارين ٿا. جڏهن ڪا ٻولي ختم ٿي ويندي آهي ته اها پاڻ سان گڏ لاڳاپيل سماج ۽ قوم جي سڃاڻپ کي به ختم ڪري ڇڏيندي آهي. هن وقت دنيا ۾ لڳ ڀڳ 7000 ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون جڏهن ته سوين ٻوليون مري چڪيون آهن يا ختم ٿي چڪيون آهن ۽ لڳ ڀڳ 2680 ٻوليون ختم ٿيڻ تي آهن(1). ٻولي جي ماهرن اڳڪٿي ڪئي آهي ته ٽيڪنالاجي جي وڌڻ ۽ عالمگيريت جي ڪري ايندڙ ڪجهه ڏهاڪن ۾ ٻولين جي اڪثريت مري ويندي يا ختم ٿي ويندي. ٻولي جي ختم

ٽيڻ ۽ مري وڃڻ ۾ فرق اهو آهي تہ جن ٻولين جو هڪ بہ ڳالهائيندڙ نہ آهي ۽ نہ ئي انهن جي لکت جو ڪواستعمال آهي تہ انهن ٻولين کي ختم ٿيل ٻولي چئجي ٿو ۽ جن ٻولين جا ڳالهائيندڙ موجود نہ آهن يا اهي ٻوليون رڳو تاريخ جي صفحن ۾ موجود آهن ۽ انهن ٻولين جي لفظن جو ڀنڊار يا ڪارپس موجود آهي تہ اهي مئل ٻوليون چورائجن ٿيون. هت ڪيتريون ئي اهڙيون ٻوليون آهن جيڪي ختم ٿيڻ يا مري وڃڻ جي مرحلي ۾ آهن جيڪي ڪجھ ڏهاڪن ۾ ختم ٿي وينديون يا مري وينديون. آمريڪا، يورپ، آفريڪا ۽ ايشيا جون ڪيتريون ٻوليون ختم ٿي چڪيون آهن ۽ ڪيتريون وري مري چڪيون آهن.

ڪنهن بہ سماج جي بناوٽ ۽ ان سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي حالتن، اخلاق، اٿڻي ويهڻي وغيره کي جاچڻ جو هڪ بهترين طريقو ان سماج ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولي جي جاچ پڙتال آهي. ٻولي ماڻهن جي روين، ڪرتن، اخلاق ۽ معاشي حالتن وغيره بابت ٻڌائيندي آهي. ماڻهو پنهنجي ٻولي جي ذريعي ئي سڃاتو وڃي ٿو، ماڻهوءَ جي گفتگو ان جي خاندان، تربيت ۽ ماحول کي ظاهر ڪري ٿي. سماج تي ٻولي جا ۽ ٻوليءَ تي سماج جا اثر ٿين ٿا، اهڙيءَ طرح ٻولي قوم ۽ قوم ٻوليءَ کي زنده رکي ٿي. ٻولي انساني سماج ۾ ئي زنده رهي ٿي ڇاڪاڻ تہ ٻولي انساني سماج جي پيداوار آهي، تنهنڪري ٻولي کي عوامي زبان چئي سگهجي ٿو. ٻوليءَ کي ٺاهيندڙ بہ عوام هوندو آهي ۽ ختم ڪندڙ يا ماريندڙ يا بگاڙيندڙ بہ عوام هوندو آهي. ٻولي جو مطالعو بنيادي طرح قوم يا ان سان لاڳاپيل سماج جو مطالعو هوندو آهي، ٻولي جو مطالعو ئي قومن جي ترقي، تنزلي، سماجي حيثيت، معاشيات ۽ روين جي جاڻ ڏيندو آهي. ٻولي جو علم سائنس آهي جڏهن تہ سائنس مشاهدن کا بنا نتيجا نہ ڏيندي آهي، جيڪڏهن ٻولي جو سائنسي طريقن سان تجزيو نہ ڪيو ويندو يا ٻولي جو سائنسي طريقي سان مطالعو نہ ڪيو ويندو تہ سڪٽين ڳالهين ڪانسواءِ ڪجھ بہ حاصل ڪون ٿيندو. ٻولي هڪ فطري عمل آهي جيڪو ماڻهو جي پيدا ٿيڻ سان ئي شروع ٿي وڃي ٿو. ماڻهو لاءِ ٻولي ايتري ئي ضروري هوندي آهي جيتري هوا،

پاڻي، زمين، کاڌ خوراڪ، موسم، برسات، پيار، محبت ۽ رشتا وغيره چاڪاڻ تہ ماڻهو پاڻ هڪ فطري عمل جي پيداوار آهي تنهنڪري هو فطرت سان پيار ڪري ٿو ۽ فطري شين ۽ وسيلن کي استعمال ڪندي خوشي محسوس ڪري ٿو. جن قومن جون ٻوليون ختم ٿي ويون آهن، اهي قومون يا تہ ختم ٿي ويون آهن يا پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ويٺيون آهن يا صرف نالي ماتر زندهہ آهن، اهي قومون يا انهن قومن جا فرد، جيسيتائين پنهنجي قوم جو تعارف نہ ڪرائين تيسيتائين انهن فردن کي يا انهن جي قوم کي ڪوبہ سڃاڻي نٿو سگهي. انهن قومن جي ثقافت، تهذيب ۽ تمدن ختم ٿي چڪا آهن. سڄاڳ قومون پنهنجي مئل ٻولين کي بہ جيئاري وٺنديون آهن اهڙي طرح اهي ٻوليون پنهنجي اصلي حيثيت ۾ واپس اچي وينديون آهن.

عالمگيريت سماجي ترقي، رابطن، روين، معاشي ترقي، ثقافتي ترقي، ٻولي، لسانيات ۽ ماحول جي بچاءُ ۽ ترقي جو هڪ عالمگير نظام آهي جنهن سان دنيا جا سمورا علائقا، سماج ۽ ثقافتون پاڻ ۾ ڳنڍجي وڃن ٿيون، اهڙي طرح پوري دنيا جا ثقافتي گل پنهنجا خوبصورت رنگ ڪڍن ٿا ۽ ماڻهن کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪن ٿا. عالمگيريت جي دور ۾ دنيا جون ننڍيون يا وڏيون ٻوليون پنهنجي حيثيت کي برقرار رکن ٿيون چاڪاڻ تہ ڪنهن بہ قسم جي ٻولي جي استعمال تي پوري دنيا ۾ پابندي نہ آهي بلڪ پوري دنيا ۾ هزارين ٻولين جا ڳالهائيندڙ پنهنجي ٻولي ۾ لکن ٿا، پڙهن ٿا ۽ ڳالهائين ٿا اهڙي طرح پنهنجي ثقافت جا پروگرام بہ منعقد ڪن ٿا تنهنڪري عالمگيريت جي دور ۾ ٻولين جي بقاءُ کي ڪو خاص خطرو نہ آهي پرجيڪڏهن فرد، سماج يا قومون پاڻ پنهنجي ٻولي کي نظر انداز ڪن يا نہ لکن يا نہ ڳالهائين تہ پوءِ اهي ٻوليون پنهنجو پاڻ ئي ختم ٿي وينديون يا مري وينديون. اقوام متحده جي رپورٽ مطابق 43 سيڪڙو ٻوليون ختم ٿيڻ تي آهن. اصلي ٻولين جو ختم ٿيڻ ڳڻتي جوڳي ڳالهہ آهي چاڪاڻ تہ اصلي ٻولي جو ختم ٿيڻ صرف ان ٻولي جو ختم ٿيڻ نہ آهي بلڪ ان ٻولي سان لاڳاپيل قوم، تهذيب ۽ ثقافت جو خاتمو پڻ

آهي، ٽيڪنالاجي جڏهن ڪا ٻه ٻولي ختم ٿي وينديآهي ته ان سان گڏ ان ڌرتي جي تهذيب، ثقافت ۽ قوم جي سڃاڻپ به ختم ٿي ويندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اقوام متحده هر سال 21 فيبروري تي ٻولين جو ڏينهن ملهائي ٿي ته جيئن دنيا جي ٻولين کي ختم ٿيڻ کان بچائي سگهجي، اهو ڏينهن دنيا جي سمورين قومن لاءِ اهم ڏينهن هوندو آهي، ان ڏينهن تي دنيا جون مختلف قومون پنهنجي ٻولين کي زنده رکڻ لاءِ پاڻ سان وچن ڪنديون آهن ۽ ٻولي جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ مختلف قسم جا پروگرام ترتيب ڏينديون آهن ته جيئن مادري ۽ ديسي ٻولين کي بچائي سگهجي. مادري ٻولين جو ڏينهن سن 2000ع کان ملهايو وڃي ٿو، هن ڏينهن کي ملهائڻ جي رٿ 1999ع ۾ اقوام متحده جي اجلاس ۾ رکي وئي جنهن کي سمورن ميمبرن طرفان مڃيو ويو. 21 فيبروري جي تاريخ هڪ بنگلاديشي رفيق الاسلام جي مشوري تي مقرر ڪئي وئي، جنهن 1998ع ۾ ان وقت جي اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل ڪوفي عنان کي درخواست ڏني هئي ته دنيا جي مادري ٻولين کي بچائڻ جو بين الاقوامي ڏينهن ملهايو وڃي. رفيق الاسلام پنهنجي درخواست ۾ مادري ٻولين جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ بنگالي ٻولي کي بچائڻ جي جدوجهد جو به ذڪر ڪيو هو. هن خط ۾ ڄاڻايو هو ته 1952ع ۾ بنگالي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجي ڏيارڻ لاءِ هڪ تحريڪ هلي هئي جنهن ۾ ڪجهه بنگالي شاگرد مارجي ويا هئا. درخواست ۾ هن اهو به مشورو ڏنو هو ته بنگلاديش جي مارجي ويل شاگردن جي ياد کي زنده رکڻ لاءِ 21 فيبروري جو ڏينهن مقرر ڪيو وڃي. ڪوفي عنان به ان صلاح کي مڃيندي بين الاقوامي مادري ٻولين جو ڏينهن هر سال 21 فيبروري تي ملهائڻ جو اعلان ڪيو هو. اهڙي طرح هر سال مادري ٻولين جو ڏينهن مختلف عنوانن سان ملهايو وڃي ٿو. سال 2019ع کي عالمي اصلي يعني انڊيجينيس ٻولين جو سال ڪري ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو، هن سال ۾ اصلي يا ديسي ٻولين کي ختم ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪئي وئي. مختلف فورمز تي پروگرام ڪيا ويا ۽ اصلوڪين ٻولين جي

اهميت تي تقريبون ڪرايون ويون ته جيئن اهڙا لائحہ عمل ۽ اصول طئي ڪيا وڃن جن سان اصلي ٻولين کي بچائي سگهجي. وڪي ٽنگز ۽ گوگل ارٿ ان سلسلي ۾ دنيا جي ديسي يا اصلي ٻولين جا رڪارڊ ۽ ثقافتي رنگ آن لائين رکي رهيا آهن ته جيئن دنيا جي ٻولين کي محفوظ بڻائي سگهجي.

عالمگيريت جي ڪري دنيا هڪ ڳوٺ جي شڪل ۾ تبديل ٿيندي پئي وڃي تنهنڪري ننڍين ٻولين جي ختم ٿيڻ جا خطرا وڌندا پيا وڃن. بين الاقواميت جي دور ۾ ملڪ پنهنجي سرحدن جي اندر پنهنجون پاليسيون ناهي معاشي، سماجي، ماحولياتي ۽ تعليمي ادارن کي هلائين پيا اهڙي طرح ڪيترن ئي ملڪن جي ٻولي ۽ ثقافت لاءِ بهتر قسم جون پاليسيون به موجود آهن جيڪي اتان جي ٻولين ۽ ثقافتن کي بچائڻ سان گڏ انهن ٻولين کي مضبوط ۽ محفوظ ڪن ٿيون پر تنهن هوندي به گهڻ ٻوليون ڳالهائيندڙ ملڪن ۾ ڪيترين ئي ننڍيون ٻوليون ختم ٿينديون وڃن پيون. ٻولي ۽ لسانيات جي ماهر نوم چومسڪي مطابق ”ڪنهن به ملڪ ۾ گهڻيون ٻوليون هئڻ صرف ڪنهن هڪ ملڪ جو مسئلو نه آهي پر اهو دنيا جي اڪثر ملڪن جو مسئلو آهي ان صورت ۾ ضروري آهي ته تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ٻار کي پهرين پنهنجي مادري ٻولي سيکاري وڃي ڇوته ٻار پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ بهتر طريقي سان سمجهي ۽ پڙهي سگهي ٿو ۽ ان عمل ذريعي بهتر نتيجا ڏئي سگهي ٿو.“ ڪنهن به ملڪ جي قومي ٻولي اهم هوندي آهي ۽ اها ٻولي ان ملڪ جي سمورن فردن کي سکڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته ان سان رابطن ۾ سولائي ٿئي ٿي ان لاءِ دنيا جي ملڪن جي حڪومتن کي جامع پاليسي به ناهڻ گهرجي جنهن سان ملڪ جي ٻين ٻولين جي اهميت ۽ ضرورت کي به اجاگر ڪيو وڃي ۽ انهن کي به قومي ٻولي جي حيثيت ڏني وڃي. دنيا جا لسانياتي ماهر ان خيال جا آهن ته هر ٻار کي ان جي مادري ٻولي ضرور سيکاري ۽ پڙهائي وڃي ته جيئن ٻار ٻين علمن ۽ ٻولين کي بهتر طريقي سان سمجهي سگهن ۽ ان طريقي سان اهي ٻوليون وڏي عرصي تائين زنده به رهي سگهن ٿيون.

دنيا ۾ ڪالونيل نظام دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۽ ثقافتن کي نہ رڳو نقصان ڏنو پر ڪيترين ئي ٻولين کي ختم بہ ڪري ڇڏيو. غريب يا ڪمزور ملڪن تي قبضو ڪندڙ طاقتور ملڪ اتي پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ مذهب کي نافذ ڪرائيندا هئا تنهنڪري انهن قابض ملڪن جون ٻوليون، ثقافتون ۽ مذهب ترقي ڪندا ويا پر جن ملڪن ۽ قومن تي قبضا ٿيندا رهيا انهن ملڪن يا قومن جون ٻوليون، ثقافتون ۽ مذهب ختم ٿيندا ويا. دنيا ۾ جڏهن عربن حملا ڪيا تہ انهن عربي ٻولي کي اتي نافذ ڪرڻ سان گڏ عربي ٻولي کي وڌايو، فارسي ٻولي وارن وري فارسي کي تہ انگريزن وري انگريزي کي، فرانسيسين فرينچ ٻولي ۽ جرمن وري جرمني ٻولي کي نافذ ڪري ان کي وڌايو. سويت يونين ٺهڻ سان روسي ٻولي ترقي ڪئي اهڙي طرح اتان جون اصلي ٻوليون ختم ٿيڻ لڳيون. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اردو ٻولي کي نافذ ڪيو ويو جيڪا پاڪستان ۾ ڪنهن بہ قوم جي اصلي يا پنهنجي ٻولي ناهي جنهن سبب اتان جي اصلي يا ديسي ٻولين جي ڀرپور ترقي ڪون ٿي سگهي بلڪ اهي محدود ٿينديون پيون وڃن. عالمگيريت جي ڪري دنيا سسندي وڃي پئي ۽ سرحدي رڪاوٽون ختم ٿينديون پيون وڃن. ماڻهو انٽرنيٽ ذريعي سرحدن جي پابندين کان آزاد پوري دنيا جي ماڻهن ۽ ادارن سان ڳنڍيل رهن ٿا. يورپ ۽ متحده آمريڪن رياستن United States of America پنهنجون سرحدون پنهنجي ماڻهن، واپار ۽ تعليم وغيره لاءِ کولي ڇڏيون آهن. اهڙيءَ طرح نئين معاشي پاليسي تحت دنيا جا ٻيا ملڪ بہ ان پاليسي تي عمل ڪرڻ لاءِ سوچي رهيا آهن. تنهنڪري دنيا جي مختلف ثقافتن ۽ ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر پئجي رهيو آهي. غيرترقي يافتہ ٻوليون ۽ ثقافتون ختم ٿينديون يا مرنديون پيون وڃن. اهي ٻوليون جن جي قومن تي ڪي وڏيون طاقتور قومون يا گروهہ يا ڌاريا حڪمران حڪومت ڪن ٿا سي عالمگيريت ۾ نہ بچي سگهنديون، اهي ٻوليون جيڪي اسڪولن ۾ نٿيون پڙهايون وڃن يا انهن سان لاڳاپيل قومن جي ٻارن کي ڌارين ٻولين ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي سي ٻوليون پڻ ختم ٿيڻ واري خطري هيٺ

رهن ٿيون. اهي ٻوليون جن جي لسانيات جا ماهر گهٽ آهن يا نہ آهن اهي بہ خطري ۾ ئي رهن ٿيون. ان ڪري قومن کي سجاڳ ٿيڻ سان گڏ پنهنجي ٻولين کي بچائڻ جي عالمگير پاليسين يا اقوام متحده جي مشورن ۽ پاليسين تي عمل ڪرڻو پوندو. اهي ٻوليون جن جا ڳالهائيندڙ ڏارين ٻولين ۾ وڌيڪ ڳالهائين ٿا يا لکن ٿا سي بہ ختم ٿيڻ واري خطري ۾ رهن ٿيون. تنهنڪري عالمگيريت جي دور ۾ ڪنهن بہ ٻولي کي بچائڻ لاءِ ان ٻولي جي مختلف شعبن ۾ استعمال سان گڏ تعليم ۽ واپار جي شعبن ۾ استعمال پڻ تمام گهڻو اهم آهي. جڏهن تعليم پنهنجي مادري يا اصلي ٻولي ۾ ڏني ويندي تہ اها نسل در نسل ٻولي کي زنده رکندي. اسان وٽ پبلڪ سيڪٽر اسڪولن ۾ تہ تعليم مادري ٻولي ۾ ڏني وڃي پئي پر خانگي اسڪولن ۾ مادري ٻولي نٿي پڙهائي وڃي جڏهن تہ شهري آبادي جو وڏو حصو پنهنجي ٻارن کي خانگي اسڪولن ۾ پڙهائي رهيو آهي. خانگي اسڪولن ۾ مادري ٻولي نہ پڙهائڻ جي ڪري شهرن خاص ڪري وڏن شهرن ۾ والدين پنهنجي ٻارن سان مادري ٻولي ۾ ڳالهائڻ جي بدران ڏارين ٻولين ۾ ڳالهائي رهيا آهن تہ جيئن انهن جا ٻار انهن اسڪولن ۾ آساني سان ڏارين ٻولين ۾ تعليم حاصل ڪري سگهن. والدين پنهنجي ٻارن کي بيت، ڪلام يا راڳ وغيره بہ پنهنجي ٻولي ۾ نٿا ٻڌائين. جنهن ڪري نئين نسل مان نہ صرف انهن جي مادري يا ديسي ٻولي جو استعمال گهٽبو يا ختم ٿيندو وڃي ٿو پر انهن جي دلين مان پنهنجي مادري ٻولي سان محبت بہ گهٽبي وڃي پئي. اهڙي عمل جي ڪري ايندڙ چئن نسلن ۾ ديسي ٻولي جو استعمال تمام گهڻو گهٽجي سگهجي ٿو جيڪو هڪ وڏي نقصان جي نشاندهي ڪري رهيو آهي. ٻارن جا والدين عالمي ٻوليون سکڻ لاءِ پنهنجي اولاد کي غيرملڪي يا ڏاريون ٻوليون سيکاري رهيا آهن ۽ انهن ٻولين ۾ ئي تعليم ڏياري رهيا آهن تہ جيئن انهن جي اولاد کي عالمي ٻوليون لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ اچن ۽ انهن جي سڃاڻپ عالمگير ٿئي. عالمگيريت جي ڪري بازار جي ترقي بہ تيزي سان ٿي رهي آهي جنهن ڪري ان جي ٻولي بہ تبديل ٿي رهي آهي، بازار جي ٻولي تبديل

ٽيڙ جي ڪري ديسي يا اصلي ٻولين کي ڪاپاري ڌڪ لڳي رهيو آهي. سماج تي بازار جي ٻولي جو گهڻو اثر پئي ٿو تنهنڪري ماڻهو گهر ۾ به اها ٻولي ڳالهائي رهيا آهن جيڪا ٻولي بازار ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، تنهنڪري ديسي ٻولين کي بازار جي ٻولي بڻائڻ وڏيڪ اهم آهي. بازار ۾ ديسي يا اصلي ٻولي ڳالهائڻ سان ٻولي ترقي ڪري ٿي، ان ۾ نوان نوان لفظ شامل ٿين ٿا جنهن سان واپار کي آساني سان سمجهي سگهڻ سان گڏ پنهنجي ٻولي کي به بچائي سگهجي ٿو. تعليم ۽ بازار به اهڙا ذريعا آهن جن تي عالمگيريت جو تمام گهڻو اثر پوي ٿو ۽ اهي ٻئي ذريعا ئي ڪنهن به قوم جي ٻولي کي بچائي يا ختم ڪري سگهن ٿا.

سماجيات جا ماهر سماجي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ لاءِ مختلف وقتن تي مختلف نظريا پيش ڪندا رهيا آهن ته جيئن انساني سماج ترقي ڪري سگهي. ڪنهن به سماج ۾ ٻوليءَ جو اهم ڪردار هوندو آهي تنهنڪري سماج کي مختلف رخن کان پرکڻ جو بهترين طريقو ان سماج ۾ ڳالهائيجندڙ ٻولي کي پرکڻ ۽ ان جو مختلف رخن کان سائنسي طريقي سان تجزيو ڪرڻ آهي. سماج ۽ ٻولي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن تنهنڪري سماجي تبديليون ٻوليءَ تي ۽ ٻوليءَ جون تبديليون سماج تي اثر ڪن ٿيون. سماجياتي لسانيات جا ماهر ان اثر کي جاچي ان تي مختلف رخن کان ڪم ڪن ٿا جنهن جي عالمگيريت جي دور ۾ گهڻي اهميت آهي(2). جيئن ته عالمگيريت هڪ وڏو ۽ عالمگير سماج جوڙي رهي آهي جنهن جو ڍانچو به عالمگير سطح جو آهي، تنهنڪري ان سماج جي ٻولي ۽ لسانيات جا ڍانچا يا ساخت به عالمگير آهن. اهي ٻوليون جن جي لسانياتي ساخت مضبوط ۽ هاڻوڪي دور جي ضرورتن، ذريعن ۽ ٽيڪنالاجي جي گهرجن مطابق جديد هوندي سي ئي ٻوليون هن نئين جڙندڙ سماج ۾ مڪمل ڪامياب هجڻ سان گڏ زنده به رهنديون ڇاڪاڻ ته نئون عالمگير سماج، جنهن جو بنياد ٽيڪنالاجي تي آهي، تمام گهڻو تيز ۽ جديد آهي جنهن ۾ سماجي ساخت جا نوان يا جديد طريقا ۽ نظريا استعمال ڪيا پيا وڃن. اهو ئي سبب آهي جو سماجيات جا ماهر

وڏيڪ توجهه سماجي لسانيات ۽ لسانياتي ساخت تي ڏئي رهيا آهن. هي دور تبديلي جو دور آهي جنهن ۾ ڪمپيوٽر سائنس، انفرميشن ٽيڪنالاجي ۽ صنعتي ترقي جي ڪري تمام گهڻيون تبديليون اچي رهيون آهن. مختلف قسم جا وکر، شيون، رويا، لهجا ۽ ثقافتون ٽڪرڙيون تبديل ٿي رهيون آهن اهڙي طرح اچوڪي وقت ۾ ورتل وکر سياڻي پنهنجي اهميت يا ڪارڪردگي برقرار نٿو رکي سگهي چاڪاڻ ته نئون وکر ۽ ان جو نئون اينڊڙ ماڊل جديد سهولتن جي ڪري وڏيڪ اهم ۽ گهربل رهي ٿو. اها تبديلي ٻولي جي ساخت ۽ ان جي سماجي گهرجن تي به اثر ڪري ٿي تنهنڪري سماجيات ۽ سماجي ماهر لسانياتي ساخت کي اهم سمجهندي ان جي ترقي ۽ واڌ ويجهه تي عالمگير گهرجن مطابق ڪم ڪري رهيا آهن. هاڻي سماجي ساخت وارا نظريا لسانياتي ساخت ۾ تبديل ٿيندا پيا وڃن جنهن ڪري هن دور کي لسانيات جو دور ڪوٺيو وڃي ٿو. سماجي لسانيات تي لسانيات جا ماهر گهڻو ڪم ڪري رهيا آهن جنهن سان عالمگير سطح تي سماج کي ان جي ٻولي ۽ لسانياتي ساخت جي مطابق پرکيو وڃي ٿو ۽ ان جو سائنسي تجزيو ڪيو وڃي ٿو ته جيئن عالمگيريت جي گهرجن مطابق ٻوليون به جديد ٿين ۽ گهڻو وقت زنده رهي سگهن. هن وقت عالمگير ڳوٺ يا سماج جوڙڻ تي تيزي سان ڪم ٿي رهيو آهي جنهن ۾ سڀ کان اهم ڪردار ڪمپيوٽر مشين، انٽرنيٽ، ويب 2.0، انفرميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٻيون مختلف قسم جي رابطن جون ٽيڪنولوجيون ادا ڪري رهيون آهن. انهن سيني جي ڪري رابطو ۽ مختلف قسم جي متن وغيره جي ونڊ (Sharing) سيڪنڊن ۾ ٿي وڃي ٿي. اهڙي طرح حڪومتي، واپاري، سماجي، سائنسي، سياسي، خانداني ۽ بين الاقوامي مسئلا وغيره ترت حل ٿي وڃن ٿا يا انهن جا اطلاع ۽ لاڳاپيل متن ۽ لفظن جا ٻندار سيڪنڊن ۾ مختلف، ٿوري يا گهڻي فاصلي وارين جڳهن تي پهچي وڃن ٿا. ان سلسلي ۾ اي ميل، سماجي رابطن جا چار، ڳالهه ٻولهه جا ذريعا، ويب سائيٽس وغيره تمام گهڻا اهم آهن. اهي سڀ ذريعا سماج کي نئين

ساخت يا ڍانچو ڏئي رهيا آهن. انهن سيني عملن جو ذريعو ۽ بنياد لسانياتي ساخت ۽ سماجي لسانيات آهي، اهو ئي سبب آهي جو عالمگيريت جي دور ۾ لسانياتي ساخت، سماجياتي لسانيات ۽ ڪمپيوٽيشنل لسانيات تي گهڻو ڪم ٿي رهيو آهي.

ڪمپيوٽيشنل لسانيات ڪنهن به ٻولي تي ڪمپيوٽر مشين جي ساخت ۽ گهرجن مطابق ڪم ڪري ٿي. هو ٻولي جي متن، لفظن جي جوڙجڪ، انهن لفظن کي ان ٻولي جي گرائمر مطابق پيش ڪرڻ، ڳالهائڻ جي لفظن کي سمجهڻ، ڪنهن به ٻولي کي ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ۽ لسانيات جي سمورن قائدن ۽ قانونن مطابق سائنسي ۽ انجنيئرنگ طريقي سان ڪمپيوٽر مشين جي گهرجن مطابق ڪم ڪري ٿي. ڪمپيوٽيشنل لسانيات ڪمپيوٽر کي ڪنهن به قدرتي ٻولي جي گرائمر ۽ لسانيات جو ماهر بڻائي ٿي ته جيئن هو ڪنهن به انساني يا قدرتي ٻولي کي ان جي ڳالهائيندڙن وانگر سمجهي ۽ گهربل نتيجا نئين جملن يا لفظن جي پيدار جي شڪل ۾ مهيا ڪري. ٿنهنڪري چئي سگهجي ٿو ته ڪمپيوٽيشنل لسانيات قدرتي ٻولي ۽ ڪمپيوٽر يا مشين جي وچ ۾ هڪ تعلق پيدا ڪري ٿي جنهن تحت ڪمپيوٽر قدرتي ٻولي کي آساني سان سمجهي، ان جو مختلف رخن کان تجزيو ڪري ٿو ۽ سماج جا ٻوليءَ وارا مسئلا ترت حل ڪري ٿو. اهڙي طرح ڪمپيوٽيشنل لسانيات عالمگير سماج کي جوڙڻ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري ٿي . جيئن ته ٻولي فرد جي دماغ، سوچ ۽ ان سان لاڳاپيل سماج وغيره کي ظاهر ڪري ٿي تنهنڪري ڪمپيوٽر يا انفرميشن ٽيڪنالاجي جا اوزار ۽ ذريعا به ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ هٿراڌو ڏاهپ جي ذريعي ڪنهن به ٻوليءَ کي، جنهن ۾ ڪمپيوٽر کي ماهر ڪيو ويو آهي، اهڙي طرح سان ئي سمجهن ٿا ۽ نتيجا ڏين ٿا جهڙي طرح ان ٻوليءَ کي ان جا ڳالهائيندڙ سمجهن ٿا ۽ ان مطابق جواب ڏين ٿا يا رد عمل ظاهر ڪن ٿا. وڪيپيڊيا مطابق ڪمپيوٽيشنل لسانيات (Computational Linguistics) هڪ اهڙي فيلڊ آهي جيڪا اسٽيٽسٽڪس يا رول بيسڊ ماڊل (Rule Based Model) ذريعي ڪم

ڪري ٿي ۽ لسانيات جا مسئلا حل ڪري ٿي. وڪيپيڊيا مطابق ڪمپيوٽيشنل لسانيات تي 1950ع کان وٺي ڪم ٿي رهيو آهي جڏهن ته هٽراڏو ڏاهپ تي ڪم ان کان پوءِ شروع ٿيو هو پر تنهن هوندي به هن وقت ڪمپيوٽيشنل لسانيات کي هٽراڏو ڏاهپ جو شعبو چيو وڃي ٿو. ٻي مهاڀاري لڙائي کان پوءِ سرد جنگ دوران آمريڪا روسي ٻولي جي متن کي انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ ڪمپيوٽيشنل لسانيات کي ڪمپيوٽر مشين ذريعي استعمال ڪندو هو، جنهن سان روسي ٻولي انگريزي ۾ ترجمو ٿي ويندي هئي. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته ڪمپيوٽر ۽ ٻين لاڳاپيل ٽيڪنالاجين جي ترقي ۽ واڌ ويجهه سماجن جي ضرورتن مطابق ٿي آهي. هن وقت عالمگير سماج ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسس کي به وقت جي ضرورت مطابق ترقي ڏياري پيو ۽ پنهنجون ضرورتون پوريون ڪري پيو، هاڻي قدرتي ٻولين تي عالمگير سطح تي ڪم ٿي رهيو آهي جنهن ڪري ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيس تي گهڻو ڪم ٿي رهيو آهي. ڪائناتي يا عالمگير گرائمر ٺاهيو ويو آهي ته جيئن دنيا ۾ موجود ٻولين کي ان عالمي گرائمر تحت استعمال ڪري عالمگير ٻولي ٺاهجي جيڪا عالمگير سماج ۾ آساني سان استعمال ٿي سگهي. ان تحت ترجميڪاري تي به گهڻو ڪم ٿي رهيو آهي ته جيئن سموريون ٻوليون عالمگير سماج يا ڳوٺ ۾ آساني سان سمجهي سگهجن، ان سلسلي ۾ گوگل ڪارپوريشن ترجميڪاري جو ڪم سٺي طريقي سان ڪري رهي آهي. اهي ٻوليون مري ويندڙيون يا ختم ٿي وينديون جيڪي ٽيڪنالاجي ۽ ڪمپيوٽيشنل لسانيات جي گهرجن مطابق ڪم يا ترقي ڪونه پيون ڪن. عالمگير سماج انهن ٻولين کي ئي عالمگير ٺاهيندو جيڪي ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ جي اصولن مطابق ڪم ڪن ٿيون يا ڪنديون. ان سلسلي ۾ اسٽينفورڊ يونيورسٽي (Stanford University) تمام اهم ڪم ڪري رهي آهي، هن يونيورسٽي دنيا جي مختلف ٻولين لاءِ ٽيڪسٽ پارسر (Text Parser) ٺاهيا آهن جيڪي مختلف ٽري بينڪ

استعمال ڪري ٻولين جو تجزيو ڪن پيا. جڏهن ته پرنسٽن يونيورسٽي (Princeton University) ورڊ نيٽ (Word Net) تي تمام گهڻو ڪم ڪري رهي آهي. ورڊ نيٽ دنيا جي ٻولين جي لفظن کي پاڻ ۾ ڳنڍي رهي آهي ۽ ساڳي معنيٰ رکندڙ لفظن کي پاڻ ۾ جوڙي رهي آهي. انهن يونيورسٽين جي ڪم جي ڪري دنيا جي اڪثر ٻولين کي پاڻ ۾ ڳنڍيو پيو وڃي. ان ڪري دنيا جي سمورن ملڪن ۾ ٻولين تي ڪمپيوٽيشنل لسانيات جي اصولن مطابق تيزي سان ڪم ٿي رهيو آهي. ڪائناتي يا عالمي گرائمر عالمي انحصار (Universal Dependency) تحت ڪم ڪري رهيو آهي جنهن ڪري ڪيترين ئي ٻولين جا 100 کان مٿي ٽري بينڪ (Tree Bank) ٺاهيا ويا آهن ۽ ڪيترين ئي ٻولين لاءِ ٽري بينڪ ٺاهيا پيا وڃن. دنيا جا لسانيات جا ماهر خاص ڪري ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيس جا ماهر دنيا جي ٻولين تي عام طور ۽ پنهنجي ٻولين تي خاص طور تي ڪم ڪري رهيا آهن ته جيئن انهن جون ٻوليون ڪائناتي يا عالمي گرائمر تحت ڪم ڪري سگهن ۽ دنيا جي ترقي يافته ٻولين جي سٽ ۾ شامل ٿي سگهن يا شامل رهن. عالمي انحصار تحت دنيا جي سمورين قدرتي يا انساني ٻولين جي لفظن، متن ۽ لفظن جي پندار کي عالمي گرائمر سان نشان ڏنا وڃن ٿا ۽ انهن جي مورفولوجيڪل رخن ۽ نحوي انحصار Syntactic (Dependency) سان تجزيو ڪيو وڃي ٿو اهڙي طرح اهي قدرتي ٻوليون دنيا جي مختلف ٻولين ۾ آساني سان ترجمو ٿي سگهن ٿيون. عالمي گرائمر جي تشريخ، تجزيي ۽ گرائمر جي نشانن (ڳالهائڻ جا لفظ) اسٽينفورڊ جي ٺاهيل ڪائناتي انحصار (2005) (3) ۽ گوگل طرفان ٺاهيل ڪائناتي يا عالمي گرائمر (2012) (4) جي نشانن سان ٿين ٿا. جملن کي لفظن ۾ توڙي انهن جو ڪائناتي گرائميٽيڪل تجزيو ڪيو وڃي ٿو ۽ اهڙي طرح انهن لفظن کي وري عالمي يا ڪائناتي گرائمر جا نشان لڳايا وڃن ٿا. جنهن ڪري ترجميڪاريءَ ۾ گهڻي آساني ٿئي ٿي. پاڪستان ۾ سنڌي، اردو، پنجابي ۽ پشتو ٻولين تي گهڻو ڪم ٿي رهيو آهي، ان ڪانسواءِ فارسي تي ايران ۾ گهڻو

ڪم ٿيو آهي جڏهن تہ دراوڙي ٻولين تي هندستان ۾ گهٽ ڪم ٿي رهيو آهي، بنگلاديش ۾ بنگالي ٻولي تي تيزي سان ڪم ٿي رهيو آهي. دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪم انگريزي ٻولي تي ٿيو آهي جيڪا ڪمپيوٽر ۽ انفرميشن ٽيڪنالاجي جي ٻولي بڻجي چڪي آهي، انگريزي ٻولي هاڻي عالمگير ٻولي جي حيثيت رکي ٿي تنهنڪري دنيا جون ٻيون ٻوليون ڪمپيوٽيشنل لسانيات ذريعي سڀ کان پهريان انگريزي ٻولي سان ڳنڍيون وڃن ٿيون. انگريزي ٻوليءَ کانپوءِ ٻين ٻولين جهڙوڪ چيني، عربي، فرانسي وغيره تي گهٽ ڪم ٿيو آهي. هن وقت ڪيترائي تحقيقي رسالا نڪري رهيا آهن جيڪي دنيا جي مختلف ٻولين ۽ لسانيات تي تحقيقي مقالا ڇپي رهيا آهن

مشين لرننگ ۽ ڊيپ لرننگ ماڊلس ذريعي دنيا جي ٻولين کي سمجهي ڪمپيوٽر ۽ ٻين مشينن کي ماهر بڻايو وڃي پيو تہ جيئن ڪم، واپار، تجارت، رابطا وغيره ڪرڻ ۾ آساني پيدا ٿي سگهي. هتراڏو ڏاهپ جو عمل مشين لرننگ ۽ ڊيپ لرننگ جي ماڊلس جي ذريعي مختلف قسم جي مشينن ۽ روبوٽس کي ماهر بڻائي رهيو آهي تہ جيئن اهي ٻين مشينن ۽ ماڻهن سان آساني سان رابطو ڪري سگهن ۽ انهن کي مختلف ڳالهيون، ڪم ۽ ڪم ڪرڻ جا طريقا سمجهائي سگهن تہ جيئن عالمگير سماج ترقي ڪرڻ سان گڏ ماڻهن يا سماجن، واپار يا واپارين وغيره جا سماجي، سياسي، صحت ۽ واپار وغيره جا مسئلا بہ حل ڪري سگهي. ٽيڪنالاجي جا اوزار يا روبوٽس يا ڪمپيوٽر جيستائين دنيا جي ٻولين کي نہ سمجهندا ۽ انهن جا ماهر نہ ٿيندا تيستائين عالمگير سماج بهتر طريقي سان جڙي نہ سگهندو ۽ نہ ئي وري گهربل ترقي ڪري سگهندو. عالمگير سماج ۾ صحت جون سهولتون تمام گهٽيون آهن پر ماڻهو انهن سهولتن مان فائدو انڪري بہ نہ پيا وٺي سگهن جو اهي دنيا جون ٻوليون سمجهي نہ پيا سگهن تنهنڪري ڪمپيوٽيشنل لسانيات، نيچرل لينگوئج پروسس ۽ لاڳاپيل ٽيڪنالاجي تي تيزي سان ڪم ٿي رهيو آهي تہ جيئن ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائين يا لکن پر مشين يعني ڪمپيوٽر مشين يا

روبوٽ انهن ٻولين کي سمجهي انهن جي صحت ۾ ٻين مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ترت صلاحون وغيره ڏين. اهڙي طرح ٻار ڪمپيوٽرائزڊ رانديون ٻه سولائي سان ڪيڏي سگهن ۽ ماڻهو وري خبرون وغيره ٻه آساني سان ٻڌي سگهن. ان ڪانسواءِ ڪنهن ڌاري ٻوليءَ کي سکڻ جي به ضرورت نٿي پوي ڇاڪاڻ ته پنهنجي ديسي يا مادري ٻولي دنيا جي سمورين ٻولين ۾ ترجمو ٿي سگهي ٿي ۽ ماڻهو وري ٻين ٻولين کي پنهنجي ديسي ٻولي ۾ آساني سان سمجهي سگهندا، اهڙي طرح هر ماڻهو پنهنجو مسئلو، خوشي يا غم جي خبر هڪ ٻئي کي آساني سان سمجهائي سگهندا. عالمگيريت جي دور ۾ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان عالمگير گهرجن مطابق پنهنجي سماج ۾ ٻولين کي جوڙيون، ترقي ڏياريون ۽ بچايون ته جيئن مستقبل ۾ دنيا جي ترقي يافته ٻولين ۽ عالمگير سماج سان ڪلهو ڪُلهي ۾ ملائي هلي سگهون.

حوالا:

(1) https://en.iyil2019.org/ accessed on 15 December 2019

(2) Nguyen, D., Doğruöz, A. S., Rosé, C. P., & de Jong, F. (2016). Computational sociolinguistics: A survey. *Computational linguistics, 42* (3), 537-593.

(3) https://nlp.stanford.edu/software/stanford-dependencies.shtml

(4) https://universaldependencies.org/

رُوح ۾ رَهِيُنِ رامُ، ٻَهرِ ٻولِينِ ڪِي ٻيو؛
پِيالو پُرُ ڪري، جوپَ پِيتائُون جامُ؛
تِهان پوءِ تَمامُ، تنِ تَڪيا تاڪي ڇَڏيا.
(شاھ- سُر رامڪلي)

# لنگئا فرئنڪا (Lingua Franca)

هاڻوڪي دور ۾ اڪثر سماجن يا ملڪن ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. تنهنڪري انهن سماجن يا ملڪن ۾ هڪ يا ٻه ڪي اهڙيون ٻوليون چونديون يا ڳالهايون وڃن ٿيون جيڪي سڀني فردن يا پوري سماج ۽ قوم ڪي سمجهه ۾ اچي وڃن ٿيون، جن ذريعي فرد پنهنجي خيالن وغيره جو اظهار هڪ ٻئي سان ڪري سگهن ٿا يا انهن ٻولين جي بنياد تي تعليم حاصل ڪري سگهن اهڙي ٻولي يا اهڙي ٻوليون جن جي ذريعي مختلف قسم جي آبادين يا قومن سان رابطو ڪري سگهجي انهن ٻولين کي لنگئا فرئنڪا يا رابطي جي ٻولي چون ٿا. لنگئا فرئنڪا جي ڪري ماڻهو پنهنجا تجربا، احساس، مسئلا، خوشيون ۽ غم وغيره مختلف سماجن ۽ ٻولي ڳالهائيندڙ فردن سان ونڊي سگهن ٿا. مثال طور، اڄڪلهه سوشل ميڊيا جي ذريعي پوري دنيا سان ڪنهن لنگئا فرئنڪا ٻولي ذريعي ڪروڙن جي تعداد ۾ ماڻهو ڳنڍيل آهن. هونءَ ته مختلف دورن ۾ دنيا ۾ مختلف ٻوليون لنگئا فرئنڪا رهيون آهن پر موجوده دور ۾ انگريزي زبان لنگئا فرئنڪا جو بهترين مثال آهي. لنگئا فرئنڪا اصلوڪي يا ديسي ٻولين کان مختلف هوندي آهي، تنهنڪري دنيا جي مختلف سماجن جي ارتقا ۽ ترقي ۾ لنگئا فرئنڪا جو به اهم ڪردار رهيو آهي. لنگئا فرئنڪا جي شروعات تڏهن کان ئي ٿي هئي جڏهن کان دنيا ۾ مختلف سماج ۽ مختلف ٻوليون وجود ۾ آيون هيون. ان جي اهميت جي ڄاڻ ان مان حاصل ڪري سگهجي ٿي ته دنيا جا مخلتف ملڪ، قومون ۽ آباديون پنهنجي ٻولين جي هوندي به تعليمي ادارن، آفيسن، پروگرامن ۽ مختلف ٻولي ڳالهائيندڙ فردن سان رابطن لاءِ ڪا عام لنگئا فرئنڪا ٻولي استعمال ڪن ٿا جيتوڻيڪ انهن جي پنهنجي مادري يا ديسي

ٻولي جي هڪ الڳ، منفرد ۽ شاندار تاريخ، ثقافت، تهذيب ۽ ڏرتي هوندي آهي. اهڙي طرح ڪيترن ئي ملڪن جون تہ لنگئا فرئنڪا واريون ٻوليون قومي ٻوليون ٿي وڃن ٿيون.

دنيا ۾ جڏهن سماج ترقي ڪرڻ لڳا ۽ شهر نهڻ لڳا تہ رياستون بہ وجود ۾ اچڻ لڳيون. اهڙي طرح هڪ رياست کان ٻي رياست جا پاڻ ۾ واپاري، معاشي، سماجي ۽ سياسي رشتا جڙڻ لڳا. جنهن ڪري ٻوليون بہ ترقي ڪرڻ لڳيون. لکت واري نظام واريون ٻوليون انهن رياستن جي وچ ۾ رابطي جون ٻوليون بڻجڻ لڳيون. اڳتي هلي جڏهن طاقتور رياستن ڪمزور رياست تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو تہ انهن قابضن جون ٻوليون لنگئا فرئنڪا ٿيڻ لڳيون. ڪتاب سنڌ جي لکت تي ٿيل تحقيق جو جائزو جي مهاڳ ۾ يوسف شاهين لکي ٿو تہ ”دفاع نہ ڪندڙ رياستن پاڻ ۾ اتحاد ڪيو تہ جيئن طاقتور رياست يا رياستن سان مقابلو ڪري سگهجي. ان اتحاد کي ڪنفيڊريشن جو نظام بہ چئجي ٿو.“ ڪنفيڊرل نظام تحت ڳنڍجندڙ رياستن کي هڪ اهڙي ٻولي جي ضرورت پوي پئي جيڪا لنگئا فرئنڪا طور استعمال ٿئي. اهو ئي سبب آهي جو ٻوليون وڏيون ٿيڻ لڳيون چاڪاڻ تہ اهي ٻوليون مختلف رياستن ۾ ڳالهايون وڃڻ لڳيون. جڏهن طاقتور رياستن پنهنجون فوجون وڌايون تہ هو وڌيڪ طاقتور ٿي ويا اهڙي طرح رياستن جو اتحاد بہ انهن رياستن جو مقابلو نہ ڪري سگهيو. قابض رياستن پنهنجي ٻولي کي قبضي هيٺ آيل رياستن ۾ نافذ ڪيو اهڙي طرح ديسي ٻوليون ختم ٿيڻ لڳيون. قابضن جي ٻولي لنگئا فرئنڪا ٿيڻ لڳي ۽ اڳتي هلي اهي ٻوليون انهن رياستن جون پنهنجون ٻوليون ٿي ويون. قابضن پنهنجي ثقافت ۽ مذهب کي بہ انهن رياستن ۾ نافذ ڪيو جنهن ڪري انهن جون ٻوليون انهن رياستن ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيون.

لنگئا فرئنڪا ٻولي کي وچولي دور ۾ سمنڊ ڪناري رهندڙ ماڻهن ۽ سمنڊ ذريعي واپار ڪندڙ ماڻهن تقريبن يارهين کان اٺوينهين صدي ۾ استعمال ڪيو. ان وقت جي واپارين ۽ سمنڊ جي ڪنارن يا سمنڊ ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن کي هن ٻولي جو لهجو رابطي لاءِ آسان،

سندر ۽ پيارو لڳندو هو (وڪيپيڊيا). جيئن ته ان دور ۾ رابطي جا ذريعا ڪي جديد ڪون هئا ۽ نه ئي وري ڪا ٽيڪنالاجي به جديد هئي تنهنڪري ماڻهو ڪا عام ۽ سِڱني ڪي سمجهه ۾ ايندڙ ٻولي ڳالهائيندا هئا. ماڻهو پنهنجا مسئلا حل ڪرڻ يا پنهنجو وکر وڪڻڻ لاءِ مختلف علائقن يا آبادين جو رخ ڪندا هئا. ان وقت دريا ۽ سمنڊ جي ويجهو آباديون هونديون هيون تنهنڪري دريا ۽ سمنڊ ئي رستن طور استعمال ٿيندا هئا. ماڻهو اهڙي ٻولي ڳالهائيندا هئا جيڪا سِڱني ڪي سمجهه ۾ ايندي هئي، اهڙيءَ طرح پنهنجي وکر جي خوبين ۽ استعمال کي اشارن ذريعي به خريدارن کي سمجهائيندا هئا، تنهنڪري اهو به چئي سگهجي ٿو ته اشارن جي ٻولي به لنگئا فرئنڪا رهي آهي. لنگئا فرئنڪا هڪ اهڙي ٻولي آهي جيڪا عام، آسان ۽ مختلف سماجن، قومن ۽ آبادين ۾ رابطي لاءِ پل جو ڪردار ادا ڪري ٿي، ان ذريعي ماڻهو پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف قومن، واپارين، فردن وغيره سان رابطو ڪري سگهن ٿا ۽ پنهنجي مقصد جي ڳالهه انهن تائين پهچائي پنهنجو مقصد پورو ڪري سگهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو دنيا ۾ رابطن لاءِ مختلف ادارن، سماجن ۽ تنظيمن وغيره ۾ انگريزي ٻولي سڀ کان وڌيڪ ڳالهائي وڃي ٿي جيتوڻيڪ انگريزن جي آبادي ايتري گهٽي نه آهي پر انهن جي ٻولي کي لنگئا فرئنڪا جي حيثيت ملي چڪي آهي، ان جا ڪيترائي سبب آهن جن ۾ ڪالونيلزم ۽ عالمگيريت وغيره شامل آهن. اهڙي طرح پاڪستان ۾ وري اردو کي لنگئا فرئنڪا جي حيثيت مليل آهي جيتوڻڪ اردو پاڪستان جي اصلوڪي يا ديسي ٻولي نه آهي، نه ئي وري ڪا پاڪستان ۾ اردو ڳالهائيندڙن جي آبادي گهٽي آهي پر پاڪستان جي قومي ٻولي جي حيثيت رکڻ جي ڪري اها ٻولي هر اداري ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. جڏهن ته پاڪستان جون اصلي ٻوليون گهڻيون اهم آهن ۽ انهن جي هڪ جدا ۽ شاندار تاريخ ۽ ثقافت آهي پر اهي هن ملڪ جون قومي ٻوليون ۽ لنگئا فرئنڪا نه ٿي سگهيون آهن.

لنگئا فرئنڪا جي شروعات جو مثال آرميني ٻولين جو گروهه

آهي جيڪو دنيا جو پهريون لنگئا فرئنڪا رهيو آهي. آرميني ٻولي سيميٽڪ يا سامي ٻولين جي ايفرو ايشياٽڪ سٽ سان واسطو رکي ٿي جيڪا سامي ٻولين جو هڪ ننڍو گروهه آهي، هي ٻولي ماڻهن يا قومن جي ٻي عام ٻولي رهي آهي جيڪا رابطي جي اوزار طور استعمال ٿيندي رهي. فرانسي ٻولي اولهه وارن ملڪن جي لنگئا فرئنڪا رهي آهي اهڙي طرح اها ٻولي به اولهه وارن ملڪن جي ٻولين جي پهرين لنگئا فرئنڪا رهي آهي. لوئيس چوڏنهن جي دور ۾ فرينچ ٻولي ۽ فرانس جي اولاهين دنيا ۾ تمام وڏي حيثيت رهي آهي ان ڪري فرينچ ٻولي به ان دور ۾ اولاهين يا ويسٽرن دنيا جي لنگئا فرئنڪا رهي آهي. هاڻوڪي دور ۾ انگريزي زبان دنيا جي لنگئا فرئنڪا آهي جيڪا واپار، تعليم، رابطن، ادارن وغيره جي ٻولي آهي بلڪ ڪيترن ئي ملڪن جي قومي زبان به آهي. هڪ رپورٽ مطابق تقريبن 80 سيڪڙو انگريزي ڳالهائيندڙ دنيا جي اها آبادي آهي جن جي انگريزي مادري ٻولي نه آهي. ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ انگريزي ٻولي فرينچ ٻولي جي جڳهه تي دنيا جي لنگئا فرئنڪا بڻجي وئي اهڙي طرح انگريزي ٻولي فرينچ ٻولي جي بين الاقوامي حيثيت يا لنگئا فرئنڪا جي حيثيت کي تبديل ڪري ڇڏيو. ڏٺو وڃي ته انگريزي ٻولي جي اڀرڻ جو دور پهرين مهاڀاري جنگ يا ورلڊ وار هڪ ۾ ان وقت شروع ٿيو جڏهن ورسلئيس جومعاهدو فرينچ ٻولي سان گڏ انگريزي زبان ۾ به لکيو ويو. ان معاهدي جو فرينچ ٻولي سان گڏ انگريزي ٻولي ۾ لکجڻ حقيقت ۾ انگريزي ٻولي جي حيثيت کي مڃڻ ۽ ان کي ظاهر ڪرڻ هو. ڪنهن به ٻولي جو لنگئا فرئنڪا ٿيڻ اتان جي آبادي جي ڪري نه هوندو آهي بلڪ اها ٻولي واپار، سياست، تعليم ۽ ٻين سماجي عملن ۾ ڪيتري استعمال ٿئي ٿي ان بنياد تي هوندو آهي، هونءَ به واپاري ٻولي جي حيثيت تمام گهڻي هوندي آهي ڇاڪاڻ ته ان جا اثر سياست ۽ سماج تي گهڻا پوندا آهن.

جڏهن برطانيه دنيا جي مختلف ملڪن کي پنهنجي ڪالوني بڻايو ۽ انهن تي حڪومت قائم ڪئي ته ان عمل انگريزي ٻولي کي

لنگئا فرئنڪا بڻايو ۽ دنيا جي آبادي جي اڪثريت انگريزي ٻولي سکڻ واري عمل ۾ لڳي وئي، اهڙي طرح انگريزي ٻولي جو استعمال شروع ٿيو. هن وقت گهرن ۾ پنهنجي مادري ٻولي وانگر انگريزي ٻولي بہ ڳالهائي وڃي ٿي. پوسٽ ڪالونيل دور ۾ جيڪي نيون آباديون قائم ٿيون انهن بہ پنهنجي ديسي ٻولين جي جاءِ تي انگريزي ٻولي کي پاڻ ۾ رابطن لاءِ استعمال ڪيو ۽ انهن انگريزي ٻولي کي لنگئا فرئنڪا طور استعمال ڪري رابطن کي آسان بڻايو. انگريزي ٻولي جي حيثيت کي وڌائڻ لاءِ برطانيہ حڪومت اهم ڪردار ادا ڪيو، ان حڪومت پوري دنيا ۾ انگريزي ٻولي کي رائج ڪرايو خاص ڪري اتر آمريڪا، هندستان، آسٽريليا، نيوزيلينڊ وغيره ۾ انگريزي ٻولي کي رائج ڪرايو، اهڙي طرح 19 صديءَ جي آخر تائين انگريزي ٻولي جي حيثيت عالمي ٿي وئي ۽ ويهين صديءَ جي وچ ڌاري بين الاقوامي ادارن انگريزي ٻولي کي معاشيات، سائنس، ملٽري، تعليم، قومي ۽ بين الاقوامي ادارن، رياستن وغيره جي ٻولي بڻايو. هن وقت، دنيا جي اخبارن، رسالن، سائنسي جرنلس وغيره جي اڪثريت انگريزي ٻولي ۾ ڇپجي رهي آهي. سوشل ميڊيا ۽ انٽرنيٽ تي هلندڙ ويب سائيٽس جي اڪثريت پڻ انگريزي ٻوليءَ ۾ موجود آهي. دنيا جي اڪثر آبادي پنهنجي ٻولي هوندي بہ انگريزي ٻوليءَ ۾ موجود مواد پڙهي رهي آهي اهڙيءَ طرح انگريزي ٻولي کي ئي لنگئا فرئنڪا طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. هوائي جهازن يا بحري جهازن جي ٽريفڪ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ بہ انگريزي ٻوليءَ کي لنگئا فرئنڪا طور استعمال ڪيو وڃي ٿو.

پاڪستان هڪ اهڙو ملڪ آهي جتي ڪيترين ئي ٻولين ڳالهايون وڃن پيون، تنهنڪري پاڪستان کي گهڻ ٻوليائي ملڪ چئي سگهجي ٿو. پاڪستان ۾ مختلف قومن ۽ آبادين جي وچ ۾ رابطو قائم رکڻ لاءِ اردو ۽ انگريزي ٻولين کي لنگئا فرئنڪا طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. ٻئي ٻوليون پاڪستان جي اڪثر حصن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون، جنهن ڪري ڪيترين ئي آباديون پنهنجي ٻولين کي

ڇڏي اردو ۽ انگريزي ٻوليون ڳالهائي رهيون آهن، ان ڪري ديسي ٻولين جي ختم ٿيڻ جو خطرو وڌي رهيو آهي. جيتوڻيڪ اردو ڳالهائيندڙ آبادي جو تعداد ٻين آبادين يا قومن جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي پر جيئن تہ اردو واپاري ٻولي بڻجي چڪي آهي ان ڪري ان کي ملڪ جي مختلف قسم جي ادارن جي ٻولي پڻ بڻايو ويو آهي، اهڙي طرح اردو ٻولي کي لنگئا فرئنڪا طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ هتان جون ٻوليون جن ۾ سنڌي، پنجابي، بلوچي ۽ پشتو ٻوليون اچي وڃن ٿيون، قومي ٻوليون هونديون هيون ۽ انهن ٻولين وارن علائقن ۾ هر قسم جو وهنوار ۽ واپار وغيره انهن ٻولين ۾ ڪيو ويندو هو. اهي ٻوليون پنهنجي علائقن جون لنگئا فرئنڪا هونديون هيون پر پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ اردو ۽ انگريزي ٻولين کي لنگئا فرئنڪا جو درجو ڏنو ويو ۽ ملڪ جي اصلي ٻولين کي ادارن جي ٻولي جو درجو نہ ڏنو ويو بلڪ انهن کي ادارن کان پري رکيو ويو. خاص ڪري ون يونٽ دوران تہ ديسي ۽ اصلي ٻولين کي ادارن کان پري رکيو ويو. جنهن ڪري آهستي آهستي اهي ٻوليون ختم ٿينديون وڃن پيون. جڏهن تہ اقوام متحده جو ادارو اصلي ٻولين کي زنده رکڻ لاءِ هر سال ٻولين جو ڏينهن ملهائيندو آهي تہ جيئن دنيا جون سموريون ٻوليون پنهنجي اصلي شڪل ۾ زنده رهن ۽ انهن ٻولين سان لاڳاپيل قومن ۽ انهن جي ثقافت جي سڃاڻپ برقرار رهي سگهي. پاڪستان ۾ اڪثر تعليمي ادارا نرسريءَ کان وٺي يونيورسٽي تائين انگريزي زبان ۾ تعليم ڏئي رهيا آهن، تنهنڪري اهي ٻار پنهنجي مادري يا ديسي ٻولين کان پري ٿيندا پيا وڃن جنهن ڪري ديسي يا پاڪستان جون اصلي ٻوليون پنهنجي قومي سڃاڻپ وڃائي رهيون آهن. ننڍن يا وڏن ادارن ۾ اردو ۽ انگريزي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون جنهن ڪري ديسي ٻولين جي اهميت گهٽبي وڃي پئي بلڪ اهي ٻوليون ختم ٿيڻ واري لڪير جي ويجهو ٿينديون وڃن ٿيون. پاڪستان ۾ اردو ٻولي جو مستقبل شاندار نظر نہ پيو اچي ڇاڪاڻ تہ ان ٻولي جي آبادي گهٽ آهي ۽ ان ٻولي کي ترقي ڏياريندڙ قومون هاڻي پنهنجين ٻولين کي

اهميت ڏئي رهيون آهن. هاڻي سموريون ديسي ٻوليون خاص ڪري پنجابي، پشتو ۽ بلوچي ٻوليون لکيون، پڙهيون ۽ ڳالهائيون وڃن ٿيون. انهن ٻولين جو ادب انهن ٻولين ۾ لکجي رهيو آهي تنهنڪري ايندڙ وقت ۾ اردو ٻوليءَ ۾ لکجندڙ مواد گهٽجي ويندو. سنڌي ٻولي ته اڳ ۾ ئي پنهنجي لکت واري نظام ۾ موجود هئي تنهنڪري سنڌي آبادي اردو ٻولي کي گهٽي ترقي نه ڏياري هئي، هندستان ۾ هندي، دراوڙي ٻوليون ۽ سنڌي ٻولي جا مختلف لهجا ترقي ڪري رهيا آهن. عرب ملڪن ۾ عربي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي تنهنڪري انهن ماڻهن وٽ انگريزي کان وڏيڪ عربي ٻولي ڳالهائي، لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي تنهن هوندي به هو ٻين قومن سان رابطي ۽ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ انگريزي ٻولي جو استعمال ڪري رهيا آهن. هن وقت چائنه واپار ۾ ترقي ڪري رهيو آهي پر ان جي ٻولي آسان نه هجڻ جي ڪري ۽ ڊجيٽل دور جي ڪري چيني ٻولي به لنگئا فرئنڪا نه ٿي سگهي آهي تنهن هوندي به چين وارن جي ڪوشش آهي ته هو چيني ٻولي کي ترقي ڏيارين ۽ دنيا جي مختلف سماجن تائين پهچائين. ان سلسلي ۾ هو اتي پڙهندڙ شاگردن کي چيني ٻولي جا ڪورس ڪرائي رهيا آهن. فرينچ ٻولي به فرانس تائين محدود ٿي وئي آهي، تنهنڪري فرينچ ٻولي به لنگئا فرينڪا نه پئي ٿي سگهي. روس جي ٽٽڻ کان پوءِ اتان جا سماج جيڪي روسي ٻولي کي استعمال ڪندا هئا سي واپس پنهنجي ٻولين کي زنده ڪري رهيا آهن تنهنڪري عالمگيريت ۾ روسي ٻولي به روس ۽ ڪجهه رياستن تائين محدود رهندي. يورپ ۾ ته انگريزي اڳ ۾ ئي لنگئا فرئنڪا آهي تنهنڪري يورپ جون ٻيون ٻوليون به پنهنجن علائقن تائين محدود رهنديون. عالمگيريت جي دور ۾ انگريزي ٻولي ئي لنگئا فرئنڪا آهي ۽ رهندي تنهن هوندي به دنيا جي ديسي ٻولين کي بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وڃي پئي ته جيئن عالمگير سماج ۾ اهي ٻوليون زنده رهي سگهن، ان عمل جي ڪري واپار ۽ مختلف شين، وسيلن ۽ اثاثن جي متاسنا آسانيءَ سان ٿيندي رهندي.

ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته لنگئا فرئنڪا عالمگير رابطن ۾ اهم

ڪردار ادا ڪيو آهي جنهن ڪري دنيا جا ادارا ۽ ملڪ هڪ ٻئي سان آساني سان رابطا قائم ڪري سگهن ٿا ۽ واپار وغيره ڪري سگهن ٿا پر ان سان گڏ لنگئا فرئنڪا اصلي ۽ وڏي تاريخ رکندڙ ٻولين کي نقصان بہ ڏنو آهي. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ لنگئا فرئنڪا هڪ بہ منهين تلوار آهي جيڪا هڪ منهن ڪان ملڪن، قومن ۽ مختلف آبادين کي هڪ ٻئي سان ڳنڍي رهي آهي ۽ انهن جي وچ ۾ رابطن جي پل پيدا ڪري رهي آهي پر ٻئي منهن سان انهن قومن، ملڪن ۽ آبادين جي تاريخي، تهذيبي ۽ ثقافتي سڃاڻپ وڃائي رهي آهي. لنگئا فرئنڪا جي ڪري ماڻهو پنهنجي مادري ٻولين يا ديسي ٻولين کي ڇڏي لنگئا فرئنڪا واري ٻولي کي پنهنجي ٻولي ٻڌائي رهيا آهن جنهن ڪري هو پنهنجي تاريخي قومي سڃاڻپ وڃائي رهيا آهن. لنگئا فرئنڪا جي ڪري دنيا جون اڪثر ٻوليون خطري ۾ آهن. اقوام متحده جي اڳڪٿي بہ اها ئي آهي تہ ايندڙ پنجن ڏهاڪن ۾ دنيا جون اڪثر ٻوليون ختم ٿي وينديون. ان اڳڪٿي مان ثابت ٿئي ٿو تہ ايندڙ پنجن ڏهاڪن ۾ دنيا جون رڳو اهي ٻوليون ختم نہ ٿينديون پر ان سان گڏ اهي ٻوليون ڳالهائيندڙ قومون بہ ختم ٿي وينديون ڇاڪاڻ تہ ٻولي ئي قوم، ان سان لاڳاپيل ثقافت ۽ تهذيب جي سڃاڻپ هوندي آهي جيڪڏهن ٻولي زنده نہ رهندي تہ قوم بہ زنده نہ رهندي.

ٻيلي! ٻَئِي پارَ، جان مُون نيڻَ هَٽِي نِهارِيا؛
چوري رَکِيَم چِتَ ۾، ڏِسِيُن جا ڏاتارَ؛
هِيءُ سِرُ توهان ڏارَ، ٻِيجي ڪَنهِن نہ ٻولِيو.
(شاهہ سُر سورٺ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عالمگيريت جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ۽ ان کي درپيش مسئلا

عالمگيريت جو دور ڊجيٽل دور آهي جيڪو دنيا کي هڪ عالمي ڳوٺ ۾ تبديل ڪري رهيو آهي جڏهن ته ان دور ۾ استعمال ٿيندڙ مختلف قسم جي ٽيڪنالاجي دنيا جي مڙني اثاثن کي ماڻهن اڳيان پيش ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي ڪو به ماڻهو ڪنهن به علائقي يا ملڪ ۾ ويهي دنيا جي ڪنهن به ملڪ جا آن لائين اثاثا استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ گهر ويٺي دنيا جي بهترين يونيورسٽين مان پڙهي به سگهي ٿو يا وري ڪو سامان، وکر وغيره گهرائي سگهي ٿو. تنهنڪري واپاري، تعليمي، ثقافتي، سماجي ۽ سياسي رابطن وغيره کي عالمگيريت جي عمل ٽيڪنالاجي جي مدد سان تمام گهڻو آسان ڪري ڇڏيو آهي. عالمگيريت جي دور ۾ دنيا جي ٻولين تي به خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي ۽ انهن جي ترجميڪاري، ڳانڍاپي، گرائمر، ترقي ۽ جياپي لاءِ گهڻو ڪم ڪيو وڃي پيو. عالمگيريت دنيا جي سمورين ٻولين کي زنده رکڻ چاهي ٿي ته جيئن ماڻهو پنهنجي ٻولين ۾ پنهنجا مسئلا، رايا، ڳالهيون، ڪم، تجربا، خيال، احساس، جذبا وغيره ٻڌائي سگهن يا هڪ ٻئي سان ونڊي سگهن. اها هڪ حقيقت آهي ته ڪو به فرد ڪنهن به قسم جو مسئلو پنهنجي ٻوليءَ ۾ بهتر طريقي سان بيان ڪري سگهي ٿو. ان سوچ تي عمل ڪندي عالمگيريت دنيا جي سمورين ٻولين کي عالمگير ٻولي بڻائي رهي آهي ته جيئن سموريون ٻوليون زنده رهي سگهن ۽ هر هڪ لاءِ سمجهڻ جهڙيون بڻجي سگهن. ان لاءِ ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئجز پروسيس، مشين لرننگ ۽ ڊيپ لرننگ تي تيزي سان ڪم ٿي رهيو آهي ته جيئن دنيا

جون سموريون ٻوليون استعمال جي قابل ٻڻجي سگهن ۽ مشين يعني ڪمپيوٽر وغيره انهن ٻولين کي سمجهي. پر پٺ تي پيل ملڪ ۽ عوام ٽيڪنالاجي جي ان ترقي کي نه سمجهندي، پنهنجين ٻولين کي ڇڏي ڌارين ٻولين کي پنهنجون ٻوليون ٻڌائي رهيا آهن. هن وقت دنيا جا ڪيترائي ملڪ ۽ قومون پنهنجين ٻولين لاءِ لفظن جو ڄار (Word Net) ٺاهي رهيا آهن جيڪو عالمگيريت اختيار ڪري رهيو آهي ۽ يونيورسل ڊپينڊنسي تحت پنهنجي ٻولين تي ڪم ڪري رهيا آهن ته جيئن دنيا جون سموريون ٻوليون عالمي گرائمر ۽ لفظن جي ڄار جي ذريعي استعمال ٿي سگهن ۽ ماڻهن کي هڪ ٻئي سان رابطي ۾ ڪا به تڪليف نه ٿئي.

سنڌي ٻولي دنيا جي پراڻين ٻولين مان هڪ شاندار ٻولي آهي جنهن جي پنهنجي تهذيب، تمدن، ثقافت، ڌرتي، قوم، تاريخ، گرائمر، صرفيا ۽ سڃاڻپ آهي. هي ٻولي صدين کان مختلف لاهن ۽ چاڙهن مان نڪرندي آئي آهي. مختلف وقتن ۾ سنڌ تي ٿيندڙ ڪاهن ۽ حملن سنڌي قوم سان گڏ سنڌي ٻوليءَ تي به اثر ڇڏيا پر سنڌي ٻولي پنهنجي اصليت، مضبوط ساخت ۽ تهذيب جي ڪري پاڻ کي بچائيندي آئي آهي. سنڌي ڏاهي ۽ ٻولي جي ماهر سراج الحق ميمڻ مطابق ”سنڌي ٻولي دنيا جي اصلي ۽ شاهوڪار ٻولي آهي جيڪا ٻي ڪنهن ٻوليءَ مان پيدا نه ٿي آهي.“ هن انهن نظرين کي به رد ڪيو جن مطابق سنڌي سنسڪرت يا سامي ٻولين مان پيدا ٿي آهي. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي اصليت بابت ڪيترائي دليل ۽ حقيقتون ٻولي ۽ لسانيات جي ٻين ماهرن طرفان پڻ مختلف ڪتابن ۽ تحقيقي مقالن جي صورت ۾ پيش ڪيون ويون آهن. جيئن ته ٻولي گهڻ رخي هوندي آهي تنهنڪري ٻوليءَ جا موضوع به وسيع هوندا آهن جن تي ٻولي ۽ لسانيات جا ماهر تفصيل سان ڪم ڪري رهيا آهن. ان ڪم جي ڪري ئي دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ترقي ڪئي آهي ۽ پوري دنيا تي پنهنجا اثر ڇڏيا آهن. هن مضمون ۾ عالمگيريت ۽ ڊجيٽل دور جي حوالي سان سنڌي ٻولي جي موجوده حالت، ان جي ادبي، لسانياتي

خاص ڪري ڪمپيوٽيشنل لسانيات، ٽيڪنالاجي ۽ سماجي رابطن ۾ ٿيندڙ ترقي وغيره ۽ ڪيس پيش ايندڙ خطرن تي بحث ڪيو ويندو. هن وقت سنڌي ٻولي سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌين جي ذريعي ڳالهائي وڃي ٿي ۽ ڪجهه ملڪن ۾ لکي ۽ پڙهي بہ وڃي ٿي. سنڌي ٻولي هندستان جي قومي ٻولين ۾ شامل آهي جيتوڻيڪ اها هندستان جي ڪنهن رياست جي ٻولي نہ آهي پر اها ٻولي پاڪستان ۾ اڃا تائين قومي ٻولي جي حيثيت حاصل نہ ڪري سگهي آهي جيتوڻيڪ اها ٻولي سنڌي قوم جي قومي ٻولي آهي. ملائيشا ۾ سنڌين جو چوٿون نسل شروع ٿي چڪو آهي (1)، (2). اهڙي طرح آمريڪا، يورپ ۽ ايشيا جي اڪثر ملڪن ۾ سنڌي آباد آهن جيڪي پنهنجي ٻوليءَ ۾ گفتگو ۽ ڪچهريون ڪري رهيا آهن. دنيا جي ترقي ڪندڙ ٻولين جي مقابلي ۾ سنڌي ٻوليءَ تي بہ هاڻوڪي دورجي ضرورتن مطابق تحقيق هلي رهي آهي خاص ڪري ادب ۽ لسانيات جي حوالي سان بهتر ڪم ٿي رهيو آهي.

ڊجيٽل دور ۾ جتي ڪيترين ئي ٻولين ختم ٿي رهيون آهن اتي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترين ئي روزاني ۽ هفتيوار اخبارون، ۽ رسالا ۽ ڪتاب وڏي انگ ۾ ڇپجي رهيا آهن جن کي پوري دنيا جا سنڌي ماڻهو پڙهي رهيا آهن. اها ٻوليءَ جي ترقي آهي جيڪا هڪ اميد پيدا ڪري ٿي تہ سنڌي ٻولي کي ان جا ڳالهائيندڙ تمام گهڻو چاهين ۽ پڙهن ٿا. اسان وٽ ادب جي هر صنف تي لکيو وڃي ٿو جن جي اهميت نہ صرف ديسي آهي پر بين الاقوامي سطح تي پڻ سنڌي ادب کي پڙهيو ۽ ترجمو ڪيو وڃي ٿو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جهڙو عظيم شاعر، ٻولي ۽ لسانيات جو ماهر، مفڪر، جاڪوڙي، محقق، انقلابي سوچ رکندڙ سنڌ جو عاشق جيڪو سنڌي ادب ۽ تاريخ جو حصو آهي تنهن سنڌ، سنڌي ادب، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت کي پنهنجي شاعري ذريعي عروج تي پهچايو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي پيلوڙ شاعر ۽ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ شاهہ عبداللطيف سان محبت ڪندڙ شاعر ملڪ نديم پنهنجي هڪ شعر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ۽ شاهہ عبداللطيف

پٽائي سان پنهنجي محبت جو اظهار هن ريت ڪيو آهي:

سنڌي ٻولي سهڻي، جا سانديم اندر ساهه،
رسالو شاهه لطيف جو، آهه رحمت جو درياهه،
اتي آهي اونداهه، جتي ناهي نانءُ لطيف جو.

جيتوڻيڪ سنڌي ٻولي جي ترقي ۽ واڌ ويجهه وارا ادارا ڪو متاثر ڪندڙ ڪم ڪونه پيا ڪن پر پوءِ به ادب جي ميدان ۾ سنڌي ٻولي ترقي ڪري رهي آهي. سنڌي ٻولي جي گرائمر ۽ لغت تي به ڪيترائي ٻوليءَ جا ماهر پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري ۽ ڏينهن رات محنت سان ڪم ڪري رهيا آهن پر سچ ته اهو آهي ته انهن جو انگ آڱرين تي ڳڻڻ جيترو آهي. جڏهن ته ڪنهن به ٻوليءَ جي ترقي ۽ جياپي لاءِ لسانيات ۽ لغت جي ماهرن جو انگ گهڻو هجڻ گهرجي ۽ ان ڪان سواءِ ٻولي ۽ ان جي لغت جي ترقي لاءِ ادارا ۽ بورڊ هئڻ گهرجن. اسان ڪي سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري ڪان سواءِ ڪو اهڙو ادارو نظر نه پيو اچي جيڪو ٻولي، لسانيات ۽ لغت وغيره تي منصوبه بنديءَ سان لڳاتار ڪم ڪري.

هي دور ٽيڪنالاجي جو دور آهي جنهن ۾ هر شئي ڊجيٽل ٿيندي وڃي پئي ايتري تائين جو جيڪو اسان لکون ٿا، پڙهون ٿا يا ڳالهايون ٿا سو به ڊجيٽل ٿي رهيو آهي. هن وقت ٻولي ۽ لسانيات تي گهڻو ڪم ٽيڪنالاجي جي ذريعي ٿي رهيو آهي جنهن ڪري ڪيترائي اوزار ٺاهيا وڃن پيا جيڪي دنيا جي ٻولين کي ڊجيٽل ڪن ٿا. انگريزي زبان ته مڪمل ڊجيٽل ٿي چڪي آهي جڏهن ته دنيا جون ٻيون ٻوليون به گهڻو اڳتي نڪري چڪيون آهن جيڪي ڪمپيوٽر تي آسانيءَ سان پروسيس ٿي وڃن ٿيون. اها اسان جي خوشنصيبي آهي جو سنڌي ٻولي به ڊجيٽائيزيشن جي پروسس ۾ آهي ۽ تيزيءَ سان ڊجيٽائيز ٿي رهي آهي، سنڌي ٻولي لاءِ ڪيتريون ئي ڪمپيوٽر جون ايپليڪيشن ٺاهيون ويون آهن ۽ ڪيتريون ئي ٺهن پيون. آن لائين لائيبرريون ٺاهيون ويون آهن جيڪي گهر ويٺي ڪتاب مفت ۾ مهيا

ڪن ٽيون جن ۾ سنڌ سلامت آن لائين ڪتاب گهر سڀ ڪان اڳيان آهي. آن لائين ۽ آف لائين او سي آر (OCR) تي بہ ڪم هلي رهيو آهي. جڏهن تہ گوگل ڪارپوريشن دنيا جي ٻين ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ تي بہ ڪم ڪري رهي آهي. گوگل سڀ ڪان پهريان سنڌي ٻولي کي پنهنجي ترجميڪاري واري نظام ۾ شامل ڪيو ۽ بعد ۾ ان ٻوليءَ جو آن لائين او سي آر بہ ٺاهيو. وڪي ٽنگز هڪ عالمي غير حڪومتي تنظيم آهي جنهن دنيا جي 400 ڪان مٿي ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي بہ پنهنجي عالمي ڊيٽابيس ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي تہ جيئن سنڌي سميت دنيا جي مڙني محفوظ ٿيل ٻولين کي مرڻ يا ختم ٿيڻ ڪان بچائي سگهجي، وڪي ٽنگز سنڌي ٻولي ۾ رڪارڊ ٿيل وڊيو پيغام پنهنجي يوٽيوب چينل تي بہ رکيو آهي جيڪو آن لائين موجود آهي(3). گوگل ارٿ بہ ان حوالي سان سنڌي ٻولي جي ثقافتي رنگن کي محفوظ ڪرڻ چاهي پئي. يونيورسل ڊپينڊنسي ۽ يونيورسل گرائمر لاءِ بہ سنڌي ٻولي چونڊي وئي آهي جنهن تي ڪم جاري آهي. اها سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ۽ ان تي ٿيندڙ ڪم کي ظاهر ڪري پئي، ان سان سنڌي ٻولي عالمگير انساني ٻولين جي سٽ ۾ شامل ٿي چڪي آهي جيڪا خودڪار نظام جي ذريعي دنيا جي سموري ٽيڪنالاجي جو پاڻيهي حصو ٿي ويندي ۽ ان جي دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ترجميڪاري بہ خودڪار نظام تحت ٿي ويندي. اهڙيءَ طرح هتراڏو ڏاهپ ۽ ٽيڪنالاجي جي مختلف اوزارن ذريعي خودڪار يا آٽوميٽڪ طريقي سان استعمال ٿيندي رهندي. جنهن جو مطلب ٿيو تہ روبوٽ ۽ ٻيا ٽيڪنالاجي جا اوزار پاڻيهي سنڌي ٻولي کي سمجهندا ۽ ڳالهائيندا. اسان جي ڪوشش ۽ محنتن وڪي ٽنگز، گوگل ارٿ ۽ يونيورسل ڊپينڊنسي ۽ ڪائناتي يا عالمگير گرائمر لاءِ رستا ۽ آسانيون پيدا ڪيون آهن جن تحت هو سنڌي ٻوليءَ کي عالمگير ٻولي ٻڻائي رهيا آهن. ان ڪانسواءِ سوشل ميڊيا جي سمورن اوزارن ۽ مختلف ويبسائيٽس تي سنڌي ٻوليءَ جو ڀرپور استعمال ڪيو پيو وڃي جنهن سان هر قسم جو سنڌي ڪارپس يا لفظن جو ڀنڊار ٺهي

رهيو آهي جيڪو عالمي ۽ قومي تحقيقي ادارن ۽ لسانيات جي ماهرن کي گهڻو فائدو ڏئي رهيو آهي. هن وقت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ سنڌي ڪارپس تي تحقيق ٿي رهي آهي. اهو سلسلو سنڌي ٻوليءَ کي عالمگيريت جي دور ۾ زنده رکي ٿو ۽ زنده رکندو.

## ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ جي حوالي سان ترقي:

ڪمپيوٽيشنل لسانيات (Computational Linguistics) بنيادي طور لسانيات جي شاخ آهي جيڪا ڪمپيوٽر سسٽم جي ذريعي قدرتي ٻولين کي سمجهي انهن کي ترڪيب ڏئي ٿي ۽ انهن جو مختلف طريقن سان تجزيو ڪري ٿي تہ جيئن انهن ٻولين کي مختلف ڪمپيوٽرائزڊ ڪمن لاءِ استعمال ڪرڻ سان گڏ دنيا جي سمورين ٻولين کي هڪ عالمي گرائمر تحت هڪ ڪري سگهجي. ڪمپيوٽيشنل لسانيات، جنهن کي ڪمپيوٽيشنل لنگوئسٽڪس چئجي ٿو، تنهن کي ڪمپيوٽر پنهنجي نظام جو حصو بڻائي انساني ٻولين جي ترڪيب، تصريف وغيره لاءِ استعمال ڪري ٿو. ان عمل سان دنيا جي سمورين انساني ٻولين کي ڪمپيوٽر ذريعي سمجهڻ جو عمل جاري آهي جنهن ڪري دنيا حقيقي معنيٰ ۾ عالمي ڳوٺ ۾ تبديل ٿي رهي آهي. ڪمپيوٽيشنل لسانيات جي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ ڪمپيوٽر سائنٽسٽ يا لنگوئسٽ کي ڪمپيوٽيشنل لسانيات جو ماهر چئبو آهي. گذريل ٽن ڏهاڪن کان ڪمپيوٽيشنل لسانيات، ڪمپيوٽيشنل انجنيئرنگ ۽ هٿراڌو ڏاهپ (Artificial Intelligence) کي استعمال ڪندي بهترين قسم جا الگوريٿم (Algorithm) ۽ اوزار ٺاهيا ويا آهن جن دنيا جي ٻولين کي ڪائناتي گرائمر Grammar (Universal) ۽ قدرتي ٻولين جي پروسس (Natural Languages Process) جي گهرجن مطابق تمام گهڻي ترقي ڏياري آهي. هاڻي ڪمپيوٽر پنهنجو پاڻ مختلف ٻولين جي لفظن ۽ نشانين وغيره کي سڃاڻي ٿو، انهن کي ترڪيب ڏئي ٿو، انهن کي گرائمر مطابق نشان ڏئي ٿو، لفظن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پنڊار يا ٽيڪسٽ ڪارپس (Text Corpus) مان ٻولي جي مختلف رخن جي ڄاڻ حاصل ڪري ٿو جنهن ڪري دنيا ۾ تيزي سان ترقي ٿي رهي آهي. خاص طور تي صنعتن، ادارن ۽ تنظيمن وغيره کي تمام گهڻو لاڀ مليو آهي. سماجي ويب سائيٽس يا ميڊيا کي به ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ جي ڪري تمام گهڻو فائدو پيو آهي، هاڻي اهڙي قسم جون ويب سائيٽس ماڻهن جي نفسيات، سوچن، احساسن، راين ۽ خيالن جو بهتر طريقي سان تجزيو ڪري سگهن ٿيون اهڙيءَ طرح مختلف قسم جون اپليڪيشنون ڪري ماڻهن کي سهولتون مهيا ڪن ٿيون. ڪمپيوٽيشنل لسانيات مصنوعي ذهانت ذريعي ناهيل روبوٽس ۽ ٻين اوزارن لاءِ پڻ اهم ڪم ڪري ٿي ڇاڪاڻ ته روبوٽس کي قدرتي ٻوليون سيکارڻ لاءِ انساني ٻولين جي گرائمر جي خبر هئڻ گهرجي. ان ڪانسواءِ روبوٽس کي ٻولين ۾ موجود احساسن، راين، جذبن، خيالن، مشورن وغيره کي سمجهڻ لاءِ ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ بنيادي ۽ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن ته جيئن ڪمپيوٽر ۽ روبوٽس صحيح طريقي سان ڪم ڪري سگهن ۽ ماڻهن جي سوچن ۽ پڇيل سوالن مطابق جواب ڏئي سگهن يا ڪم ڪري سگهن. هن وقت ڪمپيوٽر سائنس ۾ مختلف شعبن سان گڏ ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ تي تمام گهڻو تحقيقي ۽ ترقياتي ڪم ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ دنيا جي مختلف ٻولين کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ سان گڏ مختلف ٻولين جي بناوت يا ساخت کي به سمجهيو وڃي ٿو. تنهنڪري ٻولين جي ترجمي ڪرڻ، احساسن کي ڳولهڻ ۽ انهن جي لفظن يا متن جي تجزيي ڪرڻ، لفظن کي سمجهڻ ۽ ڄاڻ جي حصول ۾ آساني ٿئي ٿي. ان سلسلي ۾ انگريزي ٻوليءَ تي تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي جڏهن ته ساڄي پاسي کان لکندڙ ٻولين مان عربي ۽ اردو تي گهڻو ڪم ٿيو آهي. جنهن ڪري اهي ٻوليون موجوده دور ۾ ترقي ڪندڙ ٻوليون سڏيون وڃن ٿيون. سنڌي ٻولي دنيا جي پراڻين ٻولين مان هڪ ٻولي آهي جنهن جي بناوت، صرفيه (Morphology) ۽ گرائمر دنيا جي

ڪيترين ئي ٻولين ڪان شاندار ۽ شاهوڪار آهن پر ان ٻولي تي ماضي ۾ ڪمپيوٽر لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسنسگ Natural (Language Processing) جي حوالي سان تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي، جنهن ڪري هي ٻولي ڪمپيوٽر ايپليڪيشنس جي ٻولين جي فهرست ۾ گهٽ نظر اچي رهي آهي. ان ڪان سواءِ ڳولها جي نظام (Searching System)، ڇاڻ جي حصول (Information Retrieval) ۽ ترجمي واري نظام ۾ بہ پنتي رهي آهي. پر هن وقت سنڌي ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ تي بهتر طريقي سان ڪم ٿي رهيو آهي ان سلسلي ۾ ڪيترائي ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ جا اوزار(4) آن لائين ڪيا ويا آهن، جيڪي سنڌي ٻولي جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. اهي اوزار سنڌي ٻولي ۾ لڪجندڙ لفظن، جملن ۽ نشانين کي سمجهن ٿا، انهن کي جدا ۽ آزاد لفظن ۽ نشانين ۾ ظاهر ڪن ٿا، لفظن کي ڪائناتي گرائمر ۽ سنڌي گرائمر يا ويا ڪرڻ مطابق نشان لڳائين ٿا، لفظن کي ٽوڙي، انهن جون اڳاڙيون ۽ پڇاڙيون هٽائي انهن جا بنيادي لفظ ڪڍن ٿا جيڪي ڳولها جي نظام ۽ ڇاڻ جي حصول لاءِ اهم آهن، لفظن ۽ جملن مان ليما (Lemma) ڪڍن ٿا. ليما لفظ کي مڪمل ڪري پيش ڪن ٿا ۽ اهڙي طرح سنڌي متن يا جملن مان احساس ڳولهڻ ۾ مدد ڪن ٿا تہ جيئن انهن جو بهتر تجزيو ڪري معلوم ڪري سگهجي تہ اهي جملا مثبت آهن يا منفي يا نيوٽرل. ان ڪان سواءِ ليما ترجمي ڪرڻ واري اوزار يا نظام ناهڻ لاءِ پڻ اهم ۽ ضروري آهن، سنڌي ٻوليءَ لاءِ لفظن جو ڄار (Word net) پڻ ٺاهيو ويو آهي جيڪا حقيقت ۾ هڪ وڏي ڪاميابي آهي. اهڙي قسم جي تحقيق ۽ ترقي سان سنڌي ٻولي دنيا جي تحقيق جو موضوع بڻجي رهي آهي.ان تحقيق ۽ ترقي سان دنيا ۾ سنڌي ٻولي جو هڪ مقام ٺهيو آهي، جنهن ڪري سنڌي ٻولي عالمي سطح تي ٺهندڙ ٻولين جي گروھ ۾ شامل ٿي چڪي آهي. هي سمورا تحقيقي ڪم مون پنهنجي ڊاڪٽورل تحقيق (PH.D) ذريعي ڪيا آهن.

## لفظن کي گرائمر مطابق نشان لڳائڻ:

ٻولي ۾ لفظن جي سڃاڻپ گرائمر جي نشانن سان ٿئي ٿي. گرائمر جا نشان لفظن جي حالت کي ظاهر ڪن ٿا، ان لاءِ مختلف قسم جي ٻولين جي لفظن يا نشانن کي استعمال ڪيو ويجي ٿو. عالمي سطح تي لفظن کي نشان ڏيڻ لاءِ عالمي يا ڪائناتي گرائمر کي استعمال ڪيو وڃي ٿو. تنهنڪري سنڌي ٻولي کي عالمي سطح تي آڻڻ لاءِ سنڌي جملن ۾ موجود لفظن کي يونيورسل يا ڪائناتي ٻولين جي لفظن مطابق نشان لڳايا وڃن ٿا تہ جيئن لفظن کي صحيح طريقي سان سڃاڻي سگهجي. دنيا جي مختلف ٽري بينڪس (Tree Banks) جو مطالعو ۽ تجزيو دنيا جي مختلف ٻولين لاءِ عالمي يا يونيورسل نشانن جي اهميت کي ظاهر ڪن ٿا. هي عالمي ٻولين جا لفظ يا نشان دنيا جي مختلف ٻولين کي يونيورسل ڊپينڊينسي Universal (Dependency) تحت ترڪيب ڏين ٿا جنهن سان دنيا جون مختلف ٻوليون هڪ ٽري بينڪ (Tree Bank) تحت گڏيل ٿيون يا هڪ قسم جو گرائمر استعمال ڪن ٿيون. عالمي ٻولين جي لفظن جي اهميت کي محسوس ڪندي سنڌي ٻولي تي ڪمپيوٽيشنل لسانياتي تحقيق ۾ يونيورسل ٻولين جي لفظن کي استعمال ڪري ٿي تہ جيئن سنڌي ٻولي کي عالمي گرائمر مطابق ترڪيب ۽ تصريف ڏئي سگهجي ۽ ان کي قابل بڻائجي تہ جيئن اها ڪمپيوٽر ۽ لاڳاپيل ٽيڪنالاجين کي آساني سان سمجھ ۾ اچي سگهي. ان ڪانسواءِ ڪمپيوٽر ٽيڪنولوجي جي مختلف ڪمن لاءِ استعمال ٿي سگهي. مثال طور ترجمي لاءِ، مختلف قسم جي ڳولها لاءِ، جاڻ جي ڳولها لاءِ، احساسن جي ڳولها لاءِ، روبوٽ جي ٻولي بڻائڻ لاءِ ۽ وغيره وغيره ٽيبل 1 سنڌي ٻولين جي لفظن ۽ عالمي ٻولين جي لفظن کي ظاهر ڪري ٿي. ان ٽيبل ذريعي خبر پوي ٿي تہ سنڌي ۽ عالمي ٻولين جي لفظن ۾ ڪيترو فرق آهي. اهو فرق سنڌي گرائمر جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو. سنڌي ۽ عالمي ٻولين جي لفظن ۾ ٿورو فرق آهي جيڪو عالمي ٻولين جي لفظ پارٽ (part) جي ڪري ظاهر ٿئي ٿو. لفظ پارٽ بنيادي طور

پارٽيسيپل (Participle) آهي جيڪو عالمي گرائمر ۾ ناڪاري لفظن ۽ حرف اضافت لاءِ استعمال ٿئي ٿو. جڏهن ته سنڌيءَ ۾ ناڪاري لفظن لاءِ ظرف استعمال ٿئي ٿو. اهڙي طرح، حرف اضافت وارن لفظن کي ترڪيب اضافي ذريعي جملن ۾ ظاهر ڪجي ٿو. مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب سنڌي ويا ڪرڻ جي ڇاپي چوٿين جي صفحي 89 ۾ لکي ٿو ته اضافت يا ملڪيت ۽ واسطيداري ٻه گهٽ قسمن جي ٿئي ٿي ۽ انهيءَ ۾ هميشه حرف اضافت ڪم اچي ٿي. ترڪيب اضافت جي ڪري پنهنجي ملڪيت يا واسطيداري جي خبر پوي ٿي. مثال طور، منهنجو ڪتاب، اسلم جو قلم وغيره. سنڌي ۾ ناڪاري ۽ اضافي حالتن لاءِ علحده ڳالهائڻ جا لفظ استعمال ڪيا وڃن ٿا پر يونيورسل گرائمر ۾ هڪ ئي نشان استعمال ڪيو وڃي ٿو. ان هڪ نشان کان سواءِ سنڌي ڳالهائڻ جي لفظن ۽ يونيورسل گرائمر جي لفظن ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي. ان ننڍي فرق جي ڪري سنڌي ٻولي جي حيثيت اهم ٿي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ ته يونيورسل گرائمر جا ٻيا ڳالهائڻ جا لفظ سنڌي ٻولي جي ڳالهائڻ جي لفظن سان ملن ٿا. يونيورسل گرائمر ۾ هڪ لفظ ايڪس استعمال ڪيو ويو آهي جيڪو اهڙن لفظن کي نشان لڳائي ٿو جيڪي نامعلوم آهن يا انهن لفظن جي ويا ڪرڻ مطابق ڪا حيثيت نه آهي. جيئن ته يونيورسل گرائمر هڪ عالمي گرائمر آهي جيڪو دنيا جي سمورين ٻولين لاءِ ٺاهيو ويو آهي تنهنڪري ايڪس هڪ نشان رکيو ويو آهي ته جيئن ڪنهن اڻ سڃاتل لفظ کي به نشان ڏئي سگهجي. ان سان ڪمپيوٽر يا ڪنهن به قسم جي ڪمپيوٽرائزڊ مشين يا روبوٽس کي دنيا جي ڪنهن به ٻولي کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ٿي.

**ٽيبل 1 يونيورسل ۽ سنڌي ڳالهائڻ جي لفظن جا ٽيگ سيٽس يا نشان**

| سنڌي ڳالهائڻ جي لفظن جو ٽيگ سيٽ<br>Sindhi Part of Speech Tag set | ڳالهائڻ جي لفظن جو مڪمل نالو<br>Complete Name | يونيورسل ڳالهائڻ جي لفظن جو ٽيگ سيٽ<br>Universal Part of Speech Tag set |
|---|---|---|
| صفت | Adjective | ADJ |

| يونيورسل ڳالهائڻ جي لفظن جو ٽيگ سيٽ<br>Universal Part of Speech Tag set | ڳالهائڻ جي لفظن جو مڪمل نالو<br>Complete Name | سنڌي ڳالهائڻ جي لفظن جو ٽيگ سيٽ<br>Sindhi Part of Speech Tag set |
|---|---|---|
| ADP | Adposition | حرف جر |
| ADV | Adverb | ظرف |
| AUX | Auxiliary Verb | فعل معاون |
| CONJ | Conjunction | حرف جملو |
| DET | Determiner | ضمير اشارو |
| INTJ | Interjection | حرف ندا |
| NOUN | Noun | اسم |
| NUM | Number | صفت عددي |
| PART | Participle | ظرف (ناڪاري لفظ)، حرف اضافت |
| PRON | Pronoun | ضمير |
| PROPN | Proper Noun | اسم خاص |
| PUNCT | Punctuation | بيهڪ جون نشانيون |
| SCONJ | Subordinating conjunction | حرف جملو شرطيه |
| SYM | Symbol | نشانيون |
| VERB | Verb | فعل |
| X | Other | ٻيا يا نامعلوم |

ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي دنيا کي بدلائي رهي آهي. هن وقت دنيا جي ظاهري يا جسماني بناوت ورچولائيزيشن طرف وڃي رهي آهي جنهن ذريعي اڳتي هلي شايد دنيا جي هاڻوڪي بناوت به بدلجي وڃي. ان ترقيءَ ۾ دنيا جي ٻولين کي ڪمپيوٽرائزڊ ڪرڻ وارو قدم به هڪ اهم اڳيرائي آهي، ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي مختلف قسمن جون ٻولين ۽ پروگرام استعمال ڪري انساني يا قدرتي ٻولين جا مسئلا حل ڪري ٿي. ان سلسلي ۾ ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ تي تحقيق جاري آهي ته جيئن دنيا جي مختلف ٻولين جا لسانياتي ۽ ڪمپيوٽيشنل مسئلا حل ڪري سگهجن. هن وقت سڀ کان وڏيڪ ڪمپيوٽرائزڊ اثاثا انگريزي ۽ عربي ٻولين لاءِ موجود آهن

جيڪي سنڌي ٻوليءَ لاءِ گھڻا ڪارائتا نہ آھن ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ جي بناوت انھن ٻولين کان مختلف آھي. ھن مضمون جو مقصد سنڌي ٻوليءَ تي ڪمپيوٽيشنل لسانيات جي حوالي سان ٿيندڙ ڪم جو جائزو وٺڻ ۽ ان کي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ پيش ڪرڻ آھي تہ جيئن سنڌي ٻولي کي عالمي سطح تي تحقيق جو موضوع بڻائڻ سان گڏ يونيورسل گرائمر مطابق ترڪيب ڏيڻ ۽ ان جو تجزيو ڪرڻ لاءِ پيش ڪري سگھجي. سنڌي ٻوليءَ تي ڪمپيوٽيشنل لسانيات جي حوالي سان تمام گھٽ ڪم ٿيو آھي، ان سلسلي ۾ موٽلاڻي رويش (5) پنھنجي تحقيقي مقالي ۾ لکي ٿو تہ سنڌي ٻولي ڪمپيوٽر ٽيڪنولوجي جي حوالي سان ھڪ غريب ٻولي آھي جنھن تي ڪمپيوٽيشنل ٽيڪنالاجي جي حوالي سان گھٽ ڪم ٿيو آھي.

2015ع کان مون ڊاڪٽر عاصم امداد وڳڻ جي نگراني ۾ ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ جي گھرجن مطابق تحقيقي ڪم ڪري عالمي گھرجن مطابق خودڪار ڪمپيوٽرائزڊ نظام ٺاھيا آھن جيڪي سنڌي متن کي جدا جدا لفظن ۾ پيش ڪرڻ سان گڏ انھن لفظن کي يونيورسل ڳالھائڻ جي لفظن مطابق نشان لڳائين ٿا، ان سان گڏ سنڌي متن کي فقرن ۾ پڻ ورھائين ٿا(6). سنڌي ٻوليءَ جا لسانيات مطابق ڊيٽا سيٽ ٺاھيا آھن، جن ۾ سنڌي لفظن جا گرائمر مطابق نشان، صرفيہ صورتن مطابق حيثيت، فعل مطابق حيثيت، لفظن مان نڪرندڙ احساس وغيره شامل آھن. انھي ڊيٽا سيٽس(7) جي ڪري سنڌي ڪارپس تي قومي ۽ عالمي سطح تي تحقيق ڪرڻ جا دروازا کليا آھن. ھي تحقيق ھڪ خاص ماڊل ذريعي سنڌي ٻولي جا لسانياتي مسئلا ڪمپيوٽيشنل لسانيات جي اوزارن ذريعي حل ڪري ٿي، اھي اوزار خاص الگوريٿم ذريعي ٺاھيا آھن تنھنڪري ھي تحقيق مستقبل جي تحقيق لاءِ پڻ دروازا کولي ٿي تہ جيئن ھنن اوزارن ۽ طريقن کي استعمال ڪندي وڌيڪ بھتر نتيجا حاصل ڪري سگھجن. سنڌي ليماٽائزيشن (Lexmemorization) تي تحقيقي ڪم نہ ھجڻ جي برابر ٿيو آھي.

سنڌي ٻولي جي ٽيڪسٽ کي مختلف قسمن جي ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ جي مختلف عملن لاءِ پيش ڪيو ويو ته جيئن لفظن جي ڳولها، ترجمي ڪرڻ جي نظام، ڄاڻ جي حصول وغيره لاءِ انهن لفظن کي يعني ليما کي استعمال ڪري سگهجي(8). هاڻوڪي دور ۾ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ جي شعبي ۾ سڀ ڪان وڏيڪ ڪم احساسن کي ڳولهڻ، انهن کي ماپڻ ۽ انهن جي تجزيي تي ٿي رهيو آهي. ان سلسلي ۾ مشين يعني ڪمپيوٽر کي سکيا ڏئي ماهر ڪيو وڃي ٿو ته جيئن اهو ماڻهن جا احساس، رايا ۽ سوچون سمجهي انهن جو تجزيو ڪري سگهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ان موضوع تي ڪڏهن به ڪم نه ٿيو هو، پر مان ان ڪم کي اهم سمجهندي پهريون دفعو سنڌي ٻولي ۾ موجود احساسن ۽ راين تي ڪم ڪيو(9)، ته جيئن ڪمپيوٽر آساني سان سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود احساسن ۽ راين کي سمجهي سگهي ۽ انهن جو تجزيو ڪري سگهي اهڙيءَ طرح ڊجيٽل سماج سان گڏ هلي سگهجي. دنيا ۾ سياسي، سماجي ۽ واپاري ادارا احساسن کي ماپڻ وارن اوزارن ۽ طريقن کي اهميت ڏين ٿا ڇاڪاڻ ته ان ذريعي انهن کي خبر پوي ٿي ته ماڻهو انهن جي باري ۾ ڇا سوچي رهيا آهن.

ڪمپيوٽر سائنس ۾ منطق ۽ ميٿميٽيڪل ماڊلس کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي، ڇاڪاڻ ته ڪمپيوٽر ڳالهيون نه پر منطق ۽ ميٿميٽيڪل ماڊلس کي سمجهندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو ڪمپيوٽر جي پنهنجي ٻولي صرف ٻن انگن تي ٻڌل آهي جيڪي آهن 0 ۽ 1. سنڌي متن کي ترڪيب ڏيڻ، جملن ۾ لفظن ۽ نشانين کي علحده ڪرڻ لاءِ ڪجهه مخصوص قسم جا پرگرام ٺاهيا آهن. اهي پروگرام مختلف قسمن جي الگوريٿم ذريعي ٺاهيا آهن جيڪي ڪمپيوٽر کي هدايتون ڏين ٿا ته جيئن هُو سنڌي ٻولي جي متن کي سمجهي ان جو حل پيش ڪن. هر ڪم لاءِ عليحده الگوريٿم ٺاهيو آهي ته جيئن ڪمپيوٽر کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. انهن الگوريٿمس جي ڪري سنڌي ٻولي لاءِ ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج

پروسيسنگ تحت مختلف قسم جا اوزار ٺاهيا آهن جيڪي هن وقت به انٽرنيٽ تي سنڌي اين ايل پي جي ناليِ سان موجود آهن. اهڙي قسم جا اوزار هن وقت تائين دنيا جي ٿورين ٻولين لاءِ انٽرنيٽ تي موجود آهن، تنهنڪري انهن آن لائين اوزارن جي ڪري دنيا ۾ سنڌي ٻولي جي هڪ منفرد حيثيت ٺهي چڪي آهي، انهن اوزارن کي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ استعمال ڪري سنڌي ڪارپس تي تحقيق ڪئي وڃي ٿي، ان کان سواءِ مشين لرننگ (Machine Learning) ۽ ڊيپ لرننگ (Deep Learning) ذريعي ڪمپيوٽر کي ماهر ڪيو آهي ته هو سنڌي متن کي سمجهي سگهي جيڪو پڻ هڪ وڏو ڪم آهي. هن وقت دنيا ۾ مشين لرننگ ۽ ڊيپ لرننگ ذريعي ٻولين کي سمجهيو وڃي ٿو جيڪو هڪ ڪامياب طريقو آهي. ڪمپيوٽر مشين قدرتي ٻولين جي لفظن کي سڌي طريقي سان نه ٿي سمجهي بلڪ ڪجهه مخصوص ڪوڊ آهن جن جي ذريعي ڪمپيوٽر مختلف ٻولين جي لفظن کي سمجهي ٿو. تنهنڪري سنڌي ڪارپس يا لفظن جي ڀنڊار کي مختلف ويڪٽرس (Vectors) ۽ ميٽرائسز (Matrices) جي شڪل ۾ تبديل ڪيو آهي ته جيئن اڪيلي ۽ ڳنڍيل لفظن کي ويڪٽرس ۾ تبديل ڪري سگهجي ۽ ڪمپيوٽر کي سمجهائي سگهجي. هي هڪ مڪمل سائينٽيفڪ طريقو آهي جنهنڪري ڪمپيوٽر کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ ان ڪم ڪرڻ ۾ تمام گهڻيون ڏکيايون پيش اچن ٿيون ڇاڪاڻ ته مشين لرننگ ۽ ڊيپ لرننگ لاءِ جيڪي عمل ضروري آهن اهي سنڌي ٻولي لاءِ موجود نه آهن جڏهن ته اهي عمل انگريزي، فرينچ، عربي ۽ ڪجهه ٻين ٻولين لاءِ موجود آهن. انهن مسئلن کي ڏسندي سنڌي ٻوليءَ لاءِ علحده اهڙي قسم جا عمل ۽ طريقيڪار ٺاهيا آهن ته جيئن سنڌي ٻولي کي مشين لرننگ ۽ ڊيپ لرننگ تحت پروسس ڪري نتيجا حاصل ڪري سگهجن. تنهن ڪري اها پڻ هڪ وڏي سوڀ آهي جيڪا اڳتي سنڌي ٻولي تي ڪم ڪندڙن لاءِ آساني پيدا ڪندي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي عالمگير ٻولي بڻائڻ ۾ مدد ڏيندي. الگوريٿمس ۽ مشين لرننگ جي بنياد تي سنڌي

ٻوليءَ لاءِ ٺاهيل اوزار سنڌي متن کي بهتر طريقي سان پروسيس ڪن ٿا ۽ سٺا نتيجا ڏين ٿا. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻولي جا ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ سان واسطو رکندڙ مسئلا حل ٿين ٿا.

## سنڌي لفظن جو ڀنڊار يا ڪارپس

ڪارپس ٻولين جي سڃاڻپ هوندو آهي. ڪارپس ذريعي ٻولين جي حيثيت ۽ انهن جي ڳوڙهي (Deep) هجڻ يا شاهوڪار هجڻ جي خبر پئجي ويندي آهي. ڪمپيوٽر سائنس ۾ ڪارپس جي تمام گهڻي اهميت آهي ڇاڪاڻ ته ڪارپس ذريعي ئي وڏيڪ تحقيق، سائنسي، سماجي ۽ لسانياتي تجزيا وغيره ڪري سگهجن ٿا. ان ڪان سواءِ انفرميشن رٽريول يا معلومات جو حصول ۽ ترجمي جا ڪم به ڪارپس ذريعي ڪيا ويندا آهن. هن وقت تائين سنڌي ٻوليءَ جا عام ڪارپس، لسانياتي ڪارپس، احساسات معلوم ڪرڻ وارا ڪارپس، سائينٽيفڪ ڪارپس، تاريخي ڪارپس، ڪهاڻين ۽ مضمونن جا ڪارپس وغيره ٺاهيا آهن، انهن لفظن جي ڀنڊارن کي استعمال ڪندي ڪيترائي تحقيقي مقالا ڇپجي چڪا اهن. اهڙيءَ طرح خودڪار لسانياتي ڪارپس ٺاهڻ جا اوزار پڻ ٺاهيا آهن جيڪي سنڌي متن کي وجهڻ سان پاڻيهي لسانياتي ڪارپس ٺاهيندا. ڪيترائي تحقيقي مقالا جيڪي سنڌي ڪارپس ٺاهڻ جي طريقن ۽ ان جي تجزيي تي دنيا جي بهترين تحقيقي جرنلس ۾ ڇپجي چڪا آهن جيڪي مستقبل ۾ ٿيندڙ تحقيق کي وڏيڪ ترقي ڏيارڻ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي ٽيڪنالاجي جي ٻولي بڻائي رهيا آهن(10).

## سنڌي لفظن جو ڄار يا ورڊ نيٽ

ورڊ نيٽ يا لفظن جو ڄار موجوده دور جو نيچرل لينگوئج پروسسنگ جي حوالي سان گهڻي اهميت رکندڙ تحقيقي ۽ ڊولپمينٽ وارو ڪم آهي جيڪو لفظ ۽ ان جو ڳانڍاپو ٻين لفظن سان ظاهر

ڪري ٿو. ورڊ نيٽ اسم، صفت، فعل ۽ ظرف وارن لفظن ڪي استعمال ڪري انهن جا مختلف قسم جا ڳانڍاپا (Relations) پيدا ڪندي آهي جنهن ذريعي ساڳي معنىٰ رکندڙ لفظن کي ڳنڍيو وڃي ٿو. انهن ڳانڍاپن کي هائپرنم (Hypernym) ۽ هائپونم (Hyponym) چئجي ٿو. مثال طور فرنيچر هائپرنم آهي جنهن جو رشتو يا تعلق يا ڳانڍاپو انهن سڀني شين سان ٿي سگهي ٿو جيڪي ان جي ڪيٽيگري ۾ اچن ٿا جيئن ڪرسي، ميز، صوفہ، الماري وغيره. يا لفظ رنگ هاپئرنم آهي جنهن جو رشتو يا تعلق نيري، نارنگي، ڳاڙهي، پيلي يا ڦڪي، ناسي، سائي يا ٻئي ڪنهن رنگ سان ٿي سگهي ٿو. اهڙي طرح ڪنهن بہ اسم، صفت، فعل ۽ ظرف جا ڳانڍاپا يا تعلق پيدا ڪري سگهجن ٿا. اهي ڳانڍاپا يا رشتا دنيا جي سمورين ٻولين جي ساڳي معنىٰ رکندڙ لفظن يعني اسم، صفت، فعل ۽ ظرف سان پيدا ٿين ٿا. ان کان سواءِ لفظن جو تعلق يا رشتو ميرونم (Meronym) ذريعي بہ جوڙيو وڃي ٿو. ميرونم لفظ يا ڪيٽيگري لفظ جا لاڳاپيل حصا ۽ انهن جي وچ ۾ تعلق کي ظاهر ڪري ٿو. مثال طور لفظ ڪرسي جا اندروني يا لاڳاپيل حصا پاڻ ۾ گهرو تعلق پيدا ڪن ٿا. ڪرسي جو تعلق ان جي اهم حصن ويهڻ واري جاءِ، ٽنگن، ٻانهن رکڻ واري جاءِ ۽ ٽيڪ ڏيڻ واري جاءِ سان ٿئي ٿو يا گل جو جو رشتو يا تعلق ان جي پنکڙين، روٽ، اسٽيم سان ٿئي ٿو. ان کان سواءِ اسم، فعل، صفت، ظرف جا اهڙي قسم جا تعلق يا رشتا پيدا ٿين ٿا جيڪي لفظن کي وڌائيندا وڃن ٿا جنهن سان ٻولي ۾ موجود لفظن جو خزانو ظاهر ٿئي ٿو. ورڊ نيٽ تي سڀ کان پهرين انگريزي زبان لاءِ پرنسٽن يونيورسٽي جي ڪوگنيٽو ليبارٽري ۾ 1985 ۾ ڪم شروع ڪيو ويو جنهن کي انگريزي زبان جي لفظن جو وڏو ڊيٽابيس چيو وڃي ٿو. اهو هڪ اهڙو اوزار آهي جنهن ذريعي دنيا جي سمورين ٻولين کي پاڻ ۾ هڪ جهڙي معنىٰ رکندڙ لفظن ذريعي ڳنڍيو وڃي ٿو. مثال طور انگريزي ٻولي جو لفظ لو (Love) سنڌي ٻولي جي لفظ پيار، الفت، محبت سان ڳنڍيو ويو آهي. دنيا جي ترقي ڪندڙ ٻولين پنهنجي ٻولين لاءِ ورڊ نيٽ ٺاهي پنهنجي ٻولين کي عالمي سطح تي

پهچائي ڇڏيو آهي. تازو 2017ع ۾ پنجابي ٻولي جو ورڊ نيٽ هڪ تحقيقي ڪانفرنس ۾ پيش ڪيو ويو. 2016ع ۾ سنڌي ورڊنيٽ تي ڪم شروع ڪيو ۽ 2017ع ۾ اهو پروجيڪٽ تيار ٿي ويو جنهن ڪري سنڌي ٻولي دنيا جي ترقي يافته ٻولين جي گروهه ۾ شامل ٿي وئي. پر حڪومتي ۽ لاڳاپيل ادارن جي سهڪار نه هجڻ جي ڪري سنڌي ورڊ نيٽ ۾ لفظن جو تعداد وڌي نه سگهيو آهي ڇاڪاڻ ته اهو هڪ اهڙو پروجيڪٽ آهي جنهن لاءِ لغت جي ماهرن ۽ ڪمپيوٽر آپريٽرس جي مدد گهربل هوندي آهي. انهن مشڪلاتن جي هوندي به سنڌي ٻولي جي ورڊ نيٽ جي بنيادي ساخت ٺاهي وئي آهي جيڪا پنهنجي وسيلن مطابق بهتر ڪم ڪري رهي آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ قدرتي ٻولين جي عالمي سٽ ۾ شامل ٿي وئي آهي. جيڪڏهن سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو ۽ سنڌ حڪومت تعاون ڪن ته سنڌي ورڊ نيٽ کي سنڌي جو وڏي ۾ وڏو آن لائين ڊيٽابيس ٺاهي سگهجي ٿو جيڪو سنڌي ٻولي کي دنيا جي ٻين ٻولين سان ڳنڍي ان کي عالمي ٻولي جي حيثيت ڏياريندو.

## سنڌي ليما

ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۾ ليما (Lemma) ان عمل کي چون ٿا جنهن ۾ لفظ کي ان جي منفرد صورت ۾ ظاهر ڪيو وڃي ٿو. لفظ جون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ختم ڪري ان کي اصلي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو مثال لفظ ڄاڻ ليما آهي پر لفظ اڻڄاڻ ليما نه آهي. اهڙي طرح لفظ اچ ليما آهي پر لفظ اچڻ يا اچي ليما نه آهن. ان سلسلي ۾ 2016ع ۾ ئي مون پنهنجي تحقيق وسيلي هڪ الگوريٿم ٺاهي سنڌي ليما جو ڪمپيوٽرائزڊ پروگرام ٺاهيو هو. اهو ڪم پڻ پهريون پيرو سنڌي ٻوليءَ لاءِ ٿيو هو. ان پروگرام کي آن لائين ڪيو آهي جنهن جي بنياد تي ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيا ويا آهن ۽ اڳتي بيا ڪيترا ئي لکيا ويندا. اهي تحقيقي مقالا قومي ۽ بين الاقوامي تحقيقي جرنلس ۾ ڇپجي چڪا آهن. هي ڪم سنڌي ٻوليءَ کي ترقي ڏياري دنيا جي

ترقي يافتہ ٻولين جي گروه ۾ شامل ڪرائي ٿو.

## سنڌي اسٽيمنگ يا سنڌي لفظ جو بنياد

انفرميشن رٽريول يا معلومات جي حصول، ڪمپيوٽيشنل لسانيات، نيچرل لينگوئج پروسسنگ ۽ آرٽيفيشل انٽيليجنس يا مصنوعي ڏاهپ ۽ سرچ انجنس يا ڳولها جي نظام لاءِ اسٽيمنگ جي تمام گهڻي اهميت آهي. ڪنهن بہ لفظ ڪي ان جي بنياد ذريعي آسانيءَ سان ڳولهي يا ان جو تجزيو ڪري سگهجي ٿو. ٽنهنڪري اسٽيمنگ جي اهميت کي محسوس ڪندي 2017ع ۾ مون پنهنجي تحقيق ذريعي هڪ الگوريٿم ٺاهيو جنهن ذريعي سنڌي لفظن کي ٽوڙي، ان جون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون هٽائي ان جي بنياد کي ظاهر ڪيو ويجي ٿو، هن الگوريٿم تي ٻہ تحقيقي مقالا شايع ٿي چڪا آهن. ليما ۽ اسٽيمنگ ۾ فرق اهو آهي تہ ليما لفظ کي مڪمل گرائمر مطابق ظاهر ڪندو آهي جڏهن تہ اسٽيمنگ ذريعي نڪرندڙ لفظ جي حصي جو گرائمر مطابق ڪو خاص معيار نہ هوندو آهي. سنڌي ٻولي ۾ ڪيترائي لفظ آهن جيڪي لفظ جو بنياد بہ ظاهر ڪندا آهن تہ ليما بہ. جڏهن تہ ڪن لفظن جو بنياد اهڙو هوندو آهي جن جي ڪا معنیٰ نہ نڪري سگهندي آهي، نہ ئي انهن کي گرائمر ذريعي ظاهر ڪري سگهبو آهي.

## سنڌي متن مان احساسن جو تجزيو

احساس ماڻهن جي جذبن، سوچن، پسند، ناپسند، مشورن ۽ راين کي ظاهر ڪندا آهن. دنيا ۾ هن وقت سڀ کان وڌيڪ ڪم احساسن جي تجزيي تي ٿي رهيو آهي ڇاڪاڻ تہ پوري دنيا کي ڊجيٽل مارڪيٽ بڻايو ويو آهي ۽ اڪثر واپاري ڪمپنيون پنهنجا وکر آن لائين وڪڻي رهيون آهن، ايتري تائين جو ڪاڏي پيتي جا سامان بہ آن لائين وڪرو ڪيا وڃن ٿا. ان لاءِ ماڻهن جي راءِ جي تمام گهڻي اهميت آهي. احساسن کي ماپڻ جو نظام ماڻهن جي راءِ، جذبن، احساسن وغيره کي ماپي ٿو ۽ هڪ رپورٽ جاري ڪري ٿو. ان رپورٽ

ذريعي خبر پوي ٿي تہ ڪيترا ماڻهو انهن وڪرن کي پسند ڪن پيا ۽ ڪيترا نہ پيا ڪن. اهو نظام سياستدانن، سماجي ڪم ڪندڙن ۽ مختلف ادارن لاءِ پڻ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ان لاءِ 2017ع ۾ مون سنڌي متن مان احساسن کي ڳولهي انهن جو تجزيو پيش ڪرڻ لاءِ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ ذريعي الگوريٿم ٺاهيا جن ذريعي ڪمپيوٽرائيزڊ اوزار ٺاهيا، اهو ڪم سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ پهريون پيرو ٿيو. احساسن جو تجزيو ٻڌائي ٿو تہ اسان جي لکيل متن ۾ اسان جا احساس مثبت آهن، منفي آهن، نيوٽرل آهن يا رليل مليل يا گڏيل آهن. انهي ڪم لاءِ ڪمپيوٽر کي الگوريٿم ۽ ماڊل ذريعي سمجهائي ماهر ڪيو ويو آهي تہ جيئن هو سنڌي متن مان احساسن کي سمجهي سگهي. هاڻي ڪمپيوٽر سنڌي متن مان احساسن کي ماپي انهن جو تجزيو ڪري ٿو جيڪو سڄي دنيا جي آڏو پيش ڪيو ويو آهي. ان اوزار جي ڪارڪردگي کي ماپڻ لاءِ مشين لرننگ ۽ ڊيپ لرننگ ماڊلس کي استعمال ڪندي ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيا ويا آهن جيڪي دنيا جي تحقيقي جرنلس ۾ ڇپيا ويا آهن. نيچرل لينگوئج پروسيسنگ جي شعبي ۾ دنيا ۾ ٽيندڙ موجوده تحقيق گهڻو ڪري متن يا ٽيڪسٽ مان خاص فيچر يا خوبيون يا خاصيتون ڳولهي، انهن سان لاڳاپيل احساسن جو تجزيو ڪرڻ آهي. ان جو فائدو سياستدانن، مختلف ڪمپنيون جيڪي وڪر يا پروڊڪٽ وڪڻن ٿيون ۽ هوٽلن، اسپتالن وغيره کي ٿئي ٿو. اڄڪلهہ سماجي رابطن جي ويبسائيٽس تي مختلف وڪرن تي اهڙي قسم جا ڪوڙ سارا رايا ڏنا وڃن ٿا. مثال طور فلاڻي موبائيل فون جي بيٽري سٺي آهي پر اسڪرين خراب اٿس، هاڻي بيٽري يا اسڪرين موبائيل فون جا فيچر يا حصا آهن جڏهن تہ صفت طور استعمل ٿيندڙ لفظ ماڻهن جا احساس ظاهر ڪن ٿا. سنڌي ٻولي ۾ ٿيندڙ هن ڪم سنڌي ٻوليءَ کي عالمگير سطح تي ٿيندڙ تحقيق جو حصو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ عالمگيريت جي گهرجن کي پورو ڪيو آهي. تنهنڪري سنڌي ٻولي تي نيچرل لينگوئج پروسيسنگ ۽ ڪمپيوٽيشنل لسانيات جي حوالي سان تحقيق ٿيڻ شروع ٿي وئي

آهي. مختلف قسم جا ڪارپس پڻ ٺاهيا ويا آهن جن کي هڪ خاص عمل ذريعي پروسس ڪيو ويجي ٿو ۽ انهن مان احساس ۽ انهن جي پولارٽي (Polarity) ڪڍي ويجي ٿي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جو پڻ ڪارپس ٺاهيو آهي جنهن ذريعي شاهه سائين جي احساسن ۽ جذبن کي ماپيو ويو آهي ۽ مستقبل ۾ وڌيڪ ماپي سگهجي ٿو. ان سان خبر پئجي ٿي ته شاهه سائين جا شعر لکڻ وقت جذبا ۽ ڪيفيتون ڪهڙيون هيون ۽ ان جي شاعري ۾ موجود احساسن جي ليول يا سطح ڪيتري مثبت يا منفي يا نيوٽرل آهي. ان سلسلي ۾ 2019ع ۾ سراج انسٽيٽيوٽ آف لينگوئجز طرفان ٿيندڙ شاهه سائين تي ڪانفرنس ۾ مون هڪ تحقيقي مقالو پيش ڪيو هيو. جنهن ۾ شاهه سائين جي مختلف سرن جي مختلف شعرن جو لسانياتي تجزيو ڪري انهن شعرن مان احساس ۽ شاهه سائين جا جذبا ۽ مختلف قسم جون ڪيفيتون معلوم ڪيون هيون. اها تحقيق پنهنجي نوعيت جي منفرد تحقيق آهي جنهن ذريعي سنڌي ٻولي ۽ شاهه سائين جي شاعري ۽ فڪر کي عالمي سطح تي جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ ذريعي پيش ڪيو ويو آهي. انهن اوزارن ۽ ماڊلس تي وڌيڪ ڪم ڪري شاهه سائين جي فڪر کي نئين ۽ جديد طريقي سان عالمي سطح تي آڻي سگهجي ٿو.

## سنڌي ٽيڪسٽ پارسر

ٽيڪسٽ پارسرهڪ ڪمپيوٽرائيزڊ پروگرام آهي جيڪو ڪنهن به ٻولي جي متن کي ٽڪرن ۾ ورهائي ان کي گرائمر مطابق ظاهر ڪري ٿو. جنهن سان لفظ يا ڪنهن به ٻيهڪ جي نشاني جي سڃاڻپ آساني سان ٿي سگهي ٿي، ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن کي آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو پر ڪمپيوٽر کي ان لفظ کي سمجهڻ ڏکيو هوندو آهي. سنڌي متن جي پارسنگ (Parsing) ڪرڻ لاءِ ڪمپيوٽر کي هدايتون ڏئي ماهر ٻڌايو آهي، انهن هدايتن موجب، سنڌي ٽيڪسٽ پارسر سپ ڪان پهريان سنڌي متن کي ساڄي پاسي

ڪري ان جو اسٽائيل بدلائي ٿو ڇاڪاڻ تہ اسان وٽ سنڌي ساڄي پاسي کان لکي وڃي ٿي، ان کان پوءِ متن کي علحده لفظن ۽ نشانين ۾ ظاهر ڪري ٿو. هن عمل ذريعي سنڌي متن کي ٽوڙي انهن کي جدا جدا لفظن ۽ نشانين ۾ ظاهر ڪرڻ سان گڏ ترتيبوار نمبر پڻ لڳايا وڃن پيا تہ جيئن لفظن جي جڳهہ معلوم ٿي سگهي، ان عمل سان لفظ جي بناوٽ جي خبر پوي ٿي جيڪا ڳاڻيٽي ۾ پڻ ڪم اچي ٿي. ڪمپيوٽر ڪنهن بہ متن ۾ موجود لفظن ۽ نشانين جي تعداد کي آساني سان ٻڌائي سگهي ٿو، اهڙي طرح ڪمپيوٽر کي لفظن کي گرائمر مطابق نشان لڳائڻ ۾ پڻ آساني ٿئي ٿي. ڳولها جي نظام ۾ پڻ هي طريقو مددگار ٿئي ٿو جنهن ذريعي گوگل يا ٻين ڳولها جي نظامن ۾ ڳولها ڪرڻ آسان ٿئي ٿي. ان کانپوءِ سنڌي لفظن کي عالمي گرائمر جي ڳالهائڻ جي لفظن مطابق نشان لڳايا وڃن پيا. لفظن کي خودڪار نظام ذريعي صحيح نشان لڳائڻ حقيقت ۾ الگوريٿم جي بنياد تي ناهيل اوزارن جي ڪم کي صحيح ثابت ڪريٿو. سنڌي لفظن کي نشان لڳائڻ سان لفظن جي سڃاڻپ آسان ٿئي ٿي جنهن ڪري ڪمپيوٽر سنڌي لفظن کي سڃاڻي انهن کي مختلف قسم جا جملا ناهڻ ۽ ترجمي ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿو. ان کانسواءِ ڪمپيوٽر انهن لفظن جي احساسن کي ڳولهڻ، ڇاڻ کي حاصل ڪرڻ ۽ مختلف قسم جي ڳولها جي نظام لاءِ پڻ استعمال ڪري سگهي ٿو.

عالمي گرائمر جو مقصد دنيا جي سمورين ٻولين کي هڪ گرائمر تحت ڳنڍڻ ۽ انهن کي نشان ڏيڻ آهي. سنڌي ٻولي کي عالمي گرائمر جي ڳالهائڻ جي لفظن سان جوڙيو ويو آهي تنهنڪري يونيورسل ڊيپينڊنسي (Universal Dependency) جي پروسس ۾ سنڌي ٻولي کي آڻڻ ڪو گهٽو ڏکيو ڪم نہ آهي، يونيورسل ڊيپينڊنسي عالگيريت جي لاءِ اهم آهي، ان سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ تي بہ يونيورسل ڊيپينڊنسي جي اصولن ۽ گهرجن مطابق ڪم ڪيو ويو پيو. انهن سڀني عملن کي پيش ڪرڻ جو مقصد سنڌي ٻولي جي ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ جي حوالي

سان مسئلا حل ڪرڻ هيو تہ جيئن سنڌي ٻولي يونيورسل ڊيپنڊنسي يا ڪائناتي انحصار جي سرشتي ۾ شامل ٿي سگهي. تحقيق ذريعي حاصل ٿيندڙ نتيجا سنڌي ٻولي لاءِ ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ مطابق ناهيل اوزارن ۽ الگوريٿمس جي نتيجن کي بهتر ثابت ڪن ٿا. الگوريٿمس ۽ لسانياتي اوزار سنڌي ٻولي جي ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ نيچرل لينگوئج پروسيسنگ جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. اهڙي طرح مستقبل ۾ انهن الگوريٿمس ۽ اوزارن تي وڌيڪ ڪم ڪري انهن کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ٿو.

سنڌي ٻولي تي هن وقت ڪمپيوٽيشنل لسانيات جي حوالي سان اهو سڀ ڪم ٿي چڪو آهي جيڪو مٿي بيان ڪري آيو آهيان. انهيءَ ڪم جي دنيا ۾ تمام گهڻي اهميت آهي جيڪا اهميت اسان وٽ گهٽ محسوس ڪئي وڃي ٿي. هي ڪم جيڪو محدود انداز ۾ هن ڪتاب ۾ پيش ڪيو آهي سو مڪمل ڪم جو هڪ ننڍڙو تعارف آهي. سنڌي ڪارپس يا لفظن جي ڀنڊار کي سنڌي ويا ڪرڻ ۽ عالمي ويا ڪرڻ مطابق بہ ناهيو ويو آهي تہ جيئن دنيا جا ادارا جيڪي ٻولين تي تحقيق ڪن ٿا، وڌيڪ تحقيق ڪري ٻولي کي سمجهي سگهن ۽ سنڌي زبان ۾ لکيل ڊيٽا يا ڪارپس کي استعمال ڪري نوان رايا قائم ڪري سگهن. سنڌي ٻولي جي اها خاصيت رهي آهي تہ دنيا جي مختلف ٻولين جي لفظن کي پاڻ ۾ جذب ڪري پنهنجو بڻائي ڇڏي ٿي جيڪا ٻين ٻولين ۾ گهٽ آهي تنهنڪري سنڌي ٻولي تي جيڪڏهن وڌيڪ لسانيات جي حوالي سان کوجنا ٿئي تہ هي ٻولي هڪ عالمي رابطن جو اوزار بڻجي سگهي ٿي.

پاڪستان ۾ روزانو ڪيترين ئي سنڌي اخبارون ۽ رسالا ڇپجي رهيا آهن. ڪيترائي سنڌي چينل هلي رهيا آهن. اهي سڀ ذريعا ٻولي کي ترقي ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، انهن ذريعن جي ڪري سنڌي ٻولي دنيا ۾ سڃاتي وڃي ٿي ۽ تحقيق جو موضوع بڻجي رهي آهي. تنهنڪري اسان سڀني کي اها سوچ ختم ڪرڻ

گهرجي تہ ڪو اسان پنتي پيل قوم آهيون يا اسان جي ٻولي پنتي پيل ٻولي آهي. بلڪ اسان دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين کان ڪمپيوٽيشنل لسانيات جي حوالي سان اڳتي آهيون ۽ دنيا جا لسانياتي ماهر سنڌي ڪارپس جي گهر ڪري رهيا آهن تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ کي عالمي سطح تي تحقيق لائق بڻايو وڃي.

مٿيون ڪم سنڌي ٻولي جي اهميت، افاديت ۽ ترقي کي جديد دور يا عالمگيريت جي گهرجن مطابق پيش ڪري رهيو آهي جنهن جا سنڌي سماج ۽ ٻولي سان گڏ پوري دنيا تي مثبت اثر پئجي رهيا آهن. جيتوڻيڪ ٽيڪنالاجي جي سطح تي سنڌي ٻولي تمام گهڻي ترقي ڪري رهي آهي پر اندروني طور پُٺ تي وڃي رهي آهي جنهن ڪري سنڌي ٻولي جي وجود تي ڪجهہ منفي اثر پئجي رهيا آهن. سنڌي ٻولي تي جيڪي منفي اثر پئجي رهيا آهن اهي وري سنڌي ٻولي کي ختم ڪرڻ يا ماري ڇڏڻ جي عمل ۾ مدد ڪري رهيا آهن. اهي اثر ٻين ٻولين، ثقافتن، عالمگيريت ۽ ٽيڪنالاجي جي ڪري ۽ انهن کان متاثر ٿيڻ جي ڪري ٿين ٿا. اهي اثر سنڌي ٻوليءَ ۾ تبديلي جو سبب بڻجي رهيا آهن جيڪي اڳتي هلي ٻولي کي وڏو نقصان بہ ڏئي سگهن ٿا، انهن اثرن مان ڪجهہ اثر هت بيان ڪجن ٿا.

(1) عالمي سطح تي ڳالهائيجندڙ ٻولين کي سنڌي ٻولي کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ جنهن ڪري سنڌي ٻولي وڏن شهرن خاص ڪري اسڪولن ۽ آفيسن مان ختم ٿيندي پئي وڃي.

(2) احساس ڪمتري ۽ عالمي سطح تي اڀرڻ لاءِ ٻين ٻولين کي پنهنجي مادري ٻولي سنڌي کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ

(3) پنهنجي ٻارن کي ڪيمبريج سسٽم واري تعليم ڏيڻ لاءِ اهڙن اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ جتي سنڌي ٻولي نٿي پڙهائي وڃي ۽ انهن اسڪولن جي گهرجن جي ڪري پنهنجي ٻارن سان ڌارين ٻولين ۾ ڳالهائڻ.

(4) سماجي رابطن وارن اوزارن ۽ ويب سائيٽس تي پنهنجي دوستن ۽ خاندان کي نياپا موڪلڻ لاءِ سنڌي ٻولي جو استعمال نہ ڪرڻ

بدران ٻين ٻولين ۾ لکڻ.

(5) روزاني ڳالهه ٻولهه ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال گهٽ ڪرڻ.

(6) گهرياتين ۽ دوستن سان سنڌي ٻولي ۾ نه ڳالهائڻ

(7) محفل يا ڪچهري ۾ ڪنهن ڌاريي ماڻهو جي هجڻ جي ڪري پنهنجي ٻوليءَ ۾ نه ڳالهائڻ

(8) بازار ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جاءِ تي ڌارين ٻولين ۾ ڳالهائڻ ۽ سامان وغيره جو ڪمپيوٽرائزڊ بل ٻين ٻولين ۾ هجڻ.

(9) مختلف قسم جي سامانن ۽ وڪرن تي ڏنل هدايتون سنڌي ٻولي نه هجڻ ايتري تائين جو دوائون جيڪي زندگيءَ سان لاڳاپيل آهن انهن جي استعمال جي باري ۾ هدايتون به سنڌيءَ ۾ نه ٿيون هجن.

اهي اهڙا عمل آهن جيڪي سنڌي ٻولي ۽ قوم لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهن ٿا. دنيا ۾ جيڪي ٻوليون ختم ٿي ويون آهن يا مري ويون آهن انهن جي ختم ٿيڻ جا ڪجهه اهڙا ئي سبب رهيا آهن جيڪي اسان کي ضرور سمجهڻ گهرجن. اهي اهڙا سبب آهن جيڪي ٻوليءَ کي موت ڏين ٿا يا ختم ڪري ڇڏين ٿا. ٻولي جو خاتمو اصل ۾ قوم جو خاتمو هوندو آهي. ڪنهن به قوم جا ٻار، ان قوم جي ٻوليءَ جا نگهبان هوندا آهن. جيڪڏهن ٻار ٻيءَ ٻولي ڳالهائيندا ته پوءِ اڳتي هلي اها ٻولي ختم ٿي ويندي. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ حڪومت سان گڏ ٻولي تي ڪم ڪندڙ ادارا، تحقيق ڪندڙ فرد، سماجي ميڊيا، اخبارون، ٽي وي چينل، سياسي، سماجي رهنما، ورڪر وغيره ۽ والدين گڏيل ڪوشش ڪن ۽ ڪي ٺوس قدم کڻن. ان سان گڏوگڏ ٻارڻ کي مطمئن ڪرڻو پوندو ته سنڌي ٻولي به ايتري ئي اهم ۽ شاندار ٻولي آهي جيتريون دنيا جون ٻيون ٻوليون اهم ۽ شاندار آهن. جيتوڻيڪ اقوام متحده ان ڳالهه تي زور ڏئي رهي آهي ته ٻارن کي انهن جي مادري ٻولين ۾ پڙهايو وڃي ته جيئن دنيا جون ٻوليون گهڻي عرصي تائين زنده رهي سگهن پر دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين جيئان سنڌي ٻوليءَ تي به اقوام متحده جي

خواهش ۽ صلاحن مطابق ڪم نہ ٿي رهيو آهي. سنڌي ٻولي جي مهندار شاعر ۽ مفڪر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ پنهنجي شاعري ذريعي سنڌي ماڻهن کي پنهنجي ٻولي سان محبت ڪرڻ ۽ ڳالهائڻ تي زور پريو آهي ۽ خبردار ڪيو آهي تہ پنهنجي ٻولي ڳالهائڻ کان سواءِ توهان نہ رڳو پنهنجي حيثيت ۽ سڃاڻپ ختم ڪري ويهندا پر ڌارين جا غلام پڻ ٿي ويندا. پاڻ فرمائين ٿا تہ

جي تون فارسي سکئين، گولو توءِ غلام،
اجيو تان آب گهري، بکيو تان طعام،
جو ٻَڌو ٻن ڳالهئين، سو ڪيئن چائي جام؟
ايءُ عامن سندو عام، خاصن منجهان نہ ٿئي

حقيقت اها آهي تہ شاهہ سائين جو سمورو ڪلام سنڌي ٻوليءَ جي مختلف خوبين کي اُجاگر ڪري ٿو، ڪٿي ٻوليءَ جي لفظن جي حوالي سان تہ ڪٿي نون اصطلاحن ۽ لهجن جي حوالي سان. پر هاڻوڪي دور ۾ شاهہ سائين ۽ ٻين سنڌي ڏاهن، مفڪرن، اديبن وغيره جي صلاحن کي عوام ۽ ادارن طرفان نظر انداز ڪيو پيو وڃي. سنڌ ۾ موجود خانگي اسڪولن ۾ اقوام متحده جي صلاح جي باوجود بہ ٻارن کي تعليم انگريزي ۽ اردو ۾ ڏني پئي وڃي جنهن سبب سنڌي ٻار سنڌي نہ پڙهي رهيا آهن، اهڙي طرح انهن اسڪولن ۾ پڙهندڙ سنڌي ٻارن کي سنڌي لکڻ يا پڙهڻ ڪونہ پيو اچي. جڏهن اهي وڏا ٿيندا تہ اهي سنڌي نہ لکي سگهندا ۽ نہ ئي وري پڙهي سگهندا، اهڙي طرح انهن جو اولاد سنڌي لکي ۽ پڙهي نہ سگهندو بلڪ ڳالهائي بہ نہ سگهندو تنهنڪري اهو عمل وڏن شهرن ۾ سنڌي ٻولي جي ختم ٿيڻ جي گهنٽي وڄائي رهيو آهي. اهي سنڌي خاندان جيڪي پاڪستان کان ٻاهر ٻين ملڪن ۾ رهي رهيا آهن انهن سان بہ ساڳيا ئي مسئلا آهن. انهن مان اڪثريت جو اولاد بہ سنڌي ڪونہ پيو پڙهي تنهنڪري هو بہ ڪا سنڌي لکت نٿا پڙهي سگهن. اسان ان خوشفهمي ۾ آهيون تہ سنڌي ٻوليءَ جو لکت ۾ تمام گهڻو مواد آهي ۽ اسان سڀ سنڌي

ڳالهائي رهيا آهيون. اهڙي طرح ٽيڪنالاجي جا اوزار به سنڌي ٻولي کي استعمال ڪري رهيا آهن پر جڏهن ڪوبه سنڌي پڙهي ئي ڪون سگهندو يا لکي ئي ڪون سگهندو ته پوءِ اهو مواد ڪهڙي ڪم جو رهندو. مثال هڪ ڪتاب ڇپيو هجي پر ان جي لکت کي ڪوبه سمجهي نه سگهي، يا ان لکت کي ڪوبه پڙهي نه سگهي ته اهو ڪتاب ڪهڙي ڪم جو. تنهنڪري جيستائين اسان جي پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم مڪمل سنڌي ٻولي ۾ نه ڏني ويندي، اسپتالن، زرعي شعبن، تعلقي ۽ ضلعي آفيسن ۾ لکت سنڌي ٻولي ۾ نه ڪئي ويندي ۽ سنڌ حڪومت طرفان سنڌ ۾ موجود ادارن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ خط وڪتابت نه ڪئي ويندي تيسيتائين سنڌي ٻولي خطري ۾ ئي رهندي. گهڻن ماڻهن جو اهو به خيال آهي ته جن ٻولين جي پنهنجي رسم الخط لپيءَ نه آهي اهي ٻوليون به زنده آهن ته پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي خطرو ڇو آهي؟ ان سلسلي ۾ اهو چئي سگهجي ٿو هي دور عالمگيريت جو دور آهي جنهن کي ڊجيٽل دور پڻ چئجي ٿو، ان دور ۾ جن به ٻولين کي پنهنجي رسم الخط نه آهي اهي هميشه خطري ۾ رهن ٿيون بلڪ ختم ٿينديون وڃن پيون. هاڻي اهي ئي ٻوليون زنده رهي سگهنديون جيڪي پاڻ کي عالمگير بڻائينديون. دنيا جون پراڻيون ٻوليون لاطيني ۽ گريڪ ٻوليون ختم ٿي سگهن ٿيون ته ٻيون ٻوليون ختم ڇو نه ٿيون ٿي سگهن؟ اڳ ۾ ٽيڪنالاجي جو استعمال محدود هو ۽ دنيا ۾ ايتري ترقي به نه ٿي هئي تنهنڪري بنا رسم الخط جي به ٻوليون زنده رهنديون هيون پر هاڻي اهو دورختم ٿي ويو آهي تنهنڪري اهي ٻوليون وڏيڪ زنده رهي سگهن ٿيون جيڪي لکي، پڙهي ۽ ڳالهائي سگهجن ٿيون. جيڪي قومون پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت سان محبت ڪن ٿيون اهي پنهنجي ٻولين کي زنده رکڻ لاءِ ڪوشش ڪنديون رهن ٿيون، اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان ۾ هن وقت پنجابي زبان جي رسم الخط تي تمام گهڻو ڪم ٿي رهيو آهي. پشتو ۽ سنڌي ٻولي ته اڳ ۾ ئي لکت واري نظام ۾ ڪم ڪن پيون. پنجابي ٻولي جي ڊڪشنري ۽ ورڊ نيٽ، جنهن کي لفظن جو ڄار چئجي ٿو، پڻ ٺهي

چڪا آهن، اهڙي طرح پنجابي ٻولي تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي آهي، تنهنڪري چئي سگهجي ٿو ته پنجابي ٻولي تي عالمگيريت جي گهرجن مطابق ڪم ٿي رهيو آهي.

دنيا جي ترقي ڪندڙ ملڪن پنهنجين ٻولين کي نه ڇڏيو آهي بلڪ هنن پنهنجن ادارن ۾ پنهنجي ديسي ٻولين کي ئي لاڳو ڪيو آهي ته جيئن انهن جون ٻوليون زنده رهي سگهن ۽ انهن جو نسل پنهنجي ثقافت، تهذيب، ٻولي ۽ ڪنهن به قسم جي ڄاڻ کي آسانيءَ سان سمجهي سگهي. جاپان ايٽم بم جي ڪري تباهه ٿي چڪو هو پر اتان جي ڏاهن هڪ اهم فيصلو ڪيو ته ملڪ کي ترقي ڏيارڻي آهي ته پنهنجي نسل کي پنهنجي ديسي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيارڻي پوندي ته جيئن هنن جا ٻار هر قسم جي ڄاڻ کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ آسانيءَ سان سمجهي سگهن ۽ اڄ اسان جاپان جي ترقي کي ڏسي سگهون ٿا. جرمني ۽ فرانس ٻي عالمي جنگ کان پوءِ پنهنجين قومن ۽ ملڪن کي ترقي ڏيارڻ لاءِ پنهنجي ديسي ٻولين کي اهميت ڏني ۽ پنهنجي تعليمي ادارن کي پابند ڪيو ته هو ٻارن کي پنهنجي ٻولي ۾ تعليم ڏين. هن وقت جرمني ۽ فرانس جي ترقي اسان جي سامهون آهي. چائنه دنيا جو تيزي سان ترقي ڪندڙ ملڪ آهي جنهن جي ترقي جو هڪ سبب پنهنجي نسل کي تعليم پنهنجي ٻولي ۾ ڏيڻ پڻ آهي. چائنه ۾ جيڪي پڙهڻ وڃن ٿا اهي به چيني ٻولي سکڻ جو ڪورس ڪن ٿا. ان سان چائنه جي ٻولي عالمي سطح تي اچي رهي آهي.

اسان جا ٻار سوچن ته پنهنجي ٻوليءَ ۾ ٿا يا خواب ته پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڏسن ٿا پر هو پڙهن ڌارين ٻولين ۾ ٿا. جنهن ڪري هو وڏيڪ ڏکيايون ڏسن ٿا ڇاڪاڻ ته ڌاري ٻولي کي سمجهڻ لاءِ پهرين ان کي پنهنجي ٻولي ۾ ترجمو ڪرڻو پوي ٿو جڏهن ته پنهنجي ٻوليءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن ترجمي ڪرڻ جي ضرورت نٿي پوي. دنيا جا ترقي يافته ملڪ جن جي انگريزي ٻولي قومي ٻولي نه آهي اهي انگريزي رڳو رابطي لاءِ سکن ٿا يا استعمال ڪن ٿا. هو ترجميڪاري لاءِ ادارا ناهي ڇڏين ٿا جيڪي دنيا جا سمورا اهم ڪتاب ۽ ٻيو

لاڳاپيل مواد فورن پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري پنهنجي قوم کي ڏين ٿا ته جيئن هو جديد علم مان آساني سان واقف ٿي سگهن پر اسان وٽ ايئن نه آهي. ماڻهو جڏهن پنهنجي مادري يا ديسي ٻولي ڳالهائي يا لکي يا پڙهي ٿو ته ان کي پنهنجي ڌرتي، قوم، تهذيب ۽ ثقافت سان وڌيڪ محبت ٿئي ٿي پر جيڪڏهن هو پنهنجي مادري ٻولي کي ڇڏي ڏيئي ٿو ته ان کي پنهنجي ٻولي، ڌرتي، قوم، تهذيب ۽ ثقافت سان به محبت نٿي رهي. دنيا جا ترقي ڪندڙ ملڪ پنهنجين ختم ٿيندڙ ٻولين کي به زنده ڪري ونن ٿا. مثال طور هيبريو هڪ ختم ٿيندڙ ٻولي هئي، پر جڏهن هنن ۾ قومي شعور پيدا ٿيو ته هنن پنهنجي ختم ٿيندڙ ٻولي کي وري زنده ڪري ڇڏيو. حڪومت، سول سوسائيٽي ۽ والدين چاهين ته هن وقت به هو پنهنجي مادري ۽ ديسي ٻولين کي بچائي ۽ وري زنده ڪري سگهن ٿا، اسڪول انتظاميه تي زور ڀري پنهنجي ٻارن کي پنهنجي ٻولين ۾ تعليم ڏياري سگهن ٿا. ان سان قوم ۽ ملڪ جي ترقي ٿيندي ۽ اسان جون ٻوليون به بچنديون. تنهنڪري اسان کي ڪو بهانو ڪرڻ بدران پاڻ کي احساس محروميءَ مان ڪڍٽو پوندو ۽ پنهنجي ديسي ٻولين کي عالمگير بڻائڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي. ٻي صورت ۾ اسان وٽ ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن جي صورت ۾ موجود خزانو ختم ٿي ويندو، اهڙي طرح اسان جي هزارن سالن جي تاريخ ۽ تهذيب به نه بچي سگهندي.

حوالا:


(1) David, M. K. (1999). Language shift amongst the Sindhis of Malaysia. *South Pacific Journal of Psychology*, *10*(1), 61-67.

(2) Khemlani-David, M. (1998). Language shift, cultural maintenance, and ethnic identity; a study of a minority community: The Sindhis of Malaysia.

(3) https://www.youtube.com/watch?v=V3KNAMr3u4Q

(4) http://www.sindhinlp.com/

(5) Motlani, R. (2016). Developing language technology tools and resources for a resource-poor language: Sindhi. In *Proceedings of*

*the NAACL Student Research Workshop* (pp. 51-58).

(6) Dootio, M.A., Wagan, A.I. Syntactic parsing and supervised analysis of Sindhi text. Journal of King Saud University – Computer and Information Sciences (2017), https://doi.org/10.1016/j.jksuci.2017.10.004

(7) Dootio, M. A., & Wagan, A. I. (2018). Unicode-8 based linguistics data set of annotated Sindhi text. *Data in Brief*, Volume 19, 2018, pp. 198-213

(8) Dootio, M. A., & Wagan, A. I. (2017). Automatic Stemming and Lemmatization Process for Sindhi Text. Proceeding of ICLAP, 3rd International conference of Linguistic Association Karachi, Sindh Pakistan

(9) Mazhar Ali and Asim Imdad Wagan, "Sentiment Summarization and Analysis of Sindhi Text" International Journal of Advanced Computer Science and Applications (IJACSA), 8(10), 2017. http://dx.doi.org/10.14569/IJACSA.2017.081038

(10) Dootio, M. A., & Wagan, A. I. (2019). Development of Sindhi text corpus. *Journal of King Saud University-Computer and Information Sciences.*

موٽِي مانداڻِ جِي، واري ڪَيائِين وارَ؛
وِڃُون وَسَڻ آئِيُون، چَوڏِس ۾ چَوڏارِ،
ڪي اُتِي ويئِيُون اِستَنبولَ ڏي، ڪي مَٽِيُون مغرَبَ پارَ؛
ڪي چِمڪَن چِينَ تي، ڪي لَهَن سَمَرِقَنديُن سارَ؛
ڪي رَمِي ويئِيُون رومَ تي، ڪي ڪابُلَ، ڪي قَندَارَ؛
ڪي دَهلِيءَ، ڪي دَکَن، ڪي گُڙَنِ مَٿي گِرنارَ؛
ڪَنهِين جُنبِي جيسَلمِيرَ تان، ڏنا بيڪانِير بَڪارَ؛
ڪَنهِين ڀُڄُ ڀِڄائِيو، ڪَنهِين ڍَٽَ مَٿي ڍارَ؛
ڪَنهِين اَچي اَمرَ ڪوٽَ تان، وَسايا وَلهارَ؛
سائينم! سَدائِين ڪَرِين، مَٿي سِنڌُ سُڪارَ؛
دوسَت! مِٺا دِلدارَ، عالَمُ سَڀ آبادِ ڪَرِين.
(شاهہ سُر سارنگ)

# عالمگيريت ۽ سنڌي سماج

سماج ماڻهن جو اهڙو گروهه آهي جيڪو ڪن اصولن، ثقافت ۽ گڏيل مفاد جي بنياد تي ڪم ڪري ٿو. سماج قومن سان لاڳاپيل هوندا آهن ۽ قومون پنهنجي لاءِ رياستون يا ملڪ ٺاهينديون آهن. وڪي پيپيڊيا مطابق قوم ماڻهن ۽ برادرين جو اهڙو گروهه آهي جن جي هڪ ٻولي، ثقافت، ڌرتي ۽ نسل هوندو آهي. اينڊرسن مطابق قوم آزاد، محدود ۽ برادري جي شڪل ۾ هوندي آهي. ان سلسلي ۾ اينڊرسن محدود ۽ برادري ڪي بيان ڪندي لکي ٿو ته قوم ڪيڏي به وڏي هجي ۽ ان سان لاڳاپيل رياست ڪيتري به ڊگهي هجي پر ان جي هڪ حد هوندي آهي جنهن ڪري قوم ڪي غير محدود نٿو چئي سگهجي. اهڙيءَ طرح قوم برادرين جي شڪل ۾ هوندي آهي ڇاڪاڻ ته ڪنهن به قوم ۾ ڀلي ڪيترا ئي قبيلا هجن پر گڏيل مفادن، ثقافت ۽ قومي جذبي تحت سمورا قبيلا هڪ هوندا آهن ۽ انهن جو فيصلو به هڪ هوندو آهي(1). قومون قومي رياستون ٺاهينديون آهن اهڙي طرح قومي رياست قومي مفادن ڪي پوري ڪرڻ لاءِ وجود ۾ ايندي آهي. تنهنڪري ان رياست جي اڪثر آبادي هڪ ثقافت ڪي واپرائيندي آهي ۽ پنهنجي ڌرتي، ماڳن، دريائن، ٻيٽن، تاريخي جڳهن، ثقافتي مرڪزن ۽ ماڻهن سان تمام گهڻي محبت ڪندي آهي. قومي رياست جو آزاد سياسي، معاشي ۽ سماجي نظام هوندو آهي جنهن تحت اها رياست پنهنجي قوم جي فلاح ۽ ترقي لاءِ هر وقت ڪم ڪندي آهي. جمهوريت پسند قومون ئي ڪامياب قومون هونديون آهن جنهن ڪري اهي هر دور ۾ ترقي ڪنديون رهنديون آهن. هڪ قومي رياست يا ملڪ گهڻ قومي رياست يا گهڻ قومي يا گهڻ ثقافتي ملڪ به هوندا آهن يا ٿي سگهندا آهن. ان سلسلي ۾ مختلف قسم جون نسلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رياستون گڏجي ڪنهن هڪ نقطي، مذهب يا نظريي وغيره تي گڏجي ملڪ ٺاهينديون آهن. انهن قومن جي ثقافت، ٻولي، تهذيب وغيرهڪ ٻئي کان مختلف تي سگهي ٿي پر نظريو يا مذهب انهن قومن کي ڳنڍي ڇڏي ٿو. جيسيتائين اهي قومون ان نظريي يا مذهب سان ڳنڍيل رهن ٿيون، تيسيتائين اهي هڪ ملڪ جي شڪل ۾ قائم رهن ٿيون. اهڙي طرح اهي ملڪ به ترقي ڪندا رهن ٿا ۽ انهن ملڪن ۽ رياستن ۾ به امن ۽ ڀائيچاري جو ماحول رهي ٿو. ڪنفيڊرل رياستون به ڪنهن گڏيل مفاد يا نظريي تحت اتحاد قائم ڪن ٿيون، ان نظام تحت قومون ۽ رياستون آزاد هونديون آهن ۽ انهن جي پنهنجي ثقافت، سياسي، سماجي ۽ معاشي نظام هوندو آهي، جنهن ڪري ڪا به رياست ٻي رياست ۾ مداخلت نه ڪندي آهي پر جن اصولن تي هو اتحاد ڪندا آهن انهن تي هو هميشه قائم رهندا آهن.

انساني آبادي ۾ واڌ تيزيءَ سان سماجن جي ڊيگهه به وڌندي رهي ته قومون به وڏيون ٿينديون ويون. معاشي، سماجي ۽ سياسي نظامن قومن کي پاڻ ۾ ڳنڍي رکيو ۽ انهن کي ترقي ڏياري. جڏهن سياسي نظام شهنشاهيت ۾ تبديل ٿي ويا ته انساني سماج غلام بڻجڻ لڳا. بادشاهه خاندان در خاندان حڪومت ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ طرح انساني سماجن جي ترقي محدود ٿيندي وئي. شهنشاهيت کي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ انساني سماجن کي ترقي ڏيارڻ لاءِ مختلف وقتن تي مختلف نظريا پيش ڪيا ويا ۽ انهن نظرين جي بنياد تي جدوجهد ڪري حڪومتون قائم ڪيون ويون ته جيئن انساني سماج جي ڀلائي ٿي سگهي ۽ هو غلامي مان نڪري سگهن. اهڙي طرح برابري ۽ اڻ برابري وارن نظامن جي پاڻ ۾ جنگ جاري رهي، اهي جنگيون ڪڏهن سرد جنگيون رهيون ته ڪڏهن حقيقي جنگيون رهيون.

آزاد سماج، قومون ۽ ملڪ پنهنجي ثقافت، تهذيب ۽ ريتون رسمون تبديل ڪون ڪندا آهن پر پنهنجي تهذيب، ثقافت ۽ روايتن مطابق جديد دور جي گهرجن کي سمجهندي سائنس، ٽيڪنولوجي، معاشيات ۽ واپار جي تعليم حاصل ڪري پاڻ کي سماجي، سياسي ۽

معاشي طور مضبوط ڪندا آهن. غريب يا غيرترقي يافته سماج يا ملڪ پنهنجي جاگرافي، ثقافت يا ٻولي جي ڪري غريب ڪون ٿيندا آهن پر غلط پاليسين جي ڪري غريب رهندا آهن، اهو ئي سبب آهي جو غير ترقي يافته سماجن يا ملڪن ۾ صحت، تعليم، ٽيڪنالاجي وغيره جو نظام بهتر نه هوندو آهي. اهڙن سماجن يا ملڪن ۾ موت جو تعداد به گهڻو هوندو آهي ۽ اتي بيماريون به گهڻيون هونديون آهن. بهتر ۽ وقت جي گهرجن مطابق سماجي، سياسي ۽ معاشي پاليسيون ئي سماج، قوم ۽ ملڪ کي ترقي ڏياريندڙيون آهن. يورپ 16 صدي کان اڳ ۾ غير ترقي يافته هيو پر ان عملي پاليسيون ٺاهڻ کانپوءِ انڊسٽريل انقلاب آندو، جنهن ڪري يورپ گهڻي ترقي ڪئي ۽ دنيا تي حڪومت ڪئي. آمريڪا پهرين مهاڀاري جنگ کان پوءِ سپر پاور جي حصول جي ڪوشش ۾ لڳي ويو ۽ آخر ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ پوري دنيا جو سپر پاور بڻجي ويو، آمريڪي ادارن منصوبه بندي تحت ڪم ڪيو ۽ ترقي ماڻي، هن وقت آمريڪا دنيا تي پنهنجي ڪمپنين ۽ بينڪن ذريعي حڪومت ڪري پيو. اهي قومون يا ملڪ ترقي ڪون پيا ڪن جن جا ادارا صحيح ڪم نه پيا ڪن ۽ صحيح پاليسيون نه ٿا جوڙين قومن ۽ ملڪن جي ترقي جو بنياد صرف ادارن جي صحيح ڪم ۽ رٿابندي ڪرڻ تي هوندو آهي. يورپ ۽ آمريڪا جا ادارا موجوده دور جي گهرجن مطابق پاليسيون ٺاهن ٿا ۽ سچائي سان پنهنجي سماج، قوم ۽ ملڪ لاءِ ڪم ڪن ٿا، تنهنڪري اهي ملڪ تيزيءَ سان ترقي ڪري رهيا آهن ۽ عالمي ادارن تي قبضو ڪري ويٺا آهن جنهن ڪري پوري دنيا سندن ڳيجهو آهي.

## سنڌي سماج جي اوسر، ترقي ۽ هاڻوڪي حالت

سنڌي سماج هزارين سال پراڻو سماج آهي جنهن جي پنهنجي قوم، ڌرتي، ثقافت، تهذيب ۽ تاريخ آهي. سنڌو تهذيب پنهنجي سماج کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ڪيتريون ئي ايجادون ڪيون ۽ بهترين قسم جو سماج جوڙيو. موهن جو دڙو سنڌو تهذيب جو بهترين مثال

آهي. انهي وقت جي سنڌي سماج نہ رڳو سنڌي قوم کي ترقي ڏياري پر اجوڪي دنيا جي ترقي يافتہ سماج جو بنياد بہ رکيو. دنيا ۾ پهريون پيرو ڦيٿو سنڌو تهذيب ٺاهيو، جنهن جي بنياد تي ٽرانسپورٽ ترقي ڪئي ۽ هن عروج تي پهتي. هن تهذيب ٻيڙي، ٻيڙا ٺاهيا جن جي بنياد تي بحري جهاز ٺهيا، پتڻ ٺاهيا جن جي بنياد تي پورٽ ۽ هاربر ٺهيا، اٽي پيهڻ لاءِ جنڊ ٺاهيا جن جي بنياد تي اٽي ٺاهڻ جا ڪارخانا لڳا، سون، چاندي جا زيور ٺاهيا، جن جي بنياد تي موجوده سون ۽ چاندي جا زيور ٺاهيا وڃن ٿا، گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ شهرن ۾ ناليون ٺاهيون جن جي بنياد تي ڊرينيج جا نظام ٺهيا، وهنجڻ جا ڪمرا، سوئمنگ پول ۽ ڪاڪوس ٺاهيا، شهري آبادي، منصوبہ بندي تحت گهر ۽ ڪالونيون ٺاهڻ، جاميٽري جا اصول، ڳڻپ جا انگ ۽ لکڻ لاءِ اکر، پڪيون سرون، حساب جا طريقا، لکت ۾ ٻولي وغيره سڀ کان پهريان سنڌو تهذيب طرفان ٺاهيا ويا جيڪي هاڻوڪي ترقي يافتہ دنيا جو بنياد آهن. هاڻوڪي ترقي يافتہ دنيا جي بناوٽ جو بنياد سنڌو تهذيب آهي جنهن جو مثالي شهر موهن جو دڙو آهي، اجا تہ موهن جي دڙي جي 10 سيڪڙو کوٽائي مس ٿي آهي جنهن ايترين ايجادن کي ظاهر ڪيو آهي جيڪڏهن موهن جي دڙي جي مڪمل کوٽائي ٿي وڃي تہ شايد دنيا سنڌو تهذيب جي ايجادن تي حيران ٿي وڃي. سنڌ جي واپار ۽ صنعت کي بيان ڪندي پروفيسر عبدالستار سومرو پنهنجي ڪتاب "سمنڊ سيوبو جن"(2) ۾ لکي ٿو تہ سنڌ قديم دور کان وني وڻج واپار، تجارت ۽ صنعت جو مرڪز رهي آهي. ويدڪ دور مان اِهو معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جا واپاري، صنعتڪار ۽ سوداگر پنهنجا ٻيڙا ڪاهي سمنڊ رستي ڏورانهن مُلڪن ڏانهن قيمتي شيون ۽ سامان کڻي ويندا هئا ۽ موٽ ۾ وري اُتان جون اڻلڀ، قيمتي ۽ املهہ شيون آڻي پنهنجي ملڪ کي مالامال ۽ خوشحال بڻائيندا هئا. سنڌ جو واپار اڪثر ڪري مصر، ايران، عراق (سمير)، لنڪا (سيلون)، جاوا، سماترا وغيره سان ٿيندو هيو. سنڌي سماج فن، ادب ۽ علم وارو سماج هو. موهن جي دڙي جي کوٽائي مان خبر پوي ٿي تہ سنڌو تهذيب ۾ نچڻ ڳائڻ شامل هئا جڏهن

تہ سنڌو تهذيب جي همعصر تهذيبن ۾ نچڻ، ڳائڻ وڄائڻ ڪونہ ٿو ملي.
سنڌي سماج خوشحال ۽ ترقي ڪندڙ سماج رهيو آهي جنهن ڪري مختلف دورن ۾ سنڌ تي حملا ۽ قبضا ٿيندا رهيا آهن حملو ڪندڙ سنڌ جا وسيلا لٽيندا رهيا آهن. سنڌي ماڻهو زراعت ۽ واپار سان لاڳاپيل رهيا آهن، جنهن ڪري سنڌي سماج امن وارو سماج رهيو آهي. ڌارين جي حملن جي باوجود بہ سنڌي سماج خوشحال رهيو آهي. عشرت حسين، اعجاز قريشي ۽ نديم حسين ڪتاب ”دي اڪانومي آف ماڊرن سنڌ“ (The Economy of Modern Sindh) ۾ لکن ٿا تہ ”پاڪستان ٺهڻ وقت بہ سنڌ خوشحال هئي. ان وقت بہ سنڌ جي في ماڻهو جي آمدني (پر ڪيپيٽا انڪم) 55 سيڪڙو هئي جيڪا ٻين صوبن کان مٿي هئي پر بعد ۾ اها في ماڻهو آمدني گهٽبي رهي ۽ 1990ع جي شروعات ۾ في ماڻهو جي آمدني 36 سيڪڙو ۽ 2014ع ۽ 2015ع ۾ سنڌ جي في ماڻهو جي آمدني گهٽجي 17 سيڪڙو تي پهتي(3).
انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ هتي ڪو خاص فرق ڪون پيو سواءِ ان جي تہ چهرا مٽيا، يورن انگريزن جي جاءِ تي ناسي مسلمان هتي حڪومت ڪرڻ لڳا. مسلمانن جي حڪومت هلائڻ جي تياري نہ هجڻ جي ڪري هتي انگريزن جي قانون کي ئي اختيار ڪيو ويو تنهن ڪري حڪومتي نظام، معاشي پاليسيون ۽ ڪالونيون ساڳيون ئي رهيون. اڄ تائين ديسي پاليسيون ۽ رٿابنديون نہ نهي سگهيون آهن جيڪي هتان جي ثقافت، تهذيب ۽ گهرجن مطابق هجن. ڪجھ خاندان حڪومت ڪن ٿا جيڪي ڪجھ خاندانن لاءِ حڪومت ڪن ٿا ۽ انگريز حڪومت وانگر هتان جي وسيلن کي استعمال ڪري ٻاهرين ملڪن ۾ پنهنجي لاءِ اثاثا ناهين ٿا، اهو ئي سبب آهي جو اسان ترقي نہ ڪري سگهياسين ۽ نہ ئي وري ڪا عالمي حيثيت ماڻي سگهياسين پر ڏينهون ڏينهن اسان جو سماج ۽ اسان جو ملڪ غريب ۽ محتاج ٿيندو پيو وڃي. ڌارين آبادين ۽ ڌارين ثقافتن تہ ويتر اسان جي معشيت ۽ ريتن رسمن کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. سياسي نظام صحيح نہ هجڻ جي ڪري ۽ مخصوص خاندانن جي سياست تي

قبضي جي ڪري خوشحال سماج غريب ۽ ڪيجهو سماج ٿيندو پيو وڃي. هاڻي هي سماج ڪيترن ئي سماجي، سياسي ۽ معاشي بيمارين ۾ وڪوڙجي ويو آهي.

سنڌي سماج بنيادي طور زرعي سماج آهي پر جديد دور، ٻاهرين طاقتن ۽ سرمائيدارن جي مداخلت سبب صنعتي سماج ڏانهن وڌي رهيو آهي، سنڌي قوم بنيادي طور سيڪيولر قوم رهي آهي جنهن انساني قدرن، ريتن رسمن کي گهڻي اهميت ڏني آهي پر ٻاهرين مداخلت ۽ ڌارين جي حملن جي ڪري مختلف مذهبن ۽ فرقن جي ور چڙهي وئي آهي. ڌارين ثقافتن ۽ مذهبن سنڌي سماج جي صوفيت ۽ سيڪيولرزم کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي. اڄ جو سنڌي سماج سرمائيدارن، جاگيردارن، مذهبي رهنمائن ۽ بيوروڪريٽس جي قبضي هيٺ اچي ويو آهي. يوسف شاهين ڪتاب ”سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق جو جائزو“ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته سنڌو تهذيب هڪ خدا کي مڃيندي هئي ۽ سنڌي ماڻهو محنت تي يقين رکندا هئا. پر آرين جي قبضي جي ڪري سنڌو تهذيب جي هڪ خدا وارو تصور ختم ٿي ويو. آرين هتي مختلف خدائن ۽ مذهبن جو تعارف ڪرايو اهڙي طرح سنڌي سماج مختلف خدائن کي مڃڻ لڳو ۽ ڪيترن ئي مذهبن ۽ فرقن ۾ ورهائجي ويو(4). جامي چانڊيئي 6 آڪٽوبر 2019ع واري ڪاوش حيدرآباد جي ايڊيٽوريل صفحي تي پنهنجي ڪالم ”سنڌ پنهنجي جاگرافيائي وحدت ۽ خودمختياريءَ لاءِ حساس ڇو آهي؟“ ۾ لکي ٿو ته آرين جي سنڌ تي قبضي ڪرڻ جي ڪري سنڌ مان ماڻهپي وارو دراوڙ دور موڪلائي ويو. آريا طبقاتي نظام جا خالق هئا، جن سنڌ ۾ دراوڙ ڌرتي ڌڻين کي شودرن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. جن ويدن تي فخر ڪيو ويندو آهي ته اهي سنڌو ڪناري لکيا ويا هئا، اهي به دراوڙن جا نه، پر ڌارين آرين جا ئي لکيل آهن. ڇيو وڃي ٿو ته آرين سنڌ تي سڌيءَ ريت لڳ ڀڳ پنج سئو سال حڪومت ڪئي پر سنڌ پنهنجي آزادي، وحدت ۽ خودمختياريءَ واري سوال کي ڇڏي ڪون ڏنو. هو وڌيڪ لکي ٿو ته هاڻوڪي پاڪستان ۾ واحد صوبو سنڌ آهي جيڪو

پنهنجي تاريخي جاگرافيائي وحدت جي صورت ۾ موجود آهي چاڪاڻ تہ هاڻوڪو پنجاب اڻويهين صديءَ جي شروعاتي ٻن ڏهاڪن کان اڳ ڪڏهن بہ هاڻوڪي صورت ۾ هڪ ملڪ نہ رهيو هو. پنجاب کي هڪ وطن جي سياسي ۽ جاگرافيائي شڪل رنجيت سنگهہ ڏني. اڄوڪي خيبرپختونخواهہ ۽ بلوچستان جي بيهڪ بہ تاريخي نہ پر انگريز دور جي آهي(5). سنڌي سماج جي اهميت ۽ ان جي ويڪر کي بيان ڪندي قديم آثارن جو ماهر مورٽيمر ويلر (Mortimer Wheelers) پنهنجي ڪتاب ”سنڌي تهذيب“(6) ۾ لکي ٿو تہ هن تهذيب پنهنجي وقت ۾ وڏا پڙ پکيڙيا، راهہ ۾ ايندڙ جبلن، جهنگن توڙي صحرائن کي لتاڙيندي وڃي گنگا جمنا تائين پهتي، سنڌو ماٿري جي تهذيب 2 لک چورس ميلن تي پکڙيل هئي، جنهن ۾ مکيہ شهرن جو انگ 1500 هو. ميسوپوٽيميا جي سيپيتا ۾ ملوها نالي آبادي نظر اچي ٿي، جنهن جو قديم آثارن جي ماهرن زور شور سان ذڪر ڪيو آهي. ڪن تاريخدانن تہ ان آبادي کي جنت سان تعبير ڪيو آهي، جڏهن تہ گهڻن عالمن جو رايو اهو آهي تہ اها وسندي سنڌو سيپيتا سان لاڳاپيل ماڻهن جي هئي، جنهن ۾ مهاڻن کان وٺي ڪاريگرن تائين لوڪ آباد هئا(7).

سنڌ جي ثقافت دنيا جي بهترين ثقافت رهي آهي، ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي تحقيقي مقالي ”سنڌي سوسائٽي ۽ ڪلچر“ ۾ لکي ٿو تہ سنڌي ثقافت دنيا جي شاهوڪار ثقافت آهي جنهن تي مختلف وقتن تي دنيا جي ڪيترن ئي ثقافتن حملا ڪيا آهن پر تنهن هوندي بہ سنڌي ثقافت وڏيڪ مضبوط رهي آهي(8). سنڌي سماج جو بنياد اخلاق، شخصي آزادي، سيڪيولرزم، جنسي ۽ سماجي برابري تي رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو شاهہ سائين جن ڪردارن کي پنهنجي شاعري جو محور بڻايو آهي سي سنڌ جي ثقافت ۽ تهذيب جا امين رهيا آهن. سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت انسان کي اول درجي تي رکيو اهڙي طرح جنسي ۽ مذهبي فرق کي ڪا اهميت نہ ڏني، اهو ئي سبب آهي جو راءِ ڏياچ سان گڏ تخت تي سورٺ بہ

ويهندي هئي. ان سماج ۾ عورت کي ڪمتر نہ سمجهيو ويو پر ان کي برابريءَ جو حق ڏنو ويو جيڪو اڄ جي جديد دور ۾ ڪنهن جديد سماج ۾ بہ ڪون ٿو نظر اچي. سهڻي ميهار سان عشق ڪري سمورن ظاهري ۽ جاگيرداري ريتن رسمن کي ٽوڙي ڇڏيو پر ان وقت جي سڌريل ۽ ترقي يافتہ سنڌي سماج سهڻي جي شخصي آزادي ۽ عمل کي نظر ۾ رکندي ان کي غيرت جي نالي تي ڪاري ڪونہ ڪيو پر سهڻي جي روپ ۾ سنڌي سماج انساني جذبن جو احترام ڪيو ۽ دنيا کي باور ڪرايو تہ سنڌي ذهنيت مثبت ذهنيت آهي جيڪا انسان جي شخصي آزادي تي يقين رکي ٿي. شاهہ سائين سهڻي جي ڪردار کي گهڻي اهميت ڏني آهي ۽ ان موضوع تي شاعري ڪئي اٿائين، جنهن مان لڳي ٿو تہ شاهہ سائين پنهنجي شاعري ذريعي سهڻي کي پيٽا ڏني آهي. مومل کي سيتل راڻ جي روپ ۾ سومل سان گڏ سمهيل ڏسي بہ قتل نہ ڪيو ويو ۽ نہ ئي وري ڪارو ڪاري جو الزام مڙهيو ويو. جنهن مان ظاهر ٿئي پيو تہ سنڌي سماج شڪ جي بنياد تي قتل ڪرڻ کي روڪيو آهي. عمر بادشاهہ مارئي کي زبردستي ڪٽي اچي پنهنجي محل ۾ ويهاريو ۽ ان سان شادي ڪرڻ چاهي پر مارئي جي انڪار ڪرڻ تي هن مارئي سان زبردستي شادي نہ ڪئي ۽ نہ ئي وري موجوده دور جي بادشاهن، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن وانگر ڪا هُن سان ڪنهن قسم جي زبردستي يا زيادتي ڪئي. اهي عمل سنڌي سماج جي بهتر اهڃاڻن کي ظاهر ڪري رهيا آهن ۽ عورت جي جذبن، احساسن ۽ رضامندي جو قدر ڪري رهيا آهن. سنڌي سماج هڪ امن پسند ۽ عورت جي عزت ڪرڻ وارو سماج رهيو آهي جيڪو برابريءَ جي بنياد تي ترقي ڪندو رهيو آهي. جڏهن پنهونءَ کي پنهنجا مائٽ دوکي سان سسئي کان جدا ڪري کڻي ويا تہ سنڌي عورت پنهنجي وفا ۽ سچائي جي ڪري گهر کان پنهنجي وَر جي پٺيان اڪيلي نڪتي. هُن کي ڪنهن بہ قسم جو خوف ڪون هو تہ ڪو مرد رستي تي مون کي تنگ ڪندو. سنڌ جي سرحدن تائين سسئي کي ڪنهن بہ مرد تنگ نہ ڪيو ۽ نہ ئي ڪو وري چور يا ڌاڙيل مليس چاڪاڻ تہ سنڌي سماج ۾

عورت جي گھٽي عزت ۽ مرتبو رهيو آهي. سنڌي سماج ۾ عورت جي عزت مرد کان وڌيڪ رهي آهي پر اڄ جو سنڌي سماج ٻاهرين مداخلت، ڌارين جي آبادڪاري، انهن جي ثقافت ۽ عالمگيريت جي اثرن جي ڪري انهن روايتن کان پري ٿيندو پيو وڃي. هو جاگيرداري ۽ سرمائيداري وارين روايتن ڪي واپرائي رهيو آهي. سنڌي ماڻهو پنهنجي اصلي، تاريخي ۽ مهندار تهذيب کي وساريندو پيو وڃي. سنڌي سماج مان سهپ نڪرندي پئي وڃي جنهن ڪري هن سماج جا فرد ٿورين ڳالهين تي وڙهي پون ٿا، پاڻ ۾ ويڇا پيدا ڪن ٿا، ايتري تائين جو رت جا رشتا به ڌار ٿي پنهنجن کي وساري ڇڏين ٿا. سنڌي سماج ۾ طبقاتي نظام نه هيو پر هينئر اهو ڪيترن ئي طبقن ۾ ورهائجي ويو آهي جنهن ڪري ڀيائيون ۽ اختلاف پيدا ٿيا آهن. ڪاروڪاري جو رواج سنڌي سماج ۾ نه هيو پر هينئر ڪاروڪاري جو گندو رواج سنڌي سماج ۾ پئجي ويو آهي، ڪيتريون ئي ناريون قتل ڪيون وڃن ٿيون، انهن جي جذبن ۽ پسند جو خيال گھٽ ڪيو وڃي ٿو. پنهنجائپ گھٽبي وڃي پئي جنهن ڪري ويڇا وڌندا پيا وڃن. خوشي ۽ غمي جي رسمن ۾ تبديلي ايندي وڃي پئي. صوفي ۽ سيڪيولر سنڌ بنياد پرست ٿيندي پئي وڃي نتيجي ۾ انسانيت ٽڪرا ٽڪرا ٿيندي پئي وڃي. ماڻهو جي سڃاڻپ قوم نه پر فرقي ۽ مذهب سان ٿيندي پئي وڃي. سنڌ جي ثقافت عالمگير ثقافت ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي ڪري تبديل پئي ٿئي. سنڌي ماڻهو پنهنجون ريتون رسمون تبديل ڪري رهيو آهي، جنهن ڪري سماج جي ساخت به تبديل ٿي رهي آهي ۽ سنڌ جي اصلي ثقافت به ميسارجي رهي آهي. جيتوڻيڪ ڪنهن به ثقافت جا مثبت پهلو استعمال ڪرڻ ۾ ڪوبه حرج ڪونهي بلڪ ان سان ثقافت ۽ سماج جي ترقي ٿئي ٿي پر اسان وٽ انهن ثقافتن جا اهي پهلو به استعمال ڪيا وڃن ٿا جيڪي منفي آهن، جيڪي اسان جي تهذيب ۽ ثقافت سان نهڪندڙ ناهن.

قبيلائي جهيڙن سنڌي سماج کي ذاتين ۽ قبيلن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي جنهن سان سنڌي سماج جي اوسر ۽ ترقي تي ناڪاري اثر پئجي

رهيو آهي، اجتمائي سوچ کي ڌڪ پيو لڳي. ذاتين ۽ قبيلن جي بنياد تي اتحاد ٺاهيا وڃن پيا جيڪي قومي وحدت ۽ ثقافت کي نقصان ڏئي رهيا آهن. جديد سماجي ترقي اڪيلائپ کي جنم ڏنو آهي جنهنڪري خانداني نظام بہ پيچ ڊاهہ جو شڪار پيو ٿئي ۽ فرد اڪيلائپ واري ماحول ۾ داخل ٿيندا پيا وڃن. سنڌي سماج خانداني نظام کي گهٽي اهميت ڏيندو هو ۽ اجتمائي سوچ ۽ عمل جو قائل هيو پر موجوده سماج انهن اهڃاڻن کان اٽواقف بڻجي اڪيلائي وارو ماحول پيدا ڪري رهيو آهي جنهن سان سنڌو تهذيب ۽ سماج کي ڪاپاري ڌڪ لڳي رهيو آهي. فڪري ڪم گهٽجي رهيو آهي جنهن ڪري سياسي ۽ سماجي ترقي بہ نہ ٿي رهي آهي بلڪ محدود ٿي وئي آهي. فڪري ويهڪون نہ ٿيڻ جي ڪري مفادن واري سياست ترقي ڪري رهي آهي، جنهن جو سنڌي سماج کي نقصان ٿي رهيو آهي. اظهار جي آزادي کي پڙ روڪيو وڃي ٿو سياسي ۽ سماجي جدوجهد ۾ رڪاوٽون پيدا ٿي رهيون آهن. سماج جمهوري رويڻ جي ڪري ترقي ڪندا آهن پر جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظامن ۽ غير جمهوري حڪومتي رويڻ جي ڪري اظهار جي آزادي رڪجي وئي آهي. جنهن ڪري سماجي ترقي بہ رڪجي وئي آهي ۽ فرد نفسياتي بيمارين ۾ مبتلا ٿيندا وڃن پيا. نفسياتي، معاشي، سماجي ۽ سياسي مسئلن جي ڪري خودڪشي جا واقعا معمول ٿيندا وڃن پيا. گهرن کان سواءِ تعليمي ادارن ۾ بہ خودڪشيون ٿي رهيون آهن. هن وقت ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سنڌي سماج کي عالمگيريت جي نظر سان ڏسجي ۽ ان جي خامين ۽ خوبين جو ڪاٿو لڳائجي ان سان ئي سنڌي سماج عالمگيريت جي دور ۾ هلي ۽ ترقي ڪري سگهي ٿو. جامي چانڊيي پنهنجي ڪتاب "سنڌي سماج، تاريخي ۽ تنقيدي اڀياس"(9) جي مضمون سنڌي سماج ۾ اجتماعي سوچ جي ڪوٺ جا سبب، ۾ لکي ٿو تہ "سنڌ سان اسان جي بي پناهہ محبت جي تقاضا رڳو اها نہ آهي تہ ان جا رڳو ويهي سنا پاسا ڏسون ۽ انهن تي ٺلهو فخر ڪريون پر ان جي اها تقاضا بہ آهي تہ ان جي ڪمزور ۽ منفي پاسن کي ڏسجي ۽ انهن کي

دور ڪرڻ لاءِ ڪي عملي حڪمت عمليون ۽ اپاءُ اختيار ڪجن. چاڪاڻ ته دنيا جو اهڙو ڪوبه سماج نه آهي جيڪو يا ته سمورو سٺو هجي يا مورڳو خراب. انساني سماج تمام پيچيده شيءِ آهي ۽ متحرڪ ۽ هر وقت تبديل ٿيندڙ پڻ آهي. انڪري اهو به ضروري نه آهي ته قومن ۾ جيڪي چڱايون آهن اُهي هميشه ساڳيءَ طرح برقرار رهن ۽ انهن ۾ جيڪي ڪمزوريون يا منفي پاسا آهن اُهي به ڪو لکيي جو ليک آهن.” انگلس به پنهنجي ڪتاب فطرت جي جدليات ۾ لکي ٿو ته ”پيچيده مسئلن جا حل سادا نه ٿيندا آهن پر پيچيدا مسئلن جا حل به پيچيدا ٿيندا آهن(10). تنهنڪري اسان ڪي سنجيدگي سان سنڌي سماج جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي ويهڪون ڪرڻيون پونديون ۽ سوچڻو پوندو ته سنڌي سماج عالمگيريت جي دور ۾ ڪيئن زنده رهي سگهي ٿو. عالمگيريت هڪ تيز واچوڙي جيان آهي جيڪو پوري دنيا کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي رهيو آهي. سنڌي سماج کي عالمگيريت ۾ زنده رهڻ لاءِ پاڻ ۾ پنهنجي ثقافت کي بچائڻو پوندو ۽ ايندڙ تبديلين کي مثبت طريقي سان قبول ڪرڻو پوندو ته جيئن پنهنجي اصل ثقافت به بچي ۽ ترقي يافته دور سان گڏ به هلي سگهجي. ان سلسلي ۾ ڪجهه مخصوص اهڃاڻن ۽ عنصرن جي اهميت ۽ عالمگيريت جي دور تي بحث ڪجي ٿو ته جيئن نئين دور مطابق سنڌي سماج کي جيئاري سگهجي.

## تعليم جي اهميت ۽ ان جو سماج جي ترقي ۾ ڪردار

مختلف دورن ۾ قومن جي بقا ۽ سڌاري جا معيار به جدا جدا رهيا آهن. ڪنهن دور ۾ قوم جي حفاظت لاءِ جنگيون ڪيون وينديون هيون ۽ سندس سڌاري لاءِ سخت قانون ٺاهيا ويندا هئا ته وري ڪنهن دور ۾ محبت، اخلاق ۽ تعليم کي ئي سماجي سڌاري ۽ بقا جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. مقصد ساڳيو رهيو ته جنهن معاشري ۾ اسان رهون پيا اهو معاشرو محفوظ، امن وارو ۽ ترقي يافته معاشرو هجي، جنهن ڌرتي تي پاڻ رهون پيا اها ڌرتي محفوظ ۽ آباد هجي، پاڻ ۾ امن

۽ پائيچاري سان رهون ۽ ترقي ڪندا رهون. پر جيئن جيئن ٽيڪنالاجي ترقي ڪئي تيئن تيئن سماجي جوڙجڪ جا بہ نوان طريقا لاڳو ٿيڻ لڳا. ماڻهو جنگين کان نفرت ڪرڻ لڳا ۽ محبت، خلوص، سچائي ۽ انسانيت جي قدر واري سماج کي پسند ڪرڻ لڳا. ان ۾ اهي سماج اڳيرا ۽ ترقي يافتہ رهيا جن ٽيڪنالاجي ۽ سائنس کي سمجهيو، ان تي عمل ڪيو ۽ پنهنجي اولاد کي بہ انهن جي اهميت کان واقف ڪرايو. اهي قومون ۽ سماج پنتي رهجي ويا جيڪي فلسفي، جديديت، فن، ٽيڪنالاجي ۽ سائنس وغيره جي تعليم کان پري رهيا.

هي دور تعليم جو دور آهي ۽ تعليم هڪ اهڙو هٿيار آهي جيڪو پوري قوم ۽ خطي کي تحفظ فراهم ڪرڻ سان گڏوگڏ ترقي ڏياري ٿو. تعليم ئي انسانن کي انسان بڻائي ٿي ۽ انهن ۾ شعور ۽ بيداري پيدا ڪري ٿي. اهڙي طرح انسانيت جا سمورا آداب ۽ طريقا تعليم ئي سيکاري ٿي. تعليم ئي ظلم کان نفرت ۽ حق جي حمايت ڪرائي ٿي، تعليم ئي قومن کي بقا ڏيئي ٿي ۽ سماجن کي انهن جي اصل صورت ۾ زنده رکي ٿي، تعليم ئي پنهنجي ثقافت کي بچائي ٿي ۽ دنيا سان گڏ گڏ هلائي ٿي. جنهن قوم تعليم کي نظر انداز ڪيو چڙ تہ ان قوم پنهنجي تباهيءَ جو دروازو پاڻ کوليو. جيئن اسان سنڌيءَ ۾ چوندا آهيون پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ. تعليم اهڙو زيور آهي جيڪو ڪڏهن چوري نٿو ٿي سگهي پر تقسيم ۽ ورهاست سان وڌي ٿو.

هن وقت سنڌي ماڻهن جو تعليم ڏانهن رجحان وڌي رهيو آهي، هو رواجي تعليم سان گڏ فني تعليم بہ حاصل ڪري رهيا آهن تہ جيئن دنيا سان گڏ هلي سگهجي. ڪمپيوٽر، سماجي ميڊيا ۽ ٽيڪنالاجي ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪري رهيا آهن ۽ اهو ئي سبب آهي جو هن دور جا ماڻهو پنهنجي ٻارن کي بهتر تعليم ڏيڻ لاءِ هر وقت ڪوشش ڪري رهيا آهن. پر سهولتون نہ هجڻ ڪري اسان جو نئون نسل ڀرپور تعليم حاصل نہ پيو ڪري سگهي. سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ بہ تعليم جو معيار سٺو ڪونهي جنهن سبب غريب طبقي سان تعلق رکندڙ ٻارن جي اڪثريت ڀرپور

تعليم کان محروم آهي. ڪنهن ڏاهي جو قول آهي تہ ڪنهن بہ قوم کي تباهہ ڪرڻ جو آسان طريقو اهو آهي تہ ان قوم کي تعليم کان پري رکيو وڃي يا ان قوم جي تعليم جي نظام کي تباهہ ڪيو وڃي اها قوم پاڻيهي ئي تباهہ ٿي ويندي ان قوم کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ جنگ يا ٻي ڪنهن سازش جي ضرورت ڪانهي. اڄ اسان سان بہ اهوئي ڪجهہ ٿي رهيو آهي. سنڌ جو سماج گهربل ترقي نہ ڪري رهيو آهي. اسان وٽ تعليمي ادارا گهربل نتيجا ڪونہ پيا ڏين. اسان جا ماڻهو سٺي تعليم حاصل ڪرڻ کان محروم آهن اسان وٽ مخصوص طبقو آهي جيڪو پنهنجي ٻارن کي بهتر ادارن ۾ پڙهائي رهيو آهي يا ڪجهہ اهي شاگرد آهن جيڪي اسڪالرشپ حاصل ڪري ٻاهرين ملڪن ۾ پڙهي رهيا آهن پر انهن جو تعداد بہ تمام گهٽ آهي، ڇاڪاڻ تہ اسان جي ٻارن جي اڪثريت کي ايترا وسيلا ميسر نہ آهن جو هو ڪن وڏن ۽ ڏکين چٽاڀيٽي جي امتحانن جي تياري ڪري سگهن.

هن وقت پاڪستان ۾ ڪا بہ اهڙي يونيورسٽي نہ آهي جنهن کي عالمي سطح جي يونيورسٽي چئي سگهجي. دنيا ۾ يونيورسٽين جو مقصد تحقيق کي ترقي ڏيارڻ آهي تنهنڪري دنيا جون اڪثر يونيورسٽيون 75 سيڪڙو تحقيق تي ڌيان ڏين ٿيون ۽ تحقيقي پروجيڪٽس تي ڪم ڪن ٿيون اهڙي طرح 25 سيڪڙو فارمل ڊگرين تي ڪم ڪن ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو دنيا جا ترقي يافتہ سماج يا ملڪ سائنس، سماجيات، صحت يا ميڊيڪل سائنسز ۽ ٽيڪنالاجي جي علم ۾ تمام گهڻي ترقي ڪري رهيا آهن پر اسان جون يونيورسٽيون تحقيق تي گهربل ڌيان ڪونہ پيون ڏين. سنڌ ۾ سڀ کان وڏيڪ يونيورسٽيون گريجوئيشن تي ڌيان ڏين ٿيون. تحقيقي پروجيڪٽس تي تمام گهٽ ڪم ڪن ٿيون جنهن ڪري ڪا خاص تحقيق ڪانہ پئي ٿئي ۽ نہ ئي وري ڪي خاص نتيجا ملي رهيا آهن. دنيا سان گڏ هلڻ لاءِ يونيورسٽين کي پنهنجو طريقو تبديل ڪرڻو پوندو ۽ تحقيق تي گهڻي توجهہ ڏيڻي پوندي. اسان وٽ جنرل يا عام يونيورسٽيون هجن يا انجنيئرنگ يا ٽيڪنالاجي جون يونيورسٽيون

هجن، ميڊيڪل سائنسز جون يونيورسٽيون هجن يا زرعي يونيورسٽيون هجن پر تحقيق طرف توجهه تمام گهٽ اٿن. چوٿين انڊسٽريل انقلاب دنيا جي وايومنڊل کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي ۽ دنيا کي هڪ عالمگير ڳوٺ بڻائي ڇڏيو آهي پر سنڌي سماج ۾ اجا ڪا گهڻي تبديلي ڪون آئي آهي. عالمي تعليم جي ڪلچر ۽ معيار کي اجا تائين سمجهيو ئي نه ويو آ نه وري ان ڏانهن ڪو خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي حڪومت يونيورسٽين جي بجيٽ گهٽائي ٻي طرف پئسو لڳائي پئي جنهن ڪري يونيورسٽيون گهربل ڪم ڪونه ڪري سگهن پيون. حڪومت جي توجهه نه هجڻ جي ڪري تعليمي ادارا به لاپرواهي ڪن ٿا جنهن سبب نئون نسل عالمي گهرجن مطابق تعليم حاصل نه ڪري رهيو آهي. تنهنڪري هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ ۾ هڪ عالمي سطح جي انجنيئرنگ، ٽيڪنالاجي ۽ مينيجمينٽ سائينسز جي شعبن تي مبني يونيورسٽي ٺاهي وڃي جيڪا موجوده دور جي گهرجن ۽ جديد تعليمي نظام مطابق هر قسم جي سائنس، انجنيئرنگ، ڪمپيوٽر سائنس، انفرميشن ٽيڪنولوجي، بايوٽيڪنولوجي، ائرواسپيس ٽيڪنولوجي، آرٽيفيشل انٽيليجنس يا هٽراڌو ڏاهپ، فزڪس، ڪيمسٽري ۽ مينيجمينٽ سائنس جي تعليم مهيا ڪري ۽ انهن شعبن ۾ تحقيق کي وڌائي عالمي معيار تي پهچائي. هن وقت دنيا جي بهترين يونيورسٽين ۽ ادارن ۾ سنڌي ماڻهو تعليم، درس و تدريس ۽ تحقيق جي شعبن سان لاڳاپيل آهن جيڪي سنڌ ۾ موجود يونيورسٽين لاءِ پنهنجون خدمتون ڏئي سگهن ٿا.

بهتر تعليم سان اسان جا سماجي ۽ سياسي مسئلا پاڙئيهي حل ٿي ويندا ۽ ماڻهو معاشي طور خوشحال ٿي ويندا. سماج ۾ امن پيدا ٿيندو اهڙي طرح هر قسم جي دهشتگردي، بيائي ۽ منافقت جو خاتمو اچي ويندو. دنيا ۾ ڪا به شي مشڪل نه آهي جيڪڏهن ارادا ۽ ادارا مضبوط ۽ سچا هجن، اهي ئي ملڪ خوشحال ۽ ڪامياب رهيا آهن جن پنهنجي ماڻهن کي عالمي سطح جي تعليم ڏني آهي. هن وقت ملائيشا، سنگاپور، ٿائيلينڊ، چين ۽ جاپان وغيره پنهنجي ماڻهن سان

گڏوگڏ پوري دنيا جي ماڻهن کي يورپ ۽ آمريڪا جهڙي تعليم ڏئي رهيا آهن ۽ پنهنجي سماجن کي عالمگيريت جي گهرجن مطابق ترقي ڏياري رهيا آهن. تنهنڪري سنڌي سماج کي پنهنجي اصليت کي قائم رکڻ، عالمي سطح تي ترقي ڪرڻ ۽ عالمگيريت ۽ ڊجيٽل سماج ۾ پاڻ کي زنده رکڻ لاءِ تعليم تي مڪمل ڌيان ڏيڻو پوندو ۽ پاڻ کي بک تي رکي به ٻارن کي بنا ڪنهن جنسي ۽ طبقاتي فرق جي تعليم ڏيارڻي پوندي.

## تعليمي ادارن جي ترقي ۽ سنڌي سماج جا رويا

دنيا ۾ ترقي جا معيار مقرر ٿيل آهن، جن جي بنياد تي قومون، ملڪ ۽ ادارا ڪم ڪن ٿا ۽ پاڻ کي عالمي سطح تي پهچائين ٿا. ترقي يافته ملڪن جا ماڻهو ملڪي ادارن کي پنهنجو سمجهندا آهن جنهن ڪري انهن ملڪن جا سمورا ادارا بهترين نتيجا ڏئي رهيا آهن ۽ دنيا ۾ پنهنجو نالو ڪري رهيا آهن. ماڻهو انهن ادارن ۾ ڪنهن به قسم جي ناجائز ۽ غير ضروري مداخلت نٿا ڪن، نه ئي وري ڪا پنهنجي ادارن تي اجائي تنقيد ڪن ٿا بلڪ انهن ادارن کي بهتر بڻائڻ لاءِ انهن جي جائز مدد ڪن ٿا، اهڙي طرح انهن ملڪن جا ڏاها، تجربيڪار ۽ ماهر ماڻهو انهن ادارن کي بهتر طريقي هلائڻ لاءِ هر وقت ڪارائتا مشورا ڏيندا رهن ٿا. پر اسان وٽ ماڻهن جا رويا انهن ترقي ڪندڙ ملڪن جي ماڻهن کان مختلف آهن. اهو ئي سبب آهي جو اسان جا ادارا ڪي خاص نتيجا نه ڏئي سگهيا آهن.

ڪنهن به ملڪ ۽ قوم جي ترقي لاءِ ضروري هوندو آهي ته اتان جو عوام سڄاڳ ۽ تعليم يافته هجي، اتان جا تعليمي ادارا نج تعليم ڏيڻ واري عمل ۾ مشغول هجن. جن جو مقصد پنهنجي قوم کي تعليم يافته ڪرڻ هجي. اهي ادارا بهترين قسم جا تحقيقي مرڪز قائم ڪن، انهن وٽ انڪيوبيشن سينٽر هجن جتي تحقيق ۽ نوڪرين جي سکيا ڏني وڃي. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته عالمگيريت جي دور ۾ به اسان وٽ ان سطح جا تعليمي ادارا نه ٿي سگهيا آهن.

ڪرپشن پوءِ اها سوفٽ ڪرپشن هجي يا هارڊ ڪرپشن هجي، جلدي ۾ امير ٿيڻ واري سوچ، اقربا پروري، سفارش، پنهنجي عهدي جو ناجائز ۽ غلط فائدو وٺڻ، پنهنجي ماڻهن کي ناجائز فائدو ڏيڻ، انهن کي غير ضروري ۽ غير قانوني ترقي ڏيڻ ۽ پرتي ڪرڻ، غير جمهوري روين ۽ حڪومت، سماجي ادارن ۽ ميڊيا جي ناجائز مداخلت اسان جي ٻين ادارن سان گڏ تعليم جهڙي مقدس ادارن کي به تباهه ڪري ڇڏيو آهي. هڪ جهڙو تعليمي نظام، نصاب ۽ تعليمي ادارن ۾ بهترين ماحول قومن ۽ ملڪن کي ترقي ڏياريندا آهن ۽ سماج ۾ برابري واري سوچ پيدا ڪندا آهن، پر اسان وٽ ائين نه ٿئو ٿئي. اسان جا اسڪول ۽ ڪاليج جنهن نصاب تحت تعليم ڏين ٿا اهو نصاب سماج ۾ برابري واري سوچ پيدا نه پيو ڪري. اسان وٽ پرائمري سطح کان وٺي يونيورسٽي تائين تعليم جا معيار مختلف آهن، اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جو الڳ الڳ تعليم جو نظام آهي. اهڙي طرح حڪومتي ۽ خانگي ادارن جا جدا جدا تعليمي نظام آهن، خانگي اسڪولن ۾ به مختلف قسم جا تعليمي معيار ۽ طريقا آهن، هر خانگي اسڪول پنهنجو الڳ نصاب ۽ ڊريس ڪوڊ ٺاهيو ويٺو آهي. پاڪستان ۾ مدرسن جو پنهنجو تعليمي نظام آهي هتي مدرسن جا به ڪي پنج ڇهه تعليمي نظام آهن. اهڙن تعليمي نصابن ۽ نظامن جي ڪري اسان جو نوجوان طبقو مختلف سوچن، فرقن ۽ طبقن ۾ ورهايل رهيو آهي جنهن ڪري هن ملڪ ۾ اڄ تائين ڪو بهتر سياسي، معاشي ۽ سماجي ترقي جو نظام نه ٺهي سگهيو آهي. حڪومتون اهڙن نظرين تي قائم ڪيون وڃن ٿيون جن سان ملڪ ۽ قوم کي ڪو خاص فائدو ڪونه ٿو پهچي.

پاڪستان ۾ تعليم جا معيار پرائمري تعليم کان وٺي پي ايڇ ڊي جي تعليم تائين مختلف رهيا آهن، جڏهن ته معاشي طبقاتي نظام جو به اسان جي تعليمي ادارن تي اثر رهندو اچي پيو، طبقاتي نظام جي ڪري هر طبقو پنهنجي حيثيت مطابق پنهنجي ٻارن کي تعليم ڏياري رهيو آهي. اسان وٽ ڪو به اهڙو ادارو نه ٺهيو آهي، جيڪو انهن

معيارن کي ماپي ڪو هڪ نصاب ۽ نظام ناهي ته جيئن ملڪ ۾ سڀ جا سڀ ماڻهو هڪجهڙي تعليم حاصل ڪري سگهن. اهڙي طرح ادارن جي بناوت جا به ڪي خاص اصول نه ناهيا ويا آهن تنهنڪري مختلف طبقن لاءِ مختلف قسم جا ادارا ناهيا ويندا رهيا آهن جنهن سبب سماج ۾ اڻ برابري واري سوچ پيدا ٿئي ٿي جيڪا سماج، قوم ۽ ملڪ جي ترقي تي سنئون سڌو اثر ڪري ٿي.

جيئن پرائمري، مڊل ۽ ڪاليج تائين تعليم جا معيار مختلف رهيا آهن ائين ئي وري پي ايڇ ڊي جي ڊگري به پاڪستان ۾ مختلف معيارن تحت ڏني وڃي ٿي. ماڻهو پنهنجي محنت، سهولت ۽ وسيلن جي بنياد تي مختلف ادارن مان پي ايڇ ڊي جون ڊگريون وٺن ٿا جن جو ڪجهه ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

- ملڪ اندر پبلڪ سيڪٽر يونيورسٽين ۽ پرائيويٽ سيڪٽر يونيورسٽين ذريعي پي. ايڇ. ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي وڃي ٿي.
- يوروپين ۽ آمريڪن ملڪن جي يونيورسٽين ۽ ايشين ملڪن جي يونيورسٽين مان پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪن ٿا.
- پاڪستان ۾ پي ايڇ ڊي جي ڊگري کي اهميت ملڪن ۽ ادارن جي حيثيت ۽ اهميت مطابق ڏني ويندي آهي.

ٻاهرين ملڪن مان ڊگري وٺندڙن جي اهميت سڀ کان وڌيڪ هوندي آهي. اهڙي طرح ٻاهرين ملڪن مان به يوروپين ۽ آمريڪن ملڪن جي پي ايڇ ڊي کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏني ويندي آهي. ان کان پوءِ ايشين ملڪن جي پي ايڇ ڊي جي ڊگري کي اهميت ڏني ويندي آهي. ايشين ملڪن ۾ به جاپان، سنگاپور، ٿائيلينڊ ۽ ملائيشيا جي يونيورسٽين کي وڌيڪ اهميت ڏني وڃي ٿي. پاڪستان ۾ وري پرائيويٽ ادارن مان پي ايڇ ڊي جي ڊگري وٺندڙن کي پبلڪ سيڪٽر جي يونيورسٽين کان وڌيڪ اهميت ڏني ويندي آهي جنهن جو مطلب ته پاڪستان ۾ پي ايڇ ڊي جي ڊگري کي به مختلف حيثيتن ۾ ورهايو ويو آهي جيئن هڪ دور ۾ پيلي ڊريس پائڻ جي بنياد تي شاگردن ۽

اسڪولن جي سڃاڻپ ٿيندي هئي. اهو ئي سبب آهي جو اسان جي يونيورسٽين مان ٿيندڙ پي ايڇ ڊي جي ڊگري کي بين الاقوامي ڊگري جي حيثيت نہ ملي سگهي آهي جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ ٿيندڙ پي ايڇ ڊي ٻاهريان ٿيندڙ پي ايڇ ڊي کان وڌيڪ ڏکي ۽ پيچيده آهي. ٻاهرين ملڪن مان پي ايڇ ڊي ڪندڙن کي ڪوڙ سهولتون، رعاتيون ۽ اسڪالرشپس ملن ٿيون جڏهن تہ پاڪستان ۾ اهڙيون سهولتون ۽ رعايتون ڪون ٿيون ملن.

اسان جي سماج جو هڪ الميو رهيو آهي تہ اسان جا ماڻهو ٻين ادارن سان گڏ تعليمي ادارن ۾ بہ بغير ڪنهن سبب جي مداخلت ڪندا آهن ۽ انهن تي تنقيد براءِ تنقيد ڪندا آهن. جيتوڻيڪ تنقيد ڪرڻ هڪ بهترين ۽ مثبت عمل آهي ۽ ان سان ئي سماج پنهنجي خامين کي ختم ڪري ترقي ڪندا آهن پر اسان وٽ تنقيد جا معيار ترقي يافتہ سماجن کان مختلف ۽ ڪنهن حد تائين منفي آهن. اسان جون تنقيدون ادارن کي بدنام ڪرڻ لاءِ هونديون آهن يا دوستيون نڀائڻ لاءِ هونديون آهن يا وري ان اداري جي مينيجمينٽ کي بليڪ ميل ڪري پئسا يا ڪي صحولتون وغيره حاصل ڪرڻ لاءِ هونديون آهن. جڏهن تہ ڪجهہ فرد يا ادارا اهڙا آهن جيڪي ادارن تي تنقيد انهن ادارن جي ترقي ۽ اصلاح لاءِ ڪندا آهن جيڪي حقيقت ۾ قوم ۽ ملڪ سان سچا هوندا آهن. جڏهن بہ اسان ڪنهن اداري يا شخصيت تي تنقيد ڪريون تہ ان کي مختلف رخن کان ڏسون ۽ تنقيد سان گڏ ان جو حل ۽ تجويزون پڻ ڏيون. اسان تنقيد پنهنجي نالي ۽ مفاد لاءِ نہ ڪريون پر اداري جي ترقي ۽ بهتري لاءِ ڪريون. ڪنهن هڪ فرد يا ڪجهہ فردن جي ڪري پنهنجي ادارن جي گلا نہ ڪريون. اسان ڊرائنگ روم واري سياست جيان پنهنجي تعليمي ادارن تي بہ گهر ۾ ويهي بغير ڪنهن ڄاڻ جي تنقيد ڪندا آهيون ۽ انهن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا آهيون. رڳو ڳالهين ڪرڻ سان سماج ۽ ادارا ترقي نہ ڪندا آهن پر ان لاءِ عملي ڪم ڪرڻا پوندا آهن. ذاتي لالچ ۽ ٻئي جا پير ڪيڙڻ لاءِ ڪم ۽ تنقيد ڪنداسين تہ اسان جو سماج موجوده حالت

ڪان به خراب حالت ۾ هليو ويندو. تعليم ئي سماج کي ترقي ڏياريندي آهي، تعليم ئي پنهنجي پيرن تي بيهڻ سماجن کي اڳتي آڻيندي آهي تنهنڪري تعليمي ادارن تي ڳالهائڻ ۽ انهن تي تنقيد ڪرڻ کان اڳ ۾ اهو ضرور سوچڻ گهرجي ته ڇا اسان جي ڄاڻ ۽ تجربو انهن ادارن تي تنقيد ڪرڻ مطابق آهن. ڇا اسان تعليمي ماهر آهيون يا جنهن تعليمي اداري تي تنقيد ڪريون پيا ان اداري جي بناوت ۽ قانون ۽ قاعدن جي ڪا خبر آهي يا رڳو هوا ۾ تير هڻون پيا. جيسيتائين اسان کي ان لاڳاپيل اداري جي نظام جي خبر نه هجي تيسيتائين اسان کي ان اداري تي تنقيد ڪرڻ جو به ڪو حق نه هجڻ گهرجي. اسان وٽ ٿئي ائين پيو ته بدل ڳالهين يا دوستي يا ڪنهن لالچ جي ڪري مختلف ادارن تي اجائي تنقيد ڪئي وڃي ٿي اهو نه ٿو ڏٺو وڃي ته اهو ادارو ڪيتري محنت ۽ وقت سان موجوده حالت ۾ پهتو آهي.

تعليمي ادارن جي ترقي نه ڪرڻ ۾ مختلف قسمن جي مداخلت ۽ ڪرپشن سان گڏ محترم استادن ۽ اسٽاف جي يونين جو پڻ اهم ڪردار رهيو آهي. اهڙي طرح يونين به اداري جي ترقي لاءِ ڪي خاص ڪم ۽ مثبت ڪردار ادا نه ڪري سگهي آهي، نه ئي تحقيق ۽ تدريس واري ڪم کي وڌائڻ لاءِ ڪا خاص جدوجهد ڪري سگهي آهي. اسان جي تعليمي ادارن ۾ ڪجهه اهڙا به شاگرد يا شاگرديائيون هونديون آهن جيڪي پڙهائي دوران محنت نه ڪندا آهن يا محنت نه ڪنديون آهن نه ئي وري ريگيولر ڪلاس اٽينڊ ڪندا آهن يا اٽينڊ ڪنديون آهن. جڏهن اهڙن شاگردن يا شاگرديائين تي اسان جا محترم استاد سختي ڪندا آهن يا اهي امتحانن ۾ پاس نه ٿيندا آهن ته اهي شاگرد ۽ شاگرديائيون ڪوڙيون شڪايتون ڪندا آهن اهڙي طرح محترم استادن تي ڪوڙا الزام لڳندا آهن. انهن جي غلط شڪايتن تي اسان جا ڪجهه مخصوص ادارا ۽ سول سوسائٽي جا نمائندا اسان جي محترم استادن جي خلاف گهڻ وڌ ڳالهائيندا آهن ان عمل سان اسان جي محترم استادن جي دل آزاري ٿيندي آهي جنهن جو نقصان به اسان جي تعليمي ادارن، شاگردن ۽ اسان جي سماج کي

ٿئي ٿو. اهڙي طرح اهي منفي رويا عالمگير سماج ۾ اسان کي پٺتي ڌڪي رهيا آهن.

## ڊجيٽل دور ۾ اسان جا تعليمي ادارا ڪٿي بيٺا آهن؟

جديد دور ۾ تعليم ۽ ان جي ترقي جا طريقا به جديد ٿي ويا آهن. هاڻي تعليم ڊجيٽل ٿي وئي آهي جنهن ڪري داخلائون، نوڪرين جا امتحان يا انٽرويو فيس جمع ڪرائڻ، ڪلاس روم ۾ پڙهائي، امتحان ۽ نتيجن جي پڌرائي، استادن ۽ ٻين ملازمن جي حاضري، خط و ڪتابت آفيس جي ڪم سميت سڀ ڪجهه آن لائن ٿيڻ جو رواج پئجي ويو آهي. ٽيڪنيڪل دنيا جي ڪنهن به اداري مان تعليم ۽ سکيا وٺڻ آسان ٿيندي وڃي پئي. ڪمپيوٽر ايپليڪيشن دنيا جي تعليمي ادارن کي اهي سڀ سهولتون مهيا ڪري رهيون آهن جيڪي مٿي بيان ڪري آيو آهيان. اسان پنهنجي گهر يا آفيس مان دنيا جي ڪنهن به تعليمي يا سکيا ڏيندڙ ادارن جي بناوٽ، سهولتن ۽ تعليم ڏيڻ جي طريقن کي جانچي يا ڏسي سگهون ٿا، اهڙي طرح گهر ويٺي انهن ادارن ۾ داخلا وٺي سگهون ٿا. آن لائين بينڪنگ جي ڪري پنهنجي فيس وغيره به وقت تي جمع ڪرائي سگهون ٿا. پر اسان جا تعليمي ادارا اڃا ايتري ترقي ڪونه ڪري سگهيا آهن. اسان وٽ اڄ به يونيورسٽي يا ڪنهن به تعليمي يا سکيا ڏيندڙ ادارن ۾ داخلا وٺڻ، امتحان ڏيڻ، في جمع ڪرائڻ وغيره مسئلو آهي. ڊجيٽل سماج پوري دنيا ۾ هڪ جهڙيون سهولتون مهيا ڪري رهيو آهي پر اسان جي تعليم ۽ سکيا ڏيندڙ ادارن ۽ حڪومت کي انهن سهولتن کي حاصل ڪرڻ جو ڏانءُ ڪون آيو آهي جنهن ڪري اسان ترقي يافته دنيا کان گهڻو پوئتي آهيون. سرڪاري تعليمي ادارن ۾ ڪي ٿورا ادارا انهن سهولتن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر خانگي ادارا اهي سهولتون مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. سرڪاري تعليمي ادارن ۾ اهڙي قسم جون سهولتون نه هجڻ جي ڪري عام ماڻهو جديد دور جي سهولتن کان وانجهيل رهن ٿا. حڪومت ۽ تعليمي ادارا

چاهين ۽ پنهنجو ويزن چٽو رکن تہ ٿورن وسيلن ۾ بہ اهي سهولتون حاصل ڪري سگهجن ٿيون ۽ سنڌي سماج کي جديد دور جي گهرجن مطابق ترقي ڏياري سگهن ٿا.

## ٽيڪنالاجي جي اهميت ۽ سماج جي ترقي ۾ ان جو ڪردار

دنيا جي بين الاقواميت واري ساخت کي عالمگيريت ۾ انڊسٽريل انقلاب تبديل ڪيو آهي جنهن جي پٺيان ٽيڪنالاجي جو ڪردار واضح آهي. هن وقت بہ دنيا جا ترقي يافتہ سماج ٽيڪنولوجي، انجنيئرنگ، هٿراڌو ڏاهپ، ڪمپيوٽرسائنس، نيچرل لئنگوئج پروسيسنگ وغيره ۾ گهڻو اڳيرا آهن جنهن ڪري هو واپار، تعليم، سرمائيڪاري وغيره ۾ گهڻي ترقي ڪري چڪا آهن. ٽيڪنالاجي مستقبل ۾ دنيا جي جسماني بناوٽ بہ تبديل ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي تنهنڪري هن وقت ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان پنهنجي روين کي تبديل ڪريون ۽ پنهنجي ٻارن ۽ نوجوانن کي سائنس، انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي جي تعليم مهيا ڪريون تہ جيئن هي نون ايندڙ نظرين ۽ ٽيڪنالاجين کي سمجهي سگهن ۽ اسان جو سماج ۽ ملڪ ترقي ڪري سگهن ٻي صورت ۾ اسان دنيا کان پٺتي رهجي وينداسين. جيتوڻيڪ اسان ان رستي تي هلون پيا پر آهستي ۽ گهٽ تعداد ۾. هن وقت بہ اسان جون سوچون ۽ رويا هاڻوڪي دور جي ضرورتن مطابق ناهن اسان ٽيڪنالاجي جي اهميت ۽ ان جي مستقبل کي سنجيدگي سان نہ پيا سمجهون ۽ نہ ئي ان کي گهڻي اهميت ڏئي رهيا آهيون جيڪو مستقبل ۾ اسان جي لاءِ هاڃيڪار بڻجي سگهي ٿو. ڊجيٽيل دور انفرميشن ٽيڪنالاجي جي اوزان کي استعمال ڪري معاشي، سماجي ۽ سياسي ترقي جي عمل کي تيز ڪري دنيا کي هڪ ڳوٺ ۾ تبديل ڪري ٿو. ڊجيٽل انقلاب مڪينيڪل دور ۽ اينالاگ اليڪٽرانڪ دور کي هاڻوڪي ڊجيٽل يا اليڪٽرانڪ دور ۾ تبديل ٿيڻ کي چون ٿا جيڪو 1950ع کان شروع ٿئي ٿو. هن دور ۾ انفرميشن کي پروسس ڪيو وڃي ٿو جنهن دنيا ۾ موجود ڄاڻ کي پوري دنيا لاءِ

عام ڪري چڏيو آهي اهڙي طرح ڊجيٽل سماج جو هر فرد اها ڄاڻ سيڪنڊسيس ۾ حاصل ڪري سگهي ٿو. ڊجيٽل سماج جديد سماج کي چون ٿا جيڪو انفرميشن ٽيڪنالاجي ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي جي ڳنڍجڻ سان ٺهي ٿو. ڪمپيوٽر سسٽم، موبائيل فون، انٽرنيٽ، ڪلائوڊ ڪمپيوٽنگ، انٽرنيٽ آف ٿنگس، بگ ڊيٽا ڊجيٽل سماج جا اهم اهڃاڻ آهن. ڊجيٽل سماج ڊجيٽل حقوق، اليڪٽرانڪ يا ڊجيٽل انصاف، اليڪٽرانڪ يا ڊجيٽل حڪومت، انٽيليجنٽ يا ڏاهپ واري ٽرانسپورٽ وارو نظام، سڪيورٽي، پرائيويسي، ڊيٽا پروٽيڪشن ۽ انفرميشن مينيجمينٽ مهيا ڪري ٿو جيئن فرد محفوظ ۽ سڪون واري زندگي گذاري سگهي. حقيقت ۾ ڊجيٽل سماج فرد کي ڊجيٽل فرد بڻائي ڇڏي ٿو اهڙي طرح اهو ملڪي سرحدن، روايتي ثقافتن ۽ روايتي حڪومتن جي تصور کي ختم ڪري ڊجيٽل فرد کي پڻ عالمگير بڻائي ٿو. هن دور ۾ اسان سوچون ته ديسي ٿي ٿا پر اسان هجون عالمگير يا گلوبل ٿا. جيسيتائين اسان انٽرنيٽ سان نٿا ڳنڍجون ته اسان ديسي فرد يا ديسي سماج سان ڳنڍيل رهون ٿا پر جيئن ئي پنهنجي موبائيل فون، ڪمپيوٽر يا ليپٽاپ کي انٽرنيٽ سان ڳنڍيون ٿا ته اسان جو هر عمل، سوچ ۽ ڪم عالمي يا گلوبل ٿي وڃي ٿو. پوءِ اسان ديسي نٿا رهون پر ڊجيٽل فرد بڻجي عالمگير ٿي وڃون ٿا. ڊجيٽل سماج ڊجيٽل واپار، ڊجيٽل مارڪيٽ ڊجيٽل سرمائي يا ناڻي کي پيدا ڪري تجارت کي ترقي ڏياري ٿو ته جيئن فرد گهر ويٺي آن لائين واپار ڪري پنهنجي معيشت کي مضبوط ڪري سگهن، ان لاءِ ڊجيٽل سماج ڊجيٽل مانيٽرنگ پڻ ڪري رهيو آهي ته جيئن واپار لاءِ استعمال ٿيندڙ سرمائي جي صحيح طريقي سان پروسيسنگ ٿي سگهي ۽ اهو محفوظ رهي سگهي.

سنڌي سماج هن وقت ڊجيٽل دور مان گذري رهيو آهي پر ڊجيٽل واپار ۽ ڊجيٽل مارڪيٽ کي گهٽ استعمال ڪري رهيو آهي جنهن ڪري معاشي طور گهڻو مضبوط نه ٿي سگهيو آهي. تنهنڪري هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌي سماج ڊجيٽل دور ۽ ان جي

اهڃاڻن کي چڱي طرح سان سمجهي انهن کي استعمال ڪري پاڻ کي ڊجيٽل سماج بڻائي. ان لاءِ اسان کي انفرميشن ٽيڪنولوجي، هٽراڊو ڏاهپ ۽ ان سان لاڳاپيل سمورين ٽيڪنالاجين کي استعمال ڪرڻو پوندو، ان مطابق تعليم حاصل ڪرڻي پوندي ۽ پنهنجي ادارن کي نئين دور جي ضرورتن مطابق ٺاهڻو پوندو. حڪومت کي پنهنجي سمورن شعبن ۽ ادارن ۾ انفرميشن ٽيڪنولوجي، ڪمپيوٽرسائنس سان گڏ مختلف قسم جي ٽيڪنالاجين کي استعمال ڪرڻو پوندو خاص ڪري تعليم، زراعت، صحت، نهري نظام، ٽرانسپورٽيشن، روينيو ۽ ناڻي جي شعبن ۾ تہ جلد کان جلد ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪيو وڃي ۽ هر عمل کي ڪمپيوٽرائزڊ ڪيو وڃي. اسان جي حڪومت کي انڊسٽريل دور جي ضرورتن کي سمجهي ان جي مطابق ترت قدم کڻڻا پوندا. هن وقت سڀ کان اهم ۽ گهڻي سيڙپ ٽيڪنالاجي ۾ ڪئي وڃي ٿي جنهن جا فائدا تمام گهڻا ۽ ڏور رس آهن. هاڻي اهو دور ويو جڏهن رڳو ڳالهين تي گذارو ڪبو هو هي دور عمل جو دور آهي، تنهنڪري حڪومت ۽ ان سان لاڳاپيل ادارن کي نون ٽيڪنالاجين مطابق ڍانچا يا اسٽرڪچر ٺاهڻا پوندا. اهڙي طرح اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين کي بہ اپگريڊ ڪرڻو پوندو ۽ انهن کي وسيلا مهيا ڪرڻ سان گڏ پابند بڻائڻو پوندو تہ هو ٽيڪنالاجي جو صحيح استعمال ڪن. جيستيائين ٽيڪنالاجي جو صحيح طريقي سان استعمال نہ ٿيندو تيستائين اسان ترقي نہ ڪري سگهنداسين ۽ نہ ئي وري ڪرپشن مان جان ڇڏائي سگهنداسين. هن دور ۾ ڪو بہ ماڻهو دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ، ثقافت، تعليم، يونيورسٽي، لائبرري، هوٽل، گهمڻ جي جاءِ وغيره جي ڄاڻ منٽن ۾ حاصل ڪري سگهي ٿو. رابطن جي ويبسائيٽس پوري دنيا جي ماڻهن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍي ڇڏيو آهي، ايتري تائين جو هاڻي رشتا بہ آن لائين ٿين ٿا. تيز رابطن جي ڪري هر خبر منٽن ۾ پوري دنيا ۾ پکڙجي وڃي ٿي، حڪومتون ۽ مختلف قسم جا ادارا ڪنهن بہ قسم جي ڄاڻ جلدي ۾ حاصل ڪري سگهن ٿا. سياستدان، سماجي شخصيتون، واپاري ادارا پنهنجي وڪرن

بابت ماڻهن جا رايا معلوم ڪري رهيا آهن، ان سلسلي ۾ بهترين قسم جا اوزار ٺاهيا ويا آهن جن جي ذريعي ماڻهن جي پسند ۽ نا پسند جي خبر آساني سان پئجي وڃي ٿي، اهي اوزار سنڌي ٻولي لاءِ پڻ موجود آهن. تنهنڪري سنڌي سماج کي ڊجيٽل دور، ڊجيٽل معاشيات، آن لاين مارڪيٽنگ ۽ آن لائين واپار کي سمجهڻو پوندو ته جيئن عالمگير سماج ۾ ترقي ڪرڻ سان گڏ زنده رهي سگهي. موجوده دور ۾ ڪمپيوٽر ۽ انفرميشن ٽيڪنولجي جي تعليم جي هجڻ سان لکن ڪان ڪروڙن تائين گهر ويٺي ڪمائي سگهجن ٿا. ان لاءِ سافٽويئر، گرافڪس ۽ ويب ڊزائيننگ تي مهارت حاصل ڪري آن لائين ڪم ڪري سگهجي ٿو، اهڙي طرح پنهنجي گهر ۽ سماج کي خوشحال ڪري سگهجي ٿو. ٽيڪنالاجي فرد کي پنهنجي پيرن تي بيهاري ٿي تنهنڪري عالمگيريت جي دور جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٽيڪنالاجي ڏانهن ڌيان ڏئي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ بغير فرق جي ادار قائم ڪرڻ پوندا ته جيئن ڳوٺاڻي ۽ شهري آبادي برابري جي بنياد تي ترقي ڪري سگهي.

## ثقافت ۽ ٻولي جي اهميت

ٻولي ۽ ثَقافت قومن جي سڃاڻپ آهن انهن کان سواءِ فرد ۽ قومون پنهنجي سڃاڻپ برقرار نٿا رکي سگهن، موجوده دور ۾ سماجن، قومن ۽ سندن ثقافتن تي عالمي سرمائيدارن ۽ انهن جي ثقافت جو. گهڻو اثر ٿي رهيو آهي. عالمي معاشي طاقت رکندڙ ملڪ يا سرمائيدار شهنشاهه ٻڌبا وڃن پيا. سرمائيدار پنهنجي طاقت پنهنجين ڪمپنين جي صورت ۾ ڏيکارين ٿا ۽ اهي ڪمپنيون پوري دنيا کي پنهنجي پاليسين ۽ رٿابندين جي تحت هلائي رهيون آهن. معاشي طاقت رکندڙ ملڪ، جن جي پٺيان ڪجهه ڪمپنيون ڪم ڪري رهيون آهي سي دنيا جي ملڪن خاص ڪري غيرترقي يافته ملڪن کي پنهنجي ڪالوني بڻائي رهيا آهن. سرمائيدار ملڪ ورلڊ بينڪ ۽ بين الاقوامي مالياتي فنڊ وسيلي معاشي طور ڪمزور ملڪن کي قرض

ڏئي ۽ مالي مدد ڪري انهن ملڪن کي پنهنجو ڳيچهو ٻڌائي ڇڏين ٿا جنهن ڪري اهي ملڪ انهن جي هر قسم جي پاليسي ۽ رٿابندي کي اکيون بند ڪري مڃين ٿا. اهي سرمائيدار ملڪ پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت انهن ملڪن تي نافذ ڪن ٿا يا نافذ ڪرائين ٿا جنهن ڪري ثقافتي ۽ لسانياتي شهنشاهيت چئي سگهجي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو جيڪي ملڪ انهن سرمائيدارن کان قرض کڻن ٿا ۽ فني مدد وٺن ٿا سي پنهنجي آزادي، ثقافت ۽ ٻولي کي داءُ تي لڳائين ٿا. انهن ملڪن ۾ آقا ۽ غلام جو رشتو قائم ٿئي ٿو جنهن جو سنئون سڌو اثر ڳيچهو ملڪن جي سماجن ۽ قومن تي پوي ٿو. خاص ڪري نئين نسل جي تربيت، تعليم، ٻولي ۽ ثقافت تي ته تمام گهڻو اثر پوي ٿو. نئون نسل سرمائيدار ملڪن جي ثقافت ۽ رٿابندي کي پنهنجي ڪاميابي جو دروازو سمجهن ٿا. رابرٽ فلپسن پنهنجي ڪتاب ”لنگوئيج امپريلزم“(11) ۾ لکي ٿو ته مغربي ملڪن انگريزي زبان کي شهنشاهيت لاءِ اوزار طور استعمال ڪيو ته جيئن هو دنيا ۾ پنهنجي ڏاهيل نين ۽ پراڻين ڪالونين تي پنهنجو قبضو قائم رکي سگهن.

ٻولي قومن ۽ انهن جي ثقافت جي سڃاڻپ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي جنهن ڪري دنيا جون ترقي يافته قومون پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت کي هر جاءِ تي روشناس ڪرائين ٿيون. عالمگيريت جي ڪري سرمائيدارن جي ڏاهيل ڪالونين مان ڪيترين ئي ڪالونين ۾ تعليم جي ڪري ڪجهه تبديليون اچي رهيون آهن جنهن ڪري هو ٽيڪنالاجي ۽ ٻين علمن ۾ اڳتي نڪري رهيا آهن، اتي معاشي خوشحالي به اچي رهي آهي. هاڻي اهي قومون سياسي، سماجي، ثقافتي لحاظ کان توڙي ٻولي ۽ لسانياتي طور آزاد ٿي رهيون آهن. ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ ڪيترين ئي يورپين ۽ غير يورپين ڪالونين جي اها ڪوشش رهي ته هو پنهنجي ثقافت کي رائج ڪري سگهن. پنهنجي ثقافت پنهنجي تهذيب، فطرت ۽ ماحول جي مطابق هوندي آهي جنهن ڪري فرد ان ثقافت کي استعمال ڪندي سنو محسوس ڪندا آهن.

سنڌ جي ثقافت جي واڌ ويجهه عظيم تهذيب، جنهن کي سنڌو تهذيب چون ٿا جي بنياد تي ٿي آهي، جيڪا سنڌين جي فطرت ۽ ماحول مطابق آهي. سنڌي سماج جي ثقافت مختلف حملن جي باوجود بہ پاڻ کي بچائيندي آئي آهي پر تنهن هوندي بہ ڌارين ثقافتن جا ڪجهہ اثر ضرور پيا اٿس. جديد دور ۾ مغربي ثقافت جي اثرن تہ سنڌي سماج ۾ گهڻيون ثقافتي تبديليون آنديون آهن، اهي تبديليون سنڌي سماج جي ساخت، اصليت ۽ فطرت کي بہ تبديل ڪري رهيون آهن، جنهن ڪري هاڻوڪي دور جو سنڌي سماج پنهنجي اصلي شڪل تبديل ڪري رهيو آهي. هاڻوڪي دور ۾ اسان جي رهڻي ڪهڻي، ريتون رسمون، رواج، اخلاق، اٿڻ ويهڻ ۽ خانداني نظام تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيا آهن. ان پوري لقاءُ ۾ نئين نسل جو اهم ڪردار آهي. عالمگيريت جي ڪري اسان جو موجوده نسل مغربي طور طريقن، ريتن رسمن ۽ خانداني بناوٽ کي اهميت ڏئي رهيو آهي جنهن جا اهم سبب جديد ٽيڪنولوجي، سماجي ميڊيا ۽ عالمگير سماج جي لهر آهي. فرد يا سماج جي سڃاڻپ تڏهن قائم رهي سگهندي جڏهن هو پنهنجي ثقافت سان ڳنڍيل رهندو، اهڙي طرح دنيا جا ٻيا سماج بہ ان کي اهميت تڏهن ڏيندا جڏهن هو پنهنجي ثقافتي روايتن کي قائم رکندو. ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ موجوده دور جون گهرجون اڳين دور کان مختلف آهن تنهنڪري اسان عالمگير ثقافت جو مڪمل انڪار نٿا ڪري سگهون پر ان جو اهو بہ مطلب نہ آهي تہ اسان پنهنجي ثقافت ۽ اهم ريتن رسمن کي بہ وساري يا نظرانداز ڪري ڇڏيون. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ جديد دور جي گهرجن کي سامهون رکندي ۽ پنهنجي ثقافت جي اهم اهڃاڻن کي بچائيندي سنڌي سماج کي جيارڻ لاءِ قدم کڻجن. جيڪڏهن سنڌي سماج عالمي ثقافت يا مغربي ثقافت کي مڪمل طور تي يا اولهہ جي ثقافت جي اڪثر اهڃاڻن کي واپرائي ٿو تہ عالمگير سماج ۾ پنهنجي قومي سڃاڻپ ۽ اصليت وڃائي ويهندو. سنڌي ثقافت هڪ مڪمل نظام آهي جيڪو ڀائيچارو، اخلاق،

محبت، ڏک سک ۾ ساٿ ڏيڻ، عورتن جي عزت ڪرڻ وغيره سيڪاري ٿو تنهنڪري سنڌي سماج پاڻ کي رڳو اجرڪ ۽ ٽوپي پائڻ تائين محدود نہ رکي پر هو سنڌي ثقافت جي بين اهم اهڃاڻن کي بہ زنده رکي تہ جيئن عالمگير سماج ۾ پنهنجي سڃاڻپ، اصليت، فطرت ۽ قوم کي بچائي سگهي.

ثقافت، قوم، ڌرتي ۽ سماج تڏهن زنده رهي سگهندا جڏهن ٻولي زنده رهندي. ٻولي جي ڪري سماج پنهنجا سمورا مسئلا حل ڪري ٿو. پر عالمگيريت جي ڪري سنڌي سماج پنهنجي ٻوليءَ کي ثانوي حيثيت ڏئي رهيو آهي. جڏهن تہ ترقي يافتہ قومون پنهنجي ٻولي کي چڏي ڪونہ ٿيون ڏين. مثال طور آمريڪن يا يورپين قومون، جاپاني قوم، جرمن قوم، فرانسي قوم ۽ چيني قوم وغيره. اهي قومون پنهنجي هر قسم جي ٽرانزيڪشن پنهنجي ٻولي ۾ ڪن ٿيون ايتري تائين جو تعليم بہ پنهنجي ٻولي ۾ مهيا ڪن ٿيون. پر ٽينءَ دنيا جا ماڻهو انگريزي ٻولي کان گهڻو متاثر آهن، تنهنڪري هو هر قسم جي ٽرانزيڪشن انگريزي ٻولي ۾ ڪن ٿا ۽ پنهنجي اولاد کي بہ انگريزي ۾ پڙهائين ٿا، جنهن ڪري انهن جي پنهنجي شناخت ختم ٿيندي وڃي پئي. سنڌي سماج بہ غير ترقي يافتہ دنيا جو حصو آهي جنهن سبب ان ۾ بہ اها احساسِ ڪمتري پيدا ٿي چڪي آهي، جنهن ڪري اهو بہ محفلن، پروگرامن، تعليمي ادارن وغيره ۾ انگريزي کي استعمال پيو ڪري. سنڌي سماج ۾ رابطي ۽ بازار جي ٻولي تيزيءَ سان بدلجي پئي، ايتري تائين جو سنڌي ماڻهو هڪ ٻئي کي نياپا، خط وغيره انگريزي ٻولي ۾ لکن پيا اهڙي طرح گهٽ پڙهيل ماڻهو وري اردو ۾ لکن پيا. بازار ۾ وکرن ۽ مختلف سامانن جا نالا بہ سنڌي ۾ نہ پيا ڪنيا وڃن نہ ئي وري مڪمل سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي پئي. وڏن شهرن، خاص ڪري ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ تہ بازارن ۾ سنڌي ٻولي تمام گهٽ ڳالهائي پئي وڃي. سنڌ جي ادارن ۾ بہ سنڌي ٻولي رابطي جي ٻولي نہ رهي آهي، اهڙي طرح سنڌ اسيمبلي جتي سنڌ جا نمائندا سنڌ جي مسئلن ۽ ترقياتي پروجيڪٽس تي ڳالهائيندا آهن سي سنڌي هوندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ سنڌي نہ پيا ڳالهائين.

## سماجي ميڊيا جي اهميت ۽ ان جو ڪردار

جديد دور ۾ سماجي ميڊيا ديسي سماجن کي عالمي سماج ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هر فرد سوشل ميڊيا تي عالمگير بڻجي ويجي ٿو، هن جي سوچ، عمل، ڪردار وغيره عالمگير ٿي وڃن ٿا. تنهنڪري موجوده دور ۾ سماجي ميڊيا جي تمام گهڻي اهميت آهي. سماجي ميڊيا هڪ اهڙو ذريعو آهي جنهن کي استعمال ڪندي سنڌي سماج پنهنجي عالمي حيثيت قائم ڪري سگهي ٿو، اهڙي طرح پنهنجن مسئلن کي عالمي سطح تي پيش ڪري سگهي ٿو. پنهنجي ماڳن، تاريخي جڳهن، باغن، دريائن، سمنڊ وغيره کي ٽوئرزم لاءِ پوري دنيا جي ماڻهن آڏو رکي سگهي ٿو. پنهنجي تهذيب کي عالمي سطح تي پيش ڪري سگهي ٿو. سنڌي سماج سماجي ميڊيا جو مثبت طريقي سان استعمال ڪري رهيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ماڻهو پنهنجي سماجي ۽ سياسي مسئلن کي حل ڪري رهيا آهن. ان سلسلي ۾ سماجي ميڊيا تي ڪيترائي سماجي گروپ ٺاهيا ويا آهن جيڪي سنڌي سماج ۽ ٻولي جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ مختلف قسم جون ڪوششون ڪري رهيا آهن ۽ ماڻهن کي مختلف موضوعن تي آگاهي ڏئي رهيا آهن. اهي گروپ مثبت طريقي سان سنڌي سماج جا مسئلا حل ڪرڻ سان گڏ سماج ۾ سجاڳي پيدا ڪري رهيا آهن، انهن گروپن ڪانسواءِ بہ ڪيترائي فرد آهن جيڪي ذاتي حيثيت ۾ سنڌي سماج جي مسئلن کي سماجي ميڊيا تي پيش ڪري انهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪن. ان حوالي سان سنڌي سماج ۾ اجتماعيت جو تصور پيدا ٿي رهيو آهي. سماجي ميڊيا جي ڪري سنڌ جي شهرن ۾ سنڌي ماڻهن جا ڪيترا ئي ميڙاڪا پڻ ٿي رهيا آهن جن سنڌ جي ثقافت، ٻولي، سماجي ۽ سياسي مسئلن کي حل ڪيو آهي. تنهنڪري اهو چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪون ٿيندو تہ سماجي ميڊيا سنڌي سماج جي ترقي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندي سنڌي سماج جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عالمگير سماج ۾ سڃاڻپ پيدا ڪري رهي آهي.

سماجي ميڊيا رڳو ڳانڍاپي جو ذريعو ناهي پر واپار جي عالمي بازار يا منڊي پڻ آهي جتي پوري دنيا جو واپار ٿي رهيو آهي. ان بازار جي ڪا سرحد ڪانهي نه ئي وري ڪا گراهڪن جي حد مقرر ٿيل آهي. دنيا جون ڪيترين ئي قومون ۽ واپاري ڪمپنيون ان بازار جو ڀرپور فائدو وٺي رهيون آهن پر سنڌي ماڻهو ان سهولت جو گهٽ فائدو وٺي رهيا آهن. سماجي ميڊيا تي سنڌي ماڻهن جي اڪثريت ڪيترن ئي فضول ڪمن يا ڳالهين ۾ پنهنجو قيمتي وقت وڃائي رهيا آهن. جيتوڻيڪ هو سماجي ميڊيا جو مثبت فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ پاڻ ۽ پنهنجي خاندن وارن کي خوشحال ڪري سگهن ٿا پر انهن ۾ واپاري ذهنيت نه هجڻ جي ڪري هو آن لائين واپار ڏانهن گهٽ اچي رهيا آهن. سماجي ميڊيا جي ذريعي ٿيندڙ واپار ۾ ٿوري سرمائيڪاري جي ضرورت هوندي آهي، جنهن ذريعي ڪنهن به قسم جا وکر وٺي انهن جا فوٽو ۽ وڊيو سوشل ميڊيا خاص ڪري فيس بڪ تي رکي آن لائين واپاري ڪري سگهجي ٿو. ويب 2.0 ۽ سماجي ميڊيا تي ڪيترائي آن لائين واپاري گروپ پڻ موجود آهن، جن تي سنڌي ماڻهو مختلف قسم جي وکرن کي رکي ڪوڙ ناڻو ڪمائي سگهن ٿا. هنرمند فرد به ڊجيٽل بازار ۾ پنهنجا وکر رکي بهتر قسم جو واپار ڪري سگهن ٿا. عالمگيريت جي دور ۾ واپار تمام گهڻو آسان ٿي پيو آهي، تنهنڪري سنڌي سماج پاڻ کي معاشي طور مستحڪم ڪرڻ لاءِ سوشل ميڊيا تي بغير ڪنهن ٽيڪس ۽ ٿوري ناڻي جي سيڙپ سان تمام گهڻو ناڻو ڪمائي سگهي ٿو. سماجي رابطن جي ميڊيا جي ترقي ۽ اهميت مان فائدو وٺندي پاڻ به ڪي نوان ڪم ۽ واپار شروع ڪري سگهون ٿا ۽ ناڻي ڪمائڻ سان گڏ هڪ معياري زندگي گذاري سگهون ٿا. جيسيتائين سنڌي سماج پاڻ کي معاشي طور مضبوط نه ڪندو تيسيتائين ترقي نه ڪري سگهندو پر جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ بيوروڪريٽس وغيره جو ڪيجهو ۽ غلام رهندو اهڙي طرح پنهنجي ترقي، مستقبل ۽ قسمت جا فيصلا آزادي سان نه ڪري سگهندو.

عالمگيريت واري سماج ۾ سماجي ميڊيا جي اهميت واضح ۽ چٽي آهي تنهنڪري سنڌي سماج کي عالمگيريت واري سماج کي ڏسندي ۽ سمجهندي سماجي ميڊيا جومثبت استعمال ڪرڻو پوندو.

## سوفٽ ڪرپشن جو سنڌي سماج جي ترقي تي اثر

قومن جي ترقيءَ جو سنئون سڌو اثر انهن سان لاڳاپيل سماجن تي پوندو آهي تنهنڪري قومن يا سماجن جي ترقي لاءِ ڪي خاص قسم جا منصوبہ ٺاهڻ ضروري هوندا آهن. انفرادي سطح تي جوڙيل منصوبن سان قوم يا سماج کي ترقي نٿي ڏياري سگهجي. تنهنڪري سماج يا ملڪ جي ترقيءَ لاءِ ڪا جماعت ئي ڪو اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. ڪو بہ فرد ڪنهن بہ سماج ۾ مثبت تبديلي يا ترقي لاءِ ڪوشش تہ ڪري سگهي ٿو پر هو مڪمل تبديلي آڻي نٿو سگهي نہ ئي وري ڪنهن بہ سماج کي ترقي ٿو ڏياري سگهي. دنيا ۾ جنهن بہ سماج ترقي ڪئي آهي يا جنهن بہ سماج ۾ تبديلي آئي آهي ان جي پٺيان ڪنهن نہ ڪنهن جماعت يا گروه جو ڪردار ضرور هوندو آهي، سماج جي خوشحالي ۽ ترقيءَ کي ڪرپشن روڪيندي آهي، ڪرپشن هڪ اهڙو عمل آهي جنهن سان ادارا ۽ سماج ترقياتي ڪم وغيره ڪرائڻ يا پرتين لاءِ مختلف ماڻهن يا ادارن کان رشوت ۽ ڪميشن ذريعي پئسا وغيره وٺندا آهن، جنهن سان اهي ڪم چڱي نموني سان نہ ٿي سگهندا آهن نہ ئي وري ماڻهن کي اهليت جي بنياد تي پرتي ڪيو ويندو آهي. اهڙي طرح ادارا تباهي ڏانهن ويندا آهن ۽ ملڪ ۾ ترقياتي ڪم بہ معياري نہ ٿيندا آهن. تنهنڪري ائين چئي سگهجي ٿو تہ ڪرپشن تڏهن ٿيندي آهي جڏهن حڪومت يا طاقتور ماڻهو پنهنجي اختيارن جو غلط استعمال ڪن ٿا. ڪنهن بہ شعبي ۾ پنهنجي اختيار جو غلط استعمال ئي حقيقت ۾ ڪرپشن آهي چاڪاڻ تہ ان سان حقدار کي حق نٿو ملي، اهليت رکندڙ ماڻهو کي ان جي اهليت مطابق پرتي نٿو ڪيو وڃي، ترقياتي ڪمن لاءِ ٺيڪا غلط، بي ايمان ۽ نااهل ماڻهن کي ڏنا وڃن ٿا، حڪومتي ڪمن جي پرچار لاءِ

نامناسب ۽ گهڻي رقم خرچ ڪئي ويجي ٿي، لابنگ جي نالي تي ماڻهن يا ادارن کي خريد ڪيو ويجي ٿو، چوندڙن جي نظام يا قانون ۾ پنهنجي فائدي لاءِ تبديليون آنديون وڃن ٿيون. پنهنجي فائدي لاءِ يا پنهنجي مخالفن کي هيسائڻ لاءِ مختلف قسم جا ادارا قائم ڪيا وڃن ٿا، پنهنجي ماڻهن کي ناجائز طريقن سان نوازيو ويجي ٿو. اهڙي طرح ڪيترائي غلط ڪم ڪيا وڃن ٿا جن کي ڪرپشن چئجي ٿو.

ڪرپشن کي ٻن حصن يا قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ هارڊ ڪرپشن ۽ ٻي سوفٽ ڪرپشن. هارڊ ڪرپشن اڪثر ڪري بااختيار ماڻهو ڪندا آهن ڇاڪاڻ ته اختيار انهن کي طاقتور بڻائيندا آهن. سوفٽ ڪرپشن جو واسطو اختيارن سان نه هوندو آهي بلڪ ڪنهن به فرد جي ذاتي عمل يا روين سان هوندو آهي. سوفٽ ڪرپشن هڪ اهڙي ڪرپشن آهي جنهن کي ماپي نٿو سگهجي پر ڪنهن حدتائين محسوس ڪري سگهجي ٿو. سوفٽ ڪرپشن به ايتري ئي اهم ۽ نقصانڪار آهي جيتري هارڊ ڪرپشن. هارڊ ڪرپشن سماج کي معاشي طور گهڻو نقصان ڏئي ٿي جنهن ڪري سماج ترقي نٿو ڪري سگهي. اهڙيءَ طرح سوفٽ ڪرپشن به سماج کي تمام گهڻو نقصان ڏئي رهي آهي. سوفٽ ڪرپشن سمورن ادارن کي تباهه ڪري ٿي، پوءِ پلي اهي ادارا سياسي هجن، يا سماجي يا انتظامي هجن. سوفٽ ڪرپشن جي ڪري ئي اسان جا ادارا ترقي نٿا ڪن جن جو سنئون سڌو اثر سماج جي ترقي تي پوي ٿو. حقيقت ۾ ادارن جو صحيح ڪم ڪرڻ ئي سماج يا ملڪ کي ترقي ڏياري ٿو. ادارا پنهنجو ڪم وقت تي ڪندا ته عوام جا مسئلا به حل ٿيندا ۽ سماج به ترقي ڪندو پر جيڪڏهن ادارا سست ٿي ويندا ۽ پنهنجو ڪم وقت تي نه ڪندا ته سماجي ۽ ملڪي مسئلا ڪڏهن به ختم نه ٿيندا. سوفٽ ڪرپشن اڻچاٽائي، غيرذميواري، سستي، ساڙ حسد وغيره جي ڪري ٿئي ٿي جيڪا هارڊ ڪرپشن کان وڌيڪ هاڃيڪار ۽ خطرناڪ ٿي سگهي ٿي. سوفٽ ڪرپشن اهڙن ماڻهن کان به ٿئي ٿي جيڪي پاڻ کي تمام گهڻو ايماندار، ديندار ۽ سماج سڌارڪ

سمجهندا آهن. سوفٽ ڪرپشن جا هونءَ ته ڪيترا ئي قسم ٿي سگهن ٿا پر هتي ڪجهه قسم بيان ڪجن ٿا جيڪي ٻين سماجن وانگر سنڌي سماج جي ترقي تي به اثر ڪن ٿا.

مختلف ادارن ۾ نوڪري ڪندڙ اڪثر ماڻهو وقت تي آفيس ۾ نه ايندا آهن يا وقت کان اڳ ۾ آفيس مان نڪري ويندا آهن جنهن جو هو ڪو نه ڪو سبب ٻڌائيندا آهن پر ان عمل کي غلط نه چوندا آهن. ان عمل سان اداري ۾ ٿيندڙ ڪم کي گهڻو نقصان پهچي ٿو جيڪو اداري جي ڪارڪردگي تي اثر ڪري ٿو. اهڙي طرح اهي اثر سماج ۽ قوم جي ترقي تي پڻ ٿين ٿا. ڪيترائي ماڻهو آفيس ته وقت تي ايندا آهن ۽ واپس به مقرر وقت تي ويندا آهن پر هو آفيس ۾ ڪم نه ڪندا آهن. اڪثر وقت ڪچهرين، چانهه پيئڻ، ٻين جي گلا غيبت ڪرڻ، ڪنهن کي نقصان پهچائڻ وغيره ۾ گذاريندا آهن، تنهنڪري هنن جي حصي جو ڪم رهجي ويندو آهي جيڪو پڻ اداري جي ترقي تي اثر ڪري ٿو.

ڪيترا ئي ماڻهو پنهنجو ڪم ته ڪندا آهن پر ان ڪم ۾ انهن جي دلچسپي نه هوندي آهي جنهن سبب اهو ڪم معياري ڪم نه هوندو آهي اهڙي طرح وقت جي ذيان کان سواءِ ڪجهه به پلئه ڪونه پوندو آهي. هو پاڻ کي يا پنهنجي اداري جي سربراهه کي راضي ڪرڻ لاءِ اهو ڪم ڪندا آهن پر ان ڪم ۾ هو پنهنجي مهارت کي استعمال نه ڪندا آهن ۽ جلدي ۾ ڪم ڪرڻ چاهيندا آهن ته جيئن هنن کي ڪجهه ڪچهري ڪرڻ يا اخبار پڙهڻ وغيره جو وقت ملي سگهي. اهو رويو ڪيترن ئي ڊاڪٽرن، انجنيئرن، استادن ۽ پروفيشنلس ۾ به ڏٺو ويو آهي جنهن جو سماج کي تمام گهڻو نقصان ٿي رهيو آهي. ڪجهه ماڻهو اهڙا به هوندا آهن جن سفارش سان نوڪري ورتي هوندي آهي ۽ اها نوڪري هنن جي پسند جي نه هوندي آهي تنهنڪري هو بيدليءَ سان ڪم ڪندا آهن، جنهن سبب انهن جو اهو ڪم معياري نه هوندو آهي.

ڪيترائي ملازم پنهنجي ادارن ۾ ملازمن يا استادن جي يونين ۾

ڪم ڪرڻ جي بهاني سان سياست ڪندا آهن، هو يونين ۾ ڪرڻ جي ڪري پنهنجي آفيسز ۾ ڪم نه ڪندا آهن، جنهن سبب انهن جي حصي جو ڪم گهٽو ڪري ڪنهن ٻئي ملازم کي ڪرڻو پوي ٿو يا اهو ڪم رهجي ويندو آهي. اهڙي قسم جا ملازم مطمئن هوندا آهن ته هو ملازمن جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن پر ڏٺو وڃي ته سندن انهي رويي سبب اداري جي ترقي تي خراب اثر پوي ٿو. ڪيترائي ئي اهڙا ادارا آهن جتي تعليم ڏني وڃي ٿي يا جن ادارن جو سنئون سڌو واسطو عوام سان هوندو آهي اهڙن ادارن جي ڪارڪردگي تي اهڙن ماڻهن جي ڪري خراب اثر پوي ٿو.

ڪيترائي سياسي يا مذهبي ماڻهو يا سماج سڌارڪ، جيڪي پاڻ کي قوم ۽ ملڪ جي ترقيءَ لاءِ ارپي ڇڏين ٿا، پر اهڙن ماڻهن کان به سوفٽ ڪرپشن ٿئي ٿي جنهن سبب اهي سماج ئي متاثر ٿين ٿا جن لاءِ هو ڪم ڪرڻ چاهين ٿا. اهي ماڻهو سماج کي ته سڌارڻ چاهين ٿا پر اهي سماج ۾ رهندڙ فردن سان ملڻ پسند نه ڪندا آهن، انهن جي مسئلن کي ٻڌڻ پسند نه ڪندا آهن. هو هنن جي ترقي لاءِ ڳالهيون ته ضرور ڪندا آهن پر جن ادارن ۾ هو ڪم ڪندا آهن اتان صرف فائدا ئي وٺندا آهن.

ڪيترائي چونڊيل نمائندا جيڪي اسيمبلي يا سينيٽ ۾ خاموش ويٺا هوندا آهن جنهن سبب هو مختلف قسم جي موضوعن تي نه ڳالهائي سگهندا آهن نه ئي ڪا اهم راءِ ڏيندا آهن جنهن سبب اسان جو ملڪي نظام بهتر نه ٿي سگهيو آهي، جڏهن ته عوام انهن کي اسيمبلين ۾ ان لاءِ موڪلي ٿو ته جيئن ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪو بهتر ڪم ڪري سگهن. جيتوڻيڪ انهن نمائندن مان ڪيترائي نمائندا نهايت ئي شريف به هوندا پر هو اها سوفٽ ڪرپشن ڪندا آهن. ايتري تائين جو ڪجهه وزير به پنهنجو ڪم پنهنجي سيڪريٽرين کان ڪرائيندا آهن ۽ هو پنهنجي ڄاڻ ۽ مهارت استعمال نه ڪندا آهن، جنهن ڪري هنن جي مهارت مان قوم ۽ ملڪ کي ڪو خاص فائدو نه رسندو آهي اهڙي طرح اهي وزير به سوفٽ ڪرپشن ڪندا آهن. سنڌي سماج کي

اهڙي قسم جي ڪرپشن تمام گهڻو نقصان ڏئي رهي آهي، جنهنڪري هي سماج ڪي گهڻا ۽ گهربل نتيجا ڪون پيو ڏئي ۽ عالمگيريت ۽ ڊجيٽل سماج جون گهرجون پوريون نہ پيو ڪري. ضرورت ان عمل جي آهي تہ سنڌي سماج پاڻ مان سوفٽ ڪرپشن کي ختم ڪري اڳتي وڌي ۽ ادارن کي فعال بڻائي تہ جيئن عالمگيريت جي دور ۾ عروج تي رهي. سوفٽ ڪرپشن ترقي جي رستي ۾ تمام وڏي رڪاوٽ آهي، سوفٽ ڪرپشن ختم ٿئي تہ هارڊ ڪرپشن پاڙيهي ختم ٿي ويندي ۽ سنڌي سماج عالمگير سماج ۾ نمايان سطح تي اچي ويندو.

جيتوڻيڪ سنڌي سماج جا پيا بہ ڪيترائي سماجي ۽ سياسي اهڃاڻ ۽ مسئلا آهن جن جي عالمگيريت جي دور ۾ تمام گهڻي اهميت آهي ۽ انهن تي موجوده دور جي حوالي سان ڪم ٿيڻ گهرجي پر هتي صرف بنيادي اهڃاڻن تي بحث ڪيو ويو آهي جيڪي عالمگيريت ۾ ڪرنگهي جي هڏي جو ڪردار ادار ڪري رهيا آهن. انهن رخن ۽ مسئلن کي سنڌي سماج کي سمجهڻ گهرجي. عالمگيريت جي دور ۾ پروفيشنلزم يا مهارت جي تمام گهڻي اهميت آهي، جنهن ڪري اهي سماج وڌيڪ ترقي ڪري رهيا آهن جيڪي پروفيشنل يا فني طور ماهر آهن، اسان اڄ بہ پروفيشنلزم کان گهڻو پري آهيون، تنهنڪري سنڌ جي ساڃاهہ وندن کي هاڻي وڌيڪ محنت ۽ جدوجهد ڪرڻي آهي. سماج ۾ سماجي، سياسي، ٽيڪنالاجي ۽ نظرياتي سجاڳي پيدا ڪرڻي آهي تہ جيئن ماڻهو پنهنجي ثقافت ۽ ٻولي کي استعمال ڪندي عالمگيريت جي دور ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن، ان سان ئي سنڌي سماج ترقي ڪري سگهي ٿو ۽ پاڻ کي زنده رکي سگهي ٿو. سنڌي سماج کي قومي اتحاد، نظرياتي ۽ سياسي جدوجهد جي تمام گهڻي ضرورت آهي. ان سان ئي عالمگيريت جي دور ۾ زنده رهي سگهندو ۽ ترقي بہ ڪندو. نظرياتي، تعليمي، سماجي، سياسي ۽ ٽيڪنولوجيڪل جدوجهد کان سواءِ سنڌي سماج گهڻو وقت مستحڪم نہ رهي سگهندو ۽ نہ ئي وري عالمگير ڳوٺ ۾ پنهنجو ڪو واضح ۽ چٽو ڪردار ادار ڪري سگهندو. ساڃاهہ وندن کي ڳوناڻي ۽

شهري آبادي جي مسئلن کي نظر ۾ رکندي سياسي ۽ سماجي جدوجهد ڪرڻي پوندي اهڙي طرح ادارن کي بہ ان حوالي سان پاليسيون ناهڻيون پونديون ڇاڪاڻ تہ سماج، قوم ۽ ملڪ کي صرف اهليت ۽ ٽيڪنالاجي جي بنياد تي ڪم ڪندڙ ادارا ئي ترقي ڏياري سگهن ٿا. تعليم، صحت ۽ روڊ رستا شهري ۽ ڳوٺاڻي آبادي لاءِ برابري جي بنياد تي ٺاهڻا پوندا تہ جيئن هڪ جهڙي ترقي ٿئي ۽ ڊجيٽل سماج سان گڏوگڏ هلي سگهجي. سنڌي سماج کي معاشي ترقي ۽ مضبوطي لاءِ سماجي ميڊيا، آن لائين ذريعا ۽ وسيلا استعمال ڪري، عالمگير ۽ ڊجيٽل بازار کي واپار ۽ مختلف خدمتن لاءِ استعمال ڪري عالمگير سماج ۾ پنهنجي حيثيت ٺاهڻي پوندي، ٻي صورت ۾ عالمگير واپاري ۽ سرمائيدار هتان جي بازار ۽ وسيلن کي استعمال ڪندو رهندو ۽ سنڌي سماج جي سڃاڻپ، سماجي بناوٺ، سياسي ماحول ۽ جاگرافيائي ساخت کي تبديل ڪري ڇڏيندو. تنهنڪري سنڌي سماج کي عالمگيريت جي دور ۾ ترقي يافتہ قومن ۽ سماجن سان گڏ هلڻ لاءِ تمام گهڻي جدوجهد ڪرڻي آهي جيڪا ممڪن آهي. صرف پڪو پَهہ ڪرڻو آهي تہ اسان کي عالمگير سماج ۾ پاڻ کي معاشي طور مضبوط ڪري پنهنجي سڃاڻپ کي قائم رکندي معاشي، سياسي ۽ سماجي ترقي ڪرڻي آهي. شاهہ سائين پنهنجي شاعري ذريعي همت ڏيارڻ لاءِ فرمائي ٿو تہ:

تَتِيءَ ٿَڌِيءَ ڪاهِ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جي،
مَتان ٿِئي اُونداهِ، پيرُ نَہ لَهين پِرينءَ جو.

جيڪڏهن مسلسل محنت ۽ جدوجهد ڪبي تہ منزل آساني سان ماڻي سگهجي ٿي ٻي صورت ۾ نہ منزل ملندي ۽ نہ ئي سڃاڻپ بچندي. شاهہ سائين فرمايو آهي تہ:

محروم ئي مري ويا، ماهر ٿي نہ مئا،
ڇڙي جيئن ڇهنب هڻي، لڏائون لئا،
حباب ئي هئا، انهيءَ واديءَ وچ ۾.

ڊجيٽل سماج ۾ عالمگيريت جي دور ۾ هر شعبي ۾ ماهر ٿيڻو آهي ۽ سماج کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻو آهي. سماج پنهنجي پيرن تي تڏهن بيهي سگهندو جڏهن اهو سماج فني، تعليمي، ثقافتي، سماجي، سياسي ۽ معاشي طور مضبوط سماج هوندو.

سائِينم! سَدائِين ڪَرِين، مَٿي سِنڌُ سُڪارَ؛
دوسَت! مِنا دِلدارَ، عالَمُ سَڀِ آبادِ ڪَرِين.

حوالا:


1. B. Anderson, Imagined Communities: Reflections on the Origin and Spread of Nationalism, 1991, 6.
2. سمنڊ سيويو جن، چپيندڙ پيڪاڪ پرنٽرز اينڊ پبلشرز ڪراچي ص 51
3. The Economy of Modern Sindh: Opportunities lost and lessons for the Future. Authors: Ishrat Hussain, Aijaz A. Qureshi and Nadeem Husssain. Publisher: Oxford 2019
4. سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق جو جائزو، محقق ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڇپيندڙ پيڪاڪ پرنٽرز ۽ پبلشرز صفحو 45
5. روزني ڪاوش حيدرآباد 06 آڪٽوبر 2019ع ايڊيٽوريل صفحو
6. Wheeler, Mortimer. The Indus Civilization. CUP Archive, 1968.
7. سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق جو جائزو، محقق ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڇپيندڙ پيڪاڪ پرنٽرز ۽ پبلشرز صفحو 45
8. Sindhi Society and Culture, International Research Journal of Arts and Humanities
9. سنڌي سماج، تاريخي ۽ تنقيدي اڀياس ڇاپو پهريون صفحو 37 ڇپيندڙ پيڪاڪ پرنٽرس ۽ پبلشرس ڪراچي
10. Engels, Friedrich. Dialectics of nature.
11. Linguistic Imperialism - Robert Phillipson - Google Books

